لغاتِ بيدلءِ بيڪس

ڊاڪٽر بدر ڌامراهو

روشني

لغاتِ بيدلؔ بيڪس

ڊاڪٽر بدر ڌامراهو

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2020ع

Roshni Book No.965
ڪتاب جو نالو: لغاتِ بيدل ۽ بيڪس
ليکڪ: ڊاڪٽر بدر ڌامراهو
ڇاپو پهريون © روشني 2020ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرز اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

LUGHAT BEDAL AEEN BEKAS

by: **Dr. Badar Dhamraho**
First Edition © Roshni 2020
Layout by: Habib Qadir Qureshi
Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد+ پنائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر، حيدرآباد
ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد + فيضان بوڪ ڊيپو حيدرآباد + ورسٽي بڪ شاپ، ڄامشورو
شير يزدان بڪ اسٽال، ڀٽ شاهه + حيدر ڪتب خانو ڀٽ شاهه ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو+ مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو
نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ عبدالله بڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه+ مڪتبه گلشير، لياقت مارڪيٽ نواب شاهه
مهراڻ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو + العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر، مٺي
ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص + المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ
مدني اسلامي ڪتب خانو دادو+ سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو
عبدالرزاق بڪ اسٽال، ميهڙ+ مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين،
مهراڻ بوڪ سينٽر سکر + ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر
الفتح نيوز ايجنسي مهراڻ مرڪز، سکر مڪتب امام العصر، گهوٽڪي
سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور+ مولوي عبدالحئي شڪارپور+ سعيد بوڪ مارٽ، شڪارپور
تهذيب نيوز ايجنسي خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
مڪتبه عزيزيه کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا
ڪنول ڪتاب گهر، مورو+ قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ، ڪنڊيارو+ سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو-
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انتساب

سنڌي ٻوليءَ جي ٻه ڳُڻ شاعرن
ادل سومرو ۽ اياز گل
جي نانءُ

فهرست

- مهاڳ — ساجد چانڊيو — 7
- محبت پائي من ۾ رنديا روڙيا جن... — ڊاڪٽر بدر ڍامراهو — 14

آ	23	ز	197
ا	31	س	199
ب	57	ش	223
ٻ	77	ص	232
ڀ	82	ض	237
ت	87	ط	238
ٿ	98	ظ	241
ٽ	99	ع	242
ٺ	100	غ	250
ث	101	ف	253
پ	102	ڦ	261
ج	117	ق	264
ڄ	136	ڪ	271
جھ	137	ک	290
چ	138	گ	292
ڇ	146	ڳ	296
ح	148	گھ	298
خ	156	ل	301
د	164	م	313

ت	175
ث	177
ي	181
ن	182
ر	183
ن	345
و	360
هـ	379
ي	390

مهاڳ

عام مفهوم ۾ ’لغت‘ جي معنيٰ: ”ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ۽ انهن جي معنيٰ“ آهي، پر اصطلاحي معنيٰ موجب ”لغت“ ان ڪتاب کي چئبو آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جا ترتيب وار لفظ معنائن سميت ڏنل هجن. يا ائين بہ چئي سگهجي ٿو اهو ڪتاب، جيڪو ڪنهن بہ زبان جي الف۔ ب جي ترتيب سان مرتب ٿيل هجي، جنهن ۾ لفظن، فقرن جي معنيٰ، اُچارَ پهاڪا، چوڻيون، لفظن جي استعمال ۽ صرفي ۽ نحوي لاڳاپيل معلومات ڏنل هجي.

لغتن جا اڪيچار قسم ٿين ٿا ۽ انهن لاءِ مختلف اصطلاح (TERMS) استعمال ٿين ٿا، جهڙوڪ: فرهنگ، قاموس، انسائيڪلوپيڊيا، ٿيسارس، فهرست، مشمولات، نگهنٽو وغيره. ڪن صورتن ۾ سيني جي جوڙجڪ ٿوري گهڻي ڦيرڦار سان هڪ جهڙي ٿئي، ڪن صورتن ۾ مختلف بہ ٿئي. پر انهيءَ جو دارومدار موضوع تي آهي، جيئن زير نظر لغت آهي. هيءَ لغت سنڌي ٻوليءَ جي ٻن نامور اساسي شاعرن حضرت قاربخش ”بيدل“ ۽ سندس فرزند محمد حسن ”بيڪس“ جي ڪلام تي مشتمل آهي. هڪ لغت لاءِ لفظ، لفظ جي اِملا، تلفظ، لساني ماخذ (root)، مادي جي نشاندهي، معنوي وضاحت ۾ مترادف ضروري آهن.

برصغير ۾ لغت نويسي جي تاريخ دنيا جي سيني تاريخن کان قديم آهي. پهرين لغت نگهنٽو جي صورت ۾ 1000 ق.م ۾ ملي ٿي، يوناني ۽ لاطيني ٻولي ۾ 220 ق.م ۾ شروع ٿئي ٿي ۽ انگريزيءَ ۾ لغت نويسي جو بنياد اينگلوسيڪسن جي دور ۾ پيو. سنسڪرت ۾ لغت نويسي جو ڪارڻ ويد ۽ پراڻ هئا. ويدن ۽ پراڻن جي تشريح بابت ڪتاب لکيا ويا، انهن ئي ڪتابن سان لغتن ۽ فرهنگن جو رواج پيو. ساڳيءَ طرح عربيءَ ۾ قرآن مجيد جي مختلف موضوعن ۽ ڪائنات جي ڪارڻي جي حديث پاڪ جون فهرستون بہ مرتب ڪيون ويون.

اردوءَ ۾ لغتن تي ڪم ڪرڻ وارا پهريان انگريز هئا. لاتعداد لغتون يورپين مرتب ڪيون، تنهن کان پوءِ اردوءَ جي واڌ ويجهه لاءِ مقامي سطح تي ادارا قائم ٿيا. جن خاص طرح لغت نويسي ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ نتيجي ۾ هر موضوع تي بي شمار لغتون مرتب ڪيون ويون ۽ ڇپايون ويون. پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جي نوعيت ڪجهه قدر مختلف آهي. هتي قديم ۾ قديم لغتون ارڙهين صدي عيسوي جون آهن. سي به ٻه چار قلمي صورت ۾. جن لغتن جو تفصيل ملي ٿو سو به ذڪر جي حد تائين. شاعرن جي حوالي سان اسان وٽ فقط شاهه لطيف جي ڪلام تي ڪجھ لغتون مرتب ڪيون ويون، پر اهي به مختصر.

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو به لغتون هڪ "سچل لغات" ۽ ٻي "سامي ڏاتو ڪوش" قابل ذڪر آهن. تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاهه سائين جي ڪلام جي لغت "روشني" مرتب ڪئي. ان کانپوءِ ڊاڪٽر بدر ڏامراهي سچل سائين جي ڪلام جي "لغات سچل سرمست" مرتب ڪئي، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهه لطيف چيئر طرفان "ڪلاسيڪل شاعرن جي لغت" وغيره قابل ذڪر آهن.

بيدل ۽ بيڪس جي ڪلام تي مشمل هيءَ لغت به ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جي نور نچوئڻ ۽ عرق ريزي جو ثمر آهي. فني لحاظ کان لغت جي فن جون سيئي گهرجون پوريون ڪيون ويون آهن. صوفيانه اصطلاحن جي وضاحت ڪندي ايترو ته اونهائي ۾ ويو آهي، جو هٽي هنڌ ڪيو اٿس.

لغت ساز کي Lexicographer چيو ويندو آهي. لغت سازي هڪڙو فن آهي ۽ نهايت ئي ذکيو ڪم به آهي. ڇاڪاڻ جو ٻوليون پيون وڌنديون، ويجهنديون رهنديون آهن ۽ منجهن لفظن جا روپ مَتجندا رهندا آهن. هن سلسلي ۾ اساسي شاعرن جو ڪمال جو فن آهي. هُو ٻوليءَ جا رکوال آهن. خاص ڪري شاعر ٻوليءَ جا اهڃا سُونهان هوندا آهن. جيڪي ٻوليءَ ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ڪندا رهندا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪنهن جاءِ تي لکيو آهي ته: "آئون تيسين لغت مڪمل نٿو ڪري سگهان، جيسين مولوي حاجي احمد ملاح جيئرو آهي، ڇو ته هو روز جو ڪيترائي نوان لفظ آڻي انهن کي ٻوليءَ جو حصو بڻائيندو رهي ٿو."

اسان جي سنڌ ان ڏِس ۾ پاٽيري آهي، جو اسان جي شاعرن ٻوليءَ کي وڌائڻ لاءِ اڻڳڻ لفظ گهڙيا ۽ انهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪري سنڌي ٻوليءَ کي وڌايو آهي، انهن شاعرن ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ کانپوءِ بيدل ۽ بيڪس اهڙا به شاعر ٿي گذريا آهن، جن وٽ لفظن جو اڻکُٽ ذخيرو ڏسجي ٿو ۽ سندن ڪلام ۾ ٻوليءَ جو حُسن نکري بيٺو آهي ۽ انهن پنهنجي ڪلام ۾ اهڙن نج لفظن جو استعمال ڪيو آهي، جيڪي اسان جي ٿهيءَ کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي پيش پئي اچي، اهو ئي سبب آهي جو ڊاڪٽر بدر ڌامراهي سڀ کان پهرين ان ڪم کي ترجيح ڏيندي، سندن ڪلام جي لغت جوڙڻ ۾ پنهنجو وقت سجايو ڪيو آهي.

ڊاڪٽر بدر ڌامراهو سنڌي ادب جو خاموش خدمتگار آهي، جنهن پنهنجي ذات بدران ڪم کي اهميت ۽ اوليت ڏني آهي، اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪم سنڌي اِدب جي شاگردن لاءِ سونهون ۽ ڏِڱ مثل رهيو آهي. هن پنهنجي ڪم کي ڪڏهن به ڳڻائڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي، نه ئي هن پنهنجي ڪم کي ڪيش ڪرائي سستي شهرت حاصل ڪئي آهي. سائين بدر جيڪو به لکيو آهي، ان کي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري ڇپرائيندو رهيو آهي. حالانڪ سندس ڪم جي اهميت ۽ افاديت کي ڏسجي ته اهو ڪم ادارن جو آهي نه ڪي فرد جو. پر جتي ادارا ننڊ جون گوريون کائي سُتل هجن، اُتي فرد ئي ادارا بڻجي ڪم ڪرڻ شروع ڪندا آهن ۽ پوءِ ڏسندي ڏسندي اُهي تاريخ جي ورقن ۾ ڪيئي تاريخون جوڙي ونندا آهن ۽ ڊاڪٽر بدر جو ڪم هلندڙ دور جي تاريخ آهي، جيڪو صدين تائين سنڌ جي نئين نسل جي رهنمائي ڪندو رهندو.

ڊاڪٽر بدر ڌامراهي جي محنت سان تيار ڪيل هن لغت جا بنيادي ماخذ عبدالحسين شاهه 'موسوي' جو ترتيب ڏنل ڪلام 'ديوان بيدل' ۽ اختر درگاهيءَ جو ترتيب ڏنل ديوان ۽ بيدل احمد بخش عرف مٺل مسرور جو 'ديوان بيڪس' آهن. لغت جي ترتيب الف- ب وار رکي وئي آهي، محقق بيدل ۽ بيڪس جي ڪلام ۾ شامل ڏکين لفظن جي معنيٰ سان گڏ بيتن ۽ ڪافين مان اهي سِٽون ڏنيون آهن ۽ انهن جو حوالو پڻ ڏنو اٿس.

جنهن سان اصل بيت، ڪافي جي خبر پوي ٿي، ڏکين لفظن جي معنيٰ سان گڏ لفظ جو مادو ۽ گرامر پڻ ڏنو ويو آهي.

جڏهن به ڪنهن ٻوليءَ جي لغت تي ڪم شروع ڪبو آهي، ان ۾ سڀ کان پهرين ان ٻوليءَ جا بنيادي ماخذ ڪنيا ويندا آهن، ان ڪانپوءِ ان ٻوليءَ جي سيني پاسن کي ذهن ۾ رکيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته لغت نويسيءَ ۾ رُڳو لفظن جي معنيٰ ڏيڻ جند آجي نٿي ڪرائي سگهجي، ان ۾ ٻوليءَ جا اصطلاح، محاورا، ورجيسيون، مخفف ۽ ٻين مُکيه ڳالهين کي به ترتيب سان سميٽڻو پوندو آهي، تڏهن ئي وڃي لغت پنهنجين سيني لوازماتن تي پوري لهندي آهي، ٻي صورت ۾ اها اڌوري ليکي ويندي اجا به شاعريءَ جي لغت هجي ته ان ۾ وڌيڪ محتاط رهڻو ٿو پوي، ڇاڪاڻ ته شاعري نهايت ئي حساس موضوع آهي ۽ ٻولي ان کان وڌيڪ حساسيت جي حامل آهي. شاعر ٻوليءَ جو استعمال توري تڪي ڪرڻ بجاءِ فن ۽ فڪر کي ڏسي ڪندو آهي. لفظن جو استعمال به اهڙي سليقي سان ڪندو آهي ته جيئن شعر پنهنجو فڪر واضح ڪري سگهي ۽ ان جي وزن ۾ ڪٿي کوٽ محسوس نه ٿئي، پر جڏهن لغت ساز ان تي ڪم ڪندو آهي ته ان کي ٻوليءَ جي نجپڻي جو خيال رکڻو پوندو آهي ۽ اسان جي ڊاڪٽر بدر ڌامراهي مٿين سيني ڳالهين جو خيال رکندي نهايت ئي آورچائي ۽ باريڪ بينيءَ سان ان تي ڪم ڪيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي لغت جي تاريخ

هونئن ته سنڌي ٻوليءَ جي لغت جي تاريخ ٽالپرن جي دور کان ملي ٿي، پر ان تي باقاعدي ڪم انگريزن جي دور کان شروع ٿيو ڇاڪاڻ جو انگريزن سنڌ ۾ اچڻ ڪانپوءِ سنڌي ٻوليءَ طرف ڌيان ڏنو ۽ انگريزن ئي سڀ کان پهرين شاهه سائينءَ جي رسالي ۽ سنڌي گرامر تي ڪم ڪيو. ان ڪانپوءِ ڏيهي عالمن انهيءَ موضوع تي ڪم ڪيو ۽ سڀ کان پهرين سنڌي ادبي بورڊ هڏڪ اسڪيم تحت سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻوليءَ جي پنجن جلدن ۾ لغت تيار ڪرائي، ان ڪانپوءِ ٻين ڪيترن ئي سنڌي عالمن مختلف موضوعن تي ڪم ڪيو جن ۾ طب جي لغت، سائنس جي

لغت، هارپ جي لغت، دفتري لغت، شاهه جي ڪلام جي لغت، سچل سرمست جي ڪلام جي لغت، ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام جي لغت ۽ ٻيون لغتون ڇپجي چڪيون آهن. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي شاعرن جي ڪلام جي لغت تي ڪم ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر بدر ڏامراهي بيدل ۽ بيڪس جي ڪلام جي لغت کان اڳ ۾ سچل سرمست جي ڪلام جي لغت تي ڪم ڪيو آهي، جيڪا لغت پڙهندڙن ۾ هڪ انفرادي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. بيدل سائين ۽ بيڪس سائين جي ڪلام تي سندس هيءَ ڪم ان ڏس ۾ اهم قدم آهي.

ٻوليءَ جي لغت

ٻوليءَ جي لغت کي انگريزيءَ ۾ "Mono lingual Dictionary" چيو ويندو آهي. هن ۾ ساڳي ٻوليءَ جون مختلف معنائون ڏنيون وينديون آهن. مثال طور سنڌيءَ جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ يا انگريزيءَ جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ وغيره. ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جي هيءَ لغت "Mono lingual Dictionary" آهي. البته هن لغت ۾ ٻين لفظن جو واهپو به اچي ٿو ويجي، جيڪو فطري آهي، ڇاڪاڻ جيڪي ٻوليون وسيع ۽ ذرخيز هونديون آهن، اُهي هڪٻئي کي لفظن جا ذخيرا ڏينديون ۽ وٺنديون آهن ۽ جيڪي ٻوليون ٻين ٻولين جا لفظ هضم نه ڪري سگهنديون آهن، اُهي ٿوري عرصي اندر ئي ختم ٿي وينديون آهن، ان جو مثال 'سنسڪرت' آهي. ان ڏِس ۾ سنڌي ٻولي دنيا جي شاهوڪار ترين ٻولي آهي.

شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل لفظ ۽ انهن جي لغوي بيهڪ

آتش: (فارسي، مؤنث) باهه، شعلو.

ڏاڍي ٿي عشق ۾ "آتش"، سُجاڻي وات تون وڙين.
بيڪس (59)

اسيران: (عربي، مذڪر ـ صفت) اسير، قيدي، ٻانڌي.

انهيءَ چاهه ظلمت ڪيا، ڪي ٿي، "اسيران".
بيڪس (43)

برها: (سرائڪي) برهه، عشق، جُدائي، فرق، هجر.

مذهب دي باتيان نُون "برها"، هڪ پَلَ وِچ اُڏاويگا.
بيدل (312_128)

ٻهاون: (سرائڪي) ويهارڻ.

بيدل چاڪ دِي ويک لطافت، ڪتان "ٻهاون".
بيدل (246_308)

ڀالا: (سنسڪرت. مذڪر) (ڀالي جو جمع) ڀالو ڏڦو نيزو.

"ڀالا" نفي اثباتي والا، جان جسم وچ ڪوڙين يار.
بيدل (222_145)

تَن تنوار: دل ۾ پچار، دل ۾ يادگيري

بيدل بيراڳڻ هوئي، ڪا جا "تن تنوار".
بيدل (63_16)

راحت: (عربي. مؤنث) سرهائي، سرور، خوشي، فرحت.

تنين ڪؤن جائي "راحت" رسي روح کي.
بيدل (وحدت نامو_40)

گاويگا: (سرا) ڳائيندو.

بيدل مُطرِب عشق دا آخر، ڳيت اناالحق "گاويگا".
بيدل (231_127)

لوح: (عربي. مؤنث) تختي، لوهه قلم يعني تقدير.

لِک تون جي "لوح" تي اناالحق اسم.
بيڪس

مَريندا: (سرائڪي) ماري ٿو، هڻي ٿو.

بيدل عشق عيان دَمُ منصُوري "مَريندا".
بيدل (211_122)

بيدل ۽ بيڪس جي ڪلام تي مشتمل هيءَ ڀهرين لغت آهي، ان کان اڳ ٻنهي اساسي شاعرن جي ڪلام تي ٻوليءَ جي لحاظ کان ڪو خاص ڪم ناهي ٿيو هي ڀهريون ڀيرو آهي جو ڪنهن عالم نهايت

سنجيدگيءَ سان ويهي سندن ڪلام جي ٻوليءَ تي تفصيل سان لکيو آهي، هن لغت کان پوءِ بيدل ۽ بيڪس جي فڪر، فن ۽ فلسفي کي سمجهڻ نهايت سهنجو ۽ سولو ٿي پيو آهي، هيءَ لغت بيدل ۽ بيڪس تي تحقيق ڪرڻ وارن لاءِ چڱو چوکو نہ رڳو مواد فراهم ڪري ٿي، پر رند ۽ رستا بہ ٻڌائي ٿي، يقينن هيءَ لغت هڪ نئون باب آهي، اميد تہ ڊاڪٽر بدر ڈامراهي جو هيءَ پورهيو اسان جي محققن ۽ پڙهندڙن لاءِ هڪ سونهون ثابت ٿيندو، تحقيق جي ميدان ۾ هيءَ لغت ڪيترائي نوان دڳ ۽ رستا کوليندي.

29-جون 2018ع
حيدرآباد

ساجد چانديو

محبت پائي من ۾ رنديا روڙيا جن

جنوري 2011ع جي ڳالهه آهي اختر درگاهي صاحب آفيس جي ڪم ڪار سانگي لاڙڪاڻي آيو هو. اسان ٻنهي جو رابطو هو ڇاڪاڻ ته مون کي ڪيس ڪجهه ڪتاب ڏيڻا هئا. رضا شاهه ڪبير روڊ تي موجود زرعي ترقياتي بئنڪ ۾ مان سائٽس ملڻ ويس ۽ اتي وري رات جو سليم رضا ڪنير جي اوطاق تي مِلڻ جو پروگرام ٺهيو. بهرحال انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ اختر صاحب، بيدل سائينءَ جي ڪلام جي لُغت تيار ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري ۽ مون سواءِ ڪنهن سوچ ويچار جي هائوڪار ڪئي ۽ اهو پڻ طئي ٿيو ته گهربل معلومات ۾ هر طرح جو سهڪار رهندو ۽ تنهن لاءِ هر وقت رابطو رهندو. ابتدائي طور بيدل اڪيڊمي جا ڇپايل ڪتاب موڪليندو. انهيءَ عرصي دوران بيدل سائينءَ جي ڪلام جي حوالي سان مون وٽ ڪل ٻه ڪتاب موجود هئا. هڪ عبدالحسين شاهه موسوي جو ”ديوان بيدل“ ۽ ٻيو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو ”فڪرِ بيدل“.

عبدالحسين شاهه موسويءَ جي ”ديوان بيدل“ جو ٻيو ڇاپو بعد ۾ مون مارڪيٽ مان ورتو ڇاڪاڻ ته اهو پهرين ڇاپي جي ڀيٽ ۾ وڌايل ۽ سُڌاريل هو. مون عبدالحسين شاهه موسوي جي رسالي کي پڙهڻ ۽ مارڪنگ جو ڪم شروع ڪيو. انهيءَ عرصي دوران اختر درگاهي صاحب پنهنجو مرتب ڪيل ”بيدل سائينءَ جو رسالو“ پوسٽ وسيلي موڪلي ڏنو. هاڻي مس وڃي هڪ سال جي هڻ هڻان ڪان پوءِ مون وٽ ڪجهه پڙهڻ جهڙو مواد گڏ ٿيو. هن سلسلي ۾ سڀ کان پهريون ڪم اهو ڪيم ته ٻئي نسخا آڏو رکي ڀيٽڻ شروع ڪيم. ٻنهي جون پڙهڻيون پنهنجي جاءِ تي معتبر محسوس ٿيون، پڙهڻ ۽ ڀيٽڻ دوران

ديوان گدومل واري نسخي جي اڻاٺ شدت سان محسوس ٿيڻ لڳي.
نيٺ ان جو نئون ڇاپو جيڪيو بيدل يادگار ڪاميٽيءَ جو ڇپايل هو
سو سکر جي هڪ دوست ڏياري موڪليو.

ڦهريائين مون انهن نسخن جو تقابلي اڀياس ڪيو. هن تقابلي اڀياس دوران هڪ ڪتاب مان ٻيو حوالو ٻئي مان ٽيون ايئن حوالن جو سلسلو ويو وڌندو ۽ منهنجي تشنگي وڃي وڌندي اهڙيءَ طرح هڪ سؤ جي لڳ ڀڳ حوالن جو سلسلو اچي پهتو. حوالن جي اڻاٺ يا موجودگي نہ هئڻ جي برابر ۾ مان مايوسيءَ جي ڪُن طرف روز بروز وڃان ڏِڪجندو ۽ ناامُيد بہ نہ پيو ٿيان، ۽ يقين هوم. مالڪ سائين سڻائي مدد ضرور ڪندو.

ايئن 2013ع ۾ عرس ويجهو آيو تہ اختر صاحب فون ڪيو ۽ ڪم جو پُڇيائين.

چيم: "هلي پيو."

ڪم هلندو رهيو. گهربل ڪتابن لاءِ ڪراچي جا چڪر ڪاٽئا پيم. اهڙي طرح 2015ع جو عرس بہ اچي ويجهو پهتو ۽ اختر صاحب ڪاوڙجي پيو. چوي: "ادا ڪم نہ ٿو ڪرين تہ جواب ڏينم."

مون کي سندس ترش لهجي جو ڏک ٿيو ۽ مون بہ چئي ڏنو مانس تہ "سائين منهنجا پل جان ڪنهن ٻئي کان ڪم ڪرايو."

انهيءَ کان پوءِ اسان ٻنهي جو وري رابطو نہ ٿيو. انهيءَ عرصي دوران مان 70 سيڪڙو ڪم مڪمل ڪري چڪو هوس ۽ پنهنجي ڪم مان مطمئن هوس. پوءِ بہ ڏينهن رات ڪم کي جنبيل رهيس. ڪارڊ الف- بي وار ڪرڻ انهن کي اُتارڻ، وري ان تان آخري مسودو تيار ڪرڻ مطلب تہ ڏينهن رات رڌل رهيس ۽ آخرڪار ڪتاب ڪمپوز ٿي ويو پروف پڙهجي ويا.

اڄ جڏهن مان انهيءَ ڏينهن واري اختر درگاهي جي ٿُرش لهجي تي سوچيان ٿو تہ حيرت ٿي ٿئي تہ دوست ڪيئن رمز رکي مون کان لُغت تيار ڪرائڻ جو جلدي ڪم ورتو آهي، هوند اچا بہ ڪو سال سوا لڳي وڃي ها.

جڏهن لُغت تيار ٿي ويئي تہ اوچتو هڪ ڳالهہ سُجهي آئي. اُها اِها هئي تہ، ڇو نہ هن لُغت سان گڏ بيڪس سائينءَ جي ڪلام جي لُغت بہ شامل ڪجي، ڇاڪاڻ تہ هي ڪم ڪو ڏُکيو نہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ

بيڪس پڻ ساڳئي چشمي جو پياسي آهي، نہ فقط پياسي آهي، پر ٻنهي جو فڪر، فن ۽ ٻولي جو اُسلوب ساڳيو آهي. موضوع بہ ساڳيا آهن.

رت جُڙي تہ آئي، پر مسئلو وري حوالن جي اٿهوند. مون وٽ بيڪس سائينءَ جو ڪوبہ رسالو موجود ڪونہ هو. مارڪيٽ ۾ ڪتاب ڪونہ مليو تہ هڪ دوست کي گذارش ڪرڻي پئي، هن دوست اسڪول جي لائبريري مان "ديوان بيڪس" عبدالحسين شاهہ موسوي وارو نسخو آڻي ڏنو. لفظن جو ذخيرو ڪرڻ شروع ڪيم. ايئن ئي هڪ ٻئي دوست فقير احمد بخش عرف مٺل مسرور جو مرتب ڪيل ۽ بيدل يادگار ڪاميٽيءَ وارو ونسخو موڪلي ڏنو. پوءِ تہ پڙهڻين پيڻ ۾ سهنجائي ٿي پئي. اصطلاحن ۾ گهڻي ڀاڱي يڪسانيت هئي. تنهن ڪري بيڪس سائينءَ جي ڪلام مان مثال ڪٺي لُغت ۾ شامل ڪيم. ڪي ٿورا لفظ واڌارا مليا. سي پڻ منجهس شامل ڪري ورتم. اهڙيءَ طرح هيءَ لُغت تيار ٿي ويئي.

هيءَ لُغت ڪو آخري حرف ناهي، بيدل ۽ بيڪس جي ڪلام جي تشريحي لُغت جو بنياد آهي ۽ اڳتي تحقيق ڪرڻ لاءِ بنيادي ماخذ جو ڪم ڏيندي.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي ورق گرداني ڪجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعرن جي ڪلام جي لُغتن جو رواج گهٽ رهيو آهي. هن سلسلي ۾ پهريون قدم ڪاڪي پيرومل ڪنيو. هن صاحب سڀ کان پهرين شاهہ جي رسالي جي لُغت "غريب الغات" عنوان سان ڇپائي. هي لُغت 1908ع ۾ ڇپي. شاهہ جي رسالي جي ٽن سُرن سُر ڪلياڻ، سُر يمن ڪلياڻ تي مشتمل هئي. ڪرائون سائز جي 60 صفحن تي مشتمل هئي.

ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ شاهہ جي رسالي جي مڪمل لُغت "لغات لطيفي" نالي سان ڇپائي. اها لُغت 1914ع ۾ منشي پوڪرداس شڪارپور مان ڇپائي.

مرزا قليچ بيگ هڪ ٻي لُغت "لغات قديمي" جي نالي سان 1924ع ۾ ڇپائي. هيءَ لُغت ڏهن ڪلاسيڪي شاعرن جي شعر جي لُغت هئي، جنهن ۾ قاضي قادن، شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، ميون شاهہ عنايت، لطف الله قادري، خواجہ محمد زمان لنواري وارو، سچل سرمست، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ۽ سامي شامل هئا.

1978ع ۾ عبدالڪريم سنديلي "سامي ڏاتو ڪوش" نالي، ساميءَ جي سلوڪن جي لغت ڇپائي، هڪ ٻي لُغت "سچل لُغت" نالي سان 1984ع ۾ ڇپايائين جيڪا سچل سرمست جي ڪلام جي لُغت هئي.

1984ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي شاهه جي رسالي جي لُغت "ٻاروچي ٻولي" عنوان سان ڇپائي. سيد نجف علي شاهه ڪمتر نقوي ان جو مرتب نگار هو.

2000ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش، شاهه جي رسالي جي لُغت "روشني" نالي سان مرتب ڪئي. هي لُغت، ثقافت کاتي توڙي سنڌي ٻولي اختيار اداري ڇپائي آهي.

2007ع ۾ راقم الحروف جي شاهه جي رسالي جي تشريحي لُغت "لطيفي انسائيڪلوپيڊيا" ڇپي. هيءَ لُغت، روشني پبليڪيشن پاران ڇپي. سنڌي ٻولي اختياري اداري 2015ع ۾ محمود فقير ۽ محمد فقير ڪتياڻ جي ڪلام جي لُغت "اکر اکر ۾ اسرار" ڇپائي، جيڪا عنايت انڙ جي مرتب ڪيل هئي. 2017ع ۾ راقم الحروف سچل سرمست جي ڪلام جي لُغت "لُغات سچل سرمست" مرتب ڪئي جيڪا روشني پبليڪيشن واري ڇپائي.

ويجهڙائيءَ ۾ (2018ع) نياز همايوني جي شاعريءَ جي لُغت، مير محمد پيرزادي مرتب ڪئي آهي. تنهن کان پوءِ زير طبع لُغت آهي.

هڪ لُغت جا بنيادي ماخذ، عبدالحسين شاهه موسوي جو "ديوان بيدل"، "ديوان بيڪس"، اختر درگاهي جو "ديوان بيدل" ۽ فقير احمد بخش عرف مئل مسرور جو "ڪلام فقير محمد مُحسن بيڪس" آهي.

هن لغات جي لفظن ۽ لفظن جي ذخيري جا به سرچشما آهن. هڪ "ديوان بيدل" ۽ ٻيو "ديوان بيڪس". ديوان بيدل جا وري ٻه نسخا استعمال ۾ آندا ويا آهن. هڪ عبدالحسين شاهه موسوي جو ٻيو اختر درگاهيءَ جو. ساڳي طرح "ديوان بيڪس" جا به ٻه نسخا استعمال ڪيا ويا آهن هڪ عبدالحسين موسوي وارو نسخو ۽ ٻيو فقير احمد بخش عرف مئل مسرور وارو نسخو.

لُغات جي فن جو لحاظ رکندي هر هڪ لفظ کي زيرين زبرن سان نروار ڪيو ويو آهي. لفظ کان پوءِ بريڪٽ ۾ لفظ جي ٻوليءَ جو تعلق ظاهر ڪيو ويو آهي. تنهن کان پوءِ جنس ڏني ويئي آهي. تنهن کان پوءِ لفظ جي گرامر مطابق بيهڪ نروار ڪئي ويئي آهي. جمع جي صورت

۾ ان جو واحد بيان ڪيو ويو آهي. پوءِ لفظ جي معنيٰ بيان ڪئي وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اها نياري خوبي آهي ته هر لفظ جون انيڪ معنائون ٿين، پر هت لفظن جون فقط اهي معنائون ڏنيون ويون آهن جنهن مفهوم ۾ شعر استعمال ڪيا ويا آهن.

توڙي جو ديوان بيدل جا مختلف نُسخا موجود آهن. جن ۾: ديوان گدومل هرجاڻيءَ جو، بولچند وسومل راجپال جو، عبدالحسين شاهه موسوي جو ۽ اختر درگاهي جو مرتب ڪيل ديوان قابلِ ذڪر آهن. هنن نُسخن مان عطا حسين موسوي وارو رسالو ٻين رسالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت وارو آهي. هي رسالو اِملا جي استعمال جي ڪري پڙهڻ ۾ سَهنجو آهي. عبدالحسين شاهه موسوي جي رسالي کان پهريان توڙي ٻوين ڇاپن ۾ املا جو پوريءَ طرح استعمال نه هئڻ ۽ ڪمپوزنگ جي space جي صحيح استعمال نه هئڻ ڪري لفظن جي اِملا بگڙي وئي آهي. بيدل يادگار ڪاميٽيءَ جي ڇپايل گدومل ڪنڙ مل هرجاڻي واري ڇاپي ۽ فقير احمد بخش عرف مٺل مسرور واري نسخي توڙي اختر درگاهيءَ جي بيدل يادگار ڪاميٽي توڙي ثقافت کاتي طرفان ڇپايل نسخن ۾ اهڙيون انيڪ غلطيون آهن، تنهن هوندي به مون هن لُغات ۾ حوالي طور عطا حسين موسوي واري رسالي سان گڏوگڏ اختر درگاهي وارو رسالو کنيو آهي، ڇاڪاڻ ته هي نُسخو ئي هاڻي مارڪيٽ ۾ موجود آهي.

حوالي جو طريقو هن طرح آهي ته، شعر ۾ آيل لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم کان پوءِ مثال طور انهيءَ شعر جي سِٽ ڏني وئي آهي. جنهن شعر ۾ اهو لفظ استعمال ٿيل آهي ۽ شعر جي هيٺان شاعر جو نالو تنهن کان پوءِ ڪافي جو نمبر ڏنل آهي. ساڄي پاسي وارو انگ بيدل يادگار ڪاميٽيءَ طرفان ڇپايل اختر درگاهيءَ واري رسالي ۾ موجود ڪافيءَ جو نمبر ٻُڌائي ٿو ۽ کاٻي پاسي وارو انگ سيد عبدالحسين موسوي واري رسالي ۾ موجود ڪافيءَ جي سُڃِ ڏئي ٿو. پر جيڪڏهن ڪو شعر فقط هڪ نسخي ۾ آهي، ٻئي ۾ ڪونهي يا هڪ نُسخي تان کنيو ويو آهي ته انهيءَ صورت ۾ ٻئي نُسخي جي جاءِ تي سوالي نشاني (؟)لڳائي اٿم. پڙهڻيون ٻنهي رسالن تان کنيل آهن. اهو انهيءَ ڪري ته جنهن نُسخي جي پڙهڻي مون کي وڌيڪ معتبر معلوم ٿي آهي، سا کنئي اٿم. وحدت نامي

جون سيئي پڙهٽيون اختر درگاهي واري نُسخي تان ورتل آهن ۽ حوالو بہ انهيءَ رسالي جو ڏنل آهي، تنهن کان سواءِ نوان بيت جتي بہ حوالو آهي تہ اهو بہ اختر درگاهي واري رسالي تان ورتل آهي. اردو ۽ هندي ڪلام جا مثال وري عطا حسين شاهہ موسوي واري رسالي تان ورتل آهن.

بيڪس جي ڪلام جي حوالي سان، سيئي حوالا عبدالحسين شاهہ موسوي واري نسخي تان ڪنيل آهن ۽ حوالا بہ انهيءَ نسخي جا ڏنل آهن ۽ جتي جتي فقير احمد بخش عرف مٺل مسرور واري نسخي تان حوالو ڪنيل آهي، تنهن لاءِ "مٺل" نشاني استعمال ڪئي ويئي آهي. مٺل مان مراد فقير احمد بخش سمجهڻ گهرجي.

هن لُغات جي تياريءَ ۾ لاتعداد ڪتابن مان استفادو حاصل ڪيو ويو آهي، جن جي فهرست تمام ڊگهي آهي پر ڪي مکيہ ڪتاب هن طرح آهن:

1. اختر درگاهي: "بيدل سائينءَ جو رسالو". بيدل يادگار ڪاميٽي، روهڙي، سال 2011ع
2. عبدالحسين شاهہ موسوي سيد: "ديوان بيدل". سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سال 1991ع
3. عبدالحسين موسوي سيد: "ديوان بيڪس". سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سال 1983ع
4. گدومل ڪنڊڻ مل هرجاڻي: "ديوان بيدل". بيدل يادگار ڪاميٽي، روهڙي، سال 2007ع
5. احمد بخش فقير عرف مٺل مسرور: "ڪلام فقير محمد محسن بيڪس". بيدل يادگار ڪاميٽي، روهڙي، سال 2006ع
6. ڊاڪٽر امراهو بدر: "لطيفي انسائيڪلوپيڊيا". روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سال 2007ع
7. ڊاڪٽر امراهو بدر ڊاڪٽر: "لُغات سچل سرمست". روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سال 2017ع
8. لوڪومل ڪسواڻي: بيدل فقير: جي. ايم. سيد. لٽريري سوسائٽي حيدرآباد. 2016ع
9. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "فڪر بيدل" (ڇاپو پهريون). سنڌي ادبي سوسائٽي، سکر، سال 1971ع

10. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر: "جوتيون جواهرن جون". سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو سال 1971ع
11. سترام داس سوڀيا سنگهه جڙيا منگهاڻي سائل: "سائل ڪوش". ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، سال 2009ع
12. محمد فتح الله گولن: "تصوف جون تجليون". سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، سال 2011ع
13. محمد فتح الله گولن: "تصوف جو ٽيڪسٽ بوڪ"، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سال 2010ع.
14. "بيدل": بيدل يادگار ڪاميٽيءَ جو ڪتابي سلسلو 01 کان 13هين نمبر تائين

اردو کتاب

1. اسلم رسول پوری: ''بیدل سندھی''، بزم ثقافت ملتان، سال 1978ء
2. ارشاد احمد پنجابی: ''پنجابی لغات''، ساڈی پنجابی اکیڈمی، لاہور، سال 1971ء
3. امام ابو بکر بن ابو اسحاق بن ابراہیم بن یعقوب البخاری الکلاباذی: ''تعرف'' (ترجمہ)، تصوف فاؤنڈیشن، لاہور، سال 1998ء
4. ابوالقاسم عبدالکریم ہوزان القشیری: ''الرسالۃ القشیریہ'' (ترجمہ)، مکتبہ رحمانیہ، لاہور
5. ایس۔ اے رحمان جسٹس: ''اردو جامع انسائیکلوپیڈیا''، جلد اول، شیخ غلام علی اینڈ سنز، لاہور، سال
6. ایس۔ اے رحمان جسٹس: ''اردو جامع انسائیکلوپیڈیا''، جلد دوئم، شیخ غلام علی اینڈ سنز، لاہور، سال
7. امام عبداللہ بن اسعد یافعی: ''روض الریاحین فی حکایت الصالحین'' (بزم اولیا) (ترجمہ) رضا پبلی کیشنز لاہور، سال اکتوبر 1996ء
8. بہاؤالدین زکریا ملتانی: ''الاوراد''، تصوف فاؤنڈیشن، لاہور، سال 1999ء
9. حسن نظامی خواجہ: ''ہندو مذہب کی معلومات''، مشائخ بک ڈپو، دہلی، دوسری بار، ستمبر 1927ء
10. دلشاد کلانچوی: ''سرائیکی لغات دلشادیہ'' (حصہ ڈوجھا) سرائیکی لائبریری، بہاولپور، سال 1981ء
11. دارہ شکوہ: ''سفینۃ الاولیاء''، نفیس اکیڈمی کراچی، سال 1986ء

12. دارہ شکوہ: ''سکینۃالاولیاء''، پروگریسو بکس، لاہور، سال 2000ء
13. ذکاءالدین شایاں: ''اٹھارہویں صدی کی اردو شاعری کی فرہنگ''، حصہ اول ودوئم، انجمن ترقی اردو ہند دہلی، سال 1989ء
14. راجہ راجیسور راؤ اصغر: ''ہندی اردو لغت''، انجمن ترقی اردو کراچی، سال 1997ء
15. شاہ مراد سہروردی: ''محفل اولیاء''، زاویہ، سال 2000ء
16. سر امین جنگ بہادر نواب: ''فلسفہ ملل ھنود''، مشائخ بک ڈپو، دہلی، سال 1927ء
17. شیخ عبدالقادر جیلانی: ''سرالاسرار''، زاویہ، سال 2000ء
18. عبدالحمید خواجہ: ''جامع لغات'' (جلد اول)، اردو سائنس بورڈ، لاہور، سال 1989ء
19. عبدالحمید خواجہ: ''جامع لغات'' (جلد دوئم)، اردو سائنس بورڈ، لاہور، سال 1989ء
20. عبدالماجد دریابادی: ''تصوف اسلام''، تصوف فاؤنڈیشن، لاہور، سال 2000ء
21. علی بن عثمان الہجویری: داتا گنج بخش، ''کشف المحجوب''، زاویہ، سال 2002ء
22. شیخ فریدالدین عطار: ''تذکرہ الاولیاء'' (اردو) شبیر برادرز، لاہور، سال 1998ء
23. شاہ محمد عبدالصمد خواجہ: ''تصوف کی ڈکشنری''، فیکٹ پبلی کیشنز، لاہور۔
24. محمد خان سردار: ''پنجابی- اردو ڈکشنری'' (جلد اول)، سچل اسٹوڈیوز پاکستان پنجابی بورڈ، لاہور، سال 2009ء
25. محمد خان سردار: ''پنجابی اردو ڈکشنری'' (جلد دوئم)، سچل اسٹوڈیوز پاکستان پنجابی بورڈ، لاہور، سال 2009ء
26. محی الدین ابن عربی شیخ اکبر: ''فصوص الحکم'' (اردو). تصوف فاؤنڈیشن لاہور، سال 1999ء
27. معین الدین اجمیری خواجہ: ''دلیل العارفین''، زاویہ، سال 2000ء
28. محمد عبدالرحمان عمیرہ المصری ڈاکٹر: ''مقامات سلوک''، زاویہ
29. نورالدین عبدالرحمان جامی: ''لوائح''، تصوف فاؤنڈیشن، سال 1419ھ
30. محمد عبدالرشید نعمانی مولانا: ''لغات القرآن''، دالاراشاعت، چھ جلدیں، سال 1994ء

English Books

1. DUNCAN FORBES LLD: “Dictionary Urdu and English”, Ali Kamran publishers, Lahore, 1986.

2. JOHAN T. PLATTS, M.A: “Dictionary of Urdu- classical Hindi and English”, Sang-e-meel publication, Lahore, 1983
3. GLOSSARY OF THE MULTANI LANGUAGE: Compared with Punjabi and Sindhi, printed the Punjab Government civil secretariat press, 1881.

سنڌي ٻوليءَ ۾ حضرت بيدل ۽ محمد محسن بيڪس سان عقيدت رکندڙن کي هڪ نماڻو عرض آهي ته، جيئن ته ادب جي ميدان ۾ اها منهنجي هڪ نئين ڪوشش آهي. هن ڪوشش کي نياڻڻ جي هر طرح ڪوشش ڪئي اٿم. پر جي ڪا ڪمي ڪوتاهي رهجي وئي آهي يا ڪا سَهوَ ٿي هجي ته عَفو جي عين سان ڏسي درگذر ڪندا.

آءٌ نهايت ٿورائتو آهيان ياءُ علي نواز گهانگهرو جو جيڪو مهل نه مهل منهنجا ناز ويٺو برداشت سَهندو آهي، هي ڪتاب پڻ انهيءَ جي ڪڙي آهي، جو جڏهن کيس گذارش ڪيم هيءُ ڪتاب اوهان کي ڇپائڻو آهي ته هڪدم ڪٺي هائو ڪيائين ۽ ڪتاب ڇپائي پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيائين، سندس نهايت ٿورائتو آهيان. ان موقعي تي مان، حبيب قادر قريشي کي به ياد ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، ڇاڪاڻ ته هن نهايت محنت ۽ سُچيتائيءَ سان ڪتاب ڪمپوز ڪري نهايت سهڻو بڻائي ڏنو اٿم. جنهن لاءِ پڻ سندس ٿورا.

محبت ۽ عقيدت جي هن پورهئي کي لطيف جي هن بيت سان سهيڙيان ٿو.

محبت پائي مَن ۾، رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

ڊاڪٽر بدر ڏامراهو

01 جنوري 1918ع
لاڙڪاڻو

"آ"

آبيسُ: (سنسڪرت. مذڪر) پوش، طبيعت، مزاج، رجحان، فطري رغبت.

بيدل اَصُلُون ديد اَڙائڻ عاشقن "آبيسُ".
(بيدل: 76_28)

اڇي ناهيم اِتهين عبديءَ جو "آبيسُ".
(بيدل: 46_29)

اَپُڻون گم ڪرڻ وچ آپي، عشاقان "آبيس".
بيدل (284_167)

آتش: (فارسي. مؤنث) باهه، شعلو اُڄ، اساٽ.

ڏاڍي تي عشق ۾ "آتش"، سُڄاڻي واٽ تون ووڙين.
بيڪس (39)

آتش ڪده: (فارسي. مذڪر) پارسين جو عبادت گاهه. اها جاءِ جتي پارسي عبادت لاءِ باهه ٻاريندا آهن ۽ باهه وسامڻ ناهن ڏيندا.

"آتش ڪده" عشق جي ۾، تـ وجهه تون،
سدا وير وحدت جي شال وائي.
بيڪس (72)

آپ: (پراڪرت. ضمير) پاڻ، خود.

چلو ري سنئيان چرچا ويکين، "آپ" چمن ۾ آيا.
بيدل (95_97)

آپي: (سرائڪي. ضمير) پاڻ، پنهنجو پاڻ.

قمر ٻاڏني "آپي" آپ ڪو شمس دا پوش لَهاوڻ ڪيا.
بيدل (306_121)

گل پيي آپ گلزار پيي "آپي"، حسن بسنت بهار پيي آپي.
بيدل (96_100)

آج: (سرائڪي. مؤنث) اج.

"آج" پيا هوري ڪيلن آيا، سهسين رنگي بيرنگ سمايا.
(بيدل: 100_92)

آچارِ: (سنسڪرت. ظرف) نموني، مثال، وانگر، وانگيان، انصاف، نياءُ.

وَما يَنطق عَنِ الهويٰ، عارف اِن "آچار".
(بيدل: وحدت نامو_39)

آچوڙو: (سنسڪرت. مؤنث) سايو، پاڇو، ڏيکاري جو اثر.

تنين ٿُرت پيو، "آچوڙو" اَثبات جو.
(بيدل: وحدت نامو_2)

آدم: (عربي. مذڪر) پهريون انسان، انسانذات جو ڏاڏو جنهن کان بَشر جي جنس وڌي ويجهي. الله تعاليٰ کيس زمين تي پنهنجو خليفو بڻايو ۽ فرشتن کي سندس سجدو ڪرڻ جو حڪم فرمايو. کيس شين جي نالن جو علم عطا ٿيل هو. منع ڪيل ميوو کائڻ جي ڪري کيس ۽ سندس زال (حوا) کي زمين تي اُڇلايو ويو شريف ماڻهو انسان.

"آدم" نالو پاڻ سڏائين، دِس انهيءَ تي ڊِول.
(بيدل: 24_31)

"آدم" حوا جو ڪيم بهانو ٿو سهسين نام سڏايان.
(بيدل: 20_54)

آئين "آدم" رکي نالو ڪيئہ ڪيڏو تہ ڪشالو.
بيکس (سنڌي ڪافيون_46)

آديسي: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) الله لوڪ فقير، سنياسي فقيرن جو هڪ گروهہ سِر نمائيندڙ متو ٽيڪيندڙ هميشه گروءَ اَمُر هيٺ رهندڙ.

نالي آهن آدمي، نہ تہ "آديسي" اسرار.
بيدل (وحدت نامو_92)

آديسين: (سنسڪرت. مذڪر) (واحد: آديسي) سر جُهڪائيندڙ گروءَ جي حڪم ۽ اَمُرَ ۾ رهندڙ جوڳي فقيرن جو هڪ گروهه. الهه لوڪ فقيرن، درويشن جو.

"آديسين" آرامُ اچي تيو اَثبات ۾.
(بيدل:وحدت نامو_30)

'لا' ۾ مَنجُهه لڌو "آديسين" اَثبات جو.
بيدل(وحدت نامو_66)

اچي ٿي اَثبات ۾، "آديسين" اوطاق.
بيدل(وحدت نامو_34)

آڌارُ: (سنسڪرت. مذڪر) ٽيڪ، سهارو، آسرو، وسيلو، اَجهو، پرجهلو.

پاٽئون لاٽُو نينهُن جَنِهِ سان، اچي ٿيءُ "آڌارُ" تنين نماٽن جو.
بيدل(49_87)

بيدل بيشڪ تون هادي آهين، عاشقن جو "آڌار".
(بيڪس_ سنڌي ڪافيون_1)

آڌوتي: (صفت) اڻ ڌوتل، تارڪ، تياڳي، فقير، سنياسي، ويراڳي، جوڳي.

"آڌوتي" اَثبات جي، مُرڪيو ڪن مَقال.
بيدل(64_33)

آڌوتين: (واحد: آڌوتي) سنسڪرت_ آدرت= جدا ٿيل، تياڳيل. فقيرن جو اهو قسم يا فرقو جيڪو دنيا تياڳي ڇڏيندو آهي. اِهي جسم جي ظاهري صفائي تي ڪوبه ڌيان ناهن ڏيندا، جبلن جي غارن ۾ رهندا آهن ۽ چِلا ڪيدا آهن. ميرو اڻ ڌوتل، گدلو.

يَمحُو الله مايَشَاءُ وَيثبتُ، "آڌوتين" اهڃاڻ.
بيدل(وحدت نامو_87)

آڏي: (سنسڪرت. مؤنث) اڌ رات جو.

"آڏيءَ" وَيڙا اُليلَ مون، ڪو جو سَڏُ سُيون.
بيدل(65_47)

آر: (سنسڪرت. مذڪر) ڪُن، درياهہ جي پاڻيءَ جي تيزيءَ وچ سيرَ.

اچي پيا جي "آر"، مَر سي پهچائين پار.

(بيڪس- سنڌي ڪافيون-13)

آرامُ: (فارسي. مذڪر) سُڪون، سُک، فرحت، صحت، خوشي.

آديسين "آرامُ"، اچي تيو اِثبات ۾.

بيدل(وحدت نامو-30)

آرانيا: (سنسڪرت. مذڪر) (آرانيي جو جمع) اُماڙيون، باهہ جا پيڙ.

عشق "آرانيا" ڏنا اندر ڪي، ڏاڍي سان من ڦاٽومُون.

بيڪس (سنڌي ڪافيون-40)

آرائون پار: (سنسڪرت. ظرف) آرپار، ہِتَ، هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين.

لڳي ناوڪ ناز جي، اندر "آرائون پار".

بيڪس (سنڌي ڪافيون-13)

آرياٽي: (سنسڪرت. مؤنث. صفت) آري ڄام جو اولاد، پنهون.

بيڳس ڪاڻ پنيور ۾، "آرياٽِي" تون اچيج.

بيدل(48-08)

آڙاهُ: (سنسڪرت. مذڪر) باهہ جو وڏو مچ، کورو.

جس ويلي عشق ڪِي آتش، ڦوڪ "آڙاهُ" مچا ويگا.

بيدل(312-128)

اڙدا: (سرائڪي) اڙندو اٽڪندو.

بيڪس نہ ڪنهن ۾ "اڙدا" سڪندي سوريءَ تي چڙهدا.

بيڪس(70)

آزاد: (فارسي. مذڪر. صفت) ڇُٽل، واندا، خودمختار آجا.

بيراڳي بيباڪ، عنصر کئون "آزاد" ٿيا.

بيدل (وحدت نامو-34)

مذهب واري قيد کئون بيدل، عشق ڪندو "آزاد".

بيدل(59-10)

آسان: (فارسي. صفت) سَهنجو سولو سوکو.

پلصراط جو پنڌ تي، عشق نہ "آسان" ڪارِ.
بيدل(13_19)

آسِري: (پراڪرت. مؤنث. صفت) اُميد. ڏِيَ سهاري، دَمَ پنيرائي.

اباڻن جي "آسري"، هت ميان لوئي ٽيڙم ليڙ.
بيڪس (سنڌي ڪافيون_52)

آسڻُ: (پراڪرت. مذڪر) جاءِ. هنڌ. ماڳ. ٽڪاڻو. ويهڻ جي جاءِ، پاٿاري، تڪيو مڪان، آستان.

هر دم ۾ هاهوت، "آسڻ" آهہ اسان جو.
بيدل(متفرق، بيت_5)

آسون: (پراڪرت) (آس جو جمع) خواهشون، اُميدون، آسرا.

ڏکين کي مَ ڏکوءِ، پيچ نہ "آسون" اُن جُون.
بيدل(ابيات سنڌي_29)

آڪاسين: (سرائيڪي) آڪاس سان/ اين/ پچاڙ ملائي/تي/ کان/ معنيٰ ورتي وِچي تي، آڪاس تي، آسمان تي، آسمان کان.

اور نهين ڪوئي ہاجَهہ اُسِ دي، "آڪاسين" پاتال.
بيدل(133_186)

ڪري اپياس چڙهي "آڪاسين"، بانڪوبي اختيار.
بيدل(40_147)

آڪان: (سرائيڪي. مصدر: آکڻ) چوان، ڳايان.

ڪيهي ڪيهي عجائب "آکان"، شاهنشاهہ نياري دا.
بيدل(297_118)

آکن: (سرائيڪي) چوَنِ، ڳالهہ ڪن.

ڪلمان حق دا "آکن" عاشق، توڙي سُولي سِرُ سَلندا.
بيدل (245_93)

آکي: (سرائيڪي) چوي

ڪڏان سڏاوي نام احمد، "آکي" لا احصي ثنا.
بيدل(مخمس_1)

آڪيرو: (سنسڪرت. مذڪر) پکين جي ويهڻ جي جاءِ، ٽِڪاڻو گهر.

اندر "آڪيرو" ڪيو، سپريان جي سور.
بيدل(66_15)

آڪِيُم: (سرائڪي) چيم.

بيدل خود اَنَا خيرٌ "آڪِيُم" اولي مِر ابليسُ.
بيدل(39_27)

آڳ : (سنسڪرت. مؤنث) باهه.

اُچلي وجهين "آڳ" ۾ منطق معاني.
بيدل (وحدت نامو_128)

آگاهَ: (فارسي. مؤنث. صفت) واقفيت، ڄاڻُ، خبر، سُڌ.

عارفن "آگاهَ"، اُونهي هِن اَسرار جي.
بيدل(وحدت نامو_20)

من عَرف جي مام جِي بخشي، عُشاقن "آگاهَ".
بيدل(58_74)

آگم: (سنسڪرت. مذڪر) مينهن وارو مانداڻ، جُهڙ، بادل، برسات.

اُڃِن لئه "آگم"، آهه عِنايَتَ اُن جي.
بيدل(وحدت نامو_81)

تنين تي "آگم"، اچي ٿيو اثبات جو.
بيدل(وحدت نامو_3)

الوهيت: (عربي. مذڪر) خدائي، معبوديت، خداوندي شان.

اچي "اُلوهيت" جو بِرهه اُٺايو بار.
بيدل (وحدت نامو_9)

آنبَهُ: (سنسڪرت. مذڪر) جوش، تاب، جلال، باهه جو مچ، آڙاهه.

ڏس ڪيڏو "آنبهه" ڪيو، سرمستيءَ جوش حلاج جي.
بيدل(19_81)

آنند: (سنسڪرت. مذڪر) خوشي، سرور، مزو، سُک.

اَنحَدَ ۾ "آنندُ" ٿيا، ڇُٽا ڪان عذاب.
بيدل(وحدت نامو_107)

آڇج: (ضمير متصل) (پراڪرت) تون آڇجانءِ، ڪٿي اڇ، پروسوڪج.

"آڇج" هي اعتبار جو حق ريءَ آهي ڪينڪي.
بيدل (وحدت نامو-48)

آوندا: (سرائڪي) اَچي ٿو.

جاني جوڳي دا ڪر ٻهانا، راهه مسافر "آوندا".
بيدل (268-95)

آوَڻ: (سرائڪي) اَچڻ.

بي حجاب هُو الله ڏسندا، وچ خودي دي "آوڻ".
بيدل (ابيات سرائڪي-10)

آوڻ: (سرائڪي. مصدر) اچڻ.

موج نينان جنهن نون نيتا، چُڪا اسي مڙ "آوڻ".
بيدل (215-251)

آؤسين: (سرائڪي) ايندين.

"آؤسين" ڪول اسان ڏي ڪڏاهان، نت نهاريان تساڏي راهان.
بيدل (300-196)

آوي: (سرائڪي) اچي.

اندر ٻهان مين نون ٻهڻ نہ "آوي".
بيدل (158-318)

آهہ زاري: (ٻنو لفظ) روج راڙو پِٽڪو واويلا.

فرياد "آهہ زاري"، تنهنجي فراق ماري
بيڪس (02)

آهان: (سريلي لهجي مطابق "آهہ" جو جمع) دانهُون، فريادون پُڪارون، ڪُوڪُون، ڏُک ۽ سُور ۾ اندر مان نڪتل آواز.

ناچ نچائن ڳائن وجائن، عرشون لنگهن اُنهن جون "آهان".
بيدل (32-52)

آهو: (فارسي. مذڪر) هرڻ، مِرگهہ.

"آهو" چشم ساڏي سڄڻان دي يا وَت شير شڪاري
بيدل (ابيات سرائڪي-5)

آياتي: (صفت) آيت، هدايت.

كڏان تاري "آياتي" وڃ، ڪڏان وَت رند خَرَابَا تي وڃ.
بيدل(137-107)

آياسي: (ضمير متصل) آياسين.

شيرين فرهاد جو نالو ڪري عالم ۾ "آياسي".
بيدل(37-84)

"ا"

اِبراهيم: (عربي. اسم خاص) (حضرت ابراهيم عليه السلام) اندازاً ٻہ هزار هڪ سؤ سال قبل مسيح ۾ پيدا ٿيو. بائيبل مطابق هڪ سؤ پنجهتر سال عمر ماڻيائين. عام روايت مطابق حبرون (فلسطين) ۾ دفن آهي. سندس ئي نسبت سان ان شهر جو نالو "الخيل" آهي. سندس قوم ستارن ۽ بُتن کي پوڄيندي هئي. جڏهن تبليغ شروع ڪيائين تہ بادشاهہ نمرود کيس ساڙڻ جو حڪم ڏنو. پاڻ قربانيءَ لاءِ تيار ٿي ويو. خدا جي رحمت سان باهہ ٿڌي ويئي ۽ پاڻ سلامت رهيو. قرآن حڪيم ۾ سندس ذڪر آيو آهي.

نوح نبي طوفان ڪرايس، "اِبراهيم" نون آگ ستايس.
بيدل(218_267)

اَبرُو: (فارسي. مذڪر) ڀُرون، اک جي مٿان وارن جي ڪمان.

"اَبرو" سيف ايران عجيبن، نيزا بڙچيون بان جبين.
بيدل(83_51)

اِبليس: (عربي. مذڪر. صفت) شيطان.

بيدل خود اَنا خَيرٌ آکيم، اولي ۾ "اِبليس".
بيدل(39_27)

اَبوتراب: (عربي. مذڪر. اسم خاص) مٽيءَ جو پيءُ. حضرت علي رضي الله عنه جي ڪُنيت.

منهنجو رک دارين ۾ پردو بحق "ابوتراب".
بيڪس (مناجات_1)

اُبهين: (پراڪرت) ايو ٿي بيهين، امن ۽ سلامتيءَ سان رهين.

بيدل عاشق ٿيءُ تہ "اُبهين"، سر ڏي ٿي سردار.
بيدل (13_19)

آپياس: (سنسڪرت. مذڪر) مطالعو دؤر، مشق.

ڪري ”اپياس“ چڙهي آڪاسين، بانڪو بي اختيار.
بيدل(40_147)

اُتا: (سنسڪرت. مذڪر) (واحد: اُتو = چيو) چيا.

ساتيءَ سباجهي مون ”اُتا“، سي دُرس تنهن دلدار جا.
بيدل(06_03)

اُتري: (سنسڪرت. مؤنث) لتي، لهي، مٿان ڪان هيٺ لهي.

عرشئون ”اُتري“ فرش اُتي تو پرتئون پير گهمايان.
بيدل(20_54)

اُتهين: (ظرف) اُتي، انهيءَ جاءِ، تنهن جاءِ.

فرق ڪفر ۽ دين، بيشڪ بهانو ”اُتهين“.
بيدل(وحدت نامو_46)

اُتي: (سنسڪرت. ظرف) تي، مٿي.

عرشئون اُتري فرش ”اُتي“، تو پر تئون پير گهمايان.
بيدل(20_54)

اَتڪايان: (سنسڪرت) (مصدر: اَتڪائڻ= اٽڪ وجهڻ، ڦاسائڻ) اڙايان، مان اڙايان.

شيرين ۽ فرهاد شڪل تي، آڻي اکيون ”اَتڪايان“.
بيدل(20_54)

اُنائي: ڪٽي هلي، ڪٽي.

برهه جو باري بار، رمز بازن ريءَ ڪير ”اُنائي“.
بيدل(25_12)

اُنايو: (مذڪر) کنيو چاڙهيو قبوليو.

باري بار برهه جو آدم سرتي ”اُنايو“.
(بيدل)

انئي پهر: ڏينهن رات، 24 ڪلاڪ.

”انئي پهر“ الله ۾، گُم ٿا رهن عاشق عليل.
بيڪس (سنڌي ڪافيون_24)

اُٺي: وُٺي، برسي.

بيڪس تي برهہ جي ڪاٺي بوند "اُٺي".
بيڪس

اِثبات: (عربي. مذڪر) ثبوت. ثابتي، اقرار. حق جي ذات جي تصديق. حقي وجود جي تصديق. صوفياٽو اصطلاح آهي ۽ تصوف جو بنيادي جزو آهي. صوفي ڪلمي طيب کي ٻن حصن ۾ ورهائين ٿا. پهرين حصي کي نفي ۽ ٻئي حصي کي اثبات چون ٿا. اثبات جو مقصد فقط هڪ ذات مطلق جي وجود جو اقرار ڪرڻ آهي.

عبادت ڪٿون عار آنداٺون "اثبات" ريءَ
بيدل (ابيات سنڌي_21)

تنين ترت پيو، آچوڙو "اثبات" جو.
بيدل (وحدت نامو_2)

آديسين آرام اچي ٿيو "اثبات" ۾.
بيدل (وحدت نامو_30)

تڏهن "اثبات" اناالحق چوندين زوري.
(بيڪس: حال نامو)

اِثبَاتان: (مؤنث. سرائڪي) اثبات.

قادر عشق ديان ڪر "اثباتان"، ڪهُ تون اَناالحق واليان باتان
بيدل(137_107)

اِثبَاتي: (سرائڪي. صفت نسبت) هائوڪاري، ڪنهن شيءِ جي وجود جو ثبوت هئڻ، ثابتي رکندڙ حقيقي، ڪلمي پاڪ جو ٻيو جزو.

"اِثباتيءَ" جي آءِ، نيهيءَ خبر ناهہ ۾.
بيدل(وحدت نامو_139)

هو حق هر سُو "اثباتي" وچ، نانءُ سفيد سياهي دا.
بيدل (137_107)

اَجسَادُنا اَرواحُنَا اَر وَاحُنا اجسَادَنا: اسان جا جسم، اسان جا روح ۽ اسان جا روح اسان جا جسم آهن.

"اَجسَادُنا اَرواحُنَا اَر وَاحُنا اجسَادَنا"، سڪج هي سبق.
بيدل(وحدت نامو_76)

آج: (سرائڪي. مؤنث) اڄ.

"آج" پيا هوري ڪيلن آيا، سهسين رنگي بيرنگ سمايا.
بيدل(100_92)

اِجلالِ: (عربي. مذڪر) جلال، شان ۽ شوڪت، دٻدٻو رعب تاب.

آنهن تون! سرور مسندِ "اِجلالِ" جو.
بيدل(مناقب در مدح قلندر_8)

اَجاڻ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) اڻ ڄاڻ، اڻ سونهون، ناواقف.

عاقل ٿيءُ "اَجاڻ" تہ، لهين سُڌ سنبل جي.
بيدل(نوان بيت_6)

اَجها: (واحد: اَجهو) پناهہ، پردو ڍڪُ، آسرو ٽيڪ، اولا.

اي يتيمن جا "اجها"، بادشاهہ بحر و بَر.
بيڪس (مناجات_1)

اَجهاڳ: (سنسڪرت. صفت) نہ جهاڳڻ جهڙو اونهو عميق، بي انت.

اُونهون جو "اَجهاڳ" پيهي تنهن پاتال ويا.
بيدل(وحدت نامو_136)

اَجهل: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) اَڻ جهل، نہ رڪڻ جهڙي، اڻ ٽَرُ، بيحد، بي شمار.

آءِ دَرِ تيڏي وِڪاڻي، عاشق "اَجهل" اياڻي.
بيدل(174_114)

اَچانِڪ: (سنسڪرت. ظرف) اوچتو.

اچي "اچَانِڪ" سارَ لڌائين، جانب جيءَ جِيار.
بيدل(77_21)

آچِيجُ: (ضمير متصل) هاڻي اچ، تون اچ.

بيگس ڪاڻ ينيور ۾، آرياڻي تون "آچِيجُ".
بيدل(48_8)

اُڇانگُ: (سنسڪرت. مؤنث. ظرف) ٽپو ڇال.

دين ڪفر دي جاءِ نہ ڪائي،
ڏيندا عشق ”اُڇانگُ“ پرت پسارا.
بيدل(317_133)

اَڇو: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) اڇي رنگ وارو سفيد. چٽو.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو ”اڇو“ ۽ ڪارو.
بيدل(وحدت نامو_18)

اَحد: (عربي. صفت) هڪ. واحد. اَڪيلو يگانو (اسم خاص) الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

”اَحد“ وَاحمد آپ سَڏائِس، نالا شمس و عطار.
بيدل(149_144)

انا احمد بلا ميم، ”احد“ جو آهي اشارو.
بيدل(15_65)

”احد“ ۾ ميم ٿيو مقرر، پنهنجو تون پاڻ ٿئين دلبر.
بيڪس (سنڌي ڪافيون_5)

احدون: (عربي. اسم خاص) احد منجهان.

ڪڏهن ”احدون“ احمد ٿي آيو.
بيڪس (حال نامو)

احديت: (مؤنث) هيڪڙائي وحدانيت. اڪيلائي يڪتائي يگانگي وحدانيت

اڇي ”اَحدِيَتِ“، ڊُوائيءَ کي ڊُور ڪيو.
بيدل (وحدت نامو_11)

اونهون سر ”احديت“ وارو سمجهي ڪير سگهي.
بيدل (25_12)

عبديت کي ”احديت“ ۾، تون لالڻ چو نہ لڪائين.
(بيدل)

احسان: (عربي. مذڪر) ٿورو مهرباني، نوازش.

گُهرج هئي توکي گهڻي ڪين مان چئڻ "احسان" ڪر.
بيدل(85_14)

ڪر "احساني" عشق جو لهه سڪاين جي سار.
بيڪس (سنڌي ڪافيون_13)

اَحمَد: (عربي. صفت) الله تعاليٰ جو گهڻو حمد ڪندڙ (اسم خاص) حضرت محمد ﷺ جو صفاتي نالو.

اَحَدَ منجهارون "احمد" چايئہ چاهون چاڪ سڏائين.
بيدل(22_76)

"احمد" ۽ حيدر سندو دلدار تون.
(بيڪس)

اختلافي: (عربي) مختلف، متييد وارو تڪراري، جهيڙي وارو الڳ راءِ.

ظاهر جوامر آهي، في الاصلُ "اختلافي".
بيدل(82_85)

اِختِيارُ: (عربي. مذڪر) وسُ، مرضي، زور.

بيدل بِرهہ "اختيار" ڪر، جي تو گهرين بهبود تون.
بيدل(17_59)

اَخصُ: (عربي. صفت تفضيل) وڏيڪ خاص، اُتم.

اَنا اَنتَ فَاَينَ اَنا، اِهو عيش "اَخصُ".
بيدل(وحدت نامو_107)

اُداسُ: (عربي. مذڪر. صفت) غمگين، ملول، ڏُڪارو.

بيڪس بيوس جو وسُ ناهي ڪيو عشق "اُداس" سجنا.
(بيڪس)

اُداسي: (مؤنث. اسم صفت) غمگيني، مايوسي، ملالائي.

بيدل تولئي وتي "اُداسي"، وهلو ڪر ڪا وراڻي.
بيدل(68_55)

اِدرِيسُ: (عربي. اسم خاص) حضرت ادريس عليہ السلام.

ڪڏهن نالو نُوحُ سڏايم، آيس تي "اِدرِيسُ".
بيدل(39_27)

اُڏاٽس: (سنسڪرت. ضمير متصل) مان اُڏيس.

بيکُ بنائي عيسائي، "اُڏاٽس" آسمان.
بيدل(47_39)

اڏاوَنِ: (سرائڪي) اُڏائن، لُٽائن، ڪپائن.

عطر گلال عنبير "اُڏاوَن"، گهٽ گهٽ گيت الستي ڳاوَنِ.
بيدل(100_92)

اُڏاويڳا: (سرائڪي) اُڏائيندو.

مذهب دي باتيان نُون پِرها، هڪ پَلَ وَچ "اُڏاويڳا".
بيدل(312_128)

اُڏري: (سنسڪرت. ات= متي + دي= اُڏامڻ) اُڏامي.

بيدل "اُڏري" وڃ اوڏانهين، گوندر ڪين گذار.
(بيدل)

اِذَا تَمَ الفَقَر فَهُو الله: جيڪڏهن مسڪيني پوري ٿي وڃي تہ پوءِ الله جي ذمي ۾ وڃ. (سلوڪ جي صاحبن جو قول)

"اِذَا تَمَ الفَقَر فَهُو الله" چيو سائينءَ سَچي سَچي.
بيدل(26_82)

اِذَا تَم الفَقرُ فَيَڪُونُ عَينَه ڪَنَفسِ الله: جنهن وقت غربت آخري حد تائين پهچي ويندي آهي تہ اهو ان جي ذات بڻجي ويندو آهي. الله جي ذات وانگر.

"اِذَا تَم الفَقرُ فَيَڪُونُ عَينَه ڪَنَفسِ الله"، خاصن خاصي خوءِ
(وحدت نامو_32)

اَرجَعي: (عربي. صفت) موٽي هل، موٽي اچ، هليو اچ.

"اَرجَعيءَ" جو سڏ ٿيو سلطان ڪي ذوالقعد ۾.
بيڪس (سنڌي ڪافيون_27)

"اَرجَعي" جي ڪين ڪڏهن پئي ڪَنِ تنهنجي ڪوڪار.
بيدل (69_18)

اِرجعِي اِلىٰ رَبِّكَ رَاضِيةً: تون پنهنجي رب ڏانهن راضي ٿي هل ۽ هُو بہ (توکان) راضي آهي. (سورة الفجر، آيت: 28)

"اِرجِعِي اِلىٰ رَبِّكَ رَاضِيةً"، نرتون اُنو نينهن.
بيدل (ابيات سنڌي_24)

اِرشاد: (عربي. مذڪر) حڪم، هدايت، ٻول.

گُم تِي گُم تي گُم تي غازي، عشق اِهو "ارشاد".
بيدل(59_10)

اَرض: (عربي. مؤنث) پونءِ، ڌرتي، زمين، مُلڪ.

"ارض" تي آهين، ولي ٻهرِ الله.
بيدل(مناقب_9)

اَروپ: (سنسڪرت. صفت) روپ جو ضد. جنهن جو ڪو روپ نہ هجي، بنا روپ جي، ڪوجهو بدصورت، بي ڍنگو.

سهسين روپ "اَروپ" سَماوت، وحدت ڪثرت رمز رلاوَت.
بيدل(100_92)

ڪيلي عشق "اَروپ" جي بازي، لِڪيُون ڇِپيُون دل ڪسي يار.
بيدل(50_35)

اَرني اَرني: (عربي) مون کي پنهنجو جلوو ڏيکار. حضرت موسيٰ عليه السلام طور جبل تي الله تعاليٰ کان دُعا گهري تہ مون کي پنهنجو جلوو ڏيکار. ڪيس جواب مليو تہ لَنْ تَرَانِي يعني: تون مون کي هرگز ڏسي نہ سگهندين.

موسيٰ ڪنون سُن "اَرني اَرني"، لَن تراني ڏسيندائين.
بيدل(212_231)

اڙاڪي: (سرائڪي) اڙائي، ڦاسائي، لڙائي.

هِير سِيالڻ نُون سامي سيلاني، نين "آڙاڪي" جو نيندا.
بيدل(314_113)

اڙاوندا: (سرائڪي) اڙائي تو، ڦاسائي تو.

صورت بن مشتاقان نالي، اکيان آڻ "آڙاوندا" هي.
بيدل(157_281)

اڙايو: ڦاسايو، سوگهو ڪيو.

پاڻ ڏاڍن سان پريت نہ نهندي، ناحق پاند "آڙايو" تو.
بيڪس (سنڌي ڪافيون_48)

اڙايم: (ضمير متصل) مون اتڪايو.

اکيون "اڙايم" هوش وڃايم، من مستانو ٿيو ڙي جيڏيون.
بيدل (14_58)

اڙيسان: (سرائڪي) آڙائيندس، لڳائيندس.

رانجُهو دي حُسن دي هاڪَ، اکيان "اڙيسان".
بيدل(110_212)

اڙين: (سنسڪرت) مُنجهيلن، ڦاٿلن.

هِتِ هُتِ هادي آهين، "اَڙين" جو آڌارُ.
بيڪس (سنڌي ڪافيون_13)

اَزل: (عربي. مذڪر. صفت) اهو زمانو جنهن جي ابتدا ناهي، منڍ، شروعات.

چيائين "ازل" ۾ الست بربڪم.
(بيڪس)

ازلي: (صفت) شروع کان، منڍ کان.

عشق "اَزلي" جن کي آهي ڪاڻِ ڪُنَن جِي تن کي ناهي
بيدل(75_79)

اسان هون: /اسان/ لفظ سان /هون/ پڇاڙ ملائي /کان/ يا /کون/ معنيٰ ورتي وڃي ٿي. اسان کان. اسان کون.

ڪڻ "اسان هُون" حجاب دُوئي دا، بخش تون قرب ڪمال.
بيدل(72_78)

اسانڏا: (سرائڪي) اسان جو.

حسن "اسانڏا" هادي بَرحق، وحدت راهه بتاوندا.
بيدل(282_98)

اسانڏي: (سرائڪي) اسان جي.

دام زُلف دي دلڙي "اسانڏي"، نال فِريب ڦسايا.
بيدل(98_117)

اَسد الله: (عربي. اسم خاص) الله جو شينهن. حضرت علي رضي الله عنه جو لقب.

لَحمَڪ لَحمِي رُوحَڪ روحي، عاليٰ "اسد الله".
بيدل(58_74)

اِسرار: (عربي. مذڪر) (سر جو جمع)، ڀيد. راز. ڳُجهہ

بيدل سَمجهي ڪوئي سالڪ. وحدت دا "اِسرار".
بيدل(149-144)

چيو پير مُغان مون کي هي "آسرار".
بيڪس (حال نامو)

عشق جو ڏِسُ "اِسرار"، سڀ صُورت ۾ يار سمايو.
بيدل (71-66)

ڪربلا ۾ قتل ٿيو ڏس عشق جو "اِسرار" آهہ
بيڪس (سنڌي ڪافيون-44)

اسماعيل: (عربي. اسم خاص) (حضرت اسماعيلؑ). الله پاڪ جو نبي. حضرت ابراهيمؑ جو وڏو پُٽ جيڪو پڻ نبي هو. بيبي هاجره سندس امڙ هئي. الله تعاليٰ، حضرت ابراهيمؑ کي آزمائڻ لاءِ پُٽ جي قربانيءَ جو حڪم ڏنو. حضرت اسماعيلؑ خداوندي حڪم آڏو سر جهڪايو ۽ قربانيءَ لاءِ تيار ٿي ويو. الله تعاليٰ سندس قربانيءَ جي جذبي کي قبول ڪيو ۽ کيس "ذبيح الله" لقب ڏنو.

"اسماعيل" نون ذبح ڪريندا، بڻدا برهہ ڪاسائي وي
بيدل(242-284)

اَسيران: (عربي. مذڪر. صفت) (اسير جو جمع) قيدي، ٻاندي

انهيءَ چاهہ ظلمت ڪيا، ڪي ٿي "اسيران".
بيڪس (43)

اِشارَت: (عربي. مؤنث) معنوي ماڻ ڳجهارت. اِشاري ۾ سمايل. معنيٰ.

آٿي "اِشارَت"، نَفِيءَ ۾ اثبات جي.
بيدل(وحدت نامو-67)

اِشارو: (عربي. مذڪر) اهڃاڻ. نيشان. ماڻ

انا احمد بلا ميم. احد جو آهي "اِشارو".
بيدل(15-65)

”اِشارو“ آهه وجه الله صاف.
بيڪس (حال نامو)

اِشتغال: (عربي. مذڪر) مشغول ٿيڻ، ڪم.

تان دوئيءَ ڪوَن ٿئي بَوحدت ”اِشتغال“.
بيدل (مناقبو_10)

اُصول: (عربي. مذڪر) مَتو قانون، قاعدو.

جنهن ۾ ”اُصول“ اَصَلي، لاريبَ لاخِلافي.
بيدل (82_85)

اِظهار: (عربي. مذڪر) پڌرو ظاهر، مشهور.

عرش ۾ آواز تنهنجو هِت ٿئين ”اظهار“ ميان.
بيدل (04_25)

اظهاري: پڌرو ظاهر.

اچي اِنسان ۾ ڪياٿين، ”اظهارِي“ پيرُ پَڌر پر پايو.
بيدل (56_68)

اعتبار: (عربي. مذڪر) پروسو يقين، ويساهه، ايمان.

حسن حقيقت فرق نہ پائنج، عاشق ڪر ”اعتبار“.
بيدل (25_12)

آڻج هيَ ”اعتبار“ جو حق، ريءَ آهي ڪين ڪي.
بيدل (وحدت نامو_48)

اعظم شاني: بايزيد بسطامي وجد جي حالت ۾ بي ساختہ چوندو هو: ’سبحان مااعظم شاني‘ يعني: ڪيڏو نہ وڏو شان آهي منهنجو.

ڪٿ آکينداٿين ”اعظم شاني“، ڪٿ اناالحق عياني.
(170_272)

آفعال: (عربي. مذڪر) (فعل جو جمع) لڇڻ، ڪرتوت.

جڏان عشق رانجهي دي ويڙهہ نيتا،
تڏان گيسِ عقل ”آفعال“ ڪنون.
بيدل (240_219)

آفلاڪ: (عربي. مذڪر) (فلڪ جو جمع) آسمان، اُڀ.

چاتي ٿيڙين ظاهر زمين تي، عرش چڙهي "افلاڪ".
بيدل(23_30)

اِقراء ڪِتابڪ: (عربي) (سورة بني اسرائيل، آيت: 14) پڙهہ پنهنجو ڪتاب (اعمال نامو).

"اِقراءَ ڪتابَڪ" سندو سوجهي لهج سِرُ.
بيدل (وحدت نامو_117)

اَقرَبَ: (عربي. ظرف) (قريب جو تفضيل) جيڪو رشتيدارن ۾ ويجهو هجي، نهايت ويجهو قريب.

بيدل! رکج روح ۾، "اَقرَب" جو اُهڃاڻ.
بيدل(53_60)

اَقطع القارين فعل الصوفين: (عربي) صوفين جا ڪم ڏسندڙن کي حيران ڪندڙ آهن.

"اقطع القارين فعل الصوفين"، خودي ڪون خاموش.
بيدل (وحدت نامو_147)

اَڪابِر: (عربي. مذڪر. صفت) (اڪبر جو جمع) بزرگ، ڏاها، سياڻا، مدبر، وڏا

اهڙا "اَڪابِر"، ماندَنِ لَي موليٰ مُڪا.
بيدل(وحدت نامو_89)

اَڪال: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) ڪال کان بچيل، موت کان آجا.

نالي آهن آدمي نہ تہ آديسي "اَڪال".
بيدل(وحدت نامو_93)

اُڪاڻ: (سنسڪرت) ختم ڪر، ڇڏي ڏي

هيڏي هوڏي ڪِيمَ هُل، بيا سَڀُ خيال "اُڪاڻ".
بيدل(53_60)

اُڪاٽي: (سنسڪرت. صفت) ختم تي، چُڪتو تي.

اَڪبر: (عربي. مذڪر. صفت) ڪبير جو تفصيل، وڏو. (اسم خاص) دلي سگوري جو هڪ صفاتي نالو.

ڪريم هادي پِي "اڪبر" تون، بيڪس کي ڪر بهرور.
بيڪس (16)

آڪسير: (عربي. مذڪر) ڪيميا، پارس، جيڪا دوا ٽامي يا ٻين ڌاتن کي سون ڪري

ڪيمياگر "اڪسير" اهوئي، جيها شيها تيها سون.
بيدل(161-194)

اُڪر: (سنسڪرت. مؤنث) سِڪ، اُڪنڊ، حُب، دل جي ڇڪ، شوق، سڌ.

اباڻن جي "اُڪير"، راتيون ڏينهن روئاري ڙي
بيڪس(52)

اڳاهون: اڳيان، اڳتي، اڳيرو.

ڪنز قدوري طرف نه تاڻن، عارف وڃن "آڳاهون".
بيدل(44-38)

پنهون "اڳاهون"، سَڌُ نه سٽي مُئيءَ جا.
بيڪس

اڳوان: (سنسڪرت. مذڪر) اڳواڻ، مُهندار، سردار، رهبر، سونهون.

ڪاٽي بارُ برهه جو، اٺائي "اڳوان".
بيدل(35-48)

اَڳي: (سنسڪرت. ظرف) اڳتي.

جاءِ نه عقل دليل جي، عاشق ڪاهه "اَڳي".
بيدل(12-83)

اَگهاٽي: (سنسڪرت) قبول پئي، منظور ٿي، وِڪاڻي.

هُوءَ جا "اَگهاٽي" تنهن مُهاٽِيءَ مانُ لڌو.
بيدل (متفرقه بيت-2)

اَگهايو: (سنسڪرت) قبول ڪيو منظور ڪيو.

خدا لڳ عرض هي منهنجو "اَگهايو".
(بيڪس)

آلَ: (عربي. مؤنث) عيب، وِڏ، ٺوڪ.

عبديت جي "اِلَ"، لا سان لاهه وجود ٿئون.
بيدل (فرائض صوفيه-4)

آلاوِندا: (سرائڪي) ڳالهائي ٿو، ٻولي ٿو.

صُورت انساني دي اولي، سمجهہ تہ ڪونُ "لاوندا" هي.
بيدل (173_123)

آلاوڻ: (سرائڪي. مصدر) الائڻ، ٻولڻ، آلاپڻ، ڳالهائڻ.

جوڳ ڪماوڻ ڪم جنهيندا، آنا "الاوڻ" دَم اُنهيدا.
بيدل (234_158)

الاوي: (سرائڪي) آلاپي، ڳالهائي، ٻولائي.

جي هِڪ واري ماهِي مِهِرون عاشقان دي نال "آلاوي".
بيدل (264_266)

الاويگا: (سرائڪي) آلاپيندو ڳالهائيندو ٻولائيندو.

صوفي لا مذهب مستي وچ، آناالحق "الاويگا".
بيدل (312_128)

الاهون: (عربي) پُڪارون، پاڪارون، ليلرات.

بيڪس فقير جون دانهان ٻُڌندو الله "الاهون".
بيڪس (66)

الائين: ڳالهائين، ٻولائين، سڏائين، ٻڌائين.

دوست دلاسا ڏئين تواول، وري موتي ڪين "الائين" تو.
بيڪس (45)

آلآ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيۡءٍ مُّحِيۡطٌ: (سورة حٰمٓ السجده، آيت: 54) خبردار اهو هر شيءِ تي گهيرو ڪندڙ آهي.

"اَلآ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيۡءٍ مُّحِيۡطٌ"، پرين نہ آهہ پري.
بيدل (وحدت نامو_47)

آلاِنسَانُ سِرّي وَاَنَا سِرّہ: (حديث قدسي) انسان منهنجو ڳجهہ آهي ۽ مان ان جو ڳجهہ آهيان.

"آلاِنسَانُ سِرّي وَاَنَا سِرّہ"، سارا ئي سر تون هين.
بيدل (سہ حرفي_1:غ)

"آلاِنسَانُ سِرّي وَاَنَا سِرّہ"، رمز پروڙ اها منجهہ پاڻ.
بيدل (29_62)

"آَلاِنسَانُ سِرّي وآنَا سِرّه"، مَردن هيءُ مڪان.
بيدل (وحدت نامو_94)

"آَلاِنسَانُ سِرّي وآنَا سِرّه"، دامُ دوئي دا تور.
بيدل (153_162)

"آَلاِنسَانُ سِرّي وآنَا سِرّه"، هڪ جاٽج هُو ۽ هي.
بيدل (12_83)

"آَلاِنسَانُ سِرّي وآنَا سِرّه"، عاشقن آگاھ
بيڪس (49)

الايا: (سرائڪي) الايو ڳالهايو ٻولايو.

ساڌي رمز ڏساوڻ ڪيتي، عشق "الايا" مين وو مين.
بيدل (169_225)

اُلٽ: (سنسڪرت. مؤنث) اُبتو برخلاف، اونڌو اُٿلندو.

"اُلٽ" پيد برھ جو سارو سمجهي مارياءُن نينهن جو نعرو.
بيدل (44_38)

اُلٽي چال: (سنسڪرت. مؤنث) اُبتي ريت.

قدمن تلي، سِرُ ڌري، چلن "اُلٽي چال".
بيدل (وحدت نامو_113)

آَلستُ: (عربي. مذڪر) ڇا مان نہ آهيان. ميثاق جو ڏينهن، جڏهن الله تعاليٰ روحن کان پنهنجي رب هئڻ جو اقرار ورتو ڇا مان توهان جو رب ناهيان..

بيدل عَهد "آَلستُ" کُون، محبت ڪيس مخمور.
بيدل (66_15)

آَلستُ بِرَبِّڪُم: (عربي) ميثاق جي ڏينهن الله تعاليٰ، روحن کان پڇيو: "آَلستُ بِرَبِّڪُم" ڇا مان مان توهان جو رب ناهيان؟ روحن وراڻيو: قالو بليٰ (هائو).

عشق "آَلست بِرَبِڪُم" والا، خاصان نون ڪيتا خطاب.
بيدل (130_138)

آَلستي: (صفت) الست وارو روز ازل وارو.

عاشق سُڻِ الهام "الستي"، فِڪر فنا دا نہ چوڙين يارو.
بيدل (222_145)

"اَلستي" آواز سڻايائون سَنگَ کي.
بيدل (وحدت نامو_100)

پياريو جام "الستي"، تون آن ساقي سيني جاني.
بيڪس (53)

اَلسماء مِعراجُ الآولِيا: سماع (راڳ) اوليائن جو معراج آهي.

"اَلسماء مِعراجُ الآولِيا"، موٽيا ماڳ وري.
بيدل (وحدت نامو_108)

اَلسماءِ مطرجُ الاوليا: (صوفين جو قول) آسمان الله جي ولين جي سيرَ جي جاءِ آهي.

"السماءِ مطرجُ الاوليا"، موٽيا ماڳ وري.

الصوفِي الذي لايُعدَم بَعَد وجودِهٖ: صوفي اهو آهي، جيڪو پنهنجي وجود کي ختم ڪري.

"الصوفِي الّذي لايُعدَم بَعَد وجودِهٖ"، اچي ٿيو اثبات.
بيدل (وحدت نامو_146)

الصُّوفي مَع الله في کُلّ مکان: هر جاءِ صوفي الله سان گڏ آهي.

"الصُّوفي مع الله في کُلّ مکان"، هو حاضر هر جاءِ.
بيدل (وحدت نامو_145)

اَلفِقرُ لايَحتاجُ اِلا الله: فقير الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو محتاج ناهي هوندو.

"اَلفِقرُ لايَحتاجُ اِلا الله"، ڪنهن جي ڪين نہ ڪاڻ.
بيدل (وحدت نامو_104)

"اَلفِقرُ لايَحتاجُ اِلا الله"، شاهي طبل وڄاون.
بيدل (ابيات سرائڪي_16)

اَلمُخلَصونَ فِي خَطرِ اعَظِيم: مخلص ماڻهو وڏي خطري ۾ آهن.

"اَلمُخلَصونَ فِي خَطرِ اعَظِيم"، هيڙو سندم حال.
بيدل (ابيات سنڌ_28)

اَلمُؤمِنُ حَيٌ فِي الدارين بَل احياءُ عِندِ رَبهِم: مؤمن ٻنهي جهانن ۾ زنده آهن، بلڪ پنهنجي رب وٽ به زنده آهن.

"اَلمُؤمِنُ حَيٌ فِي الدارين بَل احياءُ عِندِ رَبهِم"، سامي تو نہ سُئو.
بيدل (وحدت نامو_173)

اُلُوهيت: (عربي. مؤنث) خدائي، ربانيت.

دَم اِسرار "اُلُوهِيت" دا، بيحد بي پايان.
بيدل (141_213)

اچي اُلُوهيت" جو بِرهَہ اُنايو بار.
بيدل (وحدت نامو_9)

اُليل: (مؤنث) محبت جي چِڪ، عشق جي اڪير.

آذيءَ ويڙا "اُليلَ" مُون، ڪو جو سَڌُ سُيون.
بيدل (65_47)

اِمامُ العارفين: عارفن جو اڳواڻ.

يا "اِمام العارفين"! نينهئون نهار.
بيدل (مرثيہ)

امامان: (سرائڪي) اِمامن سڳورن.

بعد "اِمامان" اُهين عاشق نُون، گهاءُ عشق دي گهايا.
بيدل (192_104)

اَمانَ: (عربي. مؤنث) پناهہ، حفاظت، سلامتي.

لنگهي خوف خلل، آيا مُلڪ "امانَ" ۾.
بيدل (وحدت نامو_21)

اِمدادي: (عربي. صفت) امداد، عنايت، احسان.

ڪرِ "امدادي" يار اسان تي، عشق وارو احوال، يار جاني!
بيدل (72_78)

اَمُرَ: (عربي. مذڪر) حڪم، تقدير، قضا.

"اَمُرَ" انهيءَ جون ڳالهيون اوري، جوڳين پنڌ پرانهون.
بيدل (44_38)

اِهو "اَمُر" شرع جو معاف آهي.
بيڪس (حال نامو)

آمواج: (مؤنث) (موج جو جمع) موجون، لهرون.

حال حلاجي بحر بي پايان،
لڪن مون کو پيو،
منهن آڻي انهيءَ "امواج" جي
بيدل (19_81)

آنا: (عربي. ضمير) مان، آءٌ.

"انا" قادر سبحان اعظم.
بيڪس (حال نامو)

آنا احمد: هي حديث پاڪ جو حصو آهي، حديث هن طرح آهي: "انا احمد. بلا ميم". انهيءَ جو مفهوم آهي: "مان ميم کان سواءِ احمد آهيان."

"آنَا آحمد" رمز نهاني، بِلا ميم احد عَياني.
بيدل (137_107)

"انا احمد" بلا ميم چيائين
بيڪس (حال نامو)

آناالحق: (عربي. جملو) مان حق آهيان. اهائي ذات آهيان. منصور حلاج بي خوديءَ جي حالت ۾ اِهو نعرو هنيو هو ۽ عالمن مٿس ڪفر جي فتويٰ صادر ڪئي ۽ کيس سنگسار ڪيو ويو.

ڪٿ آکيندائين، اعظم شاني، ڪٿ "اناالحق" عياني.
بيدل (170_272)

لِک تون دل جي لَوح تي "اناالحق" اسم.
بيڪس (مناجات_2)

"اناالحق" چئُہ درد دل مدام جود.
بيڪس (حال نامو)

آنا آنتَ فَآينَ آنا: مان تون آهين ۽ پوءِ مان ڪٿي آهيان.

"آنَا آنتَ فَآينَ آنا"، اهو عيش آخص.
بيدل (وحدت نامو_107)

آنا رَبّ انا مُحمّد: مان رب آهيان، مان محمد آهيان.

"اَنَا رَبّ انا مُحمّد"، انهيءَ پنڌ پيا.
بيدل (وحدت نامو_29)

اَنَا عَرَبُ بِلا عَين: آءٌ عين کان سواءِ عرب آهيان.

"اَنَا عَرَبُ بِلا عَين"، آ کِيسُ عربستان ۾.
بيدل (198_215)

اِن اولياءَ الله لايَمُوتُون: الله جا وليءَ مرندا ناهن.

"اِن اولياءَ الله لايَمُوتُون"، فاني ٿين نہ فوت.
بيدل (وحدت نامو_71)

اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا: (سورة حٰمٓ، آيت: 30) بيشڪ جن چيو تہ اسان جو الله پالڻهار آهي، پوءِ اهي مضبوط ٿي بيٺا.

"اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا" اهو سندن ڪم.
بيدل (ابيات سنڌي: 22)

اَنانيت: (عربي. مؤنث) خودداري، پاڻپڻو خودي، خودسري.

چلندا چال "انانيت" دي، هَر مظهر سُلطان.
بيدل (205_211)

اِنتظاري: (عربي. مؤنث) اوسيئڙو راهہ نِهارڻ جي حالت، ڳڻتي، فڪر، اونو جهوري، ڳڻتي.

شب روز "انتظاري"، ڏني برهہ بيقراري.
(بيڪس)

اَنحد: (سنسڪرت. مذڪر) (اَنهد) صوفين جو مخصوص اصطلاح آهي. هن مان مراد، "دل جي صدا" آهي. جڏهن ڪو سالڪ رياضت کان پوءِ بزرگيءَ جي اعليٰ مرتبي تي پهچي ٿو تہ سندس دل مان هڪ آواز نڪري ٿو جيڪو ڪيس ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ کي "انحد" چئبو آهي.

ڪن ريءَ سُيو تن "اَنحد" جي آواز کي.
بيدل (وحدت نامو_106)

"اَنحد" جي آواز سان بيدل، لُونءَ لُونءَ نينهون نچي نچي.
بيدل (82_26)

ڪَنَ رِيءَ سُيو تن، "اَنحدَ" جي آواز ڪي.
بيدل (وحدت نامو-106)

"اَنحد" ۾ آنند ٿيا، ڇُٽا ڪان عذاب.
بيدل (وحدت نامو-107)

سندن ذوق ذري، "اَنحد" سان اَپار ٿي.
بيدل (وحدت نامو-109)

هر گُل داوت رنگ نيارا، بلبل ويک ڪي ماري نعارا، "آنحد" ناد بجاوي
بيدل (71-94)

اَندر: (فارسي. ظرف) منجهه، دل، قلب.

"اندر" آکيرو ڪيو سپريان جي سور.
بيدل (66-15)

انڌير: (سنسڪرت. مذڪر) (واحد: انڌيرُ) ظلم.

بيڪس عشق "انڌيرَ" ڪيا، غازي غمزي دا.
بيڪس (17)

اُنهان: (سرائڪي) اُنهن.

ڪر غور يي "اُنهان" دي، جَن دَمُ لَبان تي آيا.
بيدل (174-114)

اُنهان دا: انهن جو.

آپ نون کوج تہ ٿيوين، بيدل واقف سر "انهان دا".
بيدل (؟-116)

اُنهين: (سرائڪي) انهيءَ.

مرلي "اُنهين" ڊِي تن من اندر ڏاڍا شور مچايا.
بيدل (256-96)

اُو: (سنسڪرت. ضمير) اُهي.

قدمن تلي سِرُ ڌري، چڙهيا "اُو" آڪاس.
بيدل (وحدت نامو-112)

اَوتارُ: (سنسڪرت. مذڪر) ظهور، ٻيو روپ.

اچي ظهورو ڪيائين سارو انساني "اَوتارُ" ۾.
بيدل (61-37)

اوتارو: (سنسڪرت. مذڪر) منزل، جاءِ، اوطاق، مڪان، آستانو.

اچي ٿيو اثبات ۾، ان جو "اوتارو".
بيدل (وحدت نامو-35)

سندس آ عرش، ڪرسيءَ تي "اوتارو"،
هنيائين عشق وحدت جو نغارو.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

اوتارون: اوتارو سان لفظي پڇاڙ /اونِ/ ملائي ان مان/ سندن/ معنيٰ ورتي وئي آهي. سندن جاءِ، سندن منزل.

اتي "اوتارون"، جتي رنگ نہ روپ ڪو.
(وحدت نامو-43)

اوٽ: (مؤنث) اٽڪ، رنڊڪ، اڙ روڪ، اولو اوڍر ڍڪ، پردو سهارو.

عبوديت "اوٽ"، آهي آڏوتين ڪي.
بيدل (نوان بيت-2)

ڇُستيءَ جي چوٽَ هڻ تون، هستيءَ جي "اوٽَ" ٻَجُ تون.
بيڪس (70)

اوٿار: (مذڪر) پُور، خيال، يادگيري.

راتيان، ڏينهان هڪڙو آديسن "اوٿار".
بيدل (63-16)

اوڏو: (سنسڪرت. ظرف) ويجهو نزديڪ، قريب، پر ۾، اورتي.

فڪر فنا رک راس، تہ "اوڏو" ٿئين اثبات ڪي.
بيدل (وحدت نامو-62)

اوڏڙي: (سنسڪرت) (اوڏو جي تصغير) ويجهڙي، نزديڪ، قريب.

نفيءَ ڪي اثبات، لاشڪ آهي "اوڏڙي".
بيدل (وحدت نامو-64)

اوري: (سنسڪرت. ظرف) ويجهو قريب، نزديڪ، هن پاسي.

امر نَهي جون ڳالهيون، "اوري"، جوڳين پنڌ پرا هون.
بيدل (44-38)

اورين: (مصدر: اورڻ) ٻڌائين، سُڻائين.

بيڪس، بيدل توسان آهي، اندر ۾ عشق سان "اورين".
بيڪس (39)

اوست: ان طرفان.

"اوست" جسم و اوست جان و اوست افلاڪ و زمين.
بيدل (مخمس)

اوقات: (عربي. مذڪر) پُور، گُهرج، پُڄندي.

محبت وھ واھ مچ مچايو عشق عجب "اوقات".
(بيڪس)

اوکو: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) ڏُکيو، مُشڪل، اَهنجو (ضد: سوکو).

بيڪس برھون تيو بازر ۾، "اوکو" نباھڻ نينهن.
بيڪس (مثل-17)

اُوليٰ: (عربي. صفت) برتر، بهتر، سڀ کان سٺو اول، پهريون.

سُڄاڻ سامين جو عبادت "اُوليٰ".
بيدل (وحدت نامو-91)

اَوَلا: (واحد: اولو) اهنجا، ڏُکيا، مشڪل، اڙانگا، اٽاوا، سولا جو ضد.

"اَولا" تين سولا، سدا هتئون هن جي.
بيدل (وحدت نامو-91)

اولا 1: (واحد: اولو) پردا، اوٽ، پناھ، چانوَ اجهو آسرو.

تئي صاف دل جي طاقي، لاهيو اکين جا "اولا".
(بيڪس)

اولا 2: (سرائڪي) اولو ڍڪ، پناھ، اڙ ڏُکيو مُشڪل، نرالو.

بيدل يَنِ ڪر ماهر تيوين، عبديت دا "اولا".
بيدل (285-102)

اولو 3: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) اوٽ، ڍڪ، پردو پناھ.

عَبدِيَتَ "اولو" تي بيدل، صوفين جي وَٽُ سمجھ سَجائي
بيدل (31-288)

اولي: (سرائڪي) اولا، پردا، ڍڪ، اجها، آڏار ٽيڪان، اوٽ، پردا.

عشق جَڏان آ پاتي جهاتي، اُتر پَئي سڀ "اولي".
بيدل (279_282)

شاهه دي "اولي" يار ڇپايا، جلوا نُور نوراني دا.
بيدل (301_106)

اونهان: (سنسڪرت مذڪر. سرائڪي. صفت) اونهون عَميق، اٿاهه ڳوڙهو.

دم درياهه سَمُونڊون "اونهان"، بي مثل تي بي نمونا.
بيدل (155_103)

اونهون: (صفت) عميق، گهرو.

"اونهون" سِرُ احديت وارو، سمجهي سگهي ڪير.
بيدل (12_83)

"اونهون" جو اَجهاڳ، پيهي تنهن پاتال ۾.
بيدل (وحدت نامو_136)

اويڙو: (مذڪر. صفت) ڏکيو، اٽانگو، ڏنگو، اَڏنگو زوراور.

توڙي عشق "اويڙو" سڄي، خوني ۽ خونخوار.
بيدل (13_19)

اَويس: (عربي. اسم خاص) حضرت اويس قرني رحمة الله عليه. سندس نالو اويس بن عامر ۽ ڪُنيت ابو عمرو هئي. يمن جي قرن شهر جو رهواسي هو. پرپُٺ ڪائنات جي ڪارڻي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم تي ايمان آندائين ۽ سندن عاشق هو. والده جي خدمت جي ڪري دربار نبوي ۾ حاضر ٿي نہ سگهيو. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کيس "نفس الرحمان" ۽ "خيرالتابعين" لقب ڏنا. هو زهد ۽ عبادت جو پيڪر هو. جنگ صفين ۾ 37هه ۾ حضرت علي رضي الله عنه پاران حصو ورتائين. بهادريءَ سان وڙهندي شهيد ٿيو.

ڪاٿي سالڪ سڏريل، ڪاٿي عين "اويس".
بيدل (46_29)

اُهڃاڻ: (سنسڪرت. مذڪر) نِشان، پارُ پتو، علامت، اُهڃ.

عشق سندن "اُهڃاڻ"، سڀ دم جالن درد سان.
بيدل (وحدت نامو_137)

مَن اَحَبّ شَيئاً اَڪثَر ذڪرَه، عشق اهو "اهڃاڻ".
بيدل (وحدت نامو-37)

آهنڪار: (سنسڪرت. مذڪر) هٺ، غرور، تڪبر، خودي
ڪام، ڪروڌ ۽ موھ وڃايو آديسي "آهنڪار".
بيدل (40-147)

اُهياڻ: (مذڪر) اُهڃاڻ، نشان، علامت، پار.
يَمحُو الله مَايَشاءُ وَ يُثبِتُ، آڏوتن "اُهياڻ".
بيدل (وحدت نامو-87)

اُهون: (سنسڪرت. مؤنث) اُهڃاڻ، رستو واٽ.
ادا رک اعتبار تہ "اُهون" پروڙين ان جو.
بيدل (وحدت نامو-92)

اِهين: (سرائڪي) اِنهيءَ.
سنئيان "اِهين" جوڳيڙي، سانون جادو جوڙ بڇايا.
بيدل (256-96)

اُهندي: (سرائڪي) ان جي.
ونجهلي "اُهندي" دل سانڏي نون، رمزين نال ريجهايا.
بيدل (267-119)

اُهين: (سرائڪي) اُنهيءَ.
چشم "اُهين" دي سانون چيتڪ لايا.
بيدل (100-92)

اَياز: (مذڪر. اسم خاص) سلطان محمود غزنويءَ جو غلام. ڏاهپ، وفاداريءَ حسن جي ڪري محمود غزنوي کي تمام گھڻو پيارو هو.
همه اوست واري حال ۾ محمود سو "اياز" هو.
بيڪس (مدح بيدل جي حضور ۾)

اِيءُ: (سنسڪرت. ضمير) هيءُ، اهو.
هندوءَ زال کان هيٺ نہ ٿيجي، طالب "ايءُ" تڪرار.
بيدل (13-19)

اَياڻي: (سنسڪرت. مؤنث) اڻ ڄاڻ، بي سمجهہ، نادان، مورک، نماڻي.

آءُ ”اياڻي“ عشق نہ ڄاڻان، عشق عجب سر آيو مون.
بيدل (86_46)

آءُ دَرِ تيڏي وڪاڻي، عاشق آجهل ”اياڻي“.
بيدل (174_114)

اِيران: (اسمِ خاص) هن کي پهرين فارس چوندا هئا. پوءِ فريدون جي پُٽ ايرج جي نالي پويان ’ايران‘ سڏيو ويو. هڪ مشهور ملڪ. ڪنهن زماني ۾ ايران جون تلوارون تمام مشهور هيون. بيدل بہ انهن جي تشبيهہ آندي آهي.

ابرو سيف ”ايران“ عجيبن، نيزا بڙچيون بان حبين.
بيدل (83_51)

اِيزد: (فارسي. مذڪر) ڏٽي سڳورو.

زيده بارگاهہ ”ايزد“ مقبل رب القدير.
(بيڪس)

اِيڪ: (سنسڪرت. صفت) هڪ.

حقيقت مجاز ايڪائي ۾ ”ايڪ“ ٿيا.
بيدل (وحدت نامو_10)

ايڪائي ۾ ”ايڪ“ ٿيو سيو ڏوهہ ثواب.
بيدل (وحدت نامو_14)

ايڪائي: (مؤنث) هيڪڙائي، اڪيلائي.

حقيقت مجاز ”ايڪائي“ ۾ ايڪُ ٿيا.
بيدل (وحدت نامو_10)

اَيْنَمَا تُوَلُّوْا: قرآن شريف جي سورالبقر جي 115هين آهي. پوري آيت هن طرح آهي: وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ. يعني: جيڏانهن منهن ڪريو تيڏانهن سندو ديدار.

”اَيْنَمَا تُوَلُّوْا“. عشاقان نون آپ ڏنس دلداري.
بيدل (89_280)

اِيمان: (عربي. مذڪر) عقيدو اعتقاد. ويساهہ. دل جو يقين.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو ڪُفر ءِ ”ايمان“.
بيدل (وحدت نامو_17)

اِينوين: (سرائڪي) ايئن.

يارو عشق آڪيندا "اينوين"، مين سپ وچ سمايا.
بيدل (سرائڪي ابيات-15)

اَيوب: (عربي اسم خاص) (نبي) حضرت ايوب عليه السلام. حضرت اسحاق عليه السلام جو وڏو پٽ. رضا الاهي سان سندس جسم ۾ ڪيئنان پئجي ويا. ايتري تائين جو ڪيڙن جي ڪري جسم بدبودار ٿي ويس. پاڙي وارن توڙي شهر وارن ڪيس شهر ۾ رهڻ نہ ڏنو. گهڻيون ئي تڪليفون سَهڻ کان پوءِ الله تعاليٰ جي فضل سان صحتياب ٿيو. بيدل بہ انهيءَ ڳالهہ جو ذڪر آندو آهي.

ڪرمِ "ايوبُ" نبي نون بچئا، ول جرجيس جلائي هو.
بيدل (203-255)

اِيهو: (سنسڪرت. ضمير) اِهو.

"اِيهو" شهنشاهہ، اولي عبديت جي.
بيدل (وحدت نامو-49)

"ب"

بَحق: (فارسي. ظرف) خدا جي واسطي، الله لڳ.

منهنجو رک دارين ۾، پردو "بَحق" ابوتراب.
بيڪس (مناجات_1)

بِحمد الله: الله جي ساراهه سان.

"بحمد الله" ڪريان تعريف رب جي.
بيڪس (حال نامو)

بابُ: (عربي. مذڪر) ڪتاب جو حصو مضمون، داستان.

بي سريءَ جو "بابُ"، پڙهي پڙهيو وِسار تون.
بيدل (وحدت نامو_115)

بي خوديءَ جو "بابُ" پڙهج تون، سالڪ سڀ جماندر جَمُ.
بيدل (27_34)

بابون: باب لفظ سان /ئون/ پڇاڙ ملائي، ان مان /مؤن/ معنيٰ ورتي وڃي ٿي. باب مؤن، مضمون مؤن.

ڪج نُڪتو توحيد جو حاصل هر "بابون".
بيدل (81_44)

باتيان: (سرائڪي) باتيون، ڳالهيون.

مذهب دي "باتيان"، نون برها، هڪ پَل وچ اُڏاويگا.
بيدل (312_128)

بادامُ: (فارسي. مذڪر) مشهور ميوو ڪنايتاً محبوب جي اک.

نرگس چشمان نين شرابي، چشم چوان يا "بادامُ" چوان.
بيدل (83_51)

با دل: (سنسڪرت) (با = سان + دل) دل سان.

ڪندو پڻ دستگيري "با دِلِ".
(بيڪس_ حال نامو)

بارُ: (فارسي. مذڪر) وزن، بوجهہ، لَڏو.

"بارُ" بليٰ سِرِ چا اُنهان ڏتڙا، جرأت نال جواب.
بيدل (130_138)

آيو سِرِ عُشاقن جي تي، برھہ جو باري "بار".
بيدل (13_19)

دردمندن جي دل تي دلبر، "بار" رکيو ڪو باري
بيڪس (56)

باران: (فارسي. مذڪر) مينهن، برسات، بارش وسندڙ.

عارفن سر برھہ جو "باران" ٿيو.
بيدل (مرثيو)

بيڪسَ دي سر حُسن دي حلقي، برھہ ڪيو "باران".
(بيڪس)

باري: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) ڳرو وزني، ڀاري

برھہ جو "باري" بار، رمز بازن ريءَ ڪير اُنائي.
بيدل (25_12)

دردمندن جي دل تي دلبر سائين، بار رکيوَ ڪو "باري".
بيڪس (56)

بازُ: (فارسي. مذڪر) هڪ قسم جو شڪاري پکي. نهايت مٿي اُڏام ڪري ٿو ۽ تيز رفتار اُڏامي ٿو.

توڙ دوالي يارَ بيخوديءَ جو "بازُ" اُڏايو.
بيدل (73_67)

بازاري: (مذڪر. صفت) بدچال، عام.

پوڙي حقيقي لاشڪ هويا، بيڪس برھہ "بازاري".
بيڪس (56)

بازان: (سرائڪي) بازن.

"بازان" وانگو ڏيون باولين، ڪاون خوب نوالي.
بيدل (ابيات سرائڪي_4)

بازرِ: (مؤنث) بازار.

بيڪس برهون ٽيو "بازرِ" ۾ اوکو نباهڻ نينهن.
(بيڪس)

بازي: (فارسي. مؤنث) راند. کيل تماشو ڪرتب. هنر.

ظاهر بندو باطن مولا. برهہ جي "بازي" پُرجهي ڪير.
بيدل (60_23)

باس: (سنسڪرت. مؤنث) بانس، بوءِ، اڳواٽ خبر، سماچار.

بي سريءَ جي "باس" اچي، تن جي تن مون.
بيدل (وحدت نامو_112)

باصَدُ: صدربار سؤ ڀيرا.

پانڌي ادا پِرَ کي چئج، "باصَدُ" نيازون سَڏُ ڪري.
بيڪس (61)

باطن: (عربي. مذڪر. صفت) ڳجهو لِڪل، مَخفي، ظاهر جو ضد.

ظاهر "باطن" کيل کلايم، ناهہ عجيب تو ناهيان.
بيدل (21_40)

باطونا: (صفت) (سرائڪي) باطني، ڳجهو مخفي.

موج اهين دي ظاهر "باطونا" قطره بحر سمائي دا.
بيدل (155_103)

باڪ: (فارسي. مذڪر) ڌر ڊيڄو خوف. خطرو انديشو فڪر.

مون جيها ناقص نوازين، غير تو ناهي ڪو "باڪ".
(بيڪس)

بالا: (فارسي. صفت) مٿاهون، مٿي، اوچو اعليٰ، اُتم.

"بالا" عرش اوتارو تنهنجو هِت تو پير گُهمائين.
بيدل (03_43)

بالفضل: (ظرف) فضل سان.

ڪيو ظهورو ذات تنهنجي "بالفضل".
(بيڪس)

بالم: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) پريتم، پيارو مڙس، عاشق، بي خوف.

بار برهہ جو بانڪا "بالم"، چم چائن، سِرِ چاهون.
بيدل (44_38)

بان: (سنسڪرت. مذڪر) باڻ، تير.

ابرو سيف ايران عجيبن، نيزا بڙڇيون "بان" حبيبن.
بيدل (83_51)

باندي: (فارسي. مذڪر. صفت) قيدي، بند ٿيل، بند ۾ پيل، گرفتار.

برهہ ڪئي "باندي"، وي سڄڻان.
(بيڪس)

بانڪا: (سنسڪرت) (بانڪي جو جمع) البيلا، سرڪش، دلير، بهادر.

بار برهہ جو "بانڪا"، بالم چُم چائن سِرِ چايون.
بيدل (44_38)

بانڪو: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) (جمع بانڪا) البيلو سرڪش، سورهيہ

"بانڪو" بي نشان ماري دم اثبات جو.
بيدل (وحدت نامہ_148)

بانڪي: (سرائڪي) بانڪو.

برهہ دا "بانڪي" بارُ گهڻيرا، بِسم الله ڪرِ چايا.
(بيدل)

باني: (عربي. مذڪر. صفت) بنائيندڙ بنياد وجهندڙ.

برهہ نہ ٿئي "باني"، قطبي مُطوَل سندو.
بيدل (وحدت نامو_128)

باوَرُ: (فارسي. مذڪر) ڀروسو اعتبار يقين.

"باوَرُ" ڪر تون ٿي مردانو، وحدت جو ڪو يار واپار.
بيدل (34_22)

باؤلي: (فارسي. مؤنث) اٽڪلي، حرفتي، ڦيري، لامارو جهپٽو ڪلابازي.

هَڻُ تون "باؤلي" برهہ جي بيدل، لامڪانُون ٿي ڪر نازل.
بيدل (73_67)

باؤليان: (سرائڪي) لامارا، جهتا، جهپٽا.

بحري باز ۾ وانگڻ نين تيڏي، سِر عشق بازان ڏيون "باؤليان".
بيدل (243_109)

باؤلين: (سرائڪي) واحد. باؤلي.

بازان وانگون ڏيون "باؤلين"، ڪاون خوب نوالي.
بيدل (ابيات سرائڪي_4)

باهوت: (مذڪر) تصوف ۾ معرفت جي هڪ منزل، هاهوت کان پهرين واري منزل.

رکيو قرب قدم، بيراڳن "باهوت" ۾.
بيدل (وحدت نامو_28)

بيراڳن "باهوت" ۾، جهاتيون جي پاتيون.
بيدل (وحدت نامو_101)

بَحرُ آهيان "باهوت"، جو لُڙهان ۾ لاهوت.
بيدل (متفرقہ ابيات_50)

تون "باهوت"، ها هوت جو آهين ستگُر.
بيڪس (37)

باهيان: (سر) باهيون. واحد: باهہ.

نينهن نيڪ نامي نون گنواءِ ڇوڙيا،
جڏان آڻ ڪي عشق "باهيان" باليان.
بيدل (243_109)

بايزيد بُسطامي: (عربي. اسم خاص) (ابويزيد بُسطامي (15 شعبان 261 ھ/ 15 مئي 875ع) مشهور اوليائن مان هو. سندس والد جو نالو عيسيٰ بن شروهو. بسطام، ايران جي صوبي قدرمس جو شهر آهي، تنهن ڪري بسطامي سڏايائين. هن بزرگ بابت گهڻو احوال ڪونہ ٿو ملي. ابو عبدالرحمان سلمي جي ڪتاب "طبقات الصوفيہ"، ابو نعيم اصفحاني جي "حليتہ اوليا" ۽ فريد الدين عطار جي "تذڪرة اولياءَ" ۾ ڪجهہ احوال ملي ٿو. اهو هن طرح آهي:
"مدرسي ۾ قرآن شريف پڙهي رهيو هو تہ سوره لقمان جي

آيت "ان اشڪرلي وبوالديڪ" (منهنجو بہ شڪريو ادا ڪريو ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ جو بہ) پڙهي رهيو هو تہ استاد ڪان انهيءَ آيت جي معنيٰ پڇيائين ۽ تمام گهڻو متاثر ٿيو. استاد ڪان موڪل وٺي گهر آيو ۽ اَچي اَمڙِ کي چيائين: "الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي تہ منهنجو شڪر ادا ڪريو ۽ ابي اَمڙِ جو بہ. مان پڇڻ آيو آهيان تہ اڪيلو مون کان ٻن گهرن جو انتظام نہ ٿي سگهندو هاڻي تون پنهنجي لاءِ مون کي الله کان گهري وٺ. تہ جيئن تنهنجي خدمت لاءِ وقف رهان يا وري مون کي الله جي حوالي ڪر تہ ان جو ٿي رهان." امڙ وراڻيس "وڃ، مون تو کي پنهنجو حق بخشي ڇڏيو الله جو ٿي ڪم ڪر."
چيو وڃي ٿو تہ هن گدرو ڪاٽڻ کان انهيءَ ڪري لنوايو تہ خبر ناهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن اهو ميوو ڪهڙيءَ طرح ڪاڻو هو. انهيءَ ڪامل تقليد جو نالو عشق آهي. سُڪُر جي حالت ۾ سبحان الله بجاءِ "سبحاني ما اعظم شاني" (مان پاڪ آهيان، ڪيڏو نہ منهنجو شان آهي.) چيائين.

"بايزيد بُسطامي" نون، مااعظم شاني آکيندائين.
بيدل (212_231)

بتاوندا: (سرائڪي) ٻُڌائي ٿو، سُڻائي ٿو.

حسن اسانڏا هادي برحق، وحدت راهہ "بتاوندا".
بيدل (282_98)

بتاوي: (سرائڪي) ٻُڌائي.

ٻاجُهون فاني ٿيوڻ اپني، عشق دي راهہ "بتاوي" ڪونِ.
بيدل (313_200)

بڄائي: (مصدر: بڄائڻ) حملو ڪرائڻ.

صورت ساڏا سيرُ پلايا، زوريءَ برهہ "بڄائي".
بيدل (236_265)

بَڄائين: (فعل متعدي مجهول) ٻڄ ڪرائين، حملو ڪرائين، ڪاهہ ڪرائين.

محبت ماريو مسڪينن کي، بيڪس برهہ "بڄائين ٿو".
بيڪس (45)

بَڇايا: (سرائڪي) بڇايو، پوبان لڳايو.

هَس هَس مين نون، تہ برهہ "بڇايا".
(92_100)

سنئيان اِهين جوڳيئڙي سانون، جادو جوڙ "بڇايا".
بيدل (256_96)

بَحر: (عربي. مذڪر) درياهہ، سمنڊ، اونهون پاڻي.

بوڙج بيائي، انهيءَ "بحر" عميق ۾.
بيدل (وحدت نامو_59)

"بَحرُ" آهيان باهوت جو لُڙهان ۾ لاهوت.
بيدل (متفرق بيت_5)

بَحر بي پايان: (عربي. مذڪر) (اصطلاح) تمام وڏو درياهہ، تمام وڏو سمنڊ.

حال حلاجي "بحر بي پايان"، لَڪِن مون ڪو پيو.
بيدل (19_81)

بَحري باز: (عربي. مذڪر) هڪ قسم جو باز. سڀ ڪان زوراور باز. باز جي هڪ جنس.

محبوبان دي نين شڪاري، جيوين "بحري باز".
بيدل (274_112)

بحر و بر: (عربي. مذڪر) جهر جهنگ، جل ٿل.

اي يتيمن جا اجها، بادشاهہ "بحر و بر".
(بيڪس)

بر و بحر: (مذڪر) جل ٿل، زمين ۽ پاڻي.

"بر و بحر" شاهہ حاضر، حيرت ۾ بشر حافي.
بيدل (82_85)

بَخشِش: (فارسي. مؤنث) ڏات، امداد، عطا.

چئج ڏس احوال گر "بَخشِش" ڪِري
بيدل (مناقبو)

بخشيج: (فارسي) تون بخش، عطا ڪر، امداد ڪر.

سوز عشق جو سُپرين، بهرو ڪو "بخشيج".
بيدل (48-8)

بَد: (فارسي. صفت) خراب، بچڙو منحوس.

توڙي بلڪل "بَدِ" تہ، بہ دَرَ آئي دادُ لهي.
بيدل (وحدت نامو-86)

ڪِڏي ڇڏ تون منجهئون پنهنجي، دوئي "بد".
بيڪس (مثنوي)

بَدر الڪمال: (عربي) (تشبيه) چوڏهين جو چنڊ، پورو چنڊ.

تون حسيني بادشاهہ "بدر الڪمال".
بيدل (مناقبو)

بدناميون: (فارسي) (بدناميءَ جو جمع) خواريون، رُسوائيون.

برهَہ جا باز "بدناميون"، چُمِي چشمن تي چايا سي.
بيدل (37-84)

بَرباد: (فارسي. مذڪر. صفت) (بر = تي + باد = هوا) ناسُ، چٽ، تباهہ.

بيون سڀ عِلمُ عقل جون ڳالهيون، برهہ بنان "برباد".
بيدل (59-10)

برتر: (فارسي. صفت) مٿانهون، بلند. وڏيڪ، عمدو.

"برتر" آهہ بيان، تنين جو تقرير ڪون.
بيدل (وحدت نامو-94)

بُرجُ: (عربي. مذڪر) مينار، گنبذ، اهو دائرو جنهن تي زمين سج جي چوڌاري گُهمي ٿي. هيئت دانن ان کي ٻارنهن حصن ۾ ورهايو آهي، هرهڪ حصي کي "بُرجُ" چئجي ٿو.

ماهُہ "بُرجُ" سيد الابرار تون.
بيدل (مناقبو)

بَرحال: (فارسي. ظرف) برابر، قائم، واجبي، نيڪ، موزون، واجبي.

ظاهر مون دل ذوق نہ پائي، باطن رَک "بَرحال".
بيدل (33-32)

برحق: (فارسي. صفت) سچ، دُرست، حق تي.

حسن اسانڏا هادي "برحق"، وحدت راهہ بتاوندا.
بيدل (282_98)

بردا: (سرائڪي. فارسي. برده) بردو وڪاڻل، غلام، ٻانهو قيدي

بيدل غلام دَرُ دا، اصلي قديم "بردا".
بيدل (174_114)

بَرسر: (فارسي) مٿي، مٿان.

تہ ڪيئن منصور "بَرسر" دار آهي.
بيڪس (مثنوي)

بِرهُہ: (سنسڪرت. مذڪر) هجر، فراق، جُدائي.

اچي الوهِيَتَ جو "بِرهہ" اُنايو بارُ.
بيدل (وحدت نامو_9)

هو الاول ولآخر والظاهر والباطن، سدا "بِرهُہ" بهار.
بيدل (وحدت نامو_31)

"بِرهُہ" بهاري تي چوڏاري، محبت ونڙا مينهن.
بيڪس (34)

برها: (سرائڪي. مذڪر) برهہ، عشق، جُدائي، فرق، هجر.

مذهب دي باتيان نُون "برها"، هڪ پَلَ وِچ اُڏا ويگا.
بيدل (312_128)

بُرهان: (عربي. مذڪر) يقيني دليل، روشن، جنهن ۾ شڪ ۽ شُبهو نہ هجي.

سر "بُرهان" خلق دي خواري، خاصان عام هنسائي هو.
بيدل (203_255)

برهما: (سنسڪرت. اسم خاص. صفت) هندن جي عقيدي ۾ هڪ ديوتا جو نالو جنهن کي دنيا جو بنائيندڙ مڃيو وڃي ٿو. مورتين ۾ برهما کي گهڻو ڪري وشنو جي ڌُن مان ڦٽل هڪ ڪنول مان پيدا ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. سندس پنج سِرَ هئا، جن مان هڪ شِوَ تباهہ ڪيو هو. راج هنج تي سواري ڪندو آهي. ديوي سرسوتي سندس محبوبہ آهي.

ڪاتي بيدُ پڙهي ٿو "برهما" ڪاتي مسلمان.
بيدل (35_40)

ڪتي ڪافر سڏائي، بيد "برهمان".
بيڪس (حال نامو)

بَرهمٽا: (سرائڪي) برهمڻ.

مُلاّ قاضي بندا ڳُرندا، "برهمٽا" دا بيڪ.
بيدل (167_173)

برهون: (سنسڪرت. صفت) برهہ مان، برهہ منجهان، برهہ جي ڪري، برهہ سببان.

بيڪس "برهون" ٿيو بازر ۾، اوکو نباهڻ نينهن.
(بيڪس)

بَرهين: (سنسڪرت. صفت) برهہ لفظ سان /اين/ پڇاڙ ملائي ان مان /۾/ معنيٰ ورتي وئي آهي. هجر ۾، فراق ۾.

واهہ وڃاءِ تون نينهن نغارو بيدل "برهين" بي اختيار.
بيدل (34_22)

بَرّڇيون: (فارسي. مؤنث) (برڇيءَ جو جمع) نيزا، ڀالا.

ابرو سيف ايران عجيبن، نيزا "برڇيون" بان حبيبن.
بيدل (83_51)

بُزرگي: (سنسڪرت. مؤنث. صفت) برتري، وڏائي، عزت ءِ شانُ، شرافت

"بُزرگي" کون پڇي بيدل، رنگيءَ جا رنگ رچايا سي.
بيدل (37_34)

بُستان: (فارسي. مذڪر) باغ، گلستان، چمن.

آيس ابراهيم تي، باهہ ڪيمر "بُستان".
بيدل (47_39)

بُسطامي: (صفت) بسطام شهر جو رهاڪو، ڏسو بايزيد بُسطامي.

"بُسطامي" ڪنون سبحاني دا، پيد کهايا مين وومين.
بيدل (168_324)

"بُسطامي" دا ڪر بهانا، آکيس اعظم شاني.
بيدل (168_324)

بَسنت: (سنسڪرت. مذڪر) بهار جي مند، جيڪا ويساک مهيني (مارچ مهيني جي 20 هين تاريخ کان شروع ٿئي ٿي).

حسن "بَسنت" بهانا ڪِيتُس، آپ وِڪاوڻ آيا.

بيدل (97-99)

بَسَنتي جامہ: (سنسڪرت. صفت) زرد رنگ جو لباس، هيڊي رنگ وارو لباس، هيڊاڻ ڇانئجڻ، معشوق.

نرگس چشم "بَسَنتي جامہ"، زلف بنفشہ، رُخُ گفام.

بيدل (95-97)

بَسيهَر: (سنسڪرت. مذڪر) زهريلو نانگ، واسينگ، ڪاريهر نانگ.

برهہ دي "بَسيهَر" ڏنگ جو ماريا، زخم انهين دا هي ڪاري

بيدل (184-313)

بَشَرُ: (عربي. مذڪر) انسان، اِنس، بني آدم.

نہ ڪو پَرِيءَ پيرُ نہ ڪا بوءِ "بَشرُ" جي.

بيدل (متفرق بيت-6)

بشر حافي: (150ھ- 10 محرم 227ھ) بشر بن حارث ڪُنيت ابونصر ۽ لقب "حافي" هو. حافي لفظ جي لفظي معنيٰ آهي: پيرن اُگهاڙو. خراسان جي مرو رياست ۾ جنم ورتائين. پنهنجي مامي علي خيشرم جو مريد هو. بغداد ۾ رهيو. زهد، تقويٰ ۽ رياضت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. امام احمد حنبل، فصيل بن عياض، شيخ عبدالقادر جيلاني، حضرت جنيد بغدادي جي صحبت ۾ گذاريائين. جيستائين زندهہ رهيو ڪنهن چوپائي جانور بغداد جي گهٽين ۾ ڇيٽو نہ لاٿو. حرمت سبب هميشه پيرن اُگهاڙو رهندو هو پُڇڻ تي چوندو هو تہ. توبه پيرن اُگهاڙو هئس، هاڻي جُتي پائيندي شرم ٿو اچي. قرآن مجيد ۾ پڙهيو اٿم. الله تعاليٰ فرمائي ٿو "۽ اسان زمين کي فرش بنايو." هاڻي جنهن زمين کي حقيقي شهنشاهہ فرش بنايو تنهن فرش تي جُتي پائي گهمڻ ۾ شرم ٿو اچي. مان الله جي ٺاهيل فرش تي جُتيءَ سان ڪيئن گهمان.

بر بحر ۾ شاهہ حاضر، حيرت ۾ "بشر حافي".
بيدل (82_85)

بشريت: (مؤنث) آدميت، انسانيت، غلطيءَ جو امڪان.

موج وحدت جي وڃايو وَهمُ "بَشريت" سندو.
بيدل (43_73)

بَصير: (عربي. مذڪر. صفت) ڏسندڙ داناءُ، الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

سميع "بَصيرُ" نہ ڪوئي ڏوجها، سِرُ سمجهہ انسان دا.
بيدل (؟_116)

بَقاءُ: (عربي. مذڪر) جِئاءُ، هميشه رهڻ جي حالت.

خودي ڪر فاني تہ پسين باغ "بقاءُ" جو.
بيدل (ابيات سنڌي_4_9)

بِکاري: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) پينو فقير، گداگر، خيرات گهرندڙ.

منگي دانُ بيدل برهہ جو "بِکاري".
بيدل (80_63)

بِلا: (عربي. ظرف) کان سواءِ، بغير، ازان سواءِ.

انا احمد، رمز نهاني، "بِلا" مِيم اَحَدُ عياني.
بيدل (137_107)

بَليٰ: (مذڪر. ظرف) چو نہ، هائو.

چيائين ازل ۾ الست بربڪم،
"بَليٰ" موتي چيو تنهن شاهہ ربڪم.
بيڪس (مداح)

بلبل: (فارسي. مذڪر) هڪ ننڍڙو جهرڪيءَ جيترو خوبصورت پکي. ان کي گُل جو عاشق تصور ڪيو وڃي ٿو.

رُخُ سجڻ جو گل گلابي، "بُلبل" ويک ٿيوي بيتابي.
بيدل (83_51)

بَليتا: (سرائڪي. مذڪر) پليتو بارود سان پريل ڏوري جنهن سان بندوق جو ڪارتوس چوڙيو ويندو آهي.

برھہ بندوق بَنِ مارين سانون، جوڙڪي نين "بَليتا".
بيدل (171_111)

بَنُ: (سنسڪرت. مذڪر) جهنگ، بيابان، صحرا.

بي سِريءَ جو "بَنُ"، لنگهي لاھوت ويا.
بيدل (وحدت نامو_114)

بنايوئي: (سرائڪي) بنايئِہ، بڻائِيئِہ

بَرزخُ جامع وحدت ڪثرت، واھہ انسان "بنايوئي".
بيدل (170_272)

بَندو: (مذڪر. صفت. فارسي. بنده) ٻانهو، تابعدار، غلام، مطيع، نوڪر، فرمانبردار، انسان. بشر.

ظاهر "بندو" باطن مولا، بِرھَہ جي بازي پُرجهي ڪير.
بيدل (60_23)

بيڪس "بندو" برھہ جو رمزان سڄڻ ڏاڍيون رکيون.
بيڪس (44)

بنينداٿين: (سرائڪي) بنائين ٿو بڻائين ٿو.

آتش تيز خليل دي اتي، باغ بهشت "بنينداٿين"
بيدل (212_231)

بڙڇي: (فارسي. مؤنث) لوھہ جي ڇهنبدار لٺ، ڀالو نيزو.

"بڙڇي" وانگ ذڪالي ڏيندين، يا ڪاٽي تيز ڪٽاري.
بيدل (ابيات سرائڪي_5)

بوستان: (فارسي. مذڪر) بستان، باغ.

ڪيائين باھہ مان "بوستان" بيشڪ.
(بيڪس)

بَهار: (فارسي صفت) سرهي مند، گلن ٽڙن جي مند، بَسنتَ رُتِ، رونق، خوشي.

هوالاول ولآخر والظاهر والباطن. سدا برھہ "بهار".
بيدل (وحدت نامو_31)

بَهارِيو: سرسبز ٿيو، ساٿو ٿيو بهاريءَ ۾ آيو.

مُلڪ مارن جو نِتُ "بِهاريو"، تو ڪيئن چٽڙو چايو.
بيدل (42_64)

بَهانو: (فارسي. مذڪر) عُذر، حيلو.

آدم حوا جو ڪيم "بهانو"، سهسين نام سڏايان.
بيدل (20_54)

بيدل صورت ڪري بهانو، چالا عجب چلايان.
بيدل (20_54)

بهاني: (فارسي) سبب، عذر ۾، حيلي ۾.

هن مظهر ۾ ڪاڻ "بهاني"، بيدل نام سڏايان.
بيدل (38_49)

بَهبود: (فارسي. مؤنث) ڀلائي، چڱائي، خيرخواهي.

بيدل بِرهہ اختيار ڪر، جي ٿو گهرين "بهبود" تون.
بيدل (17_59)

بهرا: (سرائڪي) ڀهرو ڀاڱو حصو ڀتي، نصيب، قسمت، فائدو نفعو.

قَبح وچون ڳِهن حُسن دا "بهرا"، ڪفر وچون ايمان دا.
بيدل (156_135)

بهرِ الله: (فارسي. عربي. ظرف) الله واسطي، خدا ڪارڻ.

ارض تي آهين والي "بهر الله".
بيدل (مناقبو)

بَهرِ مولا: (فارسي. ظرف) الله جي واسطي، خدا ڪارڻ.

"بَهرِ مولا" در دلِ ما اندر آ.
بيڪس (مناجات_2)

بَهَرو: (فارسي. مذڪر) حصو ڀاڱو.

شاهہ! بيدل کي برهہ "بَهَرو" ڏيار.
بيدل (مرثيو)

بخش "بهرو" عشق جو سلطان تون.
(بيڪس)

بهره ور: (فارسي. صفت) خوش قسمت، فيضياب.

ڪريم هادي بہ اڪبر تون، بيڪس کي ڪر "بهره ور".
بيڪس (قلندر ماڙڪر...)

بهشتي باغ: (فارسي) (محاورو) جنت جو باغ.

چڏ سَڏَ "بهشتي باغ" جي، ملڪوت ۾ مشهود تون.
بيدل (17_59)

بَهِيان: (سرائڪي) باهيون، آتش.

عشق جوڳي دي بيدل سانون، ويک لايان هُڻ "بَهِيان".
بيدل (262_201)

ڪيهي لا تئہ يار جاني، بِرهہ ديان سائُون "بَهِيان".
(233_259)

بهيران: (فارسي. مؤنث) (بهير جو جمع) بهيرون: لشڪر، انبوهہ

يا شاهہ بيدل برهہ جو "بهيران"،
سيني سالڪن جو تون آن پير پيران.
بيڪس (43)

بيان: (عربي. مذڪر) گفتگو داستان، ڳالهہ، ڪلام.

ننڍ نياڳيءَ وڏو نهوڙي، هي بہ هڪڙو "بيان".
بيڪس (مثل_10)

بي اختيار: (فارسي. صفت) بي وس، لاچار، مجبور، بي قابو، خودبخود، سواءِ ارادي جي.

ڪري اپياس چڙهي آڪاسين، بانڪو "بي اختيار".
بيدل (40_147)

بي اختياري: (فارسي. مؤنث) مجبوري، بي وَسي، بي خودي، ڪمزوري.

مون کي بي خود "بي اختياري"، ڪيفي نيڻن ڪيوڙي جيڏيون.
بيدل (14_58)

بي انت: (فارسي. صفت) بي شمار، حد کان وڌيڪ، جنهن جو شمار ڪري نہ سگهجي.

بيدل برهہ "بي اَنت" آءِ، عام ٿا اِئين چون.
بيدل (85_14)

بي باڪ: (فارسي. مذڪر. صفت) بي خوف، بهادر، دلير.

بيراڳي "بي باڪ"، عنصر ڪؤن آزاد ٿيا.
بيدل (وحدت نامو_34)

مار نغارو وحدت وارو بيدل ٿي "بي باڪ".
بيدل (23_30)

بيتابي: (مؤنث. صفت) بيقراري، پريشاني، بي چيني.

رُخ سجڻ جو گل گلابي، بُلبل ويک ٿيوي "بيتابي".
بيدل (83_51)

بي پا: (فارسي. صفت) (بي = سواءِ + پا = پير) مجازاً بنا هٿن پيرن جي.

صوفي صافي بيَسر "بي پا" ديد ڪيا ديوانا.
بيدل (28_5)

بي پا وَ سر: (فارسي) سواءِ پيرن ۽ سسيءَ جي.

ڪر مون کي بيدل جيان "بي پا وَ سر"
(بيڪس)

بي پايان: (فارسي. ظرف، صفت) بي انت، بي حساب، اڻ کُٽ.

دَمُ اسرار اُلُوهيّتَ دا، بيحد "بي پايان".
بيدل (141_213)

بي پروايان: (سرائڪي) بي پرواهيون، لاغرضيون، بي نيازيون.

ويک کي تيڏيان "بي پروايان"، ساڏا جيءُ ڪماٽا.
بيدل (269_131)

بي خود: (فارسي. صفت) مخمور بي هوش، بدهوش، پاڻ کان ٻاهر، وجد جي حالت، بي خبريءَ جو عالم.

مون کي "بي خود"، بي اختياري ڪيفي نيڻن ڪيو ڙي جيڏيون.
بيدل (14_58)

بي سِري وچ عاشق مارِن، "بي خود" دَمُ سلطاني.
بيدل (302_106)

عارف ٿيا علام، "بي خوديءَ" بابُ پڙهي.
بيدل (وحدت نامو_23)

بي دردان: (سرائڪي) بي قياس، بي رحم، سنگدل، ڪٺور دل، جنهن کي ڪو درد نہ آهي.

ذوق سرود پُڇو درويشان، "بي دردان" نون ڪل نہ ڪائي.
بيدل (31_288)

بيدل: (فارسي. صفت) بنا دل جي، دل کان سواءِ، قادر بخش جو تخلص.

منجهہ صفت جي نور عالي "بيدل".
(بيڪس)

بيراڳي: (مذڪر) ويراڳي، سنياسي، تارڪ، اُداس، عاشق.

بيکُ "بيراڳي" مُک وچ مُرلي، درد ڪنهين ڏمڪايا.
بيدل (256_96)

بي راهي: (فارسي. صفت) گمراهہ، لامذهب، دستورَ خلاف.

حقيقت ۾ هڪ تيو "بي راهي" ۽ راهہ
بيدل (وحدت نامو_20)

بي رنگ: (فارسي. مذڪر. صفت) بنا رنگ جي، رنگ روپ کان سواءِ، جنهن ۾ ڪو مخصوص رنگ نہ هجي، بي مثال.

آج پيا هوري کيلن آيا، سهسين رنگي "بيرنگ" سمايا.
بيدل (100_92)

ايڪائيءَ ۾ ايڪ تيو "بي رنگي" ۽ رنگہ
بيدل (وحدت نامو_15)

تون سلطان "بي رنگ" رنگ ۾ سمائين.
(بيڪس)

بي سِر: (فارسي. مذڪر. صفت) سِر کان سواءِ.

سٽي سرود سڪر ۾ بيخود، "بي سِر" پهرن قرب ڪُلاهان.
بيدل (32_52)

بي سري: (فارسي. صفت) لاغرضي، ضد، هوڏ.

"بي سريءَ" جي بانس، اچي تن جي تن مون.
بيدل (وحدت نامو_112)

"بي سِري" وچ عاشق مارِن، بيخود دم سلطاني دا.
بيدل (302_106)

بي سروپا: (فارسي. مذڪر. صفت) [جنهن کي نہ مٿو هجي نہ پير]، عاجز، ضعيف، هيڻو بي طاقت، محتاج.

شاهہ منصور جيهي "بي سروپا"، صورت وچ مجاز.
بيدل (274_112)

بي قراري: (فارسي. مؤنث. صفت) لوچ، بي آرامي.

شب روز انتظاري، ڏني بِرهہ "بي قراري".
(بيڪس)

بيڪس: (فارسي. صفت) اڪيلو بي يارو مددگار محتاج، غريب، عاجز لاچار بي وس.

"بيڪس" ڪاڻِ پنيور پِرِ آرياڻي تون اچيج.
بيدل (48_8)

سڄ "بيڪس" اهو ساڳيو بہ تون آهہ.
بيڪس (افتتاحيہ مثنوي)

بي ڪنار: (فارسي. صفت) بنا ڪنڌيءَ، بنا ڪناري، وسيع، بي حد.

عشقي ڪا درياءُ، "بي ڪنار" عَميقُ سٽيجي.
(بيدل)

بي مردان: (فارسي) نااُميدن، ناڪام ٿيلن.

"بي مردان" جون مُرادان، تون پڄائين بي حساب.
بيڪس (مناجات_1)

بي وسيلن: (فارسي) جن وٽ ذريعو نہ هجي، بي سهاري.

"بي وسيلن" جا وسيلا، بيڪسن جا واهہ وير.
بيڪس (مناجات_1)

بي ويساهہ: (فارسي. صفت) جنهن تي پروسو نہ هجي.

ڪاٿي وحدت وڻجارو ڪاٿي "بي ويساهہ".
بيڪس (78)

بيبيو: (فارسي) وقلندو.

پاڻ نہ پسين پانھنجو، "بيبيو" وتين ٻَرُ.
بيدل وحدت نامو-123)

بيد: (ھہ ذ) (مذڪر) (/ب/، /و/ ۾ بدلجي آيو آھي). ويد ھندن جا قديم ڌرمي ڪتاب. ويد چار آھن: 1. رگ ويد، 2. سام ويد، 3. يجر ويد، 4. اٿر ويد.

ڪاٿي "بيد" پڙھي تو برھما ڪاٿي مسلمان.
بيدل (35-48)

ڪاٿي ڪافر سڏائي، "بيد" برھمان.
بيڪس (افتتاحيہ مثنوي)

بيدار: (فارسي. صفت) سجاڳ، خبردار.

غافل نہ آھين غيرُ تون، ٿيءُ بِرھَہ سان "بيدار" ميان.
بيدل (04-25)

بيراڳ : (سنسڪرت. مذڪر) /ب/، /و/ ۾ تبديل ٿئي. ويراڳ، لذتن کي ترڪ ڪرڻ، دنياوي خواھشن کان آزادي، دنيا کي تياڳ، زھد، جوڳ.

بيدل رَھُہ "بيراڳ" ۾، پاڻ ڪنان پل خيال.
بيدل (64-33)

بيراڳن: (بيراڳي جو جمع) دنيا کي تياڳ ڪندڙ تپسا ڪندڙ رياضت ڪندڙ (جوڳي).

"بيراڳن" باھوت ۾، جھاتيون جي پاتيون.
بيدل (وحدت نامو-101)

"بيراڳن" مون بوءِ، سدا اچي سُوز جي.
بيدل (وحدت نامو-134)

بيران: (فارسي. مذڪر. صفت) ويران، برباد، ناس، چَٽ.

ڪريو ڪا نظر جو "بيران" آھيان،
وَسايو دل جو مان ويران آھيان.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

بيزار: (فارسي. صفت) تنگ، پريشان.

"بيزار" خود خيال کؤن، بيدار تي خوابون.
بيدل (81_44)

بيک: (سنسڪرت. مذڪر) ويس، لباس، ڏيک، ٻهروپ، صورت، نمونو.

"بيک" بيراڳي مک وچ مُرلي، درد ڪنهين ڏمڪايا.
بيدل (256_96)

شاهه شهيد دا "بيک" بٺاوِندا، شانُ شهادت پرتئون پاوندا.
بيدل (227_137)

"بيک" زليخا يوسف جي ۾، محبت مچ مچايان.
بيدل (20_54)

بيگانا: (فارسي. مذڪر. صفت) ناواقف، پراوا، اوپرا، نڌڻڪا، اجنبي.

توريءَ آهيون "بيگانا"، ديدار لئي ديوانا.
بيڪس (01)

بينا: (فارسي. مذڪر.صفت) ڏاهو هوشيار عقلمند.

الايائين خلق آدم يقينا، عَليٰ صورته، هي چيائين تي "بينا".
بيڪس (مثنوي)

بيوس: (فارسي. صفت) لاچار مجبور.

بيڪس، "بيوس" چا ڪري، لڌي ويا "غمخوار".
بيڪس (11)

"ٻ"

ٻاجهون: (سرائڪي. ظرف) ڪرم ڪان سواءِ، بنان، تنهنجي ٻاجهه، مهرباني ڏاران.

"ٻاجهون" گُم ٿيوڻ دي يارو، ٻيا ڪوئي هنر نہ هلندا.
بيدل (245_93)

اوهان "ٻاجهون" نہ آهي، ڪا ماڙ منهنجي.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

ٻاڏايان: (سنسڪرت. مصدر: ٻاڏائڻ= پُڪارڻ) پُڪاريان، ليلايان، سڏ ڪريان، رڙان.

ڪوڪان ڪريان پڪاريان، "ٻاڏايان" ٿي ٻاڪاريان.
بيڪس (67)

ٻاڏايو: (سنسڪرت) پڪاريو ٻاڪاريو سڏيو ليلايو.

پُڇ پير پيران، ٻُڌيءَ هيءُ "ٻاڏايو".
بيدل (80_63)

ٻاڪار: (سنسڪرت. مؤنث) دانهن، ڪُوڪ، رَڙ راڙ سَڏ.

رائي رُڄ ۾ رَسُ ڪوهيارل، آءِ ٻڌي "ٻاڪار" پنهنجي اجاين جي
بيدل (49_87)

بيدل سندي در تي، بيڪس پيو "ٻاڪار" پيو ٻاڪار.
بيڪس (18)

ٻاليان: (سرائڪي) ٻاريون.

نينهن نيڪنامي نون گنواءِ ڇوڙيا،
جڏان آڻ ڪي عشق ٻاهيان "ٻاليان".
بيدل (243_109)

ٻاليون: (/ل/، /ر/ ۾ بدلجي ٿو.) ٻاريون.

اچي اچانڪ دلڙيءَ اندر باهيون برهہ جون "ٻاليون ٻاليون".
بيڪس (42)

بانداڻ: (سنسڪرت. مذڪر) محبت وارو پيچ، پريت وارو پيچ، انجام، قول، پور.

هينئڙو ٻڌو "بانداڻ" ۾، قرب واري ڪاڻ ۾.
بيڪس (مثل.39)

بانهپ: (سنسڪرت. مذڪر) غلامي، ٻيلپڻ نوڪري، تابعداري.

"بانهپ" واري ٻولي ٻولي، لوڪئون، پاڻ لڪائين.
بيدل (03_43)

ٻُجهارت: (سنسڪرت. مؤنث) ڳجهارت.

دَعَ نَفُسَڪَ وَتَعَالَ جي ٻُڌج "ٻُجهارت".
بيدل (وحدت نامو_67)

ٻُجهي: (سنسڪرت) (مصدر. ٻُجهڻ = سڙڻ) ڪن پئي، سڙجي.

"ٻُجهي" مام منصوري پري پريءِ دين ڪفر جي دؤر ڪؤن.
بيدل (30_77)

ٻُڍي: (سنسڪرت. مؤنث. صفت) ڪراڙي، پوڙهي عورت. (روايت) هڪ پوڙهي عورت پٽ جي شادي ڪري واپس پنهنجي ڳوٺ پئي آئي. رستي ۾ درياهہ پار ڪرڻو هو. جڃ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ۽ ٻيڙي جڏهن سيرَ ۾ پهتي تہ لڙهي ٻُڏي وئي. پوڙهي عورت لڙهندي صحيح سلامت درياهہ جي ڪنڌيءَ تي پهتي تہ، پيرن جي پير حضرت محبوب سبحاني، سيد عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه کي واهر لاءِ پڪاريائين. سندس واهر ٿي ۽ ٻيڙو درياهہ مان سلامتيءَ سان ٻاهر نڪري آيو.

پُهچ پير پيران، "ٻُڍي" هي ٻاڏايو.
بيدل (80_63)

ٻڙَنِ: ٻڙا، مردَ.

ٻولي ٻاجهاري هئي تہ "ٻڙن" جي.
(بيڪس)

ٻَڪيون: (سنسڪرت) ڳنڍجي وڃون.

وهواڻ سڄڻ تنهنجون اکيون، جاتي لڳيون تاتي "ٻڪيون".
بيڪس (44)

ٻَن: (سنسڪرت. مذڪر. ظرف) ڪوهه ۾ پون، کڏ ۾ پون.

"ٻَن" عمر تنهنجا باغ باغيچا، هُت گلزاريون ڪيون گاهه
بيڪس (51)

ٻوڙِ: (مصدر: ٻوڙڻ) پاڻيءَ ۾ لوڙهه، پاڻيءَ ۾ غرق ڪر، نابود ڪر.

نفيءَ واري نئن ۾ وجي ٻيائي "ٻوڙ".
بيدل (فرائص صوفيہ_8)

ٻوڙج: ٻوڙ لفظ سان /اِج/ پڇاڙ ملائي، ان مان تون معنيٰ ورتي وئي آهي. تون ٻوڙ.

"ٻوڙج" ٻيائي، انهيءَ بَحَر عميق ۾.
بيدل _وحدت نامو_59)

ٻوڙايس: هن کي ٻوڙيو هن کي لوڙهيو.

برهه "ٻوڙايس" پاڻ، مُحِبَ ڏِني هَس ڪا ميچ ملڻ جي.
بيدل (75_79)

ٻوڙيسان: (سرائڪي) ٻوڙيندس.

پَهرِ آپا پوشاڪ، ٻيائي "ٻوڙيسان".
(بيدل)

ٻول: (مؤنث) (مصدر: ٻولڻ = ڳالهائڻ) ڳالهاءِ.

نال عُشاقان دي رَلمل رانول، مِنڙي ٻولي تون "ٻول".
بيدل (146_174)

ٻولڻا: (سرائڪي) چوڻ، آکڻ.

لائق نهين تُسانون، يہ "ٻولڻا" ٻنها نون.
بيڪس (71)

ٻوليندائين: (سرائڪي) ٻولين ٿو ٻولائين ٿو ڳالهائين ٿو.

مَن خدا عطا دي مُنهن ڪنُون، بي حجاب "ٻوليندائين".
بيدل (212_231)

ٻهِ: (سرائڪي) ويهه.

ڪڏان ديس اساڏي آسين، رَلمل "ٻهِ" ڪولِ آلاسين.

بيدل (139_146)

ٻهان: (سرائڪي) ويهان.

اندر "ٻهان"، مين نون ٻهڻ نہ آوي.

بيدل (158_318)

ٻهاون: (سرائڪي) ويهارن.

بيدل چاڪ ڊِي ويک لطافت، ڪتان "ٻهاون" حوران پريان.

بيدل (246_308)

ٻهڱڻ: (مذڪر. صفت) ٻهون= گهڻو+ ڱڻ= گڻ) گهڻن گڻن وارو سياڻو.

"ٻهڱڻ" ڏيندين تون ٻانهون، ٻيا در ڇو پوءِ رُلندي

بيڪس (سنڌي ڪافيون_67)

ٻهندي: (سرائڪي) ويهن تا.

اَحدِيتَ دا علم پڙهيندي، دم منصوري مردمَريندي، "ٻهندي" تخت لهور.

بيدل (135_163)

ٻهڱڻ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) گهڻن گڻن وارو سهڻو دلبر.

"ٻهڱڻ" ڏيندو جو ٻانهان، ٻيا ڇو پوءِ رلندي

بيڪس (67)

ٻهُون: (سنسڪرت. صفت) گهڻا، جهجها، جام.

جِسمُون ڏار تون "ٻهُون" گذاريا، ڇول اڳين وانگي چُلين.

بيدل (286_206)

ٻيائي: (مؤنث) ڪوت، دولاب، دوئي.

ٻوڙج "ٻيائي"، انهيءَ بحر عميق ۾.

بيدل (وحدت نامو_59)

نَفِيءَ واري نَئن ۾، وجي "ٻيائي" ٻوڙ.

بيدل (فرائض صوفيہ_8)

دين دنيا دور ۾، آهن "ٻيائيءَ" جا ٻچا.

بيڪس (4)

ھيرا ھيرا: ٽڪرا ٽڪرا، ڀوتيون ڀوتيون، ڳيا ڳيا.

ڪيتا ميري دل ڪون جِسي، ”ھيرا ھيرا“.
بيڪس (10)

ھيو: (مذڪر. صفت) پھرين ڪان پوءِ وارو.

ھِڪُ ڏَڪيان، ”ھيو“ لاھيان رنگا رنگ لباس.
(29-46)

"پ"

پاتون پات: (هندي) (محاورو) طرحين طرحين، قسمين قسمين، نموني نموني، آنيڪ.

"پاتون پات" پهريو پوشاڪان، عزم ڪيتس جولان دا.
بيدل (190_91)

پاتين پاتين: (هندي) (محاورو) قسمين قسمين، طرحين.

رنگين رنگين، "پاتين پاتين"، ناهہ لڪين ٿو ٿاهيان.
بيدل (38_49)

پالَ: (سنسڪرت. مذڪر) (واحد: پالُ. /ل/ تي پيش) وڙَ ٿورا، پلايون، احسان، مهربانيون.

الله لڳ پلا "پالَ" تنهن ڪي پلايو.
بيدل (80_63)

جاني ڏسي حال، ڪر "پالَ" پلائي.
بيڪس (مثل.26)

پالا: (سنسڪرت. مذڪر) (پالي جو جمع) پالو ڏڦو نيزو.

"پالا" نفي اثباتي والا، جان جسم وچ ڪوڙين يار.
بيدل (222_145)

پالو: (سنسڪرت. مذڪر) (جمع: پالا) نيزو ڏڦو برڇي.

دست ڏري آيو حُسن جو "پالو"، چنچل چشمن جو ڪري چالو.
بيدل (73_67)

پانئڙ: (سنسڪرت. مذڪر) هُئڙ، چاهڙ، گُهرڙ، ليڪڙ.

برهہ بحال ڪِيتي اثباتي، "پانئڙ" دي ڳئي پولي.
بيدل (279_282)

”پانئڻ“ وِڏڙو پولي پر توکي، هَستِيءَ ڪيڙِء هلاڪُ.
بيدل (23_30)

پاڻُ: (سنسڪرت. مذڪر) گهر، جاءِ، آستان، ٿاڪ.

بِرهَہ ڏيڪاريس ”پاڻُ“، سِڪ وڃايس سُرت سُمهڻ جي.
بيدل (75_79)

پاٽا: (مذڪر) (واحد: پاٽو) پسند ڪيو وٽيو.

لامڪانون ڪِيُون ڪرِ آئين، هَر جڳ تينون ”پاٽا“.
بيدل (132_129)

ڪاڪ ڪوماٽي ويل وهاٽي، پينگ ٿيا سڀ ”پاٽا“.
بيڪس (3)

پاٽِي: (سرائڪي) وٽي، پسند پئي.

رنگ پور ساڏي روح نہ ”پاٽِي“، ويسان رانجهو دي نال.
بيدل (255_180)

پاوين: (سرائڪي) چاهي، خواهہ اگرچہ.

تيڏي مشتاقان نُون نہ ”پاوين“، تو بن حُورُ قصور.
بيدل (178_149)

پَتين: طرحين، نموني، قسمين.

عالم تي احسان، ڪوڙين ”پتين“ اُن جو.
بيدل (وحدت نامو_80)

پِرمائي: (سنسڪرت) (مصدر: پرمائڻ) ريجهائي، لالچائي، راضي ڪئي، گُهمائي، ڦيرائي.

عرشئون اُتي جاني اساڏي، خاڪ گهتيا ”پِرمائي“.
بيدل (236_265)

پَڙڪ: (سنسڪرت. مؤنث) جوش، تابش، تجمل، روشني، چمڪاٽ.

بيدل بِرهَہ جي ”پَڙڪ“ سان ڪا، سُوجَهہ ساهہ پَساهہ ڪر.
بيدل (16_17)

پَڙڪَن: (سرائڪي) بَرڻُ، الا ڪڍن، ڇيپون ڪڍن.

نازعتاب ديان باهين ”پَڙڪن“، موم وانگڙ مين ڳلنديان.
بيدل (290_232)

پڳيان: (سرائڪي) پڳو پري تي ويو نِڪري ويو.

نظر نہ آئي اصل اسان نون،
شوق جيڪي ڪائي شادي،
عقل اندوهہ ڳنُون "پڳيان" يار.
بيدل (309_156)

پُل: (سنسڪرت. مؤنث) خطا، غلطي.

همه کي حق جاڻ تون، "پُل" نہ ٻي ڪنهن پول.
بيدل (فرائض صوفيہ_3)

پَلا: (صفت) پلارا، پاڳن پريا.

"پلا" بيڪس سگهو ڪر ويرَ وارو.
وحدت عشق جو سر سمجهہ سارو.
بيڪس (افتتاحيہ مثنوي)

پُلاوت: پُلايس.

ذات چپاوت، لوڪ "پُلاوت" لالن ڪيڙو لبيس.
بيدل (76_28)

پُلاوَڻ: (سرائڪي. مصدر) پُلائڻ، فراموش ڪرڻ، مغالطي ۾ وجهڻ.

بيدل صورت گل دي گهن ڳرِ، لوڪ "پُلاوَڻ" آيا.
بيدل (97_99)

پُلايا: (سرائڪي) پلايو.

بيدل ساڏي ذات ڪِيون پڇنديں، پول "پُلايا" مين وو مين.
بيدل (169_225)

پَلايو: (مصدر: پلائڻ) پاڻ موکيو احسان ڪيو تورو ڪيو.

الله لڳ پلا پال، تنهن کي "پَلايو".
بيدل (80_63)

پُل ڳَئِي: (سرائڪي) وِسري وئي.

لڳا برهہ بزرگي "گُل ڳَئِي"، سڪ نيتي سرت سنياليان.
بيدل (243_109)

پَلو: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) سائين، مرشد، الله تعالي.

سرڪو سوز گداز جو "ڀلو" ڪندو ڀال.
بيڪس (25)

ڀَنڀور: (اسم خاص) سنڌونديءَ جي اُلهندي شاخ گهارو ۽ سمنڊ جي گهارو ڪاڙيءَ جي اترين ڪپ تي عاليشان شهر هو. يونانين جي ڪاهه واري زماني ۾، عاليشان شهر هو. يونانين هن کي "بربريڪ" نالي سان ساريو آهي. سنڌ جي نيم تاريخي قصي "سسئي پنهون" جو قصو ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ هن شهر سان لاڳاپيل آهي. هن شهر جا کنڊر ٺٽي ضلعي ۾ گهاري شهر کان ٻه ميل ڪن اولهه طرف آهن.

هاديءَ لڳ حبيب، ڀيرو ڪج "ڀنڀور" ۾.
بيدل (نوان بيت_4)

ڀول: (پراڪرت. مؤنث. سنسڪرت: ڀرشٽ) خطا، غلطي، ڀُل، ڀولو، رولو، وسوسو، گُمان.

همه کي حق جاڻ تون، ڀُلُ نہ ٻي ڪنهن "ڀول".
بيدل (فرائض صوفيہ_3)

ڀولي: (سرائڪي. مذڪر) ڀولو خطا، چُڪ، غلطي، ڀؤ، خطرو انديشو گُمان، وهم.

برهہ بحال ڪيتي اثباتي، ڀانئڻ دي ڳئي "ڀولي".
بيدل (279_282)

ڀانئڻ وڏڙو "ڀولي" ۾ توکي، هستيءَ ڪيڙ ۽ هلاڪ.
بيدل (23_30)

ڀيدُ: (سنسڪرت. مذڪر) راز ڳُجهہ، مَنجُهہ

اُلٽا "ڀيدُ" سو برِهي والا، سُنُ سُنُ عقل ٿيوي متوالا.
بيدل (135_163)

اُلٽ "ڀيدُ" برهہ جو سارو سمجهي مارياٺون نينهن جو نعرو.
بيدل (44_38)

ڀِير: (سنسڪرت. مذڪر) (مصدر: ڀيرڻ = ڦيرڻ) ڀيرو ڦيراءِ، موٽاءِ.

ويڻ لاءِ وجودَ جي، ڀيرُ نفيءَ جو "ڀير".
بيدل (فرائض صوفيہ_5)

پيرُ: (سنسڪرت. مذڪر) نمونو ڍنگ، دستور.

وڃڻ لاءِ وجود جي "پيرُ" نفيءَ جو پير.
بيدل (فرائض صوفيہ_5)

پيرج: ڦيرائج، موٽائج، ورائج.

تان تون پنهنجو پاڻ سُڃاڻين، وحدت وارو "پيرج" پيرُ.
بيدل (60_23)

پينگ: (سنسڪرت. مؤنث) سُڃ، سڪٽا، رُڃ، ويران.

ڪاڪ ڪوماڻي، ويل وهاڻي، "پينگ" ٿيا سڀ پاٽا.
بيڪس (3)

"ت"

تا قيامت: (عربي. مؤنث) قيامت تائين.

ڏنو هوندو جنهن، تنهن کؤن،
فراموشي نہ ٿيندو "تا قيامت".
بيڪس (2)

تابع: (عربي. مذڪر. صفت) مطيع، هٿ هيٺ، قبضي ۾، حڪم ۾، چوڻ ۾.

زمين و آسمان "تابع" انهيءَ جا،
مڪان ولامڪان تابع انهيءَ جا.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

تات: (عربي. مؤنث) يادگيري، سنڀال، پچار، سار، يادگيري، ڳڻتي، اُڻ تُڻ، اونو فِڪر.

ورندا سي ساڙيھہ ڏي، سڄڻان، طلب جنين جي آھہ "تات".
بيدل (70_04)

راتيان ڏينهان هڪ "تات" ۾، وائي هميشه وات ۾.
بيڪس (61)

تاتڙيون: (تاتِ جي جمع تصغير) پچارون، سارون، يادگيريون، سارون، سنڀارون، ڳڻتيون.

بيدل برهہ هي بات سُڻ، چوکيون طلب جون "تاتڙيون".
بيدل (09_50)

تاتي: (عربي. ظرف) تنهن جاءِ، اُتي، هُتي، انهيءَ جاءِ.

جاتي سندن جهوپڙا، "تاتي" پکيءَ نہ پرُ.
بيدل (وحدت نامو_98)

تلويح ۽ توضيح جي ”تاتي“ ناهي جاءِ
بيدل (وحدت نامو_129)

وهواهه سڄڻ تنهنجون اکيون جاتي لڳيون تاتي ٻڪيون
بيڪس (44)

تاڏي: (ظرف) تنهن طرف، اوڏانهن، جاڏي جو ضد.

جاڏي ڪن نهار ”تاڏي“ وستي ويجهڙي
بيدل (وحدت نامو_31)

جاڏي ڪن نظر، ”تاڏي“ پسن پرينءَ کي.
بيدل (وحدت نامو_24)

تارا: (سنسڪرت. مذڪر) ستارا، آسمان جا گرهه، آسمان ۾ چمڪندڙ جسمَ.

”تارا“ ڪيا تالان، سورج سندي سوجهري
بيدل (وحدت نامو_17)

تارَ: (فارسي. مؤنث) تند، لنءُ، سِڪَ، حُب، اونو.

روز ازل ڪؤن روح روحن سان ڪيو جو نور نظارو
لڳي توسان ”تار“ منهنجي
بيدل (67_80)

بيڪس، بيوس آهي اصل ڪؤن، سڄڻ تنهنجي ”تار“.
بيڪس (19)

تارِ: (فارسي. مذڪر. صفت) تمتار، ڪناڪِنِ، پرپور، لبالب، تري لنگهڻ، تري تَپَڻ.

نوح نبيءَ جي ويس ۾، ”تارِ“ ڪيم طوفان.
بيدل (47_39)

تارئون تار: (محاورو) پرپور، ڪَنَنِ تائين پريل.

درياءِ درد جو دل ۾، وهي ”تارئون“ تار.
بيڪس (17)

تون قادر قلندر تنهنجي طلب ”تاري“
بيڪس (43)

تاري: (مؤنث) تات، طلب، پروسو، آسرو.

هيءَ رقيبن راهن ماري، تن ۾ طلب تنهنجي ”تاري“.
بيڪس

تالُ: (سنسڪرت. مذڪر) ساز وڄائڻ جو قاعدو.

”تالُ“ طنبور سَرندا طبلا، مشتاقن ڏني مَتِ اهائي.
بيدل (31_288)

تالان: (فارسي. مذڪر. صفت) ناس، هلاڪ، برباد، تباهه.

تارا ڪيا ”تالان“، سورج سندي سوجهري.
بيدل (وحدت نامو_17)

تانگهه: (فارسي. مؤنث) ڇڪ، سِڪَ، لوچ، لوري.

راتو ڏينهان روح ۾، تنهنجي ”تانگهه“ تنوار.
بيڪس (18)

تاڻن: (سنسڪرت) (مصدر: تاڻ) ڇڪجن، ڳِهلجن، هلن، نهارن، وڃن.

ڪنز قدوري طرف نه ”تاڻن“، عارف وڃن اڳاهون.
(بيدل)

تَنُسِ: هن ڪي تپيو، هن ڪي گرم ڪيو، سندس تَتوان لاءِ تپيو.

هڪ ڏُکي، بيو ڏونگرين، تيون جو ”تَنُسِ“ ڏينهن.
بيدل (ابيات سنڌي_7)

تپايو: (سنسڪرت) جوش ۾ وڌو، چيڙايو.

چڙهي جبل چوٽ تي، تيرن تن ”تپايو“ مون.
بيدل (86_46)

بيڪس سان مل منڙا اڄ تون، ڏاڍو طلب ”تپايو“ مون.
بيڪس (30)

تَحتُ: (عربي. مذڪر) هيٺ، هيٺيون.

فوقُ ”تَحتُ“، وحدت ڪثرت ۾ هردم هُل هلائين.
بيدل (07_42)

تَحقيق: (عربي. مؤنث) يقين سان، پڪ.

ڪُل شيءِ هالِڪٌ اِلا وَجهَهُ، ”تحقيق“ ڄاڻ.
بيدل (43_73)

تحيتّ: (مذڪر. عربي. تحية) تحيات، درود، سلام.

صدا "تحيتّ" صدق مون پڙ تي پڙي
بيدل (مناقبو)

تخت هزارا: (فارسي. مذڪر) هير رانجهي جي قصي ۾ رانجهي جي پيءُ جو تخت گاهه. جنهن جو وارث رانجهو هو پر هن انهيءَ تخت کي هير جي عشق ۾ ڇڏي ڏنو.

"تخت هزارا" ڇوڙ ڏتو سي، جهنگ سِيال سبيايا.
بيدل (310_105)

"تخت هزاري" جو تون مالڪ، چاهئون چاڪ سڏائين.
بيدل (03_43)

تَخلقُو اباِخلاق الله: الله جي وصفن سان پاڻ کي سينگاريو الله جون وصفون (رحم، ڪرم، ستاري)، اختيار ڪريو.

"تَخلقُو اباِخلاق الله"، ٻي ڪا چلي نہ چال.
بيدل (وحدت نامو_93)

تدبيران: (عربي. مؤنث) تدبيرون، اُپاءَ، علاج، تدارڪ، ڪوششون، چارا.

عشق لڳا "تدبيران" چڪيان، عقل داڳيا اختيار.
بيدل (272_155)

تڏاهون: تڏهين، تنهن وقت، تنهن وير.

مَستي مَلڪ ڪري مردانا، طلبئون ترن "تڏاهون".
بيدل (44_38)

تِرُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) ذري برابر، ٿورو رَتي.

مڙيوئي محبوب آ، نانهن تفاوت "تِرَ".
بيدل (وحدت نامو_52)

ٽُرت: (سنسڪرت. ظرف) تڪڙو جلدي، هڪدم، جهٽ پٽ، بنا دير.

بيدل درد عشق دي ڪشتي، "ٽُرت" پڄاوي پار.
بيدل (272_155)

ڏنو "ٽُرت" تنين، اکين شعاع شهود جو.
بيدل (وحدت نامو_1)

"ٽُرت" رسن ٽِڪ تار ۾، دانا دلاور.
بيدل (وحدت نامو_89)

ترسانا: (سرائڪي) سِڪائڻ.

دردمندان نُون نالِ مِهَرِ ديءِ اِتنا نا "ترسانا".
بيدل (185_101)

تُرهو: (مذڪر) ترڻ جو اوزار. ڪاٺين ۽ ڪانن مان بہ ٺاهيو ويندو آهي. دلا پاڻ ملائي رسين سان ٻڌي ٺاهجي ٿو ۽ ترڻ جو ڪم ڏئي ٿو.

مدد ڪر ميهار ڪر ميهار "ترهو" ڪٽي آ تار ۾.
بيڪس (18)

تڙيل: (سنسڪرت. صفت) ڏڪاريل، لوڏيل، ڏڪي ڪڍيل.

دور ڪر دشمن، جو اصلئون آ "تڙيل".
بيڪس (مناجات_2)

تُساڏا: (سرائڪي) تنهنجو.

جان جسم ڪنُون جدا ڪريندي جاني "تُساڏا" جانا.
بيدل (185_101)

تُساڏڙي: (سرائڪي. تصغير) تنهنجڙي، تنهنجي.

بيدل شُدا "تُساڏڙي" پيش پيائين، مَنِ الله لگ آزيان.
بيدل (239_220)

تُساڏيان: (سرائڪي) تنهنجون.

آءَ سين ڪول اسان ڏي ڪٺاهان نت نهاريان "تُساڏيان" راهان.
بيدل (300_196)

تُساڏي: (سرائڪي) تنهنجي.

مين بيرنگ "تُساڏي" ڪِيتي، صورت وچ سمايا.
بيدل (125_110)

تَسبيح: (عربي. مؤنث) الله پاڪ کي ياد ڪرڻ (ذڪر) جي داڻن واري مالها.

نور نيارو آيو عشقئون، "تسبيح" و زنار ۾.
بيدل (61_37)

تُسين: (سرائڪي) تون.

دلبر ساڏي ويڙهي، نانءُ الله "تُسين" آنا.
بيدل (185-101)

تَعۡرِفُ فِيۡ وُجُوۡهِهِمۡ نَضۡرَةَ النَّعِيۡمِ: (سور المطففين، آيت: 24) (سيني پاسن ڪان) سندن مُنهن مان ئي نعمت جي تازگي پيو معلوم ڪندين.

"تَعۡرِفُ فِيۡ وُجُوۡهِهِمۡ نَضۡرَةَ النَّعِيۡمِ"، سندن روش روءِ.
بيدل (وحدت نامو-42)

تعين: (عربي. مذڪر) مقرري، چوند.

بيچوني وچ ويک "تعين"، ظاهر باطن ايڪ سريجن.
بيدل (232-140)

تَفات: (عربي. مذڪر) تفاوت، وڇوٽي، فرق، اختلاف.

مڙيوئي محبوب آ، ترِ جو نانه "تفاوت".
بيدل (وحدت نامو-51)

تَفتيحَ: (عربي. مؤنث) کول.

"تَفتيحَ" پنهنجي ڪر، صوفي آهين جي صافي.
بيدل (82-85)

تفرقو: (عربي. مذڪر) انتشار، نفاق، تفاوت، ڏڦيڙ.

طالب ڇڏ "تفرقو"، اچي وٺ آرام.
بيدل (فرائص صوفيه-16)

تقدير: (عربي. م) قسمت، نصيب.

بيڪس وس ناهي، ويڙهيچن جو توڙون هئي "تقدير".
بيڪس (52)

تَقصِير: (عربي. مؤنث) خطا، ڏوهه، غفلت، ڪوتاهي، ڪمي، سهَو، ڀُل، چُڪ.

بخش ميڏي "تقصير" رانجهن سائين.
بيدل (؟-143)

تَقوِي: (عربي. مؤنث) زهد، پرهيزگاري، عبادت، خدا پرستي.

طالب نہ ٿي "تقوِي" سندو پيءُ شوق شرابون.
بيدل (81-44)

تَڪرار: (عربي. مذڪر) بناشڪ، پڪ سان، ضد، جهيڙو، مخالفت، وري وري چوڻ.

راحت رسي روح کي، تنين کؤن "تڪرار".
بيدل (وحدت نامو-41)

اُٺندي وهندي، چوندي ٻُڌندي، تَنِ رَڳُ هي "تڪرار".
(بيدل)

هندوءَ زال کان هيٺ نہ ٿِجي، طلب اي "تڪرار".
بيدل (13-19)

تک تار: (سنسڪرت. مؤنث) سيٻ، واهہ يا نديءَ جي وچ وارو تيز وهڪرو.

ٹُرت رسن "تک تار" ۾، دانا دلاور.
بيدل (وحدت نامو-89)

ٹُرت رس "تک تار" ۾ يا سيدا.
بيڪس (مناجات-2)

تڳيان: (سرائڪي) تڳيو جيئرو زندهہ.

تار نينان دي مين "تڳيان" يار.
بيدل (309-156)

تلافي: (عربي. مؤنث) بدلو هرجاڻو عيوض، بدلو، ازالو.

تلويح جي طلب ڇڏ، توضيح جي "تلافي".
بيدل (82-85)

تلويح: (عربي. مؤنث) عبيدالله بن مسعود بن تاج الشريعة، فقه جي اصولن تي تنقيح نالي 747هہ ۾ ڪتاب لِکيو. جنهن جي پاڻ ئي شرح بہ لِکيائين، انهيءَ شرح جي شرح وري مسعود بن عمر المعروف سعد الدين تعتازاني لِکي ۽ ان جو نالو "تلويح" رکيو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ فقه جي اصولن جو هڪ مشهور ڪتاب آهي.

"تَلوِيح" ۽ توضيحَ نہ لاهي، اندر ڪَنُون اونداهي.
بيدل (283-311)

"تَلوِيح" ۽ توضيحَ جي تاتي ناهي جاءِ
بيدل (وحدت نامو_129)

تمامِي: (عربي. مؤنث) تڪميل، ڪمال، خاتمو انجام، ڪل، سڀ.

صورت دا ڪر سير "تمامِي"، موج معنيٰ دي پاليسون.
بيدل (305_216)

تَـنُ: (سنسڪرت. مذڪر) مَنُ، بدن، سَرير، قالب، خاڪي، جثو ڍانچو، ماڻهو فرد.

بي سِريءَ جي باس، اچي تن جي "تَـنُ" مون.
بيدل (وحدت نامو_112)

تَن تنوار: دل ۾ پچار، دل ۾ يادگيري.

بيدل بيراڳڻ هوئي، ڪا جا "تن تنوار".
بيدل (63_16)

تُنِڪا: (واحد: تُنڪو) مهڻا، طعنا سان گڏ ڪم ايندڙ لفظ

طعنا "تُنِڪا"، سيڪو سدا، ڏئي عقل وارن کي ادا.
بيڪس (62)

تَـنُ مَنُ: (مذڪر) جسم ۽ جان، روح ۽ قالب.

مُرلي اُنهين دي "تَنُ مَنُ" اندر ڏاڍا شور مچايا.
بيدل (256_96)

تنوار: (مؤنث) تات، يادگيري، ذڪر.

تنين جي "تنوار"، جڏا روح جياريا.
بيدل (وحدت نامو_39)

راتو ڏينهان روح ۾، تنهنجي تانگهه "تنوار".
بيڪس (18)

تنقيح: عبيدالله بن مسعود جو فقه جي اصول بابت لِکيل ڪتاب. مصنف هي ڪتاب لِکڻ کان پوءِ محسوس ڪيو تہ هن مان ڪي ڳالهيون ڪيڏي چڏڻ گهرجن ۽ ڪي وڌائڻ گهرجن، تنهن ڪري هن ڪتاب جي متن جي شرح "توضيح ۽ تفتيح" نالي سان لِکي.

تنقيح“ پانهنجي ڪرِ، صوفي آهين جي صافي.
بيدل (44_81)

تِنهان: (سرائڪي) انهن.

دلڙي لُٽِيوَ جنهان دي، فرياد سُڻ ”تِنهان“ دي.
بيدل (174_114)

توبہ تو: گونا گون، لاڳيتو، متواتر، آمهون سامهون، مُنهن مقابل، روبرو.

سرت رک بيدل سمجهہ پي ”توبہ تو“ محبوب آهہ.
بيدل (43_73)

تَوَ تابُ: جلوي جي گرمي، دڙڪو داب.

ڏسي ”تَوَ تابَ“ تيزايون، متان منهن يار کان موڙين.
بيڪس (39)

توحيد: (عربي. مؤنث) هيڪڙائي، وحدانيت.

طالب ريءَ ”توحيد“، ٻولي ٻولن ڪانہ ٻي.
بيدل (وحدت نامو_135)

تون ڪر ”توحيد“ جي روشن چراغي،
درد محبت سان ڪر مون کي دماغي.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

توريءَ: توکان سواءِ.

”توريءَ“ نہ ڪي ٻيو آهہ هلي آءُ حجابون.
بيدل (81_44)

”توريءَ“ آهيون بيگانا، ديدار لئي ديوانا.
بيڪس (01)

توڙئون: (مذڪر) توڙ کان، منڍ کان، شروع کان، ازل کان.

بيڪس وَس ناهي ويڙهيچن جو، ”توڙئون“ هيم تقدير.
(بيڪس)

توضيح: درس نظامي جو فقه جي اصولن بابت ڪتاب. عبيدالله بن مسعود، فقه جي اصولن تي ”تنقيح“ نالي ڪتاب لِکيو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هن محسوس ڪيو تہ منجهس ڪي ڳالهيون

غير ضروري ۽ ڪن ڳالهين جو هئڻ ضروري آهي، تنهن ڪري هن "تنقيح" جي متن جي "توضيح" نالي شرح لِکي ۽ شرح ۾ متن کي اهڙيءَ طرح شامل ڪيو جو جيئن هن چاهيو پئي. يعني پهرين متن کي گهٽايو ۽ پوءِ ان جي شرح لِکي. ان جي لغوي معنيٰ آهي: "ڪنهن شيءِ کي عيبن کان پاڪ ڪرڻ، ڪٽُ لاهڻ، صفائي".

تلويحَ ۽ "توضيح" نہ لاهي، اندر ڪٽُون اونداهي.
بيدل (283_311)

توَلوا: مُنهن موڙيو پٺي ڏني.

"توَلوا" سڻ تون شرع مضاف.
بيڪس (مثنوي)

تولن: (سرائڪي. مؤنث) تورين.

قاضي ملان پڙهندي ڪتابان يبني "تولن" ڏوهہ ثوابان
بيدل (289_298)

توهون: توکان.

وِسري ويا "توهون"، مگر منصب انهيءَ اوتار جا.
بيدل (6_3)

"توهون" باهر ڪينڪي آهي، پنهنجو پاڻ ۾ قولِ
بيدل (24_31)

تَهدِل: (مؤنث) دل جي گهرائيءَ سان، پڪ سان، يقين سان.

بيدل "تَهدِل" در سهڻان دي، بندي روز ازل ديان.
بيدل (290_232)

تُهمت: (فارسي. مؤنث) الزام، بُهتان.

ڪثرت دي سر، "تُهمت" چائي وي.
بيدل (177_292)

تيڏا: (سرائڪي) تنهنجو.

باهر قِران "تيڏا" درد ستاوي
بيدل (318_158)

تيڏڙا: (سرائڪي. ضمير) (تصغير) تنهنجڙو.

بيدل بَردا تيڏي دَر دا، جنهن سِرِ "تيڏڙا" سايا.
بيدل (98_117)

تيڏيان: (سرائڪي) تنهنجون.

ويک ڪي "تيڏيان" بي پرواڀان، سا ڏا جيءُ ڪُماٺا.
بيدل (269_131)

تيـغ: (فارسي. مؤنث) تلوار ڪٽار.

گهاوَ ڪرن منجهه هانوَ ضعيفن، "تيغ" چوان صمصام چوان
بيدل (83_51)

تيـغ نيـٽان: (سرائڪي. محاورو) نيڻن جي تلوار آبرن جا اِشارا.

فوج حسن دي لٽيان مئين لٽيان "تيغ نيٽان" دي ڪٺيان جو ڪُٺيان.
بيدل (300_196)

"ٽ"

ٽاٽا: (سرائڪي) ٽاڪ، جايون، وٽاڻ، اصل ماڳ مڪان.

ڪِٽان ٽُساڏا جم جماندر، ڪٽان ٽُساڏا "ٽاٽا".

بيدل (132_129)

ٽَيان: (سرائڪي) ٽيس.

مين بہ ماءِ بيراڳڻ "ٽَيان"، سامِيءَ سحرُ چلايا.

بيدل (256_96)

ٽيوسي: (سرائڪي) ٽيس.

حسن ڪِيتي، قربان "ٽيوسي".

بيدل (158_318)

ٽيوڻ: (سرائڪي) ٽيڻ.

ٻاجهون گُم "ٽيوڻ" دي يارو ٻيا ڪوئي هنر نہ هلندا.

بيدل (245_93)

ٽيوي: (سرائڪي) ٽئي.

رُخ سجڻ جو گل گلابي، بلبل ويک "ٽيوي" بيتابي.

بيدل (51_83)

ٽيوين: (سرائڪي) ٽئين.

بيدل "ٽيوين" منصور دي وانگر، مرد اِهين ميدان دا.

بيدل (190_91)

"ٿ"

ٿاري: (مؤنث) ڏاري، شاخ، لام (وڻ يا ٻوٽي جي.)

دين ڪفر آهن ٻئي، هڪ وڻ جي "ٿاري".
بيدل (وحدت نامو_19)

ٿرج: (مصدر: ٿرڻ = هلڻ، رمڻ) هلج، رمج.

فَفِڪُرڪَ فِيَڪ يَڪفِيڪ، "ٿرج" اِها ٿور.
بيدل (وحدت نامو_116)

ٿُرن: هلن، گهُمن، رَمن.

مستي ملڪ ڪري مردانا، طلبئون "ٿرن" تڏاهون.
بيدل (44_38)

ٿُرندي: (سرائڪي) هلن ٿا، هلندي.

وه ٿور عجب جيهي "ٿرندي"، ٿرندي سي مول نہ مڙندي
بيدل (142_321)

ٿور: (مؤنث) چال، هلڻي، رفتار، هلڻ جو نمونو.

فَفِڪُرڪَ فِيَڪ يَڪفِيڪ، ٿرج اِها "ٿور".
بيدل (وحدت نامو_116)

ٿوڙن: ڇڪي هڻن.

چنبي مُژگان دي نالِ شڪارُ گِهنَنِ، "ٿوڙن" دهشت نال دواليان.
بيدل (243_109)

ٿڳو: (مذڪر) ڏاڳو سڳو.

خوشيءَ مون خيال وحدت سان، دوتائيءَ جو "ٿڳو" ٿوڙيو.
بيڪس (39)

"ٺ"

ٺاهہ: (مصدر: ٺاهڻ) سجاوٽ، سينگار، جوڙَ بناءَ، سُڌار.

حاضر ناظر هر رنگ هر جا، "ٺاهہ" عجائب ٺاهين.
بيدل (02-41)

ٺهايس: (سرائڪي) ٺهايو ٺاهيو بنايو.

ڪثرت والڙا ٺاهہ "ٺهايس"، بارُ غمان دا سِرَ تي چايُس.
بيدل (227-137)

"ث"

ثاني: (عربي. مؤنث. صفت) مَٽُ, مثل, ٻيو جهڙو مقابل, همسر.

ڪونہ ڏٺو مان شهر ڀنڀور ۾, سُونهن سندو جو "ثاني".

بيدل (68_55)

هڪ دم نہ ڏار تي, تون اي ماهہ بدر "ثاني".

بيڪس (71)

ثُمَّ وَجْهُ الله: (سورة البقره, آيت: 115) پوري آيت هن طرح آهي: وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ اِنَّ اللهَ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ۽ اوڀر ۽ اولهہ الله آهي, پوءِ جاڏي پنهنجي مهاڙ ڦيرايو, تاڏي الله سامهان آهي, ڇاڪاڻ تہ الله ڪشادگي وارو ڄاڻندڙ آهي.

"ثُمَّ وَجْهُ الله" سڄ, سنيها پُرجهي دوست پڇاڻين.

بيدل (سہ حرفي_ا_ت)

ثنا: (عربي. مؤنث) ساراهہ, واکاڻ, تعريف, حمد.

ڪڏان سڏاوي نام احمد, آکي لا احصيٖ "ثنا".

بيدل (مخمس)

ثَناءٔ: (صفت) ساراهہ, واکاڻ.

مِن عُروج الروح يَهتز الفلَڪَ, سنياسين "ثناءٔ".

بيدل (وحدت نامو_96)

ثَواب: (عربي. مذڪر) چڱائيءَ جو بدلو نيڪ ڪم جو اَجرُ.

ڏورئون پِڇي ڏوهہ کان, ويجهو کان "ثواب".

بيدل (54_6)

ثوابئُن: ثواب منجهان, ثواب کان.

ڏوهئُون "ثوابئُن" ڪج گذر, آهين سمورو سُودُ تون.

بيدل (17_59)

"پ"

پاتار: (سنسڪرت. مذڪر) پاتال، جَرُ، سمنڊ درياهہ يا تلاءَ جو ترو، زمين جو هيٺيون طبقو عميق، اوڙاهہ.

پيهي ڏس "پاتارِ" تہ پاڻ پرورين پانهنجو.
بيدل (وحدت نامو ـ 118)

اونهو جو اجهاڳ، پيهي تنهن "پاتال" ويا.
بيدل (وحدت نامو ـ 136)

پاتال: (سنسڪرت. مذڪر) عميق، پاتار اونهو اوڙاهہ.

اونهو جو اَجهاڳ، پيهي تنهن "پاتال" ويا.
بيدل (وحدت نامو ـ 136)

پاتئِ: تو پاتي، وڌي

ڪنُون دَريچہ صورت والي، جانب جهاتِڙي "پاتئِ".
بيدل (175 ـ 264)

پاڇي: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) پاڇي نوڪر، ٻانهو خادم، خدمتگار.

بخش پرين پنهنجي "پاڇيءَ" ڪي شاهہ حلاج جو حال.
بيدل (72 ـ 78)

پارُ: (مذڪر) نشان، عادت، ڪم، صفت، اهڃاڻ، وصف، ماڳ، وٿاڻ، پاسي، طرف.

قرب "پارُ" قدم، خوديءَ ريءَ ڪڄ تون.
بيدل (وحدت نامو ـ 63)

پارُ: (سنسڪرت. مذڪر) اهڃاڻ، صفت، عادت، ڪم، ظرف.

اَمّا اَلَّذِينَ السِتنڪفو اوالستڪبرو، اهو اُنهن "پارُ".
بيدل (ابيات سنڌي: 16 ـ 21)

پارِ: (سنسڪرت. ظرف) واهہ يا درياهہ جي ٻئي پاسي، ٻئي طرف، منزل تي.

اچي پيا جي آر ۾، سي پهچائين "پارِ".
بيڪس (13)

پاڙج: پورا ڪج، وفا ڪج.

وعدا پنهنجا پرين تون، "پاڙج"، سگهو اچي تيءُ ساٿي.
بيدل (68_55)

پاس: (فارسي. مذڪر. ظرف) پاسي، وٽ، تي، نزديڪ، قريب.

وَهُو معڪُم اَينَمَا ڪُنتُم، پرين تنهنجي "پاس".
بيدل (وحدت نامو_62)

پاڪ: (فارسي. صفت) پوتر، صاف، نيڪ، گناهن کان آجو.

ڪاتي "پاڪ" پيغمبر چايم، ڪاتي خام خَبِيثُ.
بيدل (39_27)

ڪڏهن چيائين جو آهيان واحد "پاڪ".
بيڪس (مثنوي)

پاليسون: (سرائڪي) پاليندس.

عرش دا طوطا اِنهين پجري وچ، نال پريت دي "پاليسون".
بيدل (305_216)

پانڊي: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) نياپو آڻيندڙ خاطو قاصد.

"پانڊيءَ" ادا پِرَ کي چئج، باصد ادب سجدو ڪري
بيڪس (61)

پاٽون/پاٽئون: (سنسڪرت. ظرف) پنهنجي پاڻ کان.

رَچُ روحاني رَنگِ، "پاٽون" پاڻ پري ڪري
بيدل (فرائض صوفيہ_10)

"پاٽئون" پلي پاڻ، آديسي آرام ٿيا.
بيدل (وحدت نامو_99)

پاوندا: (سرائڪي) پائي ٿو.

شاهہ شهيد دا بيڪ بناوندا، شان شهادت پر ٿئون "پاوندا".
بيدل (227_137)

پاوي: (سرائڪي) وٺي، حاصل ڪري

ڀي ڪر شوق شراب، شاهه منصور دا منصب "پاوي".
بيدل (294_273)

پاويگا: (سرائڪي) وٺندو حاصل ڪندو.

هُو دي نال جوئي هُو ٿِيوي، مطلب سوئي "پاويگا".
بيدل (231_127)

پاوين: (سرائڪي) پائين.

اڳڻ اسانڏي يار مُسافر، سگهڙا ڦيرا "پاوين".
بيدل (128_199)

پايا: (سرائڪي) پايو حاصل ڪيو.

قمرِي ڪوڪ سناوي ڪوڪو،
لَيس فِي الدَارَين اِلاهو،
جنهن ڪنهن جلوا "پايا".
بيدل (96_100)

پَتِ: (سنسڪرت. مؤنث) ساک، اعتبار، ڀروسو، عزت، آبرو، وقار.

اباڻن جي آسري ميان، لوئي ٿيڙم ليڙ، پَتِ پنهوارن پاڙي
بيڪس (52)

پُڄائي: پهچائي، رسائي.

ساري عالم کي "پڄائي" تو روزي،
توڙي خاصو هجي ڪو موذي
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

پَچار: (سنسڪرت. مؤنث) تات، ذڪر، يادگيري، فڪر.

سدا ڪن سُبحان جي منجهان پرت "پچار".
بيدل (وحدت نامو_39)

پَڇاٽا: (سرائڪي) سُڃاتو پروڙيو.

بيدل مطلب عشاقان دا، اپنا آپ "پڇاٽا".
بيدل (132_129)

پُڇاوي: (سرائڪي) پُڇائي.

هِيرَ نُون پيا ڪُجھ خيال نہ ڪوئي رانجهو دا راھہ ”پُڇاوي“.
بيدل (264_266)

پُڇيجُ: پُڇا ڪج، دريافت ڪر، احوال وٺ.

نِماڻيءَ جي نجهري، پيهي حال ”پُڇيجُ“.
(8_48)

پُڇيندا: (سرائڪي) پُڇي ٿو.

بيک بيراڳي ڪر تخت هزارون، رنگپور راھہ ”پُڇيندا“.
بيدل (314_113)

پُختن: (فارسي) هوشيارن، ڏاهن، سياڻن.

خبر نہ خامن ”پختن“ جي پروڙ جي.
بيدل (وحدت نامو_131)

پَڌَرِ: (پراڪرت. مؤنث) کُليو ظاهر ظهور، کُليي ميدان تي.

ڪاتي لاهي لاڳاپا لالڻ، پير ”پڌر“ تو پائين.
بيدل (02_41)

پِرُ: (مذڪر) پرين، محبوب، سڄڻ، دل گھُريو.

پانڌي ادا ”پِرَ“ کي چئج، باصد ادب سجدو ڪري.
بيڪس (61)

پُرُ: (سنسڪرت. مذڪر) اڳتي هَل، ڇُرُ، ڪاھہ.

بي ڪنهن پار نہ ”پُرُ، پاڻ پروڙج پاڻ ۾.
بيدل (وحدت نامو_117)

ڪثرت وارو قيد پڇي تون، ”پُرُ“ پرانهيءَ جي پار.
بيدل (69_18)

پرانهون: (ظرف) پري جو ڏُور.

هِڪُ ڏکي هيو ڏونگرين، تيون پنڌ ”پرانهون“.
بيدل (ابيات سنڌي_8)

پُراٽا: (سنسڪرت. مذڪر) (واحد: پراٽو) اڳلا ٻُوڙا، آڳاتا.

هيئن وسارڻ ناهي لائق، پرين دوست ”پُراٽا“.
بيڪس (مثل.37)

پِرائي: (سنسڪرت. فعل) حاصل ڪئي.

وتون تِنِ ويهي، سُورَ ”پِرائي“ آءُ تون.
بيدل (وحدت نامو_36)

پرايم: (ضمير متصل) سڪيم، سمجهيم، حاصل ڪيم، هٿ ڪيم.

پرينءَ ڪان پَروَڙ هيءَ ”پرايم“ جيڏيون.
بيدل (66_15)

پِريات: (سنسڪرت. مؤنث) پِرهه ڦٽي اَسُر ويل، سج اُڀرڻ کان اڳ واري مهل.

سٽي سي پاسي ٿيا، پاڻ ڪنان ”پِريات“.
بيدل (وحدت نامو_102)

پِريايو: (مصدر: پِريائڻ: ريجهائڻ) ريجهايو، وندرايو، راضي ڪيو.

مارُن ريءَ توهِن مارُين ۾، ڇا سان مَنُ ”پِريايو“.
بيدل (42_64)

پِرت: (سنسڪرت. مؤنث) پريت جي اختصاري صورت، پريت، محبت، عشق، پيار، قرب، دوستي.

بيدل نال اسانڊي رانجهن، پيچ ”پِرتِ“ دا پايا.
بيدل (256_96)

سدا ڪن سبحان جي منجهان ”پِرتِ“ پچار.
بيدل (وحدت نامو_39)

دل نماڻي، وتي ويڳاڻي، تنهنجي ”پِرتِ“ پياس سجنا.
بيڪس (21)

پَرتو: مليو حوالي ٿيو پهتو.

منهنجا پير مرشد شهنشاه بيدل هي بيڪس ”پَرتو“ تي بلڪل.
بيڪس (54)

پِرتئون: پرت مان، پريت مان، محبت وچان، قرب وچان.

عرشئون اُتري فرش اُتي تو ”پِرتئون“ پير گهمائين.
بيدل (20_54)

ڪو پيالو وصل جو ”پِرتئون“ پلايو.
بيڪس (31)

پهري يار ”پريتون“ نِتُ نِتُ، جاما جولان دا.
بيدل (؟_116)

پَرِٿُ: (سنسڪرت. مذڪر) ڏوٻي، ڪتي.

صاحب آهين ڪيچ وٽن جو ”پَرِٿُ“ چوپاڻ ڪي پائين.
بيدل (45_45)

پُرجهہ: (مؤنث) (مصدر: پُرجهڻ = پروڙڻ، چاڻڻ) ڄاڻ، سَمجهہ.

من عَرف دي ”پُرجهہ“ پرولي، سخن سچي سلطان دا.
بيدل (190_91)

پُرجهايو: (مصدر: پرجهائڻ) سمجهايو، ڏيکاريو، پسايو.

پير مغان مون کي ”پُرجهايو“، رمزن واري راهہ.
بيڪس (78)

پُرجهي: چاڻي، پروڙي، سمجهي.

اونهي هن اسرار جي جنين ”پُرجهي“ مام.
(وحدت نامو_23)

پُرندي: (سرائڪي) هلندي، هلي ڪري، ڪاهي.

يار پورُ ڏاڍي وچون ”پُرندي“، پُرندي مٿي سُوليءَ سُرندي
بيدل (112_321)

پروڙ: (مؤنث) ڄاڻ، پڇاڻ، سمجهہ.

پرين ڪان ”پَروڙ“ هيءَ پرايمر جيڏيون.
بيدل (66_15)

پروڙج: پروڙلفظسان /ج/ پڇاڙملائي ان مان /تون/ معنيٰ ورتي وڃي ٿي.

ڇڏي دوئي دور ڪُنهہ ”پروڙج“ پانهنجو.
بيدل (وحدت نامو_116)

پروڙن: (مصدر: پروڙڻ = ڄاڻڻ) ڄاڻن، سمجهن.

رِندي رَمر ”پروڙن“، جيڪي مرد پچن ميخانا.
بيدل (28_5)

پرولي: (سنسڪرت. مؤنث) ڳجهارت: ڳجهي ڳالهہ، معما.

مَن عرف دي پُرجهہ ”پرولي“، سخن سچي سلطان دا.
بيدل (190_91)

پرھ قتي پريات: (سنسڪرت. محاورو) صبح سويلي.

بيڪس، بيدل سان مليو "پرھ قتي پريات".
بيڪس (5)

پُريا: (مصدر: پُرڻ: وڌڻ، هلڻ) ٽُريا، اڳتي هليا، وڌيا.

"پُريا" پُورب پار، سامي سنگ چني ويا.
بيدل (63-16)

پَرياڻ: (سنسڪرت. مذڪر) نشان، ڏس، پتو اهڃاڻ.

نفي ۽ اثبات ڪؤن، پري پين "پَرياڻ".
بيدل (وحدت نامو-99)

پِڙ: (سنسڪرت. مذڪر) ميدان، مڪان، اڱڻ، پڌر.

پير تون "پِڙ" ۾ پاءِ، سانگو لاهي سِرَ جو.
بيدل (فرائض صوفيہ-9)

پڙاڏو: (سنسڪرت. مذڪر) گونج، آواز صدا، پرلاءُ، اهو آواز جيڪو ڪنهن آڙ سان ٽڪرائجي موٽي اچي.

هي هُو هِڪوئي، سَڏ "پڙاڏو" سمجھ تون.
بيدل (وحدت نامو-124)

پڙھاوي: (سرائڪي) پڙھائي.

علمِ لُدَني عشاقان دي باجھون، اور "پڙھاوي" ڪون.
بيدل (313-200)

پَڙھج: (مصدر: پڙھڻ) مطالعو ڪج، ابياس ڪج، سک.

بي خوديءَ جو باب "پَڙھج" تون، سالڪ سيِ جماندر جَمُ.
بيدل (27-34)

پڙھوايوئي: (سرائڪي) پڙھايئہ.

يونس نون گھت مڇي اندر سبحانَڪَ "پڙھوايوئي".
بيدل (170-272)

پَڙي: پڙھي.

صد تحيت صدق مون پڙ تي "پڙي".
بيدل (مناقبو)

پسارا: (سنسڪرت. مذڪر. واحد: پسارو) پسارو ڏکيون ڳالهيون، وستار ڪندير، ڏيکاءُ، نظارو اُپٽار پکيڙ، واڌارو.

دين ڪفر دي جاءِ نہ ڪائي،
ڏيندا عشق اُچانگ، پرت "پَسارا".
بيدل (؟_133)

دين ڪفر جو دلبر سائين، ڪري پرتئون پاڻ "پسارو".
بيدل (52_36)

پَسَڻُ: (سنسڪرت. مذڪر) (مصدر) ڏسڻ، نهارڻ.

"پَسَڻُ" ڏاران پرينءَ جي حوران محض حجاب، محض حجاب
بيدل (54_6)

پِڪ: (مؤنث) سُرڪي.

هُو جي "پِڪ" پِياڪ، ساقِي ٿيا صبوح جا.
بيدل (فرائض صوفيہ_23)

پُڪارون: (مذڪر) (پُڪار جو جمع) رڙيون، ڪُوڪُون، سَڏ، دانهون.

دم دم دلڙي ڪري "پُڪارون"، هوت سان ٿيان هيڪاندي
بيڪس (55)

پُکي: (سنسڪرت. مذڪر) ڪُٽي ذريعي چوندِ ۾ ياڳي ۾ ورهاست.

هِن هُن ٻنهي ڪؤن وياسي، "پُکي" عشق جي پياسي.
بيڪس (70)

پَکيئڙا: (پکيءَ جو جمع_ تصغير) پکي.

نڪر منجهان ناسوت، اُڏر "پکيئڙا" واهيري ڏي.
بيدل (36_؟)

پِلاوي: (سرائڪي) پيئاري.

جان جان عشق نہ تيوي ساقي، وحدت جام "پلاوي" ڪونِ
بيدل (313_200)

پِلايو: (سرائڪي) پيئاريو.

ڪربلا وِچ پاڪبازان نُون، پيالا "پلايا" مين وومين.
بيدل (169_225)

جگر جوش تنهنجي جاني جلايو،
پيالو وصل جو ڪو پرتئون "پلايو".
بيڪس (31)

پَلپَل: (ظرف) هر هر، هر گهڙي، ذري ذري، گهڙيءَ گهڙي

ڪُنڙان دي ڪَنِ "پلپل" پوندي، قُم قُم دي ڪوڪار.
بيدل (107_159)

وُجُوهٌ يَومَئِذٍ نَاظِرَةٌ اِلیٰ رَبِّهَا نَاظِرَةٌ. "پلپل" پسن پاڪ.
بيدل (وحدت نامو_34)

"پلپل" پون تا پُور ڙي، سجن سندا هي سور ڙي
بيڪس (62)

پُلصراط: (مؤنث) اسلامي عقيدي موجب اها پل وار کان بہ سنهي، تلوار کان تکي آهي، قيامت ڏينهن انهيءَ پل وسيلي انسان بهشت ۾ ويندا.

"پُلصراط" جو پنڌ تي، عشق نہ آسان ڪار.
بيدل (13_19)

پَلوٽ: (سنسڪرت. مؤنث. سرائڪي) پالوٽ، پلٽ، بارش.

اُس پَر "پَلوٽ" ڪيجي نينهن اپني ڪا نقارا.
بيدل (207_124)

پَلي: (مصدر: پلڻ = روڪڻ) روڪي، رنڌي، جهلي.

خودي کان خيال "پَلي" پراهون ويا.
بيدل (وحدت نامو_113)

پلِيسان: (سرائڪي) پيئندس.

وحدت دي ميخانہ اندر، ڳَئي سُرت سنيال پُر "پِليسان".
بيدل (102_236)

پَناري: سام، حفاظت، لڙهہ

"پناري" پئي تي پيارا، جيءَ جي جتي.
(بيڪس)

پَنٿ: (سنسڪرت. مذڪر) واٽ، رستو، مت، مارگ، مذهب، ڌرم.

پنِڊت: (سنسڪرت. مذڪر) هندن جو مذهبي عالم، هندن جو هڪ تعظيمي خطاب.

ڪٿان "پَنڊَتُ"، ڪٿان قاضي بندا، ڪٿان ليلي ڪٿان قيس.
بيدل (189_170)

پنِهان: (فارسي. ظرف) ڳجهو پوشيده، لِڪل، مخفي.

ڪين همه پيدا و "پِنهان" است ذاتش ڪبريا.
بيدل (مخمس_1)

پنهنجي رائي: (محاورو) پاڻ مُرادو خودبخود.

صفت ۾ "پنهنجي رائي" سان، سوين نالا سڏياسين.
بيدل (37_84)

پنهون: (اسم خاص) ڪيچ مڪران جي حاڪم آري ڄام جو پُٽ هو. واپار سانگي ڀنڀور ۾ آيو. اتي سسئي تي موهت ٿي واپار مان هٿ ڪڍي ويهي رهيو. آخر سسئي سان شادي ڪيائين. سندس ڀائرن کي اها ڳالهه نه وڻي، سو رات جو ڪين نشو پيئاري، پنهون کي ڪٺي هليا ويا.

"پنهون" هٿون پانهنجي، وحدت وَٽ وٺيج.
بيدل (48_8)

پَٽي: (مؤنث) مٽيءَ جي دڙ رئي، کِهُ، خاڪ، پيرن جي دَزَ.

تنهن رتيءَ سان رلجاءِ، جا "پٽي" پرينءَ جي پير جي.
بيدل (وحدت نامو_88)

پوٿي: (سنسڪرت. مؤنث) سنسڪرت جي لفظ "پستڪا" مان جُڙيو آهي. سکن جو ڌرمي ڪتاب.

حافظ قاري ڪيرُ ڪونائي ڪيرُ "پوٿي" ٿو پڙهي پڙهي.
بيدل (30_77)

پُورَ: (فارسي. مذڪر) (واحد: پورُ) خيال، ريجڪ، ججڪيون.

پلپل پون ٿا "پُورَ" ڙيءِ سجن سندا هي سور ڙيءِ
بيڪس (62)

پورب: (سنسڪرت. مذڪر) اوڀر، اصطلاحي معنيٰ موجب سنڌ جو اوڀر وارو پاسو هندستان ۾ ”ڪانپور ۽ بهار“ تائين واري ايراضيءَ کي پورب سڏيو ويندو هو. پورب پاسي کان هندو فقير سنڌ ۾ ايندا هئا. جن مان ڪي سنڌ مان ٿيندا، هنگلاج جو تيرٿ پيڻ ويندا هئا. لطيف سائين انهن جوڳين جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن کان پوءِ سچل سرمست ۽ بيدل بہ انهن جوڳين جو ذڪر ڪيو آهي.

پوءِ سناسين سام، ”پورب“ سندي پنڌ ۾.
بيدل (وحدت نامو-97)

ڪاپڙين قدم، ڪنيو ”پورب“ پار ڏي
بيدل (ابيات سنڌي-17-22)

پوش: (فارسي. مذڪر) ڍڪ، ڪَل، غلاف.

ڏسو ڪيئن شمس تبريزيءَ ڏنو ”پوش“،
گنوايائين سمورو ظاهري هوش.
بيڪس (مثنوي)

پوشيده: (فارسي. صفت) لِڪل، مخفي.

”پوشيده“ قبائين رنگ بَرنگي، ڪرُندا نقش نگار.
بيدل (149-144)

پُوڪار: (سنسڪرت. مؤنث) پڪار، واڪا، ٻاڪار آواز دانهُون، رڙيون، سَڏ، فريادون.

سرتيون روز سنيالن توکي، پلپل ڪَرن ”پُوڪار“.
بيدل (69-18)

پوڪاران: (سنسڪرت) (واحد. پوڪار) واڪا، رڙيون، دانهُون.

ڪوڪان ڪريان ”پوڪاران“، ٻاڏايان ٿي ٻاڪاريان.
بيڪس (67)

پُڪاري: سنيالي، ياد ڪري، سڏي.

بيڪس، بيوس پرتئون ”پُڪاري“.
بيڪس (13)

پَوَنِ: (سنسڪرت. مؤنث) هوا، واءُ، روح، دم.

من هسوار "پَوَنِ" جو گهوڙو، ڪري سو گگن گذار.
بيدل (40_147)

پَويسان: (سرائڪي) پوندس.

عشق اساڏا شرم وڃايا، هُڻ مين پنڌ "پَويسان".
بيدل (182_218)

پَهُ: (سنسڪرت. مذڪر) پنڌ، ارادو، پُورُ خيال، ويچار، رٿ، صلاح.

پورب "پَهُ" پيونِ، سامي ويا سنسار مون.
بيدل (65_47)

پَهُچاوندا: (سرائڪي) پهچائي، رسائي.

مَنزل مَنصوريءَ تي جلدي، سالڪ نُون "پَهُچاوندا" هَي.
بيدل (157_281)

پَهِراويگا: (سرائڪي) پهرائيندو.

شيخ صُنعَان جيهي عَارَف نُون جَٽيان ڳل "پَهِراويگا".
بيدل (231_127)

پَهِرن: (سنسڪرت) (مصدر: پهرڻ = ڏڪڻ، پائڻ) ڏڪِنِ، پائن.

سُڻي سرود سڪر ۾ بيخود، بي سِر "پَهِرن" قرب ڪُلاهان.
بيدل (32_52)

پهريا: (مصدر: پهرڻ = ڏڪڻ، پائڻ) ڏڪيا، پاتا.

بيدل بِرَهه ڪوُن يار يگاني، "پهريا" ويس هزار.
بيدل (25_12)

پَهرياڻ: (فارسي. مذڪر) هڪ قسم جي مخصوص قميص، چولو.

"پهرياڻ" والا هِڪو رانجهن، لکين هزارين چولا.
بيدل (285_102)

پهريم: پاتم، ڏڪيم.

ڪاتي "پهريم" رسالت جامو عبدي رمز رَليان.
بيدل (20_54)

پهنوار: (مذڪر. صفت_ سن. پشو= رڍ+ آر) ٻڪرار، مالدار، ڳنوار.

پت "پھنوار" جي پاڙي
(بيڪس)

پَھوڙ: (مذڪر) پهاڙُ ٽڪر، جبل.

اولائي ارت ڪيو پنڌ "پَھوڙ" ڏي
بيدل (نوان بيت-9)

پئمانہ: (فارسي. مذڪر) ماپو.

"پئمانہ" خود شڪستي، دلدار ده خدارا.
بيڪس (2)

پِيا: (سرائڪي) پرين، محبوب.

آج "پيا" هوري کيلن آيا، سهسين رنگي بيرنگ سمايا.
بيدل (100-92)

پِياس: (پراڪرت. مؤنث) حب، سِڪ، اُڪير، چاهہ، اُڃ.

دل نماڻي وتي ويڳاڻي، تنهنجي پرت "پياس" سجنا.
بيڪس (21)

پِياسِي: (مذڪر. صفت) پياسو اُڃايل، طالب.

مَين تون هِڪو وچ حقيقت، عِشق دا "پياسي" رايا.
بيدل (125-110)

پِياڪ: (مذڪر. صفت) پيئندڙ چکيندڙ عادي، هيراڪ.

هُو جي پِڪ "پِياڪ"، ساقي ٿيا صبوح جا.
بيدل (فرائض صوفيہ-23)

پيچُ: (سنسڪرت. مذڪر) وَرُ وڪڙ وراڪو انگ، لڪيو.

بيدل نال اسان ڏي رانجهن "پيچ" پرت دا پايا.
بيدل (256-96)

مون سان "پيچ" پُنهونءَ جو پيو ڙي جيڏيون.
بيدل (14-58)

پير پيران: پِيرَن جو پِيرُ.

بلاشڪ "پير پيران" آهي بيدل،
بلاشڪ مير ميران آهي بيدل.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

پير طريقت: (فارسي اصطلاح) صوفين جو پير، مُرشد.

حضرت "پير طريقت" شاهہ تون.
بيڪس (مناجات_2)

پير قادر: حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني.

تون آن غوث اعظم قوي "پير قادر".
بيدل (08_63)

پير مغان: مُرشد، پير.

تنهنجو "پير مغان" بيشڪ آهي بيدل،
ڪندو شل دستگيري تنهنجي با دل.
بيڪس (مثنوي)

پير گهمايان: سير ڪريان، گهمان.

عرشئون اُتري فرش اُتي تو پرتئون "پير گهمايان".
بيدل (20_54)

پيروءَ: (فارسي. مذڪر. صفت) پيروڪار، پوئلڳ، پيروي ڪندڙ.

تون رَسين سختيءَ ۾ سائين، پنهنجي هن "پيروءَ" سدا.
بيڪس (مناجات_1)

پيشوا: (فارسي. مذڪر. صفت) رهبر، رهنماءُ.

عشق بازن جي جماعت ۾ سدا هو "پيشوا".
بيڪس (27)

پيغمبر: (فارسي. مذڪر) نبي، الله جو پيغام آڻيندڙ.

ڪاتي پاڪ "پيغمبر" چايم، ڪاتي خامُ خَبِيث.
بيدل (39_27)

پينار: (مذڪر. صفت) پنڻو پِينو فقير، گدا، گداگر.

سلطان سيني ۾ ڏسي جيئن پاڻ کي "پينار" ميان.
بيدل (04_25)

طالبا توڙ پهچائين، تون پنهنجا سڀ "پينار".
بيڪس (13)

پينام: (مذڪر) پينار، گداگر، منگتو سوالي.

شاهہ ڪر ڪا واهہ والي، پنهنجي هن "پينامَ" جي.
بيڪس (مناجات_1)

پيوسي: (سرائڪي) مان پَيُس.

برهہ ڪاسائي دست "پَيوسي"، حسن ڪيتي قربان تيوسي.
بيدل (؟_269)

پَيونِ: هنن کي پيو.

پورب پَهہ "پَيونِ"، سامي ويا سنسار مون.
بيدل (65_47)

پيهي: (سنسڪرت) (مصدر: پيهڻ) گهڙي، اندر تي.

"پيهي" ڏس پاتار، تہ پاڻ پروڙين پانهنجو.
بيدل (وحدت نامو_118)

اونهون جو آجهاڳ "پيهي" تنهن پاتال ويا.
بيدل (وحدت نامو_136)

پيئندا: واپرائيندا، اندر اوتيندا، ڏوگهيندا.

جيڪي "پيئندا" مَي، منصوري محب تيندا مستانا.
بيدل (28_5)

"ج"

جابجا: (فارسي. ظرف) هرهنڌ، هر جاءِ.

صورت و معنيٰ مين يڪتا جلوه گر هي "جابجا".
بيدل (مخمس-1)

جابر: (عربي. مذڪر. صفت. اسم خاص) جبر وارو ظالم، ڏاڍو زوراور ظالم.

"جابِرُ" وچ جولان لِمَن المُلڪُ پڙهيندا.
بيدل (211-122)

جاتي: (ظرف) جاتي، جتي، جنهن هنڌ.

"جاتي" سندن جهوپڙا، تاتي پڪيءَ نہ پير.
بيدل (وحدت نامو-98)

جاڏون ڪاڏون: (سرائڪي) جاڏهون ڪاڏهون، هر طرف ڪان.

"جاڏون ڪاڏون" بن بن آونڌا، ديدان ڪريندين عيدان.
بيدل (163-226)

جاڏي: (ظرف) جيڏانهن، جنهن پاسي، جنهن طرف.

"جاڏي" ڪن نظر، تاڏي پسن پرينءَ کي.
بيدل (وحدت نامو-24)

"جاڏي" ڪن نهار، تاڏي وستي ويجهڙي.
بيدل (وحدت نامو-31)

جاڏي ڪاڏي: (ظرف) هر طرف، هر پاسي، جيڏانهن ڪيڏانهن.

اچي تيو اِثبات "جاڏي ڪاڏي" سپرين.
بيدل (وحدت نامو-51)

جاڳاءِ: (پراڪرت) (مصدر: جاڳڻ) بيدار ڪر، سجاڳ ڪر، ننڊ مان اُٿار، شعور پيدا ڪر.

وَجَاهِدو فِي سَبِيلِه، جوش جيئون "جاڳاءِ".
(فرائض صوفيہ_9)

جال: (سنسڪرت. صفت) جام، گهڻو جهجهو.

سُرڪو سوز گداز جو جنين پيتو "جال".
بيدل (وحدت نامو_113)

طهورا تحقيق جو جنين "پيتو" جال.
بيدل (ابيات سنڌي_15)

جالڻ: (مصدر: جالڻ) جيئڻ، گذارڻ، گهارڻ، رهڻ.

عشق سندن اُهڃاڻ، سڀ دم "جالڻ" درد سان.
بيدل (وحدت نامو_137)

لائڻ نينهن آسان نباهڻ اوکو
درد عشق ۾ آ "جالڻ" چوکو.
بيڪس (54)

جالي: گذري، گهاري، رهي.

"جالي" ساڏو مين سنسار جيوين مسافر واٽا واهو.
بيدل (40_147)

جالين: جيئڻ، رهڻ، گذارين، گهارين.

فرحين بما آتيناهم الله من فضله، جمعيت ۾ جالين".
بيدل (وحدت نامو_44)

جاليسان: (سرائڪي) جاليندس، بسر ڪندس، گذاريندس.

وِچ ماهي دي فاني مُطلق ڳيا غير جنجال ـ خوش "جاليسان".
بيدل (102_236)

جاليسون: (سرائڪي) مان جاليندس، گذاريندس.

ڏون ٿي ڏِنہ انهين پڃري وِچ، جيوين تيوين "جاليسون".
بيدل (305_216)

جام: (فارسي. مذڪر) ساغر، پيمانو ڪٽورو.

جُنگ پيارن "جام"، سندو عشق اجين ڪي.
بيدل (وحدت نامو_82)

جاما: (سرائڪي) جامو، چولو، چوغو، ڪفني، بدن، جسم.

پَهري يار پريتون نِت نِت، "جاما" جولان دا.
بيدل (؟_116)

"جامانِ" سؤ جنسار، پهريندڙ هِڪُ پرين.
بيدل (وحدت نامو_54)

جامو: (فارسي، مذڪر) لباس، چولو، ڪفني.

ڪاڻي پهريم رسالت "جامو"، عبدي رمز رلايان.
بيدل (20_54)

جان: (فارسي، مؤنث) روح، ساهه، دم، زندگي، حياتي.

بيدل باوَرُ ڪر اِهو جوئي جسم سوئي "جان".
بيدل (35_48)

"جان" جِسم ڪنُون جدا ڪريندي، جاني تُساڏا جانا.
بيدل (185_101)

جانُ جانُ: (ظرف) جيئن جيئن.

ساهه سَهائو نه تئي "جانُ جانُ" ڦري ڦوڪ.
بيدل (وحدت نامو_83)

جان جسم: ساهه ۽ بُت، تَنُ مَن.

ايڪائي ۾ ايڪ ٿيو اچي "جان جسم".
بيدل (وحدت نامو_12)

جان جهان: (فارسي، صفت) محبوب. (ڪنايةً) معشوق.

هر جملي آهين "جان جهان" تون.
(بيڪس)

جاڪون: (ظرف) جڏهن کان، جنهن وقت کان.

"جاڪون" راڻا تون رسي وئين، سختيون سُور ساماڻا.
بيڪس (3)

جانڪي: جاڪون، جڏهن کان.

بيدل ٿيون "جانڪي"، جيوين وحدت جو وڻجارو.
بيدل (15_65)

جاني: (صفت) دلبر، محبوب، سپرين، دوست، پرين، پيارو.

آيا شاهہ حسن دا "جاني"، باغ صِفاتي وچ سيلاني.
بيدل (95_97)

وري "جاني" ڍڪي جامون ڪيئي ڪوهُلُ هنگامو.
بيڪس (46)

جاوان: (سرائڪي) وڃان، ٿيان.

مُوهَن پيارا ڪرِ آيا بَسنتي ويس،
سهڻي سُروپ تون صدقي مين "جاوان".
بيدل (91_169)

جاويد: (مذڪر) هميشه، دائم، سدا.

جان و دل را جنتِ "جاويد" تون.
بيدل (مناقبو)

جاويگا: (سرائڪي) ويندو.

عقل علم دي جاءِ نہ ڪائي، دين ڪفر جَل "جاويگا".
بيدل (312_128)

جاهل: (عربي. صفت) اياڻو اڻ ڄاڻ، اڻ واقف، بي خبر.

هيڏانهن هوڏانهن پاڻ هو "جاهل" يا عرفان.
بيدل (35_48)

آهيان مان اصل ڪؤن "جاهل"، وحدت عشق جو سائل.
بيڪس (16)

جَهَاني: (صفت) جهان جو، دنيا جو.

ڏاهہ هِي جسمي "جَهاني" طلسم.
بيڪس (مناجات_2)

جاءِ بَجاءِ: (ظرف) جاتي، هرهنڌ، هر جاءِ، جتي ڪتي.

"جاءِ بَجاءِ" تو جهاتي پاتي، ڪاٿي ڳجهو تون ناهين.
بيدل (02_41)

جائگاهہ: مقام، مرتبو.

ڪر قبول اي شاهہ عالي "جائگاهہ".
بيدل (مناقبو)

جاءِ شين: (فارسي. مذڪر) گادي نشين، خليفو نائب.

"جاءِ نشين" مولا جگر گوشئِہ بتول.
بيدل (مرثيو)

جائي: (ظرف) سچ پچ، پڪَ سان، ضرور.

تنين ڪؤن "جائي"، راحت رسي روح ڪي.
بيدل (وحدت نامو_40)

جبروت: (عربي. مذڪر) تصوف ۾ سلوڪ ۽ معرفت جي ٽين منزل جتي صوفي خدا جو نُور ماڻي ٿو.

هاهوتئون هلي ڪري، جاءِ ڪيم "جبروت".
بيدل (متفرقہ بيت_4)

تون "جبروت"، لاهوت جو آهين رهبر.
بيڪس (37)

جبروتن: (صفت) جبروت جي منزل کي پهتل صوفي.

پسي موج محمّدي "جبروتن" ڪيا جوش.
بيدل (وحدت نامو_27)

جبرئيل: (عربي. مذڪر. اسم خاص) الله پاڪ طرفان نبين سڀني ڏانهن پيغام آڻيندڙ خاص فرشتو.

دمزنيءَ جي جاءِ ناهي، چا ڪندو هُت "جبرئيل".
بيڪس (24)

جِتُون: (سرائڪي) جتان، جتان.

مَلڪ اِتانهين پُڄ نہ سَگهندي، "جِتُون" تساڏا آٽا.
بيدل (132_129)

جُدائي: (فارسي. مؤنث) وڇوڙو، دوري.

جاني منهنجي دل کي، جڪائي "جدائي".
(بيدل)

جَڏا: (پراڪرت. مذڪر. صفت) (واحد: جڏو) معذور، لاچار، هيڻا، ضعيف، اگها، اپرا.

تنين جي تنوار "جڏا" روح جياريا.
بيدل (وحدت نامو_39)

گهوريان مٿن گهور، هي هوند "جڏو" جندڙو.
بيدل (نوان بيت_10)

جڏان: (سرائڪي) جڏهن.

نينهن نيڪ نامي نون گنواءِ چوڙيا، "جڏان" آڻ ڪي عشق باهيان باليان
بيدل (243_109)

جڏڙا: (سرائڪي) جَڏو اپاهج، معذور.

"جڏڙا" جيءَ جيارِ دلڙي دَردَ پري هَي.
بيدل (158_318)

جَذب: (عربي. مذڪر. صفت) جوش، ڇڪ، اُڌمو.

"جَذب" جوش جو جام، پر تئون پلايو.
بيدل (80_63)

جرجيس: (عربي. اسم خاص) (حضرت جرجيس عليه السلام) وقت جو نبي ٿي گذريو آهي. قرآن پاڪ ۾ ته سندس ذڪر ڪونهي پر تواريخ جي ڪتابن ۾ سندس ذڪر ملي ٿو. هن سلسلي ۾ علامه ابن اثير جي تاريخ "تاريخ الڪامل" اهم ماخذ آهي. انهيءَ کان سواءِ "تاريخ روضة الصفا، تاريخ آثار الاول، سبعات امام محمد الهمداني" وغيره ۾ جرجيس (عليه السلام) جو احوال ملي ٿو. هنن تاريخن مطابق "رضا الاهيءَ خاطر هن سَترِ ڀيرا قتل ٿيڻ منظور ڪيو.

مختصراً قصو هن طرح آهي ته: "فلسطين جي شهر موصل تي هڪ بُت پرست بادشاهه جو قبضو هو. ڪن ڪتابن ۾ ان جو نالو "ورذانه" ته ڪن ۾ وري "واديانه" اچي ٿو. هو افلون نالي بُت جي پوڄا ڪندو هو ۽ رعيت کي به ان جي پوڄا ڪرائيندو هو. حضرت جرجيس کي الله تعاليٰ سندس هدايت لاءِ موڪليو. هن ورذانه کي حق جي دعوت ڏني، جنهن تي هن ڪاوڙجي جلادن کي حڪم ڏنو ته هن جي جسم جي کل لاهي گوشت هڏا الڳ

الڳ ڪري گرم تيل ۾ وڌا وڃن. جلادن سندس گوشت ۽ کل هڏن کان الڳ ڪري سَرنهن جو تيل ۽ مرچ گرم ڪري گوشت ۽ هڏن تي ڇٽڪاريو ويو. سندس گوشت زريون زريون ٿي ويو.

الله تعاليٰ هڪدم جرجيس عليه السلام کي زنده ڪيو ۽ هن وري به ورڏانه کي حق جي دعوت ڏني جنهن تي بادشاه ڪاوڙجي پيو ۽ سندس حڪم موجب هن کي لوهه جون به ميخون هٿن ۾ به پيرن ۾ هڪ مٿي ۾ هڪ سيني ۾ دل واريءَ جاءِ وٽ هنيون ويون. پر الله تعاليٰ فرشتا موڪلي سندس ميخون ڪڍرايون ۽ تندرست ۽ زنده سلامت بيهاري ڇڏيو ته حق جو هوڪو ڏنائين. بادشاه غصي ۾ اچي حڪم ڪيو ته هڪ ديڳ آڻيو ۽ ان ۾ ٽنيڻ ۽ سيهو پري جرجيس کي ان ۾ بند ڪري ديڳ کي ٻاريو وڃي ائين ڪيو ويو ديڳ ۾ سڀ ڪجهه پگهري ويو پر حضرت جرجيس جو وار ونگو نه ٿيو. جڏهن ديڳ جو ڍڪ لاٿو ويو ته هو زنده سلامت ٻاهر نڪري آيو. هن ٻاهر نڪرڻ شرط حق جي دعوت ڏني ۽ بادشاه ڪاوڙجي هن کي جيل ۾ وجهڻ جو حڪم ڏنو پر سلطنت جي ڪارندن رٿ ڏني ته جيل جي قيدين کي ڀڙڪائيندو تنهن ڪري هن کي قيد لاءِ خاص صورت هٿڻ گهرجي. مشوري مطابق هن کي اڪيلي ڪوٺي ۾ اڪيلو رکيو وڃي ۽ ڪوٺيءَ ۾ اونڌو لٽڪائي لوهه جون چار ميخون هن جي هٿن پيرن ۾ هنيون وڃن ۽ پوءِ هڪ وزني پٿر هن جي پُٺيءَ تي رکيو وڃي. مشوري مطابق هن جي هٿن پيرن ۾ ڌگها ڪوڪا هٽي هڪ سنگ مرمر جو ٿنيو جيڪو ارڙهن پهلوانن کنيو آڻي هن جي ڇيلهه تي رکيو ويو ۽ ڪوٺيءَ کي بند ڪيو ويو پر الله تعاليٰ جي حڪم سان فرشتن هن کي قيد مان ٻاهر ڪڍيو. هو ٻاهر نڪتو ته سِڌو بادشاه جي دربار ۾ پهتو. بادشاه کيس زنده ڏسي حيران ٿي ويو. (تاريخ الڪامل)

ڪانئس جڏهن پُڇيو ويو ته فرمايائين. "الله تعاليٰ ٻاهر ڪڍيو."

بادشاه حڪم ڏنو ته هن کي ٻن ڪانين ۾ ٻڌي وچ مان به ٽڪرا ڪريو ۽ لوهه ۾ بند ڪري ستن ٻکين شينهن کي وجهو

حڪم موجب هن کي ڪرت سان چيري ٽڪرا ڪري کوھہ ۾ اڇليو ويو پر کوھہ ۾ موجود شينهن، الله پاڪ جي حڪم موجب جرجيس جي جسم کي هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات پنهنجي پٺيءَ تي کنيو بيٺا رهيا. پوءِ الله پاڪ وري کيس زندھہ ڪيو ۽ حڪم فرمايو تہ وڃي ڪافر بادشاھہ کي سمجهاءِ.

جرجيس عليہ السلام حڪم موجب وري بادشاھہ جي دربار ۾ پهتو ۽ الله پاڪ جي وحدانيت جي دعوت ڏني. بادشاھہ پنهنجي ڪارندن سان مشورو ڪري وري قتل جي تدبير بنائي تہ جرجيس کي باھہ ۾ ساڙي خاڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائي هڪ حصو درياھہ ۾ لوڙهيو وڃي ۽ ٻيو حصو جهنگ ۾ هوا ۾ اُڏائي ڇڏيو وڃي. جڏهن ڪم اُڪلائي گهر هليا تہ انهيءَ وقت الله تعاليٰ هوا کي ڪي حڪم ڏنو تہ جرجيس عليہ السلام جي خاڪ کي گڏ ڪر. الاهي حڪم ٻڌندي سندس سڀ خاڪ هڪ جاءِ گڏ ٿي ۽ منجهائنس جرجيس جو قالب تيار ٿيو ۽ ان ۾ ساھہ وڌو ويو. الله تعاليٰ فرمايس، "اي جرجيس وڃ وڃي ڪافرن کي هدايت ڪر."

جرجيس زندھہ ٿي، بادشاهي دربار ۾ آيو. کيس حق جي هدايت ڏني. سلطنت جي ڪارندن راءِ ڏني تہ هي جادوگر آهي، تنهنڪري جادوگرن کي گهرائي هن جو مقابلو ڪيو وڃي. (تاريخ الڪامل)

اهڙيءَ طرح ملڪ جا جادوگر گهرائي هن جو مقابلو ڪيو ويو پر جادوگرن جو جادو بہ ڪافور ٿي ويو. ۽ انهن ايمان آڻي ڇڏيو. ظالم بادشاھہ انهن سڀني کي مارائي ڇڏيو.

وري هن کي هڪ ديڳ ۾ وجهي گندرف، شيهو ۽ تيل ٻيري هيٺان باھہ جو آڙاھہ ٻاريو ويو. باھہ جو آڙاھہ جڏهن مچي هليو تہ الله تعاليٰ هڪ فرشتي کي نازل فرمايو. جنهن ديڳ کي ڪٽي زمين تي هنيو ۽ ديڳ بہ ٽڪرا ٿي وئي. جرجيس منجهائنس زندھہ سلامت ٻاهر نڪتو. ٻاهر نڪتو تہ وري هن حق جي هدايت ڪئي. آخر جرجيس عليہ السلام الله پاڪ جي دربار ۾ عرض ڪيو تہ ورهيہ ٿيا آهن، مصيبتون ڪٽندي هاڻي پنهنجي فضل

سان معاف ڪر. ڪرم سان شهادت نصيب ڪر. هاڻي جيڪڏهن ڪافر مون کي قتل ڪن ته پوءِ زنده نه ڪيو وڃان. حق تعاليٰ سندس دُعا قبول فرمائي.

بادشاهه پنهنجي زال کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڪيو ته مائي، جرجيس عليه السلام کي عرض ڪيو ته، منهنجي لاءِ دُعا ڪر خدا تعاليٰ مون تان تڪليف هٽائي. جرجيس کيس چيو ته، ”تون آسمان ڏانهن نهار.“ جڏهن مائيءَ آسمان ڏانهن ڏٺو ته ٽهڪ ڏئي کِلي بادشاهه پڇيس ته ”تون هن مصيبت وقت ڇو ٿي کِلين؟“ وراڻيائين:

هه فرشتا جنت جو لباس ۽ جنت جو تاج کنيو مون لاءِ منتظر بيٺا آهن. هوڏانهن ماڻهو جرجيس ڏانهن قتل ڪرڻ لاءِ ويڳا ۽ تلوارن سان کيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائون.

ڪِرم ايوب نبي تون بَچيئان، ول ”جِرجِيس“ جَلائي هو.
بيدل (203_255)

ڪٿان ايوب نون ڪرم بچايءِ ڪٿان ”جرجيس“ جلايوئي
بيدل (170_272)

چندين بارَ ”جَرجِيس“ نبي نون، آتش وچ سٽيندائين.
بيدل (212_231)

جسم دا جيفه: (سرائڪي) جسم جو جوفو جسم جو حرص، جسم جي لالچ، جسم جي لوڀ.

چوڙگيا جوئي ”جسم دا جيفه“، ول نهين سوئي ولندا.
بيدل (245_93)

جسمي: (عربي. مذڪر. صفت) جسم جو ظاهري.

ڏاهه هِي ”جسمي“ جَهاني طلسم.
بيڪس (مناجات_2)

جسو جيءُ: (عربي. مذڪر) تن ۽ من. جسم ۽ روح.

مجازي مام اوڪي تي ”جسو جيءُ“ پنهنجو گهورين.
بيڪس (39)

جُسي: (عربي. جُثہ) بدن، جسم، بدن.

نالي ڳڌي اُن جي جيءَ "جُسي" آرام.
بيدل (وحدت نامو-82)

جِفَ القَلَمَ بِمَاهُو كائِنٌ: (حديث مبارڪ) پوري حديث هن طرح آهي: وَاَعْلَمْ اَنَّہٗ قَدْ جِفَ الْقَلَمَ بِمَا هُوَ كَائِنٌ- جيڪي ٿيڻو هو تنهنجي لاءِ قلم وهي ويو.

"جِفَ الْقَلَمَ بِمَا هُوَ كَائِنٌ"، پَڪي هي پچار.
بيدل (ابيات سنڌي-10)

جُڪائي: (سنسڪرت. مؤنث) (متعدي جڪائڻ = ڏکائڻ، رنجائڻ) ڏُکائي، رنجائي، تڪليف ڏني.

جاني منهنجي دل کي "جُڪائي" جدائي.
بيڪس (31)

جِگر: (فارسي. مذڪر) جيرو. جسم جو رئيسہ عضوو.

جوشئون "جگر" ويڙو جلي ڪنهن کي سليان دل جي خلي
بيڪس (62)

جُڳائي: (پراڪرت) جُدائي، وڇوڙو.

جيئري "جُڳائي" ملي، ماروئڙن سين.
بيدل (وحدت نامو-20)

جُڳاءِ: (پراڪرت) جڳائي، ٺهي، موزون ٿئي، مناسب هجي.

جوڳين ڪين "جڳاءِ"، ڏاران جوڳ جڳت جي.
بيدل (وحدت نامو-132)

جَڳايو: (مذڪر) جاڳايو اُپاريو پيدا ڪيو.

موج منصوريءَ جوش "جڳايو"، وَهَمُ دوئي جو ويو ڙي جيڏيون
بيدل (14-58)

جَڳَتُ: (سنسڪرت. مذڪر) جڳ، جهان، دنيا، ڪائنات، خلقت.

آهيان نُورُ نَفِيس، جوڙيم جوڙ "جَڳَت" جي ساري
بيدل (39-27)

هن "جَڳَتُ" ۾ ڪيو مون کي هستيءَ هلاڪ.
بيڪس (مناجات_2)

جُڳِتِ: (سنسڪرت. مؤنث) صفائي، پاڪيزگي، پرهيزگاري، جوڳ واري رهڻي ڪهڻي.

جوڳين ڪين جڳاءِ، ڏاران جوڳ "جُڳِتِ" جي.
بيدل (وحدت نامو_132)

جَلال: (عربي. مذڪر) بزرگي، عظمت، وڏائي، شان شوڪت، رعب تاب، طاقت، قوت، جوش.

تون حسيني شاهه آن شهباز لال،
طور تي تنهنجي ڏٺو موسيٰ "جلال".
بيڪس (مناجات. 2، ب. 12)

جلالت: (مؤنث) بزرگي، عظمت، شان، شوڪت، وڏائي، جوش، ڪاوڙ، غصو.

ڏيکي جامون "جلالت" جو هزارين هُلَ هُلايا سي.
بيدل (37_84)

پِي ڪرِ جام "جَلالت" والا، مَستُ هويا مخمور.
بيدل (217_160)

جلالون: جلال مان، بهادريءَ سان، جوانمرديءَ سان.

جوڳين لڌي جاءِ، "جلالون" جبروت ۾.
بيدل (نوان بيت_3)

جلالي: (عربي. مذڪر. صفت) جلال وارو.

سالڪن جي سِرَ تي جائي جوش، "جلالي" آچي اچي.
بيدل (26_82)

جلاوندا: (سرائڪي) جلائي ٿو، ساڙي ٿو.

جوڙ سيڪو جسماني والا، جَلوي نال "جلاوندا".
بيدل (282_98)

جلاوڻ: (سرائڪي) جَلائڻ، ساڙڻ، ساڙ ڏيڻ، ريس ڏيڻ.

سَتيءَ وانگر آتش دي وچ، اپنا جيءُ "جلاوڻ".
بيدل (235_252)

جلائِس: (سرائڪي) مون کي جلايائين، ساڙيائين.

غفلت وِچون آپ "جلائِس"، نينهن لاتُس نرواري.
بيدل (209_291)

جلايو: (سنسڪرت) (مصدر: جلائڻ) ساڙيو، ٻاريو.

جگر، جوش تنهنجي جاني "جلايو".
بيڪس (31)

جلايوئي: (سرائڪي) جلايئه، ساڙيئه.

ڪٿان ايوب نون ڪِرم بڇايءِ ڪٿان جَرِجيس "جلايوئي".
بيدل (170_272)

جَلُ تَلُ: (مذڪر) جَرُتَرُ، پاڻي ۽ خشڪي.

"جَلُ تَلُ" مظهر حق دا يارا، آدم مخزن سِرِ نيارا.
بيدل (؟_126)

جلوا: (سرائڪي) جلوو، ديدار.

فِي اَنفُسَڪُم تو وچ جاني، "جلوا" جان جَهان دا.
بيدل (؟_116)

جلوو: (مذڪر) نظارو، ديدار، ڏيکاءُ، درشن، تجلو.

دِيدَ دِيدن ۾ دَم دم ڏَرِ تون، "جلوو" نور جو ڏِسُ نروار.
بيدل (34_22)

هرجايون ڏيکار تون، جاني "جلوو" جوت جمال.
بيدل (72_78)

جلوه گر: (فارسي. صفت) ظاهر، عيان، آشڪار، نظر ايندڙ.

صورت و معنيٰ مين يڪتا، "جلوه گر" هي جابجا.
بيدل (مخمس)

جلويدار: (فارسي. صفت) روشن، چمڪدار، پيڪيدار، نُور وارو، مٽيا وارو.

جاني جلويدار ماهي منصبدار آيا سجڻ آيا آيا.
بيڪس (8)

جَلّي: (عربي. صفت) وڏي آواز وارو ذڪر، ظاهري ذڪر، زبان سان ذڪر، خفيءَ جو ضد.

خفي "جَلّي" هر محفل دي وچ، ذڪر ڪرين همه اوست دا.
بيدل (221_130)

جمال: (عربي. مذڪر) روپ، حسن، خوبصورتي، سُونهن، سوڀيا.

من راني فقد رائ الحق، ويک "جمال" دا جوڙ.
بيدل (152_162)

سُر سَهيون ڪيون سِر جو، ڏنو جن "جمال".
بيدل (وحدت نامو_110)

جَمشيدُ: (فارسي. مذڪر. اسم خاص) شاهه سڪندر.

مجلس ڪونين ۾ "جَمشيدُ" تون.
بيدل (مناقبو_1)

جَمعيت: (عربي. مؤنث) آرام، تسلي، قرار، سُڪون، اطمينان، آٿت، دلاسو.

فرحين بما آتينا هم من فضله، "جمعيت" ۾ جالين.
بيدل (وحدت نامو_44)

جنان/جنهان: (سرائڪي) جني، جن، جنهن.

"جنان" جَمال ماهي دا ڏنڙا، حج قبول اُنهان دا.
بيدل (ابيات سرائڪي_14)

جَنت: (عربي. مؤنث) فردوس، بهشت، سُرڳ.

جان و دل "جنت" جاويد تون.
بيدل (مناقبو)

جَنجال: (مذڪر) مونجهارو، مصيبت، فساد، بکيڙو، تڪليف، هلاڪي.

حاضر ناظر هَمَه جا حَقُ هادي ڇتي جندڙي غير "جنجال" ڪنُون.
بيدل (240_219)

منهنجي مئي دل اوهان بلڪل جياريو.
جڳت "جنجال" وحدت سان وَسايو.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

جنجل: (مذڪر) (جنجال) مصيبت، آزار، تڪليف، مونجهارو، ڏک، اهنج، پريشاني.

خودي خام خيال، ”جنجل“ وجهي جيءَ کي.
بيدل (ابيات سنڌي-23-28)

جندجان: تَنُ مَنُ.

وحدت ۾ ”جندجان“ وڃائي، بيدل هَڻُ منصوري دم.
بيدل (27-34)

جندڙو: (مذڪر) جندجان، جسم، بُت، بدن.

گهوريان مٿن گهور، هي هوند جڏو ”جندڙو“.
بيدل (نوان بيت-10)

جِنسار: (مذڪر) ناهه نوهه، سينگار، پوشاڪ ڍڪڻ.

جامان سؤ ”جِنسار“، پهريندڙ هِڪُ پرين.
بيدل (وحدت نامو-54)

جُنگ: (فارسي. مذڪر. صفت) پهلوان، جوڌو بهادر سورهيه.

ڪيف ڪنهن ڏايي ڪڪوريا، ”جُنگ“ ٿيا جيءَ ڪان جدا.
بيدل (18-02)

”جُنگ“ پيارن جامُ، سندو عشق اُڃين ڪي.
بيدل (وحدت نامو-82)

جِنهان: (سرائڪي) جَنِ.

دِلڙي لُٽيوَ ”جِنهان“ دي، فرياد سڻ تنهان دي.
بيدل (174-114)

جنهن ڪنهن: (محاورو) هرهڪ، جت ڪٿ.

قمري ڪوڪ سناوي ڪوڪو ليس في الدارين الاهو ”جنهن ڪنهن“ جلوه پايا.
بيدل (96-100)

جَٽيان: (سرائڪي) جٽيون اهو ڏاڳو جيڪو عيسائي، ڌرمي رسم طور ڳچيءَ ۾ وجهندا آهن.

شيخ صنعان جيهي ڪامل نون، ”جٽيان“ ڳل پهرايا.
بيدل (251-136)

جِواوي: (سرائڪي) جيئاري.

بيدل شڻ، العشق هُوَ الله، اُس بِن مارِ ”جواوي“ ڪون.
بيدل (313-200)

جوائين: (سرائڪي) جيئارين.

جي تون پالين نال مهر دي، جَذڙا جيءُ "جوائين".
بيدل (186_239)

جوت: (سنسڪرت. مؤنث) روشني، نُور، تجلو پرڪاش.

جوڳين سندي "جوت"، قائم آهي ڪونين ۾.
بيدل (وحدت نامو_71)

جوڙ: (سرائڪي) جوڙي، ٺاهي، بهانو بنائي، منصوبو ٺاهي.

سنئيان اِهين جوڳيئڙي سانون، جادو "جوڙ" بچايا.
بيدل (256_96)

جوڙ: (مؤنث) ٺاهپ، سِٺَ، سٺاءُ، رٺ، برابر.

ظاهر باطن وصف تنهنجو هِتِ هُتِ ناهہ ناهين، "جوڙ" ڪري جسماني.
بيدل (22_76)

آهيان نُور نَفيسُ، جوڙيم "جوڙ" جڳت جي ساري.
بيدل (39_27

جرڙيم: (ضمير متصل) مون جوڙي، مون ٺاهي، مون رٽي.

آهيان نُور نفيس، "جوڙيم" جوڙ جڳت جي ساري.
بيدل (39_27)

جوش: (فارسي. مذڪر) مستي، جذبو شوق، تيزي، گرمي.

سالڪن جي سِرَ تي جائي، "جوش" جلالي آچي آچي.
بيدل (26_82)

موج منصوريءَ "جوش" جڳايو وَهَمُ دوئيءَ جو ويو ڙي جيڏيون
بيدل (14_58)

پَسي موج محمدي، جبروتن ڪيا "جوش".
بيدل (وحدت نامو_27)

جگر "جوش" تنهنجي جاني جلايو.
بيڪس (31)

جوشئون: جوش مان، جذبي مان، شوق مان.

سرڪو سوز گُداز جو "جوشئون" پيتو جن.
بيدل (وحدت نامو-114)

"جوشئون" جگر ويڙو جلي ڪنهن کي سليان دل جي خلي
بيڪس (62)

جوڳ : (پراڪرت. مذڪر) يوڳ. ذڪر وسيلي معرفت حاصل ڪرڻ، ميلاپ- وصل.

"جوڳ" ڪماوڻ ڪم جنهن دا، آنا الاوڻ دم انهيدا.
بيدل (234-158)

جوڳي: (سنسڪرت. مذڪر) اصل لفظ يوڳي آهي. /ي/ بدلجي /ج/ ٿيو آهي. ان جي معنيٰ آهي: جوڙ ميلاپ، ملائڻ، گڏائڻ. جيوَ آتما جو پرماتما سان ميلاپ. جوڳي هڪ فرقو آهي. هن جي شروعات گرو گورک ناٿ کان ٿي. سندن چوڻ آهي تہ گرو گورک ناٿ اهو طريقو شِو مهاراج کان حاصل ڪيو پوءِ مسلمان جوڳي بڻيا. هنن ۾ يوگ لاءِ وڏيون وڏيون رياضتون ۽ مجاهدا ڪرڻ پون ٿا.
هندو فلاسافي ۾ يوگ جا ست رستا ۽ انگ ٻڌايا ويا آهن. اُهي رستا هن طرح آهن: راج يوگ، ڪرم يوگ، گيان يوگ، هٺ يوگ، ليہ يوگ، ڀڳتي يوگ، منتر يوگ.
انگ هن طرح آهن: آسن، پراڻا يام، يَمنيم، مدرائون ۽ سماڌي جوڳ پچائيندڙ سيلاني فقير.

"جوڳي" نڪتا جڳ ڪوُن، ڇڏي جسم جنجال.
بيدل (64-33)

جوڳيڙن: جوڳين.

اڇي ٿي اثبات ۾ "جوڳيڙن" جي جوءِ
بيدل (وحدت نامو-32)

جولانُ: (عربي. مذڪر) چڪر، ڦيرو ڊوڙ جوش، ڪاوڙ ڇوهہ جذبو.

پهري يار پريتون نِت نِت، جاما "جولان" دا.
بيدل (؟-116)

جابر وچ "جولان" لِمَن المُلڪُ پڙهيندا.
بيدل (211-122)

جوڳيءَ ۾ "جولان"، اچن اونداهي رات کي.
بيدل (نوان بيت-1)

ڪاڻ سورن جي آءَ جو ڇائي، جوش ڪيو "جولان".
بيڪس (32)

جوءِ: (فارسي. مؤنث) رهائش واري جاءِ، رهڻ وارو هنڌ، ملڪ، ماڳ، هنڌ، مخصوص ايراضي.

آئي تنهنجي تيون سرهايون سهسين رنگ سمائين "جوءِ" وسائي جاني
بيدل (22-76)

راحت رسي روح کي، ان جي پسي "جوءِ".
بيدل (وحدت نامو-42)

جِهَتِ: (عربي. مؤنث) طرف، پاسو نينهن، عشق.

ٻي "جِهتِ" ۽ جهات، سَيرُ سيوئي اُن جو.
بيدل (وحدت نامو-79)

جُهدُ: (عربي. مذڪر) محنت، پورهيو سخت ڪوشش.

نفل نمازين ورِد وظائف، عشق بنا مُلواٽي ڪرندي "جُهدُ اَجايا.
بيدل (260-108)

جيارن: حياتي ڏين، ساهه وجهن.

عاشق دم منصوري مارن، مويان نون قم آک "جيارن".
بيدل (148-120)

جيايوئي: (سرائڪي) جيئارئي.

قم بِاذني رمز رباني، آک مُويا نون "جيايوئي".
بيدل (170-272)

جيءُ: (سنسڪرت. مذڪر) ساهه، روح، حياتي، دم.

نالي ڳڌي ان جي "جيءُ" جُسي آرام.
بيدل (وحدت نامو-82)

جيَ جيارا: روح کي جياريندڙ ساهه وجهڻ وارو معشوق.

اچي اچانڪ سار لڌائين، جانب "جيءَ جيارا".
بيدل (77-21)

جيءُ جُسي: تن ۽ من، جسم ۽ روح.

”جيءَ جُسي“ ۽ جان ۾ طالب وڃائي تار.
بيڪس (13)

جيرا: (مذڪر) جگر.

دن رين خيال تيرا، جُک جُک جلايا ”جيرا“.
بيڪس (71)

جيفه: (عربي. مذڪر) جيفو ڍوندي، لالچ، لوڀ.

ڇوڙ ڳيا جوئي جسم دا ”جيفه“، وَلِ نهين سوئي ولندا.
بيدل (245_93)

جيفه جسم: جسم جو جوفو.

ڪر نفي نروار هي ”جيفه جسم“.
بيڪس (مناجات_2)

جيفة دنيا: دنيا جو جوفو دنيا جو ڍوندي، دنيا جي لالچ.

”جيفة دنيا“ تنهن کان ڏي نجات.
بيڪس (مناجات_2)

جيڪس: (مذڪر. ظرف) شايد، جيڪر تہ، مڇاڻ، غالباً، لاشڪ.

”جيڪس“ دانهان درد منهنجي جون، پهتيون اتي پرياتہ
بيدل (70_04)

جيوا ويگا: (سرائڪي) جيئاريندو.

فڪر نفي اِثبات ڪِسي دِن، مار ڪر ڦير ”جيوا ويگا“.
بيدل (231_127)

جِيوَڻ: (سرائڪي. مذڪر) جيئڻ، حياتي، زندگي.

عشق دي باجهون بيدل، جگ وچ ”جِيوَڻ“ محض اجايا.
بيدل (192_104)

جيوين: (سرائڪي) جيئن، جهڙيءَ طرح، جنهن ڍنگ سان، جنهن انداز سان.

جالي ساڏو مين سنسار ”جيوين“ مسافر واٽا واهو.
بيدل (40_147)

جيها: (مذڪر. ظرف) جهڙا، وانگر.

منصور "جيها" ڪي ٿي مردانا، سُوريءَ تي هسوار ميان.
بيدل (87_56)

تين جيها مين ڪُون هور نہ ڪوئي، مين جيهي لَک تينون.
بيڪس (سرائڪي بيت)

جيئَون: تن ۾، روح ۾.

وَجَاهِدو فِي سَبِيله جوش "جيئون" جاڳاءِ.
بيدل (فرائض صوفيہ_9)

"ڄ"

ڄام: (مذڪر. اسم خاص) سمن سردارن جو لقب، تماچي جو لقب، سردار، سرواڻ.

هِتِ هُتِ آهه انهيءَ سان، "ڄام" سمون ساٿي.
بيدل (متفرق بيت_2)

ڄاڻُ: (ظرف) اِجهو، هينئر، جلد، سُتت.

ڪانگ لَنوي مِني لاتِ، محب مسافر "ڄاڻ" ڪي ايندا.
بيدل (70_04)

ڄاڻُ: (پراڪرت. مذڪر) سمجهه، سُڌ، شعور، شعور.

مُنهن نہ ڏسان ها مول ئي تنهنجو پر "ڄاڻ" اِهو نہ ڄاتو مون.
بيڪس (40)

ڄاڻان: (پراڪرت) (مصدر. ڄاڻڻ = واقف هئڻ) ڄاڻ هجي ها.

خيالُ خاطر کي پيو ڪو ناهي، ڄاڻيون توکي ٿي "ڄاڻا".
بيڪس (3)

ڄماندر: (سنسڪرت. مذڪر) ڄمار، جنم، عمر، زندگيءَ جو عرصو.

دَرَ تنهنجي تي بيدل ڪاٽيو "ڄم ڄماندر" سارو.
بيدل (67_80)

ڄَمار: (سنسڪرت. مؤنث) عمر، وهي، زندگي، حياتي.

مون سَبُ "ڄَمار" ڳنين سُيُون ڪين ڪي.
بيدل (ابيات سنڌي_30)

ڄمي: (سنسڪرت) (مصدر: ڄمڻ) پيدا ٿي، جنم وٺي، اُيري.

پاڻ ڪوُن ظاهر، پاڻ ۾ باطن، ڪيرُ "ڄمي" ڪير مري مري.
بيدل (30_؟)

"جهہ"

جهات: (مؤنث) جهاتي، لِيو لِڪي لِڪي ڏسڻ.

تماشو هر طورَ ۾ صوفي جسم "جهات".

بيدل (وحدت نامو_146)

جهاتي: (مؤنث) ليئو لياڪو لِڪي ڏسڻ.

جاءِ بہ جاءِ تو "جهاتي" پاتي، ڪاٿي ڳجهو تون ناهين.

بيدل (02_41)

جُهڪين: جُهڪين ٿو.

سوئي توسان سپرين "جُهڪين" جنهن جي ڪاڻ.

بيدل (53_60)

جهلي: (مؤنث) جلي، سڙي

ٻئي ڪنهن جي جاءِ ناهي، ڪي ئي "جهلي" ويا هُتِ جليل.

بيڪس (24)

جهوڪ: (مذڪر) جوءِ، پاڙو منزل، ٺاڪ، ماڳ.

جُنگن سندي "جهوڪ"، روحاني رڙهج تون.

بيدل (وحدت نامو_83)

جهولا: (سنسڪرت. مذڪر) (واحد: جهولو) گرم هوا، لُڪَ.

مولا ميٺ تون مدايون، ڪر معاف جهڪا "جهولا".

بيڪس (01)

جهيڙ: (مؤنث) وڙهہ، جهڳڙو ڪر، جنگ جوٽ، مقابلو ڪر.

لا جو ڪينهون هٽ ڪري، جسم سان تون "جهيڙ".

بيدل (فرائض صوفيہ_11)

جهيڙج: جهيڙ لفظ سان /آ ج/ پڇاڙ ملائي /ڪج/، /ڪر/ ۾ /تون/ معنيٰ ورتي وڃي ٿي. تون وڙهہ، مقابلو ڪج، جنگ جوٽ.

لا جو ڪينهون هٽ ڪري "جهيڙج" ساڻ جسم.

بيدل (فرائض صوفيہ_13)

"چ"

چاتو: (مذڪر) چاڻيو ڪنيو.

بيڪس قسمت منجهہ جو قلم جو سوبار سورن جو "چاتو" مون.
بيڪس (40)

چارو: (سنسڪرت. مذڪر) اُپاءُ، تدارڪ، واٽ، رستو گس، پيچرو.

نفيءَ ڏاران ناهہ ڪو، چنچل بيو "چارو".
بيدل (وحدت نامو_68)

چاڙهي: (مؤنث) اتاهين، بلندي، چوٽي، لاهي جو ضد.

بيدل جنهن جو حالُ حلاجي "چاڙهي" هيءَ سو چڙهي چڙهي.
بيدل (30_77)

چاڪُ: (مذڪر) چيرَ، وَڍَ، زخم.

چاڪ ڪيتي درماندي دلڙي، چاڪ ڏتا سانون چاڪ.
بيڪس (ڪافي_42)

ڦٽ فراقي "چاڪ" چِڪن ٿا، ڪنهن کي حال ٻُڌايان.
بيڪس (41)

چاڪَ: (مذڪر) (واحد: چاڪُ) ڦٽ، چِهَڪَ، چير، زخم، گهاءَ.

وَلَقد راهُہ نَزلَة اُخري، پرين پُوريا "چاڪَ".
بيدل (فرائض صوفيہ_23)

ڦٽ فراقي "چاڪ" چڪن ٿا، ڪنهن کي حال ٻُڌايان.
بيڪس (41)

چاڪرُ: (فارسي. مذڪر) نوڪر، ٻيلي، خادم، غلام.

ڪاٽي "چاڪرُ" چائيان، ڪاٽي خاصو ريس.
بيدل (46_29)

چالِ: (سنسڪرت. مؤنث) هلڻ جو نمونو هلٽي، هلت، رَوِش.

تخلقوا بأ خلاق الله، ہي ڪا چلن نہ ”چال“.
بيدل (وحدت نامو_93)

چاالا: چاليون، حرفت بازيون، حرفتون، هلتون، ڍنگ، اٽڪلون.

موسيٰ فرعون منهن مورت، عجب ”چاالا“ چلايا سي.
بيدل (37_84)

چالو: (سنسڪرت. صفت) اکين جو اِشارو، ناز غمزو نخرو.

دست ڏري آيو حسن جو پيالو چنچل چشمن جو ڪري ”چالو“.
بيدل (73_67)

ڪري چشمن سندو ”چالو“، عاشق معشوق ٿاهين ٿو.
بيڪس (46)

چاليون: (چال جو جمع) اٽڪلون، حرفتون.

بيڪس بيوس وٺ آءُ الله لڳ عجب اوهان جون ”چاليون“.
بيڪس (42)

چاوان چتڙا: (سرائڪي. محاورو) چٽ هتايان، دل تان لاهيان.

تو ٿون ڪيون ڪر ”چاوان چتڙا“، تيدي منگديا نت نگاهان.
بيلد (300_196)

چاوندا: (سرائڪي) ڪٽي.

مشتاقان دي مارڻ ڪيتي، خوني چشمان ”چاونْدا“.
بيدل (268_95)

چاياسي: ڪنيان سين.

هي بار درد غم جا چمي، سِرَ تي ”چاياسي“.
بيڪس (70)

چايم: سڏايم، چوِرايمُ چوايم.

ڪاٽي پاڪُ پيغمبر ”چايم“، ڪاٽي خام خَبيثُ.
بيدل (39_27)

چايو: (مذڪر) ڪنيو پَلِيو.

مُلڪ مارن جو نت ٻهاريو، تو ڪيئن چتڙو ”چايو“.
بيدل (42_64)

چُايئہ: چوايئہ.

احد منجهارون احمد "چايئہ"، چاهئون چاڪ سڏائين.
بيدل (22_76)

چِتُ: (سنسڪرت. مذڪر) دل، مَن، هِنيون.

دعويٰ دورنگيءَ جي سَتي، وحدت ڏي "چِتُ" جو چاهہ ڪر.
بيدل (16_17)

چِترّا: (سرائڪي. مذڪر) چِترّو دل، مَن.

بيدل عشق دي وچ آرامُون، بلڪل "چِترّا" چاوين.
بيدل (241_283)

چِترّو: (چِت جي تصغير) چِت، دل، مَن، خيال، ڌيان.

ملڪ مارن جو نت ٻهاريو، تو ڪيئن "چِترّو" چايو.
بيدل (42_64)

چَراوي: (سرائڪي) چاري.

پير طريقت، خوڪِ "چَراوي"، گِلَ دي وچ زنار.
بيدل (272_155)

چَرچا: (سنسڪرت. مذڪر) گفتگو چرچو مشهوري، مقبولي، ساراهہ، شُهرت، نيڪ نامي، رونق، تماشو.

ڪتان اپني جوت جاڳائين، نُور ظهور دا "چرچا" لاوين.
بيدل (179_234)

چلو ري سنئيان "چرچا" ويکين، آپ چمن ۾ آيا.
بيدل (95_97)

چڙهاوندا: (سرائڪي) چاڙهائين ٿو.

شاهہ حلاج جيهي ڪي ئي عارف، سوليءَ پڪڙ چڙهاوندا هي
بيدل (157_281)

چڙها ويگا: (سرائڪي) چاڙهائيندو.

شاهہ منصور جيها ڪوئي بانڪا، "سوليءَ سِر "چڙهاويگا".
بيدل(231_127)

چڙهايا: (سرائڪي) چاڙهيو.

شاهہ منصور نُون سوليءَ اُتي، پڪڙ "چڙهايا" مين وومين.
بيدل (169_225)

چڙهدا: (سرائڪي) چڙهندو.

بيڪس نہ ڪنهن ۾ اڙندا، سڪندي سوريءَ تي "چڙهدا".
بيڪس (70)

چُست: (فارسي. مذڪر. صفت) ڦڙت، تکو، هوشيار، چالاڪ.

"چُست" منجهئون چالاڪ، هت پڻ ڏنمر هوت ڪي.
بيدل (فرائض صوفيہ_23)

چُستي: (مؤنث. صفت) ڦڙتي، هوشياري.

"چُستيءَ" جي چوٽ هڻ تون، هستيءَ جي اوٽ پيچ تون.
بيڪس (70)

چَشم: (فارسي. مذڪر) اکيون، نيڻ.

نرگس چشمان نيڻ شرابي، "چشم" چوان يا بادام چوان.
بيدل (83_51)

چَشمان: (سرائڪي) اکيون.

هَسِ هَسِ وَل "چشمان" چاسين، نينان نال نيڻ آڙاسين.
بيدل (139_146)

چَشمن: (چشم جو جمع) اکين، اکيون.

ڪري "چشمن" سندو چالو عاشق معشوق ٿاهين ٿو.
بيڪس (46)

برهہ جا بار بدناميون چمي، "چشمن" تي چايا سي.
بيدل (37_84)

چِڪن: (فارسي) (مصدر. چڪڻ) ٿمن، وَهن، سِمن، رت روڳ ڇڏڻ.

ڦٽ فراقي چاڪ "چڪن" ٿا، ڪنهن ڪي حال ٻڌايان.
بيڪس (41)

چڪنا چُور: (فارسي. صفت) پُرزا پُرزا، ٽڪرا ٽڪرا، چِٽ، ناس، پِگل.

چوٽ چشم دي عشاقان نون ڪيتا "چڪنا چُور".
بيدل (178_149)

چُڪي: (مؤنث) تڪل، هڄيل، ماندي

"چُڪي" ڏونگر چوٽئين، سگهي ڪين چڙهي.
بيدل (51_86)

چڪيان: (سرائڪي) چڪيون، پوريون ٿيون، ختم ٿيون، هلاڪ ٿيون.

اکيان لڳيان متيان "چڪيان"، هڻ مين بيوس ٿئيان.
بيدل (262_201)

چگڙا: (سرائڪي) چگيرو سنو پلو.

شوق تيڏي دا شغل "چگڙا"، ساڏي ساهہ سيباٽا.
بيدل (269_131)

چلاؤندي: (سرائڪي) هلائن، چلائن.

آندي جاندي تير "چلاؤندي"، سر عشاقان نشان ڦيراؤندي
بيدل (124_229)

چَلايا: (سرائڪي) هلايو.

مين بہ ماءِ بيراڳڻ ٿيان، سامي ءَ سحر "چلايا".
بيدل (256_96)

چلاياسي: هلايوسين.

موسيٰ فرعون مون منهن ۾ مورت عجب چالا "چلاياسي".
بيدل (37_84)

چلندا: (سرائڪي) هلي ٿو.

بيدل بي رنگي وچ ڪثرت، چال عجائب "چلندا".
بيدل (245_93)

چلوري: (سرائڪي) اڙي هل تہ

"چلوري" سنئيان چرچا ويکين، آپ چمن ۾ آيا.
بيدل (95_97)

چَمار: (سرائڪي) چماڙ چُهڙو چمڙي لاهڻ ۽ رڱڻ جو ڪم ڪندڙ.

ڏڏُ ڏقيرُ "چمارُ" تي چُهڙا، هرڪو وچ ايمان.
بيدل (205_211)

چُمي: (مؤنث) بوسو مِني.

برهه جا بارَ بدناميون، "چُمي" چشمن تي چاياسي.
بيدل (37_84)

چُميسان: (سرائڪي) چُمندس.

خاڪ مبارڪ دَر رانجهو دي، چاهه ڪنُون مين "چُميسان".
بيدل (182_218)

چناهان: (سرائڪي) چناب نديءَ ڪان.

پار "چناهان" رانجهو وَسُندا، ڪوڪان مين اور وار.
بيدل (237_248)

چِنتا: (پراڪرت. مؤنث) فڪر، ڳڻتي، هور، ڪور، الڪو.

مين نون تُساڏي يار "چنتا"، لڳ ڪڙي هي.
بيدل (158_318)

چَنچَلُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) ڦرندڙ گهرندڙ حرڪتي، نچندڙ ڪُڏندڙ لاڏلو.

نفيءَ ڏاران ناهه ڪو "چَنچَلُ" پيو چارو.
بيدل (وحدت نامو_68)

چندين بار: ڪيترائي ڀيرا.

"چندين بار" جرجيس نبي نون، آتش وچ ستيندائين.
بيدل (212_231)

چوٽ: (سنسڪرت. مؤنث) ڏڪ، ٺوڪر، زخم، ڏڪ.

چُستيءَ جي "چوٽ" هڻ تون، هستيءَ جي اوٽ ڀڃ تون.
بيڪس (70)

چوچڪ: هير رانجهي جي قصي جي سورمي، "هير" جي پيءُ جو نالو.

"چوچڪ" چائي ڏيسي، جائي سِر وچ سوز گداز.
بيدل (274_112)

چوديس: (مذڪر) چوڌس، چوڌاري، چؤطرف.

نَوَلُ بهارُ بهشتي سنيان، خوب ڪلي "چوديس".
بيدل (91_169)

چُورِ: (پراڪرت. صفت) متوالو مدهوش، چڪنا چور.

"چُور" چينڪ تنهنجي ڪيڙو شل سوا تونا مري

بيڪس (61)

چَورَنگ: (مذڪر. صفت) چئن رنگن وارو.

بيراڳي بيدل چوي، "چَورَنگ" رسيا چوٽ.

بيدل (نوان بيت_2)

چوڪان: (سرائڪي) (چوڪ جو جمع) /آن/ ملائي جمع ٺاهيو ويو آهي. معياري سنڌيءَ ۾ /اون/ ملائي جمع ٺاهيو ويندو آهي. چوڪون هُشي چُرچون.

راهه مسافر مارِ گهتيو ٿي، چشمان دي ڏئي "چوڪان".

بيدل (224_261)

چوڪڙي: (سرائڪي) چوڪي، صاف، سٺي، عمدي

دين ڪفر دي پَهِرِ قبائين، چلندا "چوڪڙيءَ" چول.

بيدل (229_188)

چوڪو: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) چڱو ڀلو صاف، سٺو.

لائڻ نينهن آسان نڀائڻ اوکو،
درد عشق ۾ آ جالڻ ڀي "چوڪو".

بيڪس (54)

چوڪيون: (چوڪيءَ جو جمع) سٺيون، بهتر، صاف، اجريون، اصلي، سچيون.

بيدل برهه جي بات سُڻ، "چوڪيون" طالب جون تاتڙيون.

بيدل (09_50)

چونڊءِ: توکي چوندا.

مرٺئون اڳي جي مرين، تہ مُئو "چونڊءِ" ڪين.

بيدل (وحدت نامو_72)

چُهڙا: (سرائڪي) چهڙو.

ڏَڏُ ڏقيڙُ چمارُ تي "چهڙا" هرڪو وِچ اَيمان.

بيدل (205_211)

چِينَڪُ: (سنسڪرت. مذڪر) جادو عشق، محبت، بي آرامي، لُڇَ، تڙپ، بي قراري

ڏاڍا "چِيتَڪُ" لايا، اُنهان ناز پريان.
بيدل (310-105)

دل بيدل جي سُپرين، "چِيتَڪُ" ڪئي آهہ چري
بيدل (51-86)

چُورِ "چِيتَڪُ" تنهنجي ڪيڙو شل سوا تو نامري
بيڪس (61)

"چ"

چُپ: (مذڪر) لِڪُ، ڳُجهه.

چوان ٻڏان تو هيڏنهن هوڏنهن ڪنهن ڪؤن "چُپ" چپايان.
بيدل (21_40)

چُپاني: لِڪيو آهي، لِڪائڻ.

ڏيوٽا هي سر اسان نُون، ڪيچ دل ميري "چُپاني".

چُپاوت: چپايائين، لِڪايائين..

ذات "چُپاوت" لوڪ پلاوتِ، لالن ڪيڙو لبيس.
بيدل (76_28)

چُپاوندي: (سرائڪي) چُپائين تو، لِڪائين تو.

ڪِيُون ڪر تون مُک "چُپاوندي"، درسن ڪي منتظر هون.
بيدل (145_202)

چُپاوڻ: (سرائڪي) چُپائڻ، لِڪائڻ.

چاڪ سڏاوڻ ذات "چُپاوڻ"، بيدل يار دا رايا رايا رايا.
بيدل (119_125)

چُپاوڻ ڪيتي: (محاورو) لِڪائڻ ڪارڻ.

اپني ذات "چُپاوڻ ڪيتي"، بيدل، نام سڏاوندي هو.
بيدل (307_253)

چُپايا: (سرائڪي) چُپايو، لِڪايو.

شاهه دلي اولي يار "چُپايا"، جلوا نُور نوراني دا.
(106_302)

چُپايس: (ضمير متصل) هن لِڪايو.

آپ "چُپايس"، ناهه نَهايُس، تسبيح تي زِناري دا.
(118_297)

ڇپايائين: لِڪايائين، ڳُجهو رکيائين، مخفي رکيائين.

لنوڙي لائي بيوس ڪري، پانهنجو پاڻ "ڇُپائين" تو.
بيڪس (45)

ڇوڙ: (سرائڪي) ڇڏ، ڇڏي ڏي، هٽ ڪڍ.

هر گُل ۾ خوشبوءِ هڪائي وحدت دي وچ بوڙيائي "ڇوڙ" پيا فڪر اجايا.
(95_97)

ڇوڙ ڳيا: (سرائڪي) ڇڏي ويو.

"ڇوڙ ڳيا" جوئي جسم دا جيفه، ول نهين سوئي ليندا.
بيدل (245_93)

ڇوڙيا: (سرائڪي) ڇڏيو.

نينهن نيڪنامي نون گنواءِ "ڇوڙيا" جڏان آڻ ڪي عشق باهيان باليان
بيدل (243_109)

ڇوڙين: (سرائڪي) ڇڏين.

غافل جي تون غفلت "ڇوڙين"، دام دوئي دا دم وچ توڙين.
بيدل (155_103)

ڇيريان: (سرائڪي) سرائڪي جي لفظ پڇاڙ /آن/ سنڌيءَ ۾ /اون/ ۾ بدلجي ٿي. ڇيريون.

لُٽِ نيتيءِ دلڙي "ڇيريان" دي ڇمڪار.
بيدل (107_159)

ڇيهؤن: ڇيهي لفظ سان /ائون/ پڇاڙ ملائي /کان/ معنيٰ ورتي وئي آهي. ٽوٽي کان، نقصان کان.

واکيا جي وحدت سين "ڇيهؤن" ڇُٽا سي.
بيدل (ابيات سنڌي_14_19)

”ح“

حاجت: (عربي. مؤنث) گُهرج، ضرورت، غرض، مطلب.

سِڪُ رمز وجود وڃاڻڻ ڏي، نهين ”حاجت“ پڙهڻ پڙهاوڻ ڏي.

بيدل (؟-294)

حاجت روا: (صفت) حاجتون پوريون ڪندڙ ضرورتون پوريون ڪندڙ.

حضرت ”حاجت روا“ في الفور ڪر.

بيدل (مناقبو)

حاذق: (عربي. مذڪر. صفت) ڪامل، ڪاريگر، هنرمند. آزمودگار، چتر، چالاڪ، هوشيار.

”حاذق“ هشياري، رکين انهيءَ رموز جي.

بيدل (وحدت نامو-19)

حاصل: (عربي. مذڪر) لاڀ، سود، نفعو نتيجو بقايا، آمدني، اُپت.

حسن بازر ڪرين ”حاصل“، هاٽي بيڪس سڏائين ٿو.

بيڪس (46)

حاضر ناظر: (عربي) (ٻنا لفظ) هرهنڌ موجود ۽ ڏسندڙ.

”حاضر ناظر“ هر رنگ هر جا، ناهه عجائب ناهين.

(41-02)

حافظ: (عربي. مذڪر) اهو ماڻهو جنهن کي قرآن پاڪ ياد هجي، ذهن وارو.

”حافظ“ قاري ڪير ڪوناڻي، ڪيرُ پوٿي ٿو پڙهي پڙهي.

(77-30)

حافظ: (عربي. مذڪر) نگهبان، راکو رکوال، سنڀاليندڙ.

مدامي مريدن جو ”حافظ“ تون آهين.

بيڪس (37)

حافِي: (عربي. مذڪر. فعل) پيرين اُگھاڙو تماشي لاءِ ٽولي ۾ بيھندڙ ماڻھو عام رواجي آدمي.

بَر و بَحر شاھہ حاضر، حيرت ۾ بَشَرُ "حافِي".
(85_82)

حال: (عربي. مذڪر) ٿن زمانن مان ھڪ زمان. وچون زمان، ھلندڙ وقت، موجوده وقت، حالت، قال جو ضد.

قال نہ وٺي ڪاپڙين، "حال" اٿن ھمدم.
بيدل (ابيات سنڌي_17)

قال ڪيو ۽ "حال" ڏي يا سيدا.
بيڪس (مناجات_2)

حالئون: حال کان.

درد فراق انھيءَ جا مون کي، "حالئون" نيو ھيھات.
(4_70)

حامي: (عربي. مذڪر. صفت) مددگار، حمايتي، آڌار، پرجھلو.

ھِتِ ھُتِ "حامي" آھہ، اسان جو ھادي حضرت شاھہ.
بيدل (58_74)

حُبابُ: (عربي. مذڪر) پاڻيءَ جو بوڙيو ڦوڪڻو بُلبلو پردو.

پيھي وچ پاتار ۾، ھتئون چڙ "حُباب" حُبابُ.
بيدل (54_6)

حَبيبُ: (عربي. مذڪر) دوست، محبوب، دل وارو، پرين. پريتم، معشوق.

ھاديءَ لڳ "حَبيبُ"، پيرو ڪج پنيور ۾.
بيدل (نوان بيت_4)

پاڻ "حبيب" پاڻ طبيب برھہ ڪيو ھت بيمار.
بيڪس (15)

حِجابُ: (عربي. مذڪر) پردو اوٽ. رنڌڪ.

ڪڻ اسان ھون "حجاب" دوئي جو بخش تون قرب ڪمال.
بيدل (72_78)

حجابون: (عربي. مذڪر. حجب= هن ڍڪيو) حجاب لفظ سان /اون/ پڇاڙ ملائي /مان/ ۽ /ڪان/ معنيٰ ورتي وڃي ٿي، پردي مان.

توريءَ نہ ڪي پيو آھ، هلي آءُ "حجابون".
بيدل (81_44)

حديث: (عربي. مؤنث) رسولِ مقبول محمد ﷺ جو قول.

نال تفسير "حديث" نہ ليسي، اونهان سِرِالاهي.
بيدل (؟_311)

حَرف: (عربي. مذڪر) الف ـ بي جو هڪ اکر، لفظ، پڊُ، سخن، قول، پاسو طرف.

نَحوَ جو نيهي "حرف" نہ، ڄاڻن محويت جون موجان ماڻن.
بيدل (44_38)

حرم الصفا: حرم پاڪ جو صفو.

صلح صاحاً صوامح عاڪفي "حرم الصفا".
بيدل (مخمس)

حِرمان: (عربي. مذڪر) محرومي، مايوسي، نااُميدي

بيدل مول نہ تون ٿي ماندو "رازدارن تي رسي يار هجرت ۾ "حِرمان".
بيدل (50_35)

حَريف: (عربي. مذڪر. صفت) رقيب، هم پيشو هوشيار چالاڪ.

ولايت وارو قاضي پير محمد،
"حريف" ۾ ساقي درد مئخانہ محمد.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

حَسَنُ: (عربي. مذڪر. صفت) حضرت امام حَسن رضي الله عنه، حضرت علي رضي الله عنه ۽ حضرت فاطمه الزهره رضي الله عنها جا وڏا فرزند آهن. ڪين 670ع ۾ زهر ڏئي شهيد ڪيو ويو نيڪ، خوبصورت.

تون "حَسَنُ" جو لاڏلو شهباز لال.
بيدل (مناقبو)

مير "حَسَن" نون زهر پلايوئي شاهہ حسين شهيد ڪرايوئي.
بيدل (170_272)

حسن هزاري: بُلبل جهڙي سُونهن.

"حسن هزاري" گل گلزاري، نرت وارن تي نينهن.
بيڪس (34)

حُسيني: (صفت) حضرت امام حسين رضي الله عنه جي نسبت وارو. حضرت امام حسين رضي الله عنه جو پيروڪار.

تون "حُسيني" بادشاهہ بدر الڪمال.
بيدل (مناقبو)

حال منهنجي سان "حُسيني" هم قدم،
هُج تون هردم، بادشاها! دم بدم.
بيڪس (مناجات_2)

حَشَر(1): (عربي. مذڪر. واحد: حشرُ) هُلَ، گوڙ، گهمسان.

هاءِ ڪيا فردوس ۾ حورن "حَشَر".
بيدل (مرثيو ب:6)

حَشَر(2): (عربي. مذڪر) قيامت، حساب ڪتاب جو ڏينهن.

تان نہ ساڙي باهہ، مون کي منجهہ "حَشَر".
بيڪس (مناجات_2)

حضرت: (عربي. مذڪر. صفت) جناب، حضور، قبلہ، اصطلاحاً، ڪائنات جو ڪارڻي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم.

"حضرت" نون معراج بُلا ڪي، محرم راز بڻيندائين.
بيدل (212_231)

حضرتا: اي قبلہ سائين.

تون آهين صانع تنهين جو "حضرتا"
بيڪس (مناجات_2)

حضرت شاهہ: حضرت علي رضي الله عنه.

هِتِ هُتِ حامي آهہ اسان جو هادي "حضرت شاهہ".
بيدل (58_74)

حضورُ: (عربي. مذڪر) حاضر رهندڙ موجود. روبرو حق جي موجودگيءَ واري پاڪ جاءِ.

حاصل ڪج "حضورُ" پاڻ پروڙي پانهنجو.
بيدل فرائض صوفيہ۔18)

حضوري: (مؤنث. صفت) حق پاڪ جي حضور ۾ ايندڙ واصل بِالله، قرب، نزديڪي، ويجهڙائي، حضور جو.

تون محمد جو "حضوري"، هاديءَ راهِہ هُدا.
بيڪس (مناجات۔1)

حق: (عربي. مذڪر) الله تعاليٰ جي ذات، حقيقت، سچ.

"حقُ" ريءَ هر دو جهان ۾ لاشڪ ڪين ليي.
بيدل (12۔83)

"حق" جابجا مشهود آ، سو عبد سو معبود آ.
بيدل (74۔75)

حقاني: (صفت) حق وارو. سچو.

مُکُ ماهِي دا ڪعبه قبلا، عشق امام "حقاني".
بيدل (303۔315)

حق موجود: صوفين جو ڪلام، 'الله هر جاءِ موجود آهي'.

سدا "حق موجود"، همه کي هڪ ڄاڻ تون.
بيدل (وحدت نامو۔55)

حقي: (مذڪر. صفت) سچا، بي رياءُ.

ڪنڌهن تي قم بِاذنيءَ جا حڪم، "حقي" هلايا سي.
بيدل (37۔84)

حقيقت: (عربي مؤنث) اصليت، سچائي صداقت، حق سلوڪ جي هڪ منزل.

سِرُ "حقيقت" وارو سالڪ، ڪو سمجهي، راز رباني وارو.
بيدل (12۔83)

"حقيقت" سان هڪ ٿيءُ، ڇڏي نَحو صرف.
بيدل (وحدت نامو۔119)

حُڪم: (عربي. مذڪر) فرمان، هدايت، فتويٰ.

ڪنڌهن تي قم بِاذنيءَ جا، "حُڪم" حقي هلايا سي.
بيدل (37۔84)

حڪومت دار: (عربي) اختيار رکندڙ حڪمراني ڪندڙ.

جاڳي تہ ساڳيو بادشاهہ الحق "حڪومتدار" ميان.
بيدل (04_25)

حلاج: (عربي. مذڪر. صفت) پيجارو. ڪپهہ پيجڻ وارو. صوفي حسين بن منصور (922_858) جو لقب. ذڪڻ ايران جي ڳوٺ ۾ ڄائو. حضرت ايوب انصاريءَ جي اولاد مان هو. هن ڏگها ڏگها سفر ڪيا. فارس، خوزستان ۽ خراسان گهميو. واپس اچي قرب الاهي جي هڪ رستي جي پرچار شروع ڪئي ۽ شعر چيو. هن جون تحريرون ۽ تقريرون سندس گرفتاريءَ جون ڪارڻ بڻيون. هن 'اناالحق' جو نعرو هنيو جنهن جي ڪري مٿس ڪفر جي فتوي مڙهي وئي. آخر ڪيس سوليءَ چاڙهيو ويو.

بَن ڪي "حلاج" دي صورت سُهڻا، شاهي حڪم هليندا يار.
(154_197)

تي "حلاج" اناالحق آکيئي، سوليءَ پڪڙ چڙهاوندائين.
بيدل (212_231)

لاالہَ الا آنا فاعبدون، هي "حلاجي" هاج.
بيدل (فرائض صوفيہ_19)

"حلاج" جي حالت ۾ هردم، من خدا ممتاز هو.
بيڪس (47)

حلاجي: (عربي. صفت) حلاج وارو، حلاج جي نيت وارو.

حال "حلاجي" بحر بي پايان، لَڪِن مون ڪو پِيو.
بيدل (19_81)

حنفي: (عربي. صفت) سني مسلمانن جي اها جماعت جيڪا، اهلِ سُنت جي امام حضرت امام ابوحنيفہ جي پيروي ڪندڙ آهي. فقه جي مشهور چئن طريقن مان هڪ طريقو. جنهن جو باني امام ابو حنيفه آهي.

ڪتان "حنفي" آپ سڏاوندا، مست ڪتان مَجنُون.
بيدل (161_194)

حَوا: (عربي. مؤنث. اسم خاص) حضرت آدم عليہ السلام جي زال ۽ انساني

نسل جي ماءُ، دنيا ۾ آيل پهرين عورت. جيئن ته آدم جي کاٻي پاسيريءَ مان زنده ماڻهوءَ مان ان جي تخليق ٿي، تنهنڪري تنهن کي "حوا" نالو رکيو ويو. آدم ۽ حوا جنت ۾ رهندا هئا. منع ٿيل ميوو کائڻ جي ڪري ٻنهي کي زمين تي موڪليو ويو. قرآن مجيد ۾ حوا جي پيدائش جو ذڪر ڪونهي. البت بائيبل ۾ اُن جو قصو آيو آهي.

آدم "حوا" ڪؤن هُئين تون اگهين، بيشڪ ۾ باهوت.
بيدل (؟_7)

حَواس: (عربي. مذڪر) (حاسه جو جمع) اهي ڏهه قوتون، جيڪي حِسُ ڪنديون آهن. انهن مان پنج ظاهري آهن، جن کي حواس خمسه چئجي ٿو ۽ پنج باطني آهن.

ويک گُلان وچ جَلوا ذاتي، هوئيندين گمُ "حواس".
بيدل (88_166)

حُور: (عربي. مؤنث) پوري رنگ ۽ ڪارن وارن واري بهشتي عورت. اهڙي عورت جنهن جي اکين جي اَڇاڻ ۽ ڪاراڻ ڇٽي هجي! نهايت خوبصورت عورت، معشوق.

تيڏي مشتاقان نُون نہ پاوين، تو بن "حُور" قصور.
بيدل (178_149)

حُوران: (حُور جو جمع) عربي لغت ۾ "حور عين" ڪارين اکين وارين عورتن لاءِ استعمال ٿيو آهي. حور جي اصطلاحي معنيٰ آهي: پوري رنگ ۽ ڪارين اکين واري عورت.

پَسڻ ڏاران پرينءَ جي "حُوران" محض حجاب، محض حجاب
بيدل (54_06)

حُور رضوان: جنت جي حُور.

نتا جنت گهرون ڪاپرين واري،
جنهن ۾ "حُور رضوان"، بي شماري
بيڪس (ثنا شاه عنايت الله)

حيدر: (عربي مذڪر) حيدر ڪرار علي بن ابي طالب جو لقب، اژدها چيريندڙ شير، اسد

عشق هي ”حيدر“، صَفدَرُ ميڏا، عشق هي ميڏي پشت پناهہ
بيدل (166_257)

ڪري هُل تئين وري ”حيدر“، عجب سورهيہ سڏائين تو.
بيڪس (46)

حيدر ڪرار: (مذڪر) حضرت علي بن ابي طالب جو لقب.

دُر درج ”حيدر ڪرار“ تون.
بيدل (مناقبو)

حيدري: (مذڪر. صفت) حيدر سان نسبت رکندڙ حضرت عليؓ جو پيروڪار.

هر مظهرِ وچ وسندا بيدل، ماري نغارا ”حيدري“.
بيدل (288_268)

ڪري ”حيدري“ هَلُ، خيبر خوديءَ جو پٽي.
بيدل (فرائض صوفيہ_14)

حيرانا: (عربي. مذڪر. صفت) (واحد: حيرانو) هڪا ٻڪا، وائڙا، ششدر.

هر جاءِ قرون ”حيرانا“، ڪيڏ غير جا تون پولا.
بيڪس (01)

"خ"

خادم: (عربي. مذڪر) نوڪر، خدمت ڪندڙ ٻانهو ملازم، مُريد.

بيڪس "خادم" ٿيو تنين جو جي دين مذهب ڪؤن ڇُتا.
بيڪس (4)

خارجي: (عربي. مذڪر. صفت) حق وارن مان نڪتل، تڙيل.

"خارجي" خنزير مُلان، جي مِرون ڪائي مَتا.
بيڪس (4)

خاص: (عربي. صفت) نِج، اصل، ذاتي.

پاڻون پاڻ سان لَنوَ جا لاتئي، "خاص" اچي منجهه خاڪ.
بيدل (23_30)

خاص: (عربي. صفت) چڱن، موچارن، ڀَلن، سُٺن.

اِذاتَم الْفَقْرُ فَيَكُوْنُ عَيْنَه كَنَفْسِ الله "خاصن" خاصي خوءِ
بيدل (وحدت نامو_32)

خاص الخاص: (صفت) فقط پنهنجي، بنهه اهم، اُتم، وڏي درجي ۽ احترام وارو.

اس گلزار مين بوءِ هَمَه دي پاوي، ڪو "خاص الخاص".
بيدل (88_166)

خاصان: (سرائڪي) خاصن، چڱن.

عشقي خون "خاصان" دا هاريا، صوفي دا سِرُ نيزي چاڙهيا.
بيدل (215_251)

سُر سَهِيون ڪيو سر جو "خاصن" چڏي خواب.
بيدل (وحدت نامو_107)

خاصو: (عربي. صفت) چڱو گهڻو امير، سخي.

ساري عالم کي پڄائي تو روزي،
توڙي "خاصو" هجي، توڙي ڪو موڏي،
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

خاصي: (صفت) سُني، عمدي

اِذاتَم الْفَقْرُ فَيَکُوْنُ عَيْنَه کَنَفْسِ الله خاص "خاصي" خوءِ
بيدل (وحدت نامو-32)

خَاطِر: (عربي. مؤنث- خَطَرَ = دل ۾ آيو) دِل، من، چِتُ.

خيال "خاطِر" کي ٻيو ڪو ناهي، ڄاڻون توکي ڄاڻا.
بيڪس (03)

خاڪ: (فارسي. مؤنث) مٽي، دز ڇار.

پاڻون پاڻ لَنوَ جالا تئي، خاص اڇي منجهہ "خاڪ".
بيدل (23-30)

پاڪ پنهنجي نُور سان، ڪر منهنجي خاڪ".
بيڪس (مناجات-2)

خاڪي: (مذڪر. صفت) خاڪ جي پيدائش، خاڪ وارو خاڪ جي رنگ وارو مٽيءَ هاڻو.

"خاڪي" ڪيڙ ۾ ويس، آهيان نہ تہ نُور نيارو.
بيدل (46-29)

خال: (عربي. مذڪر) تِرُ، ڳلن تي نڪتل ڪارو تِڪو.

"خال" جا داڻا خوشيءَ مان، تاءِ ڪن ڏاڍو تتيون.
بيڪس (44)

خام: (فارسي. مذڪر. صفت) ڪچو آڻ پڪو ناتجربيڪار، عيبدار، خراب، ناقص.

ڪاٽي پاڪُ پيغمبرُ چايم، ڪاٽي خام "خَبِيثُ".
بيدل (39-27)

ڪڏي چڏ تون دايوُن دوئي "خام" بد.
بيڪس (مثنوي)

خام خودي: اجايو هٺ، اجائي وڏائي، پاڻپڻو.

’لا‘ سين ڇڏ لاهي، ”خام خودي“ جا خطرا.
بيدل (وحدت نامو_60)

خامن: (جمع) ڪچن، اَڻ پڪلن، اَڻ پختن، ناتجربيڪار پختن جو ضد.

خبر نہ ”خامن“، پختن جي پروڙ جي.
بيدل (وحدت نامو_131)

خاوندا: (فارسي) خداوند، اي خدا پاڪ، اي الله پاڪ.

آهين هر جاءِ تي وسيلو ”خاوندا“.
بيڪس (مناجات_2)

خائن: (عربي. مذڪر. صفت) خيانت ڪندڙ بدديانت.

”خائن“ ٿيندا خوار، يا ڪي يومِ حساب ۾.
بيدل (ابيات سنڌي_16_21)

خَبيثُ: (عربي. مذڪر. صفت) ناپاڪ، پليد، پاپي، بدمعاش.

ڪاٿي پاڪُ پيغمبرُ چايم، ڪاٿي خام ”خَبِيثُ“.
بيدل (39_27)

خجالت: (عربي. مؤنث) شرمندي، لَڄ، شرم، حياءُ.

مڙئي ايندا ”خجالت“ ۾ اوهان پير.
بيڪس (مثنوي)

خدارا: (فارسي) خدا جي واسطي، الله جي واسطي.

پئمانہ خود شڪستي، دلدار ده ”خدارا“.
بيڪس (2)

خدائي: (مؤنث) خدا جو الوهيت.

رکندا خيال ”خُدائي“ والا، وهم خودي نون کاوندا.
بيدل (282_98)

خراباتي: (عربي. مذڪر. صفت) شراب خور، شرابي، موالي.

ڪڏان قارِي آياتي وچ، ڪڏان وت رند ”خراباتي“ وچ.
بيدل (137_107)

خزينا: (عربي. مذڪر) (خزاني جو جمع) خزانو.

بيدل ڇوڙ تون جان دا جينا، بيخودي دا ڍونڍ ”خزينا“.
بيدل (179_234)

خَستہ: (فارسي. صفت) بيمار، مفلس، تنگ دست، ڏُکايل، ستايل، عاجز، مايوس، نااُميد، زخمي، گهايل.

درد فراقان وچ هو ڪي "خستہ"، رو رو سور سليندا.
بيدل (4-؟-113)

خَطائي: (عربي. صفت) خطاوار، ڏوهي، گنهگار، مجرم.

بيدل برهہ ۾ جالڻ چوکا، بيا سڀ جائي خيال "خطائي".
بيدل (؟-304)

خطائين: (سرائيڪي) خطائون، ڏوهہ، گناهہ، غلطيون، قصور.

نانءُ الله دي يار پيارل، ساڏيان بخش "خطائين".
بيدل (295-197)

خَفِي: (صفت) لِڪل، ڳجهو، پوشيده، دل ۾ ذڪر، جلي جو ضد.

"خَفِي" جلي هر محفل دي وچ، ذڪر ڪرين همه اوست دا.
بيدل (221-130)

خَلعت: (عربي. مؤنث) اهو ڪپڙن جو جوڙو يا ڪو ڪپڙو جيڪو مرشدن، بادشاهن يا اميرن طرفان ڪنهن کي انعام ۾ ڏنو ويجي.

"خلعت" خدائيءَ جي ڍڪي، سِرِ قرب جي ڪُلاهہ ڪر.
بيدل (16-17)

خلق آدم عليٰ صورته: حديث پاڪ جو هڪ حصو. مڪمل حديث هن طرح آهي: "اِنَّ اللهَ خَلَقَ آدمَ عَلٰى صُورَتِهٖ وَصَفتِىْ وَ اَقْوَالِىْ وَ فَعالِىْ وَهٰذَا سِرٌ عَظِيْمٌ" آدم کي پنهنجي صورت تي خلقيم، پنهنجي صفتن، قولن ۽ ڪمن جو مالڪ بنايوءِ هي ڳجهو راز آهي.

"خَلَقَ اَلآدَمُ عَلٰى صُورَتِهٖ" غير خدا جو ناهين.
بيدل (45-45)

"خَلَقَ اَلآدَمُ عَلٰى صُورَتِهٖ" پاڻُون پاڻ تو ڏسي يار.
بيدل (50-35)

"خَلَقَ اَلآدَمُ عَلٰى صُورَتِهٖ" شڪ شُبها سڀ چوڙ.
بيدل (153-162)

الايائين "خَلَقَ اَلآدمُ" يقينا.
بيكس (مثنوي)

خَلَقَ الْاَشْيَاءِ فَهُو عَيْنَهَا: (صوفين جو قول) شيون خلقيائين پوءِ اهي ان جي هوبهو آهن.

"خَلَقَ الْاَشْيَاءِ فَهُو عَيْنَهَا"، ڏاهَنِ ڪانهي ڏاهہ
بيدل (وحدت نامو-20)

خلي: (عربي. مؤنث) ڳوٺڙي، گَهرُ.

جوشئون جگر ويڙو جلي، ڪنهن کي سليان دل جي "خلي".
بيڪس (62)

خَليل: (عربي. مذڪر) صادق، سچو دوست. حضرت ابراهيم عليه السلام جو لقب. تاريخ نويسن جو خيال آهي تہ، سندس والد جو نالو نارخ ۽ آزر سندس چاچو هو، جنهن سندس پرورش ڪئي. آزر، بُت تراش هو. پر هو خدا پرست هو. حضرت ابراهيم عليه السلام بُت پرستيءَ جي مخالفت ڪئي. ايتري تائين جو نمرود ڪيس باهہ جي آڙاهہ ۾ وجهايو. پر خدا جي حڪم سان باهہ ٿڌي ٿي باغ بڻجي وئي. حضرت اسماعيل عليه السلام سندس پُٽ هو.

ڪُوري وچ "خليل" سَتايم، پسي جلوا ذات ضِيائي دا.
بيدل (137-107)

خمار: (فارسي. مذڪر) نَشو مدهوش، ڳَم، ڪيف.

ڪيئہ عيش ڪنهن اوقات ۾، خاصي ڪنهن "خمار" جا.
بيدل (6-3)

وجد وحدت جو مدامي، شاهہ کي "خمار" هو.
بيڪس (27)

خُماريا: مست ڪيا، مدهوش ڪيا، نَشي ۾ چُور ڪيا.

خُمُر ڪنهن خاصي "خماريا"، سالڪن ڪيا سر فدا.
بيدل (18-02)

خَمدار: (فارسي. مذڪر. صفت) پيچدار، ور وڪڙ.

خونيءَ جون "خمدار" زلفان، روز ورهن ٽيون.
بيڪس (9)

خُمُر: (عربي. مذڪر) شراب، مَي، مَدُ.

”خُمُر“ ڪنهن خاصي خماريا، سالڪن ڪيا سر فدا.
بيدل (18ـ02)

خوابُون: (فارسي) خواب ڪان، خواب منجهان.

بيزار خود خيال ڪؤن، بيدار تي ”خوابُون“
بيدل (81ـ44)

خواري: (فارسي. مؤنث) ذلت، پريشاني، بي عزتي.

برهہ بازاري، عشق آزاري، هڪ بيقراري، ٻي خلق جي ”خواري“.
بيڪس (54)

خواهان: (فارسي. صفت) چاهيندڙ، گهرندڙ، طلبگار، طالبو.

نينهن ۾ پاڻ نچائج بيدل! درد جو يار دليون تج ”خواهان“.
بيدل (32ـ52)

خوبان: (فارسي. صفت) خوب جو جمع. خوبصورت، حسين، معشوق، چڱو، پلو، عمدو، اُتم، اعليٰ.

شمع جمال ”خوبان“ اُسڪي، جَهلَڪ سي روشن.
بيدل (207ـ124)

خوبي: (مؤنث) سُونهن.

سرو چمن ”خوبي“ دا سهڻا، لالن خاص لبيس.
بيدل (91ـ169)

خود خيالي: (فارسي) پنهنجي خيال وارو، پنهنجي مرضيءَ وارو، مغرور، هَٺ، وڏائي.

لب لال سرخ لالي، رهندين تون ”خود خيالي“.
بيڪس (71)

خود شڪستي: (مؤنث) پنهنجو پاڻ کي مارڻ.

پئمانہ ”خود شڪستي“، دلدار ده خدارا.
بيڪس (2)

خودي: (فارسي. مؤنث) پاڻ پڻو، هَٺ، وڏائي، غرور، تانءُ.

رکندا خيال خدائي والا، وهم ”خودي“ نون کاوندا.
بيدل (282ـ98)

خورشيد: (فارسي. مذڪر) سج.

هي هلال آهي مگر، "خورشيد" عرصات نشور.
بيدل (نوان بيت-11)

خوش خيال: (صفت) اُتم خيالن وارو، سُٺن ويچارن وارو.

عشق وحدت سان ٿيا مان "خوش خيال".
بيڪس (مناجات-2)

خوشنود: (فارسي. مذڪر. صفت) خوش، راضي.

هادي مرشد مڪمل آهه بيدل،
ٿيندو رهبر، ڪندو "خوشنود" خوش دل.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

خوشبوءِ: (فارسي. مؤنث) سُرهاڻ، سڳنڌ، هڳاءُ، هٻڪار.

خاصن جي "خوشبوءِ"، مون مَن مستانو ڪيو.
بيدل (وحدت نامو-42)

خوش دل: (مذڪر. صفت) شادمان، بشاش.

ڪندو توکي مدامي، شاهه "خوش دل".
بيڪس (مثنوي)

خوض: (عربي. مذڪر) غور، خيال، ويچار، ڌيان، ڳڙ ڳوت، فڪر، سوچ.

لکجاءِ لعل لبيس ۾، ڪر "خوض" خبردار ٿيءُ.
بيدل (74-75)

خوف: (عربي. مذڪر) ڊِچ، ڀيجو ڀَوُ ڊپ.

لنگهي "خوف" خلل، آيا مُلڪ اَمان ۾.
بيدل (وحدت نامو-21)

خوڪ: (فارسي. مذڪر) سوئر، مرون.

پيرِ طريقت صنعان جيهي، قِرندي "خوڪ" چرائي.
بيدل (237-285)

خوني: (فارسي. صفت) قاتل، سفاڪ، جلاد، ظالم.

توڙي عشق اويڙو سُٺجي، "خوني" ۽ خونخوار.
بيدل (13-19)

”خونيءَ“ جو خمدار زلفان، زور وڙهن ٿيون.
بيڪس (9)

خونخوار: (مذڪر. صفت) ظالم، جلاد، خون پيئندڙ.

توڙي عشق اويڙو سُٽجي، ”خوني ۽ ”خونخوار“.
بيدل (13-19)

خوءِ: (فارسي. مؤنث) عادت، خوبي، لَڇڻ، هيرَ.

اِذَا تَم الفَقرَ فَيَكُونُ عَينَه ڪَنَفسِ الله، خاصن خاصي ”خوءِ“.
(وحدت نامو-32)

خيال: (عربي. مذڪر) پُور، ويچار، سوچ، اِرادو، تصور، توجَهُ.

رکندا ”خيال“ خدائِي والا، وهم خودي نون ڪاويندا.
بيدل (282-98)

بيدل رَهُ بيراڳ ۾، پارَڻ ڪنان پل ”خيال“.
بيدل (64-33)

خيبر: (مذڪر. اسم خاص) مديني منوره جي اتر- اولهہ ۾ اَٺن ميلن جي مفاصلي تي يهودين جي وستي، جتي يهودين جو وڏو ۽ مضبوط قلعو هو، جنهن کي فتح ڪرڻ سولو نہ هو. حضرت علي رضي الله عنه هن قلعي کي فتح ڪيو.

ڪري حيدري هُلَ، ”خيبر“ خوديءَ جو پٽي.
بيدل (فرائض صوفيہ-14)

خيل: (فارسي. عربي. مذڪر) جماعت، گروهہ.

سَرِ وَرَنُ جي ”خَيل“ جو سردار تون.
بيدل (مناقبو)

خيما: (عربي. مذڪر. واحد: خيمو) تنبو شاميانو.

”خيما“ نيئي کوڙ نفيءَ کؤن اِثبات ۾.
بيدل (وحدت نامو-61)

"د"

داتار: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) ڏاتار سخي، ڏيندڙ الله تعاليٰ.

"داتار" تون دلاور، آڏار هي گداگر.
بيڪس (01)

دادُ: (فارسي. مذڪر) انصاف، عدل، نياءُ.

توڙي بِلڪل بَدِ، تہ بہ در آئي "داد" لهي.
بيدل (وحدت نامو_86)

دار: (فارسي. مؤنث) ڦاهي، سُولي، سُوري.

ڏسو اي طالبو جو عجيب ڪار آهي،
تہ ڪيئن منصور برسر "دار" آهي.
بيڪس (مثنوي)

دارين: (عربي. مذڪر) (دار جو جمع) ٻنهي گهرن، دنيا ۽ آخرت.

ڪاڏي ڪرين ٿو تون، قصد "دارين" جو مقصود تون.
بيدل (17_59)

منهنجو رک "دارين" ۾، پردو بحق ابوتراب.
بيڪس (مناجات_1)

دام: (فارسي. مذڪر) ڦِبي، ڦاهي، ڦندو ڄار ڪوڙڪي، سرڪٽي، رسي، نوڙي.

غافل جي تون غفلت ڇوڙين، "دام" دوائي دا دم وچ ٿوڙين.
بيدل (155_103)

مون سان جاني! جادو لايو تو ڪٽي "دام" زلف ۾ ڦاسايو تو.
بيڪس (48)

دامن گرفتہ: (فارسي. صفت) دامن جهليندڙ دامن وٺندڙ حمايت چاهيندڙ.

هن پنهنجي "دامن گرفتہ" تي، ڪرم ڪر اي ڪريم.
بيڪس (مناجات_1)

دامنگير: (فارسي. مذڪر. صفت) پوئلڳ، مُريد، پوئلڳ، چنبڙندڙ رفيق

اِتان اُتان تيڏڙي آهيان، دلبر "دامنگير".
بيدل (154_143)

دامن لڳي: پناهہ وٺندڙ حفاظت ۾ ايندڙ چنبڙيل.

پنهنجي هِن "دامن لڳيءَ" کي دان ڏي دولهہ بحق.
بيڪس (مناجات_1)

دانُ: (پراڪرت. مذڪر) ڏاڻ، نذرانو خيرات، بخشش، صدقو عطيو انعام.

منگي "دانُ" بيدل برهہ جو بِکياري.
بيدل (80_63)

پنهنجي هن دامن لڳيءَ کي "دان" ڏي دولهہ بحق.
بيڪس (مناجات_1)

دانا: (فارسي. مذڪر. صفت) داناءُ، سياڻو ڏاهو عقلمند.

ترت رسن تِکَ تار ۾، "دانا" دلاور.
بيدل (وحدت نامو_89)

داٽا: (فارسي. مذڪر) مُنهن جا تِرَ، سيئرا (ماتا جا).

خال جا "داٽا" خوشيءَ مان تاءُ ڪن ڏاڍو تتيون.
بيڪس (44)

داور: (فارسي. مذڪر) انصاف ڪندڙ عادل، عدل ڪندڙ الله تعاليٰ.

توکي منجهہ درگاهہ "داور" جي وڏي آ دستگاهہ
بيڪس (مناجات_1)

دائم: (عربي. مذڪر. ظرف) هميشه، مدام، سدائين.

ديهيءَ ريءَ "دائم"، حاضر هِن هر جاءِ تي.
بيدل (وحدت نامو_77)

دائما: (صفت) هميشه، صدا، مدام.

"دائما" ديدار لئي تو سڪي بيڪس غلام.
بيڪس (27)

دايون: دوئي، دئي، ٻيائي، نفاق.

کڏي ڇڏ تون "دائون" دوئي خام بد.
بيڪس (مثنوي)

دَجال: (عربي. مذڪر. اسم خاص) اسلامي عقيدي موجب اهو ماڻهو جيڪو قيامت کان ڪجهه اڳي پيدا ٿيندو. اک کان ڪاڻو هوندو. دنيا وارن کي ڪرتب ڏيکاري، پنهنجو ڪندو. ڪيس حضرت عيسيٰ عليه السلام قتل ڪندو. ٺڳ، دغاباز فسادي، لچ.

وجهه "دَجال" دوئيءَ جو ڪيري، گمُ ڪر جِسم جنجال.
بيدل (33-32)

دُرُ: (عربي. مذڪر) گوهر، موتي، رتن، جوهر، ڪنن ۾ پائڻ جي ڳهه جو هڪ قسم.

"دُرُ" دُرج حيدر ڪرار تون.
بيدل (مناقبو)

درازين: (سرائڪي. اسم خاص) درازن ۾، درازا شهر جتي سچل سرمست جو مَسڪنُ توڙي مزار آهي.

ڪڏهن وچ "درازين" ويهي دردون، دود دکايان.
بيدل (20-54)

دَربَدر: (فارسي) (ظرف) ڀٽڪندڙ، رُلندڙ، هڪ دَرَ کان ٻئي دَرَ تائين رُلندڙ.

تيري لِئي مَين دلبر، ڦِرندا "دَربَدر" هون.
بيدل (145-202)

درجاتِ: (عربي. مذڪر) (درجي جو جمع) حد بنديون، رتبا، عهدا.

دُور ڪر "درجاتِ"، مڙيائي محيط ٿيو.
بيدل (وحدت نامو-13)

درد فرقت: (فارسي) جُدائيءَ جو ڏُک، هجر.

نا حياتي نا مماتي "درد فرقت" ۾ ڳري
بيڪس (61)

درد و الم: (فارسي. عربي. مذڪر) ڏک ۽ افسوس، ڏک ۽ غم، سوز و گداز.

شاهہ ڏي تون شادمانا، دفع ڪر "درد و الم".
بيڪس (مناجات_1)

دردُون: (فارسي. مذڪر) درد مان.

ڪڏهن وچ درازين ويهي، "دردُون" درد دکايان.
بيدل (20_54)

دُرسُ: (فارسي. مذڪر. صفت) دُرستُ، صحيح، برابر، ٺيڪ.

ساٿيءَ سپاجهي مون اُتا سي، "دُرس" تنهن دلدارا جا.
بيدل (06_03)

دَرسَنُ: (سنسڪرت. مذڪر) درشن، ديدار، نظارو زيارت، ڏيک، ملاقات.

"دَرسَن" تيڏي دا بيدل پياسي، سِڳهڙا گهونگهٽ کول.
بيدل (74_174)

دَرڪار: (فارسي. مؤنث. صفت) گُهرج، ضرورت، لوڙَ حاجت.

ٻئي جهان ۾ ڏناٺون، "هڪ دوست رکياٺون "درڪار".
بيڪس (14)

درمان: (فارسي. مذڪر) دوا، دارون، علاج، چارو.

درد تنهنجو دل سندو. "درمان" ٿيو.
بيدل (مرثيو:ب:7)

دردمندن کي ڏئين "درمان" تون.
بيڪس (مناجات_2)

درماندي: (مذڪر. صفت) ماندي، بيوس، لاچاري، پريشان، ڏکي.

راتيان ڏينهان تات اوهان جي، دلڙي "درماندي".
بيڪس (55)

دروني: (فارسي. ظرف) اندروني، مخفي، ڳجهو لِڪل.

بيدل دم دي ڪر منظوري، مار "دروني" دم منصوري.
بيدل (155_103)

درويش: (فارسي. مذڪر. صفت) سالڪ، الهہ لوڪ، موتي رکندڙ، مهاپرش، الله وارو.

سيوهڻ سجدا ٿو ڪريان، بيدل ٿي "درويش".
بيدل (46_29)

دست: (فارسي. مذڪر) هٿ.

"دَست" ڏري آيو حُسن جو پالو چنچل چشمن جو ڪري چالو.
بيدل (73_67)

دَستگير: (فارسي. مذڪر. صفت) هٿ وٺندڙ واهرو مددگار حامي.

تون "دستگير" منهنجو مان بيڪس فقير تنهنجو.
بيڪس (01)

دستگيري: (مؤنث. صفت) مدد، سهايتا، سرپرستي.

ڪريو "دستگيري"، ڪُون هَستِيءَ ڇڏايو.
بيدل (80_63)

دَستُون: (فارسي. مذڪر) هٿئون، هٿن سان، هٿاران.

دَردُ دا پيالا يار دي "دَستُون"، نال پريت مين پيتا.
بيدل (171_111)

دَعَ نَفسُڪَ وَتعال: (قدسي حديث) پنهنجي نفس کي ڇڏ ۽ اچ (بارگاهہ ۾).

"دَعَ نَفسُڪَ وَتعال"، آکيوني پُر پيوين پئمانا.
بيدل (سہ حرفي-1-ض)

"دَعَ نَفسُڪَ وَتعال"، جي بُڌَج ٻجهارت.
بيدل (وحدت نامو_67)

دعويٰ: (عربي. مؤنث) خواهش، مطالبو، گُهرَ، طلب.

"دعويٰ" دورنگيءَ جي ستي، وحدت ڏي چِتُ جو چاهہ ڪر.
بيدل (16_17)

دِکاؤندا: (سرائڪي) ڏيکاري ٿو.

هر در ٿئون جهاتِي پاؤندا، پاوُندا شَهُہ دَرَسُ "دُکاوندا".
بيدل (144_134)

دُکاوي: (سرائڪي) دُکائي، ٻاري (باهہ).

بِرهين دا دودُ "دُکاوي"، عشق والي دِيدَ اڙاوي.
بيدل (140_187)

ڏُڪايا: (سرائڪي) ڏُڪايو ٻاريو.

ڏيوَنِ طعني ماهِي والي سانُون لوڪ اياڻي دونهان درد "ڏُڪايا".
بيدل (260_108)

ڏُڪايس: هِن کي ٻاريا، کيس جلايا.

لَهَس لِڳَن کي لَهَرِ مان آيَس، دُونهان دل ۾ درد "ڏُڪايس".
بيدل (75_79)

ڏُڪيون: (سنسڪرت) ٻريو جَليو اُپريو پڙڪيو.

ڏاڍو درد فراق جو دِل ۾ دودُ "ڏُڪيون".
بيدل (65_47)

ڏڳ: (مذڪر) رستو واٽ، راهہ.

آءُ اوني الله لڳہ ڏَسُ ڏي پنهل ويو کهڙي "ڏڳ".
(بيڪس)

دِلاور: (فارسي. مذڪر. صفت) بهادر، دلبر، سورهيہ، سورمو لاڏلو.

راهہ اِنهين وِچ ڪي ئي "دِلاور"، دَردَ ڪيتي پامال.
بيدل (104_183)

ترت رسي تِڪ تار ۾ دانا "دِلاور".
بيدل (وحدت نامو_89)

ڏاتار تون "دِلاور"، آڏار هي گداگر.
بيڪس (01)

دل خواهہ: (فارسي. صفت) دل کي وڻندڙ مرضيءَ مطابق.

محمد ۽ حيدر سندو "دل خواهہ" تون.
بيڪس (مناجات_2)

دلدار: (فارسي. مذڪر. صفت) محبوب، دل رکندڙ.

احمد ۽ حيدر سندو "دلدار" تون.
بيڪس (مناجات_2)

دِلڏير: (مؤنث) دلداري، آٿت، دلاسو تسلي.

تيڏي ٻاجُهون ڪون ڪريسي، دردمندان دِي "دِلڏير".
بيدل (154_143)

دل شاد: (مذڪر. صفت) خوش، مگن، سرھو.

وحدت وسيَهہ سانڍ سدائين، شوقئون رَھُ "دلشاد".
بيدل (59_10)

دلنواز: (مذڪر. صفت) دل کي خوش ڪندڙ محبوب.

ميري مروندي حسيني شاھباز
تون غريبن جو آھين "دلنواز".
بيڪس (مناجات_2)

دَليل: (عربي. مؤنث) ثبوت، شھادت، بحث، سبب، وھمي ويچار اجايا خيال.

جاءِ نہ عقل "دليل" جي، عاشق ڪاھہ آڳي.
بيدل (12_83)

سمجهہ سالڪ سوز کي، ڪڍ دوئيءَ جا سڀ "دليل".
بيڪس (24)

دَليلان ظني: (سرائڪي) دليل ڏيڻ، راءِ ڏيڻ، ثابتيون، مباحثا، ويچار، وَھمي ويچار اجايا خيال.

بيدل نال يقين نيائين، چوڙ "دَليلان ظني".
بيدل (ابيات سرائڪي_26)

دِلين: (سرائڪي) دلين.

گھن ڪر تخت "دِلين" دا بيدل، شاھِي طبل وڄاوندا.
بيدل (282_98)

دِليون: دل سان، شوق سان، عقيدت سان.

نينھن ۾ پاڻ نچائج بيدل، درد جو يار "دِليون" تج خواھان.
بيدل (32_52)

دَم: (فارسي. مذڪر) نعرو.

ھم مرين تہ گرو مري، دولهہ مارن "دم".
بيدل (وحدت نامو_77)

دماغي: (عربي. مذڪر. صفت) دماغ وارو سمجهہ وارو ساڃاھہ وند.

تون ڪر توحيد جي روشن چراغي،
درد محبت سان ڪر مون کي "دماغي".
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

دَمامن: (فارسي. مذڪر. واحد: دَمامُو) نغارا، پيريون.

وڄائي درد "دمامن"، پنهنجا پيارا کُهائين تو.
بيڪس (46)

دَم دَم: (ظرف) پل پل، هر گهڙي، ساعت ساعت ۾، هَرَ هَرَ.

"دم دم" دلبر ڪاڻ، سِڪَ سُهِڻيءَ کي سِيرَ گِهڙڻ جي.
بيدل (75_79)

"دم دم" دلڙي ڪري پُڪارون، ٻرت سان تيان هيڪاندي
بيڪس (55)

دن رين: رات ڏينهن.

"دن رين" خيال تيرا، جک جک جلايا جيرا.
بيڪس (71)

دوا درمل: (عربي) سُتي ڦَڪي، دارون، علاج.

"دوا درمل" نانه انهن جو جيڪي برهه سندا بيمار ميان.
بيدل (87_56)

دواري: (سنسڪرت. مذڪر) دوارو، گُردوارو سِکَن جو ڌرمي آستان.

ڪنهن نُون مَڪي دا ڏس ڏيندا، ڪنهن نُون ٺاڪُرُ "دواري" دا.
بيدل (297_118)

دُوَالُ: (فارسي. مذڪر) چمڙيءَ جي وَڌي، چمڙي جو پٽو.

بازان وانگي جَهٽ پَٽِ توڙن، دُوئِي والا "دُوَالَ".
بيدل (126_177)

دُوالي: (فارسي. مؤنث) هٿ پاليل پکين جي پيرن ۾ ٻَڌل ڏوري، خاص طرح باز جي پيرن ۾ ٻَڌل ڏوري.

توڙ "دُوالي" يارَ بيخُوديءَ جو باز اُڏايو.
بيدل (73_67)

دوائي: (سنسڪرت. مؤنث) دوئي، ڏئي، ٻيائي، نفاق.

اچي اَحدِيَتَ، ”دُوائي“ کي دُورِ ڪيو.
بيدل (وحدت نامو-11)

وَحدت ۾ زائل ٿيو ”دُوائي“ جو زنگ
بيدل (وحدت نامو-15)

دوتائي: (صفت) دوئائي، ٻن هئڻ جي حالت، نفاق، علحدگي، فرق.

شاهي پاءِ شرف، ”دوتائي“ دُور ڪري
بيدل (وحدت نامو-119)

خوشيءَ مون خيال وحدت سان، ”دُوتائيءَ“ جو نڱو ٿوڙين.
بيڪس (39)

دُودُ: (فارسي. مذڪر) دوڌ، دونهون، غبار.

برهين دا ”دودُ“ دُکاوي، عشق والي ديد اڙاوي،
بيدل (140-187)

ڪڏهن وِچ دَرازين ويهي، دردُون ”دودُ“ دکايان.
بيدل (20-54)

دَورَ: (عربي. مذڪر) زمانو.

درد واري ”دَورَ“ ۾، احرام عاشقن ٻڌا.
بيدل (111-18)

دورنگي: (فارسي. صفت) ٻہ رنگي، بيگانگي، مڪاري، ٻہ مختلف حالتون هجڻ.

دعويٰ ”دورنگيءَ“ جي سٽي، وحدت ڏي چت جو چاھ ڪر.
بيدل (16-17)

دولھ: (مذڪر. صفت) ٻهادر، سورهيہ مرد، مڙس ماڻهو همت وارو همت ڀريو.

شاھ تون منهنجو وسيلو آهين، ”دولهہ“ آنہ دم بدم.
بيڪس (مناجات-1)

هم مرين تہ گرو مري، ”دولهہ“ مارن دم.
بيدل (وحدت نامو-77)

دوئي: (سنسڪرت. مؤنث) ٻيائي، فرق، وحدت کان سواءِ ٻه سمجهڻ، خدا سان ڪنهن کي شريڪ بنائڻ.

هڪ هڪوئي ظاهر باطن، "دوئي" اٿئي دِل هول.
بيدل (24_31)

ڇڏ "دوئي" دُور، ڪُنهه پروڙج پانهنجو.
بيدل (وحدت نامو_116)

ڪيڏي ڇڏ تون دائِون "دوئي" خام بد.
بيڪس (مثنوي)

دونهان: (سنسڪرت. مذڪر) (واحد: دونهون) دودُ، ٻاڦ، بخار، اُٻ.

لَهَس لِڳن کي لَهَرِ مان آيَسِ، "دُونهان" دل ۾ درد دُکايَس.
بيدل (75_79)

د هل ڦراوڻ: (سرائڪي) صدا ڪرڻ، هوڪو ڏيڻ.

شاهه منصور عطار دي نالي، جڳ وچ "دهل ڦراوڻ" ڪيا.
بيدل (؟_؟)

ديد: (فارسي. مؤنث. مذڪر) نظارو، نظر، نگاهه، لقاءُ، نرت، درشن، ڏيک.

هيڏنهن هوڏنهن پنهنجو پاڻ "ديد" لائي دلدار.
بيدل (25_12)

صُوفِي صافِي بي سر، بِي پا "دِيدَ" ڪيا ديوانا.
بيدل (28_5)

ديدان: (سرائڪي) ديد جو جمع. سنڌيءَ ۾ /ون/ ملائي جمع ٺاهيو ويندو آهي. نظرون، اکيون، نگاهون.

سڻُ حُسن هي هَڪارا، دِيدَن ۾ "ديدان" ڏريان.
بيدل (213_237)

ڪهڙيون "دِيدان" لايون، ڏاڍيون رمزان لايون مون سان دلبر يار.
بيدل (13_؟)

ديرا: (سرائڪي. مذڪر) منزل.

رنگپور دي وچ "ديرا" ڪرڪي شاهه ڦري بيڪاري، درد ڪتيا رويش.
بيدل (293_168)

ديرُو: (فارسي. مذڪر) گهر، آستانو جاءِ.

توهِ آ "ديرو" دوست جو چاڪي، وچين وٺڪار ميان.
بيدل (04_25)

دي نالي: (سرائڪي) ساٿس ملي.

شاهہ منصور عطار "دي نالي"، جڳ وچ دهل ڦراوڻ ڪيا.
بيدل (؟_؟)

دين: (عربي. مذڪر) مذهب، حق ڪي مڃڻ جي حالت. سچو مذهب.

"دين" ڪُفر نابود ٿيو طئي ٿي طلسمات.
بيدل (وحدت نامو_13)

"دين" ڪُفر جو دلبر سائين، ڪري پرٿئُون پاڻ پَسارو.
بيدل (52_36)

ديوانا: (فارسي. مذڪر. صفت) (ديواني جو جمع) چريا، مَست، سودائي، پاڳل.

صُوفي صافِي بي سر بي پا ڊِيدَ ڪيا "ديوانا".
بيدل (28_5)

ديهي: (مؤنث. صفت) اندر بدن، سَرير، اَنگ، بدن، جسم، بُت.

جو "ديهيءَ" ڪؤن هٿ ڏوءِ، لڪين ڊيهون اُن جون.
بيدل (وحدت نامو_78)

"ديهيءَ" ريءَ دائم، حاضر هن هر جاءِ تي.
بيدل (وحدت نامو_77)

"ڏ"

ڏاران: (ظرف) کان سواءِ، بنا، ريءَ.

سالڪ تنهنجو سود، نفي "ڏاران" نانه ڪو.
بيدل (وحدت نامو_65)

ڏاڙو: (مذڪر) ڦُرمار، لُٽ ڦُر، رهزني.

ڊِيدَن سان ڪري "ڏاڙو"، دل لُٽيَئي، يارا مُنهنجي.
بيدل (67_80)

ڏرِ: (سنسڪرت. مصدر: ڏرڻ. رڪڻ) رَڪُ، ڄماءِ.

ڊِيدَ ڊِيدن ۾ دَمدَم "ڏر"، تون جلوو نور جو ڏس نروار.
بيدل (34_22)

ڏراوي: (سرائڪي) ڏرَائي، ڏريِ، رڪائي، رڪي.

پهري رنگ دا پوش بي رنگي، نام "ڏراوي" رومي زنگي.
بيدل (177_292)

ڏُرئون: /ڏرُ/ لفظ سان /ئون/ پڇاڙ ملائي/ کان/ معنيٰ ورتي وڃي ٿي. اصل ڪان، ازل ڪان شروع ڪان، ڄڙَ ڪان.

جو "ڏروئون" آهه ڏئو سو هميشه حيات آ.
بيدل (وحدت نامو_73)

ڏَري: (مصدر: ڏرڻ= دڪڻ، جهلڻ، قابو ڪرڻ) رڪي.

بيدل وحدت منجهه وجوديِ ڏس تون ڏيان "ڏري".
بيدل (12_83)

آڻ يقين تون يار يگانا، دُور دوئي کي ڏري "ڏري".
بيدل (30_77)

ڏَريان: (سنسڪرت) رڪان، لاهيان، ڄمايان.

ٿُن حسن هي هَڪارا، ڊِيدن ۾ ديدان "ڏريان".
بيدل (213-237)

ڏَريسان: (سرائڪي) ڏريندس، رکندس.

حسن دا سجدا فرض اسان تي،
سُهٽي اڳون بيباڪ، سِرُ "ڏَريسان".
بيدل (110-212)

ڏَرين: (مصدر: ڏرَڻُ= رکڻ، لاهڻ) رکن، لاهن.

بيدل جي تون عين دا طالب، خيال "ڏرين" همه اوست دا.
بيدل (221-130)

ڏريندا: (سرائڪي) ڏري ٿو رکي ٿو.

خوڪ چريندا خان عرش، اُتي وِچ قدم "ڏريندا".
بيدل (211-122)

ڏمڪايا: (سرائڪي) ڏمڪايو ڊيڄاريو هيسايو.

بيڪ بيراڳي مک وچ مرلي، درد ڪنهن "ڏمڪايا".
بيدل (256-96)

ڏئو: (مذڪر) ڏوتل، اجرو اوجل، پاڪ صاف، پسند پيل، چونڊيل.

جو ڏرئون آهه "ڏئو"، سو هميشه حيات آ.
بيدل (وحدت نامو-73)

ڏِيانُ: (سنسڪرت. مذڪر) خيال، تصور، مراقبو توجهه. غور سوچ.

بيدل وحدت منجهه وُجُودي، ڏِس تُون "ڏِيانُ" ڏري
بيدل (12-83)

هوڪو همه اوست جو سٽج "ڏِيانُ" ڏري
بيدل (وحدت نامو-47)

"ڏ"

ڏاڍا: (سرائڪي) ڏاڍو گھڻو مشڪل، اهنجو ڪٺن، اوکو.

هير نماڻي نُون وچ فراقين، جيئڻ "ڏاڍا" جنجال.
بيدل (320_247)

ڏاهہ: (مؤنث) خبر، پروڙ اُهڃ، پَرو سُڌِ، ڪُڙڪ، سماءُ، سُڻِسَ.

اونهي هن اسرار جي، جن ڪي پئي "ڏاهہ".
بيدل (وحدت نامو_22)

خلق الاَشيَاء فَهُو عينها، ڏاهن ڪانهي "ڏاهہ".
بيدل (وحدت نامو_20)

ڏاهَنِ: (سنسڪرت. مذڪر. واحد: ڏاهو) سياڻن، عقلمندن، ٻُڌوانن، اڪابرن، هوشيارن.

خلق الاَشيَاء فَهُو عينها، "ڏاهن" ڪانهي ڏاهہ.
بيدل (وحدت نامو_20)

ڏتا: (سرائڪي) ڏنو.

منهن "ڏتا" سانون مدهوشي وچ، چشمان دي چمڪار.
بيدل (159_107)

ڏِتڑا: (سرائڪي. مذڪر) ڏنڙو ڏنو.

مَردُ اها منصور، جنهن سِرُ سوليءَ "ڏتڑا".
بيدل (160_217)

ڏتڙي: (سرائڪي. مؤنث) ڏنڙي، ڏني، حوالي ڪئي.

عشق اِمامان نون "ڏتڙي" ڏکالي آکڻ ڳالهہ انهان دي محالي.
بيدل (251_215)

ڏتوسي: (سرائڪي) ڏنوسين.

تخت هزارا ڇوڙ "ڏتوسي"، جهنگ سيال سبيايا.
بيدل (310_105)

ڏِتي: (سرائڪي) ڏني، ڇڏي

لوڙهه "ڏِتي" سيپ لحظي دي وچ، چشمان والڙي چال.
بيدل (247_320)

ڏجهو: (مذڪر) عذاب، ڏُک.

جَتَ، ڏير ڏيئي ويا مُئي کي "ڏجهو".
(بيڪس)

ڏَڏُ: (مذڪر. صفت) ڪچو آڻ پڪو جاهل.

"ڏَڏُ" ڏقيرُ چمارُ تي ڇُهُڙا، هرڪو وچ اَيمان.
بيدل (205_211)

ڏَسايو: (مصدر: ڏسائِڻُ) پار پتا ڏنا، ظاهر ٿيو ٻڌايو.

ڪيهي سَبَبون تو هِن ڏينهن، ڏيهُون ڏور "ڏَسايو".
بيدل (42_64)

ڏِڪالِي: /ل/، /ر/ ۾ تبديل ٿئي تو. ڏيکاري، ڏِکَ.

جسم جي اولي ڏنم "ڏِڪالِي"، آهيان جانِ جَهان.
بيدل (62_53)

ٻٽيچي وانگ "ڏِڪالِي" ڏيندين، يا ڪائي تيز ڪٽاري
بيدل (ابيات سرائڪي_5)

ڏِڪالين: (سرائڪي. جمع) ڏيکاريون، نظارا، نماءَ.

شاهه حُسن ديان عجائب چالين، نَوُّ نَوُّ ڏيندا روز "ڏِڪالين".
بيدل (211_122)

ڏِڪلائي: (سرائڪي) ڏيکاري، نظارو نماءُ.

رنگ دي اولي يار بي رنگي، ڏيندا وهه "ڏِڪلائي".
بيدل (180_299)

ڏَنهن: (ظرف) ڏانهن، ان طرف کان، ان پاسي کان.

جيڪس هاٽي ماروئڙن، "ڏَنهن" تو پاڻ خيال مٽايو.
بيدل (41_70)

ڏوجها: (سرائڪي) پيو.

سَمعُ بَصير نہ ڪوئي "ڏوجها"، سِرُ سمجھ انسان دا.
بيدل (؟_116)

ڏوراپو: (مذڪر) دانهن، شڪايت، عتاب، ميار، مهڻو.

رات مُون ڏي مارن جو نئون نياپو آيو ڏُکيو "ڏوراپو" آيو.
بيدل (42_64)

ڏُورئون: (ظرف) ڏورانهون، پرانهون، پري کان.

"ڏُورئون" يَجي ڏوھ کان، ويجهو کان ثواب کان ثواب.
بيدل (54_06)

ڏُهُئون: (ظرف) ڏوھ کان، ڏوھ مان.

"ڏُهُئون" ثوابُون ڪر گذر، آهين سمورو سُودُ تون.
بيدل (17_59)

ڏيج: (ضمير متصل. مذڪر) تون ڏي، مون کي ڏي

محويت ڏي مون پرين، بيدل کي مُنهن "ڏيج".
بيدل (48_08)

ڏيسِي: (سرائڪي) ڏيندو.

چُوچڪ چائِي "ڏيسِي" جائي، سِرِ وِچ سوزُ گدازُ.
بيدل (274_؟)

ڏيڪاريس: (ضمير متصل) هن کي ڏيکاريو، مون کي ڏيکاريو.

بِرھ "ڏيڪاريس" ياڻ، سِڪَ وچايَس سُرت سُمهڻ جي.
بيدل (75_79)

ڏينهان: (صفت) ڏينهن جو.

"ڏينهان" ۽ راتيون، هلندڙ هن ها هوت ڏي.
بيدل (وحدت نامو_101)

ڏيوَنِ: (سرائڪي) ڏين.

"ڏيوَنِ" طعني ماهِي والي، سانُون لوڪ اياڻي.
بيدل (260_108)

ڏيوي: (سرائڪي) ڏئي.

حُسن بَسنت مين "ڏيوي" ڏِکالِي، سُهڻا سَرَبُ سَمايا.
بيدل (96_100)

ڏيوي ڏيوالي: (سرائڪي) ڏيکاري ڏنائين.

حُسن بَسنت مين "ڏيوي ڏيوالِي"، سُهڻا سَرَبُ سَمايا.
بيدل (96_100)

ڏينويندائين: (سرائڪي) ڏيارين ٿو.

ڪڏان فِرشتان نُون آدم دا، سجدا آڻ "ڏينويندائين".
(بيدل)

”ڏ“

ڏڪي: (سنسڪرت) (مصدر: ڏڪڻ = پائڻ، پهرڻ، اوڍڻ) اوڍي، پائي، پهري، ويڙهي.

”ڏَڪي“ جا مون جلالت جو، هزارين هُلَ هَلايا سي.
بيدل (37_84)

ڏَڪيان: (سنسڪرت) پَهريان، پايان، اوڍيان.

هِڪُ ”ڏَڪيان“ بيو لاهيان، رنگا رنگ لبيس.
بيدل (46_29)

ڏول: (سنسڪرت، مذڪر، صفت) ڏوليو پرين، پيارو مڙس، محبوب.

آءُ تون اسان ڏڙي ڪول، سدا جيوين مين نماڻي دا ”ڏول“.
بيدل (146_174)

ڏونڏج: (سنسڪرت) (مصدر: ڏونڏڻ) ڏونڏ لفظ سان /اج/ پڇاڙ ملائي ان مان /تون/ معنيٰ ورتي وئي آهي. تون ڳولهه، تون ووڙ.

باهر ”ڏُونڏج“ ڪِينَڪي، ڪڏهين، ڳوٺ منجهان ڪجهه ڳول.
بيدل (24_31)

"ذ"

ذاتش: (فارسي) هُن جي ذات.

کين همه پيدا و پنهان است "ذاتش" ڪبريا.

بيدل (مخمس)

ذات صفات: حقيقت ۽ ماهيت، ماهيت ۽ خاصيت، اصليت ۽ خاصيت، بناوت

"ذات صفات" کان آهيان نيارو هِتِ هُتِ ناهہ ناهيان.

بيدل (20_54)

ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ: (سورة بقره، آيت: 2) سجي آيت هن طرح آهي: ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ: هيءُ ڪتاب، جنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي، انهن خدا ترسن کي سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهي.

"ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ" هر جا حق سُڃاڻ.

بيدل (وحدت نامو_56)

ذاڪِر: (عربي. مذڪر. صفت) ذڪر ڪندڙ عابد.

فَاذْكُرُوْنِي اَذْكُرْكُمْ، "ذاڪر" تِيءُ مذڪور ۾ گُم.

بيدل (27_34)

ذُوالجلال: (مذڪر) صاحبِ جلال، عزت ۽ دٻدٻي وارو الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

تون علي زاده ضيائي_ "ذوالجلال".

بيدل (مناقبو)

ذَوق: (عربي. مذڪر) شوق، چاهہ خوشي لطف، ساءُ، مزو سواد، لذت.

سدا ڪن سبحان جو ذڪر منجهارون "ذوق".

بيدل (وحدت نامو_38)

سندن "ذوق" ذري، آنحد ساڻ اپار ٿئي.

بيدل (وحدت نامو_109_108)

"ر"

را: (فارسي ۾ لفظي پڇاڙي) لاءِ، واسطي.

جان و دل "را" جنتِ جاويد تون.
(مناقبو)

راتِ: (سنسڪرت. مؤنث) سنجها، سج لٿي کان سج اُڀرڻ وارو عرصو.

بيدل بلڪل ٿيءُ نہ ماندو سنجھ صبح ڪي "رات".
(4_70)

راتوڪي: (مذڪر. صفت) رات وارو (مؤنث) گذريل رات.

سائُون رات "راتوڪي" رانول، سِرُ اينوين سمجهايا وي ميان.
بيدل (125_110)

راحَتَ: (عربي. مؤنث) سرهائي، سرور، خوشي، فرحت.

تنين ڪؤن جائي "راحَتَ" رسي روح ڪي.
بيدل (وحدت نامو_40)

رازُ: (فارسي. مذڪر) ڳُجھ، ڀيد، اِسرار.

ذاتي حُسن صفاتي گهونگهٽ، "رازُ" رَموز نهاني دا.
بيدل (302_106)

حالت جا حلاج جي ربوبيت "راز".
بيدل وحدت نامو_10)

سر حقيقت وارو سالڪ ڪو سمجهي "راز" رباني‌ءَ وارو.
بيدل (12_83)

غيب ۾ وڃي غيب ٿياسي، "راز" جي پهري ردا.
بيدل (18_2)

رازِ دارن: (فارسي. مذڪر. صفت) حال ڀائي، دوستن، همدردن.

بيدل مول نہ تون تي ماندو، "راز وارن" تي رَسي يار حسرت ۾ حرمان ۾.
بيدل (50-35)

راز رهاڻ: ڳجهي ڪچهري، ڳجهي ڳالهه، ڳجهه.

سُٺايائون سنگ ڪي، سندي "راز رهاڻ".
بيدل (وحدت نامو-104)

راز محرم: (فارسي. عربي. مذڪر) حال ياڻي، ڳجهه جو واقف.

"راز مُحرم" رُسُ مَ يارَ آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.
بيڪس (11)

راسِ: (فارسي. صفت) بلند. اوج تي، پختو پورو درست، نيڪ، پڪل، مڪمل.

رمز انهيءَ سان "راسِ" ٿيا، صادق صوفي ڪي.
بيدل (12-83)

فڪر فنا رک "راسِ"، تہ اوڏو ٿئين اِثبات ڪي.
بيدل (وحدت نامو-62)

سُرڪو سوز گداز جو رِندَن پيتو "راسِ".
بيدل (وحدت نامو-112)

راڪِيسُ: (سرائڪي) رکيائين.

وَرْدُ الْاَحْمَرُ مِنِى آڪِيسُ، رمز شُهودي ڪل وڃ "راڪِيسُ"
بيدل (96-100)

راڳ رهاڻ: راڳ جي محفل.

ڪو مام پروڙي مَسَ، انهيءَ "راڳ رهاڻ" جي.
بيدل (وحدت نامو-108)

رانجَهڻُ: (مذڪر. اسم خاص) رانجُهو مشهور لوڪ عشقيہ داستان. "هير رانجهي" جو هڪ ڪردار. سندس نالو ديدّن هو ۽ "رانجهوُ" سندس ذات هئي، هزاري جو رهواسي هو. پنجاب جي جهنگ شهر جي سيالن جي عورت "هير" سان سندس محبت ٿي وئي. ڪيترن سالن تائين ڏنار بڻجي ان جون مينهون چاريندو رهيو. جڏهن هير جي پيءُ کي انهن جي محبت جي خبر پئي تہ هير

کي رنگپور جي کيڙي سان پرڻائي ڇڏيو. رانجهو جوڳي بڻجي رنگپور پهتو. جڏهن هير کي خبر پئي تہ رانجهو جوڳي بڻجي هتي آيو آهي، تہ هن بهانو بنايو تہ کيس نانگ ڏنگيو آهي. اهڙيءَ طرح رانجهي کي گهر گهرايو. جتان هو ٻئي ڀڄي نڪتا. کيرن سندس پيڇو ڪيو آخر پڪڙي ورتو ۽ هير کي پنهنجي پيءُ ڏانهن موڪلي ڏنو. جتي کيس زهر ڏنو ويو. رانجهو اها خبر ٻڌي اچي سندس مزار تي پهتو ۽ جان ڏنائين. ٻئي هڪ ئي مقبري ۾ مدفون آهن. محبوب، پيارو.

تخت هزار ڇوڙ رنگپور دي وچ "رانجهن" آيا.
بيدل (287_94)

راند رس ۾: (محاورو) کيل مزي ۾ ڇڏڻ، بازي لطف ۾، متل محفل ۾.

"راند رس ۾" تو ڇڏي ڪين، مان ڇيئي نُقصان ڪر.
بيدل (85_14)

رانوَلُ: (مذڪر) راجا، راءِ، حاڪم، سجڻ.

بيدل نالي جَڳَ ۾ جالي، سو "رانوَلُ" رمزن وارو.
بيدل (52_36)

راهَ: (فارسي، مؤنث) رستو، واٽ، ريت، طريقو.

"راهَ" اِنهيءَ ۾ سالڪ سِرَ تي، سَهَن ڪَرِٽ ڪتار.
بيدل (25_12)

حقيقت ۾ هڪ تيو بيراهي ۽ "راهَ".
بيدل (وحدت نامو_20)

سِر تون قدم ڪريندا جوئي، "راهہ" رِندي سوئي هلندا.
بيدل (245_93)

راهان: (راهون) راهہ جو جمع. واٽون، رستا.

راڳ جا مائل مَن جا قائل، وٺن سي رمزن واريون "راهان".
بيدل (32_52)

راءِ/رايو: (مؤنث) راءِ، مرضي، رٿ.

پنهنجي "رائي" سالِڪُ سَنيري، سِرُ سُوليءَ تي نيو.
بيدل (19_81)

رائي: (رايو) خيال، مرضي، رٿا.

صفت ۾ پانهنجي "رائي"، سوين نالا سڏايا سي.
بيدل (37_84)

راهين: (سرائڪي) راهون (راهہ جو جمع)، رستا، پنڌ، پيچرا.

رَمز رانجهو دي سائُون، دُرس بتائين "راهين".
(بيدل)

رائي رُج: (سنسڪرت) (محاورو) بيابان، رڻ پٽ، سُڃ، ويراني، خاڪ.

"رائي رُجَ" ۾ رَسُ ڪوهيارل، آءُ ٻُڌي ٻاڪار پنهنجي اجاين جي
بيدل (49_87)

رايا: (سرائڪي) رايو، خيال، مرضي، خواهش.

آيا شاهہ حسن دا جاني باغ صِفاتي وچ سيلاني رانجهن پيا ڪو"رايا".
بيدل (95_97)

رَأيتُ رَبي بِعَين رَبي: (منصور حلاج جي شعر جي سٽ آهي، شعر هن طرح آهي:

رَأَيتُ رَبِّي بِعَينِ قَلبِی۔ فَقُلتُ مَن أَنتَ؟ قال أَنتَ
يعني: مان پنهنجي رب کي مٿي اکين سان ڏٺو.

"رَأيتُ رَبي بِعَين رَبي"، آکن راز نهاني.
بيدل (سہ حرفي_ا_ش)

رايو: (مذڪر) خيال، مرضي، خواهش، راءِ، فيصلو.

جسمانيءَ جي ڪوٺ ۾ رَکيئہ رهڻ جو "رايو".
بيدل (42_64)

ويڙهيچن جو آهي اصل ڪڙن، راز جو توڏنهن "رايو".
بيدل (41_70)

رَبُ: (عربي. مذڪر. اسم صفاتي) پرورش ڪندڙ پالڻهار رزاق، ڌڻي تعاليٰ

ڇاڻي تو "رَبُ" ڇاڻَ، ميخ لڳي هَيَس مرڻ جيئڻ جي.
بيدل (75_79)

رَبابُ: (عربي. مذڪر) هڪ قسم جو طنبوري جهڙو ساز پر طنبوري ۾ هڪ تار ٿئي ۽ رَبابُ ۾ چار تارون ٿين.

راڳيندن "رَبابُ" پڇي تان پورا ڪيو.
بيدل (وحدت نامو_107)

رَبابُون: (سرائڪي) ربابئون، رباب منجهان.

ڇڏ هستي گِهن مستي، سڻ رمز "ربابون".
بيدل (81_44)

رَبّاني: (عربي. صفت) رب سان نسبت رکندڙ شيءِ.

سر حقيقت وارو سالڪ ڪو سمجهي راز "ربّاني".
بيدل (12_83)

رَبُوبِي: (صفت) رب جو خدائي، الاهي.

"رَبوبي" جو راڳ، ڳن ريءَ سناسن سٽيو.
بيدل (وحدت نامو_33)

ربوبيت: (صفت) الوهيت، خدائي، خدا جي ڪُل ڪائنات.

حالت جا حلاج جي "ربوبيت" راز.
بيدل (وحدت نامو_10)

سٽايائون سنگ کي "ربوبيت" راز.
بيدل (وحدت نامو_105)

رَتِي: (سنسڪرت. مؤنث صفت) مٿي، ذرَ.

تنهن "رتيءَ" سان رلجاءِ، جا پٽي پيرن جي پير جي.
بيدل (وحدت نامو_88)

رَجهو: (مصدر. رجهڻ = ڪڙهڻ) پچو ڪڙهو سڙو.

چو تيون اوهين روح ۾ "رجهو".
(بيڪس)

رَڃُ: (مصدر: رڃڻ = رڱجڻ) رڱجي لال ٿيءُ، فيض پراءِ.

"رَڃُ" روحاني رنگ، پاٽون پاڻ پري ڪري.
بيدل (فرائض صوفيہ_10)

رَچي: (مصدر: رچڻ = رڱجڻ) رڱجي، پچي.

رنگ رَبُوبيتَ واري ۾ رُوح رِندن جو "رَچي" رَچي.
بيدل (26_82)

رحلت از اشباهہ شام: (عربي) تاريخي مادو آهي. ان مان سن 1289 نڪري ٿو.

سورهين تاريخ هُئي، ڪئي "رحلت ازاشباهہ شام"
بيڪس (27)

رحمان: (صفت) الله تعاليٰ جوهڪ صفاتي نالو رحم ڪندڙ ٻاجهارو مهرباني

هَرِ شيءِ دي وچ ظاهر هويا. رنگ سارا "رحمان" دا.
بيدل (؟-116)

فرش اُتي عبد سڏايان، عرش اُتي "رحمان"
بيدل (62-53)

رَحمت: (مؤنث) ٻاجهہ مهرباني، ٻلائي ڪرم.

ڪوڙين ٻتين ان جي رهين تي "رحمت".
بيدل (وحدت نامو-84)

رُخ: (فارسي. مذڪر) مُنهن، چهرو صورت. شڪل.

شيعي سُنيءَ ڪان ٻيچ پري، "رُخ" رمز واري راهہ ڪر.
بيدل (16-17)

رُخ گلفام: گلابي گل جهڙو مُنهن. گل روءِ، ڳاڙهو مُنهن.

نرگس چشم. بسنتي جامہ. زلف بنفشہ. "رُخ گلفاما".
بيدل (95-97)

رَختُ و بَختُ: (محاورو) مال متاع.

"رَختُ و بَختُ" سڀ قُرلُتِ نيتا. نيره بازان نروار.
بيدل (107-159)

رِدا: (عربي. مؤنث) چادر عبا. چوغو جبو. اهو سبيل ڪپڙو ڪلهن ۾ پائڻ سان پيرن تائين لڙڪندو آهي.

غيب ۾ وجي غيب ٿياسي، راز جي پهري "رِدا".
بيدل (18-02)

رڙهج (ضمير متصل) (مصدر: رڙهڻ) هلڻ. سُرڻ. چڙهڻ. ريڙهيون پائي هلڻ، آهستي آهستي هلڻ.

جنگن سندي جهوڪ، روحاني "رڙهج" تون.
بيدل (وحدت نامو_83)

رَسُ: (مصدر: رسڻ، پهچڻ، پُڄڻ) پهچ، پُڄ.

رائي رُڃَ ۾ "رَسُ" ڪوهيارل، آءُ ٻُڌي باڪار پنهنجي اُڃاين جي.
بيدل (49_87)

رِسالت: (عربي. مؤنث) پيغامبري نبوت.

ڪاتي پهريم "رسالت" جامو عبدي رمز رلايان.
بيدل (20_54)

رَسَمَ: (عربي. مؤنث) رِيت، دستور، هلي چلي، عادت.

چڏي ريت "رسم"، ماهِرُ تيءُ محيط ۾.
بيدل (فرائض صوفيہ_13)

رُسُندا: (سرائڪي) خفا ٿئي ٿو رنج ٿئي ٿو.

آپي وَسُندا، آپي "رُسُندا"، هَي شيعا سُني ڪونُ.
بيدل (161_194)

رُسندا وسندا: (سرائڪي محاورو) رُسڻ وسڻ.

ٻيا سڀ عالم "رُسندا وسندا"، عاشق قرن نماني.
بيدل (260_108)

رَفتِي: (سرائڪي) هلندي، آهستي.

ڪِوين ڪِتوءِ پار وِسارا، ڳيُون "رَفتِي" چوڙ غريب بيچارا.
بيدل (139_146)

رَقيبن: (عربي. مذڪر. صفت_ واحد: رقيب) ويري، هم چشم.

هيءَ "رقيبن" راهن ماري، تَنَ ۾ طلب تنهنجي تاري
بيڪس (11)

رَکندا: (سرائڪي) رکي ٿو.

"رکندا" خيال خدائي والا، وهم خودي نُون کاوندا.
بيدل (282_98)

رَکين: (سرائڪي) رکجانءِ.

دم دي سرت سنڀال "رکين"، دم هَي اسرار الاهي.
بيدل (155_103)

رَڪينداٿين: (سرائڪي) رکين ٿو.

بيدل نال ڪرم ڪر شاها، جي تون رمز "رڪينداٿين".
بيدل (212_231)

رَلاوندا: (سرائڪي) رلائين ٿو.

صورت سمجهه بهانا بيدل، رانول رمزان "رلاوندا" هي.
بيدل (173_123)

رَلايان: (مصدر. رَلائڻ = ملائڻ گَڏڻ) ملايان، گڏايان.

ڪاتي پِهِرِيُم رسالت جامو عَبدي رَمزَ "رَلايان".
بيدل (20_54)

رَلايَس: (مصدر: رَلائڻ: ملائڻ، گڏائڻ) ملايس، گڏايس.

رَينَ سُورِجَ سان خُوبُ "رَلايَس"، مُکُ پِرِ ڏاري ڪيس.
بيدل (76_28)

رَلجاءِ: (فعل متعدي مجهول رِلجڻ: گڏجڻ) گَڏِجانءِ، ملائجانءِ.

تنهين ريتيءَ سان "رَلجاءِ"، جا پٽي پِرين جي پير جي.
بيدل (وحدت نامو_88)

رَلِمل: (سرائڪي) مليل، گڏيل، گهائل مائل، ملي جلي، جوڙ ميل، ڪٺي، هڪ ٿي.

ڪڏان ديس ساڏي آسين، "رَلِمل" ٻهِ ڪولِ الاسين.
بيدل (139_146)

رُليا: هيڏانهن ھوڏانهن ڌڪا کائيندڙ ڀٽڪندڙ گمراهه.

يا ڪي يوم حساب ۾، "رُليا" روئندا رَتُ.
بيدل (ابيات سنڌي_18)

رَمزَ: (عربي. مؤنث) اِشارو اکين، ڀرُن يا چپن جو اِشارو اهڃاڻ، اٽڪل، ڳُجُهه، مام راز واري ڳالهه، مخفي ڳالهه، ڳجهارت.

شيعي، سُنيءَ کان ڀڄ پريءِ رُخ "رمز" واري راهه ڪر.
بيدل (16_17)

"رمز" انهيءَ سان راس ٿيا، صادق صوفي ڪي.
بيدل (12_83)

ڪاتي پهريم رسالت جامو عبدي "رمز" رلايان.
بيدل (20_54)

رندي "رمز" رهاڻ، سڻي سوز پراءِ تون.
بيدل (وحدت نامو_37)

رَمزبازن: (مؤنث) ڳجها اِشارا سمجهندڙ اکين ۽ ڀِرُن جا اِشارا سمجهندڙ چالاڪن.

برهہ جو باري بار، "رمز بازن" ريءَ ڪير اُنائي.
بيدل (25_12)

رَمز شناس: (مذڪر. صفت) ڀيد ڄاڻندڙ راز سمجهندڙ ڳُجهہ ڄاڻندڙ ڏاهو عاقل.

هرهڪ گل دا ويک تماشا، تيوين "رمز شناس".
بيدل (88_166)

رَمزان: (سرائڪي) رَمزون، راز ڳُجهہ ڳُجهارتون ڀيد.

ڪهڙيون ديدان لايون ڏاڍيون "رمزان" لايون مون سان دلبر يار.
بيدل (13_19)

رَمزن: (عربي. رَمز جو جمع) ڳجهن اِشارن، رازن، اَٽڪلن، ڀيدن.

بيدل نالي جڳ ۾ جالي، سو رانول "، مزن" وارو.
بيدل (52_36)

رمزين عمزين: (سرائڪي) رمزن عمزن سان.

من مشتاقان دا "رمزين غمزين" گهور تساڏي گهايا.
بيدل (98_117)

رُموز: (عربي. مؤنث. رَمز جو جمع) رمزون، ڳجها اِشارا، راز اٽڪلون، ڀيدُ.

ذاتي حسن صفاتِي گهونگٽ، راز "رموز" نهاني دا.
بيدل (302_106)

رندي راز "رموز"، ڪنهن کي سَلِن ڪين ڪي.
بيدل (وحدت نامو_6)

رَندُ: (سنسڪرت. مذڪر) رستو واٽ، گس، پيچرو.

لوڙهي لهين ”رَندُ“، پاڻ منجهارون پانهنجو.
بيدل (وحدت نامو_127)

رِندانا: رندن وارو مجذوبن وارو صوفين وارو.

رمزن وارا رَند ”رِندانا“، فقه ۾ قاسن ڪين فرزانا.
بيدل (44_38)

رِندن: (صفت) روحاني عشق ۾ مست، بي پرواهه، ثابت قدم، مجذوبن، صوفين.

”رِندن“ واتون وحدت وارو سارو سُر سڻايان.
بيدل (38_49)

ڪري عياني چڏئين راز ”رِندن“ جو.
بيدل (وحدت نامو_151)

”رِندن“ سندي روءِ، چمڪي چوڏس چنڊ جيان.
بيدل (وحدت نامو_32)

سرڪو سوز گداز جو ”رِندن“ پيتو راس.
بيدل (وحدت نامو_112)

رِندي: (مؤنث) رِندن وارو رندن جو صوفين جو لامذهبي.

دين ڪُفر دا ويک وڃايا، رمز ”رِندي“ دا رولا.
بيدل (285_102)

”رِندي“ راز رموز ڪنهن کي سلن ڪين ڪي.
بيدل (وحدت نامو_6)

”رِندي“ رمز رهاڻ، سڻي سوز پراءِ تون.
بيدل (وحدت نامو_37)

رَنگ: (فارسي. مذڪر) رونق، جلا، روپ، سُونهن، شڪل، ورن.

ايڪائي ۾ ايڪ تيئن بي رنگيءَ ۾ ”رنگُ“.
بيدل (وحدت نامو_15)

رَنگپور: (اسم خاص) ضلعي مظفر ڳڙهه (پنجاب) ۾ مظفر ڳڙهه شهر کان 64 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي، جهنگ روڊ تي واقع شهر، جنهن کي ڪيڙن واري رنگپور بہ چيو ويچي ٿو. هير رانجهي واري

قصي جي سورمي "هير" جي شادي هن شهر جي کيڙي زميندار سان ٿي هئي. تمثيلي طور هي جهان.

تخت هزار ڇوڙ "رنگپور" دي وچ رانجهن آيا.
بيدل (287_94)

رَنگي: (مذڪر. صفت) رنگ رچائڻ وارو رنگ ساز روپي، الله تعاليٰ.

آج پيا هوري کيلن آيا، سهسين "رنگي" بيرنگ سمايا.
بيدل (100_92)

رُوبرو: (ظرف) آمهون سامهون، مُنهن مقابل، اڳيان.

وجاءَ رَبُڪ وَالملڪ صفا صفا رهيا "روبروءِ".
بيدل (فرائض صوفيہ_22)

رُوپَ: (فارسي. مذڪر) (واحد: رُوپُ) شڪليون، صورتون.

سهسين "رُوپَ" آروپ سماوت، وحدت ڪثرت رمز رلاوتہ
بيدل (100_92)

رُوحُ الله: (عربي اسم خاص) حضرت عيسيٰ عليه السلام جو لقب، حضور اڪرم ﷺ کان 575 ورهيہ پهرين يروشلم ۾ پيدا ٿيو. سندس پيدائش معجزانہ طور ٿي. الله تعاليٰ کيس بنا پيءُ جي حضرت مريم جي بطن مان پيدا ڪيو ۽ ڄمڻ سان ئي ڳالهائڻ شروع ڪيائين. الله تعاليٰ مٿس انجيل ڪتاب نازل فرمايو.

وه هي "رُوحُ الله" مريم، هي وه هي روح امين.
بيدل (مخمس)

رُوحُ الامين: (عربي. مذڪر) حضرت جبرئيل عليه السلام جو لقب.

وه هي رُوحُ الله مريم، هي وه هي "روح الامين".
بيدل (مخمس)

روحان: (سرائڪي) روحن.

روز الست اسانڏي "روحان"، عشق دا سُڻ آواز.
بيدل (274_112)

رُوحاني: (صفت) ڳجهو پاڪ، صاف، مقدس، روح سان لاڳاپو رکندڙ.

جي تون پسين پاڻ کي، رويت "روحاني".
بيدل (وحدت نامو_128)

رُوحَ رهاڻ: محبت واري محفل، محبت جي ڪچهري، محفل، ڪچهري.

هِتي ئِي ڪرِ هوتَ سان، ريجهِي "رُوح رهاڻ".
بيدل (53_60)

رُوحِي فِداڪَ: منهنجو روح توتان قربان.

سيني اڳتون عرض ڪيو وجي "روحِي فِداڪِ".
بيدل (مرثيو_ب:4)

روزِ اَزَل: (مذڪر) روحن جي خلقڻ وارو ڏينهن.

نُڪتي نانهن جو "روزِ اَزَل" کؤن، عشق آهي استاد.
بيدل (59_10)

روشَنُ: (مذڪر. صفت) عيان، ظاهر، کُليل، چمڪندڙ جهرڪندڙ نُوراني، منور.

تعرف في وجوه هم نضرت النعيم، سندن "روشن" روءِ.
بيدل (وحدت نامو_42)

روضي: (مذڪر. روضو) درگاهہ، مزار، تربت مٿان اَڏيل قُبو.

طرف "روضي" شاهہ سيوستان وري.
بيدل (مناقبو)

رولي: (مصدر: رولڻ: دربدر ڪرڻ) دربدر ڪئي.

لوڙهہ ڏتي سڀ لحظي دي وچ، چشمان والڙي چال،
دين ڪفر دي "رولي" رولي.
بيدل (247_320)

رُومِي: (مذڪر. صفت) روم ملڪ جو رهواسي، مولانا جلال الدين رومي.

پهري رنگ دا پوش بي رنگي، نام ڌراوي "رومي" زنگي.
بيدل (177_292)

رُوءِ: (مؤنث) صورت، مُنهن، مُک، رونق، شڪل، چهرو.

رندن سنديَ "روءِ"، چمڪي چوڏس چنڊ جان.
بيدل (وحدت نامو_32)

رُوِيَتَ: (عربي. مؤنث) صورت، مُنهن، شڪل، ديدار، درشن، نظارو.

جي تون پسين پاڻ کي، "رُوِيَتَ" روحاني.
بيدل (وحدت نامو-128)

رويندائين: (سرائڪي) روئارين ٿو.

ڪڏان وٽ سَتِ انهين ڪُون زمين تي اهڪُون زاروزار "رويندائين".
بيدل (212-231)

رِهاڻِ: (سنسڪرت. مؤنث) گفتگو ڳالهه ٻولهه، ڪچهري، مجلس.

رندي رمز "رِهاڻِ"، سُڻي سوز پراءِ تون.
بيدل (وحدت نامو-37)

رَهَتِ: (مؤنث) خصلت، شيوو رَوِش، طريقو ڍنگ.

موحدن مَرڪ، آهي "رَهَتِ" راز جي.
بيدل (وحدت نامو-58)

رهگُذَرُ: (فارسي. مذڪر) عام رستو سڙڪ، لنگهه.

ڳهن ٻهه دلين ديان ڳوتان، چشمين بہ "رَهگُذَر" هون.
بيدل (145-202)

رَهوار: (فارسي. مذڪر) قدم باز گهوڙو.

نينان دي وچ اُنهان سُهڻا دي، رمز ويکو "رَهوار".
بيدل (149-144)

رَهِيَنِ: (مؤنث) تابع، هٿ هيٺ، ماتحت، تابع.

ڪوڙين پتين ان جي، "رَهِيَنِ" تي رحمت.
بيدل (وحدت نامو-84)

رِي: (سرائڪي. حرف ندا) اَڙي (عورت کي مخاطب).

چلو "ري" سنئيان چرچا ويکين، آپ چمن ۾ آيا.
بيدل (95-97)

رِيءَ: (حرف جر) کان سواءِ، بنا.

قرب پارِ قدمُ، خوديءَ "رِيءَ" ڪٽج تون.
بيدل (وحدت نامو-63)

ڪاپڙين "رِيءَ" ڪير، هلندڙ ٿئي هاهوت ڏي
بيدل (وحدت نامو_98)

رِيتِ: (سنسڪرت. مؤنث) دستور، رسم، رواج، هلي چلي.

چڏي "رِيتِ" رسم، ماهِرُ ٿيءُ محيط ۾.
بيدل (فرائض صوفيہ_13)

ريت رسم: (مؤنث) رسم ۽ روج، هلي چلي.

ويئي "ريت رسم"، وحدت سندي ويڙهہ ۾.
بيدل (وحدت نامو_12)

رِيجهايا: (سرائڪي) ريجهايو.

ونجهلي اُهندي دل ساڏي نُون، رمزين نال "ريجهايا".
بيدل (267_119)

رِيجهي: راضي ٿي، خوش ٿي.

هتي ٿي ڪر هوت ساڻ، "ريجهي" روح رهاڻ.
بيدل (53_60)

رِيسُ: (عربي. مذڪر) رئيس، امير، مالدار.

ڪاٽي چاڪرُ چائيان، ڪاٽي خاصو "ريسُ".
بيدل (46_29)

رَينَ: (سنسڪرت. مؤنث) رات، انڌيرو، اونداهي.

"رَينَ" سُورج سان خوب، رَلايس شُڪَ پرڏاري ڪيس.
بيدل (76_28)

"ز"

زِ: (حرف جر) از جو مخفف، ۾، چو تہ، جڏھن تہ.

ٿيون لڇڻ دل جو "زِ" عشق لايزال.

بيدل (مناقبو_بند. 10)

زائِلُ: (عربي. مذڪر. ظرف) ضايع، فاني، بي بقا، پري ٿيندڙ.

وحدت ۾ "زائل" ٿيو دوائي جو زَنگُ

بيدل (وحدت نامو_15)

زَحمَتَ: (عربي. مؤنث) هلاڪي، پريشاني، محنت، ڪشالو ڏُک، تڪليف.

نالي ڳڏي اُن جي ضايع ٿئي "زحمت".

بيدل (وحدت نامو_84)

زَخّار: (عربي. مذڪر. صفت) ڇوليون هڻندڙ (درياھ).

روز "زخار" ورهہ دا وهندا، ڪُون ٻڏي انان پل.

بيدل (202_175)

زُغي: (عربي زَغا) پيشوا، مهتر، رئيس، مرد.

ڪاٿي ساڻ "زُغي" تي ظاهر، ماريءَ ملڪ منائين.

بيدل (01_42)

زَڪَرِيّا: (عربي. اسم خاص) بني اسرائيل جي نبين مان هو. 519 ق.م پيغمبريءَ جو اعلان ڪيائين. قرآن پاڪ ۾ سندس ذڪر آيو آهي. پوڙهائپ ۾ پُٽ جي دُعا گهريائين. جيڪا قبول پئي ۽ کيس حضرت يحيٰ عليہ السلام ڄائو. ڪن روايتن مطابق کيس ڪرت سان چيرا يو ويو هو.

"زڪريا" نُون ڪَرِت چِيرا وتُ، يحيٰ زور ڳهينداٸين.

بيدل (212_231)

زُلفَ بِنَفشه: (فارسي. مذڪر) وارن جو ڪوٽيءَ وانگر ونگوڙيل هئڻ.

نرگس چشم، بسنتي جامه، "زلف بنفشه" رخ گلفام.
بيدل (95_97)

زُليخَا: (عربي. مؤنث. اسم خاص) (بي بي زليخا) مصر جي بادشاهه عزيز فوطيف جي گهر واري هئي. بادشاهه جڏهن يوسف عليه السلام کي بازار مان خريد ڪري گهر آيو ته هوءَ حضرت يوسف عليه السلام تي موهت ٿي پئي ۽ کيس پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن يوسف عليه السلام سندس ڳالهه نه مڃي ته مٿس پنهنجي رسوائيءَ جو الزام هڻي کيس جيل موڪليو. جڏهن بي بي زليخا جي مڙس عزيز کي اصل حقيقت جي خبر پئي ته کيس جيل مان ڪڍي خوراڪ جو وزير بنايو. عزيز جي وفات کان پوءِ بي بي زليخا، حضرت يوسف عليه السلام سان شادي ڪئي.

بيک "زُليخَا" يوسف جي ۾، محبت مچ مچايان.
بيدل (20_54)

زُنّارُ: (فارسي. مذڪر) اهو ڌاڳو جيڪو هندو آڏو تيڏو ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن ۽ عيسائي، يهودي ۽ مجوسي چيلهه ۾ ٻڌندا آهن. جيٽو.

دين ڪفر جو دلبر سائين، ڪري پر تئون پاڻ پسارو آيو تسبيح ۽ "زُنّار" ۾.
بيدل (52_36)

زُناري: (سرائڪي) زُنارُ جڻيو. هندن جو ڌاڳو.

آپ چُپايس، ناهه نهايس، تسبيح تي "زُناري" دا.
بيدل (297_118)

زنگي: (مذڪر. اسم خاص) زنگبار جو رهواسي، نورالدين ابوالقاسم محمود ابن عماد الدين زنگي. (1118ع_1174ع) زنگي سلنت جو باني، جنهن تاريخ ۾ وڏو نالو ڪديو. صليبي جنگين ۾ صليبي رياست ايديسا جو خاتمو آندائين.

پهري رنگ دا پوش بي رنگي، نام ڌاراوي رومي "زنگي".
بيدل (177_292)

زورآوَرُ: (فارسي. مذڪر. صفت) زور وارو، زبردست، ڏاڍو ڪندڙ شوخ.

ساڏي دل کسڪي "زوراوَر" ويندا،
ساڏي دل لتڪي جادوگر جو ويندا.
بيدل (314_113)

"س"

سَابِ: (عربي. ظرف) ساپ، قبول، سجايو ڪارائتو.

پيو تَنِ "ساب" سَفَرُ، ڳهِيا جي ڪِين ڪٺي.

بيدل (وحدت نامو-141)

ساجِدُ: (عربي. مذڪر. صفت) سجدو ڪندڙ سِرُ جُهڪائيندڙ سجدو ڪندڙ.

"ساجِدُ" ۾ سجود، محو ٿيا مسجود ۾.

بيدل (فرائض صوفيہ-15)

مولا آ مسجود مڙن جو ٿي "ساجِدُ" سنگت ٿي ساهي.

بيڪس (مثل، ص. 72)

ساجَنُ: (سنسڪرت. مذڪر) سڄڻ، عاشق، محبوب، پريتم، لالن، دلبر.

آ "ساجن" تو هي ساڻ، تون ڳولين ٻي طرف ڏي.

بيدل (ابيات سنڌي-72)

ساڌُو: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) درويش، سنت، ڀڳتُ، پوڄاري، جوڳي.

جالي "ساڌو" ۾ سنسارَ جيوين مُسافر واٽا واهو.

بيدل (40-147)

ساڌِي: (سرائڪي) اسان جي.

دلبر "ساڌي" ويڙهي، ناٿُ الله تُسين آنا.

بيدل (185-101)

سَارَ: (سنسڪرت. مؤنث) يادگيري، ساروڻي.

هوت سِگهي لَهُه "سارَ" اچي سِڪاين جي.

بيدل (49-87)

سَارَ سَنڀالَ: پرگهور، خدمت چاڪري.

سرها سانگي وطن وسن تا، "ڪانہ لڏائون "سار سنيال".
بيڪس (26)

سارنگُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) جُهڙ، مينهن، ڪڪر، بادل.

"سارنگ" سير ڪرڻ لئي آيو برهہ اُني برسات.
بيڪس (6)

سَارو: (سنسڪرت. حرف جر) سڀ، سڄو، پورو، سربستو.

سر سَمجُهہ تون "سارو"، مار منصوري نعرو.
بيدل (15_65)

ساريان: (مصدر. سارڻ: ياد ڪرڻ، سنڀارڻ) ياد ڪريان، سنڀاريان.

اوهان کي سدائين تي "ساريان" سنڀاريان.
بيڪس (31)

ساڙيهُ: (سنسڪرت. مذڪر) ساٽيهہ، وطن، مُلڪ.

وَرُ "ساڙيهہ" ڏي سِگهڙو بيدل اُتي سنير ڪر سعيو.
بيدل (42_64)

ساعَتَ: (عربي. مؤنث) گهڙي، پلڪ.

بيڪس ويڙهيچن وِساريو مان "ساعت" پانيان سال.
بيڪس (26)

ساغَرُ: (فارسي. مذڪر) پيالو، ڪٽورو، گلاس، جام.

"ساغر" صفا جو ڪو پِرتون پلائين.
بيڪس (37)

سَاقِي:• (عربي. صفت) پيئاريندڙ، محبوب، صنم، معشوق، مرشد، سخي.

مئخاني محبت جو "ساقي" تون سالار.
بيڪس (13)

ساقِيء ڪوثَرِ: ڪائنات جي ڪارٽي حضرت محمد ﷺ جو لقب.

تون سيد سچو نُور "ساقيء ڪوثر".
بيدل (80_63)

سَالاَرُ: (فارسي. مذڪر) سردار، حاڪم، رهنما، اڳواڻ.

مئخاني محبت جو ساقي تون "سالار".
بيڪس (13)

سَالِڪُ: (عربي. مذڪر) درويش، مهاتما، سُنت، ساڌ، سلوڪ وارو صوفي، درويش، طريقت جون منزلون طئي ڪندڙ شريعت جي پابندي ڪندڙ صوفي جيڪو قرب الاهي جو خواهشمند هجي.

سِرُ حقيقت وارو "سَالِڪَ"، ڪوسمجهي رازرَبانيءَ وارو.
بيدل (12-83)

راهه اِنهيءَ ۾ "سَالِڪَ" سِر تي، سَهَنِ ڪرڻ ڪتار.
(12-25)

پنهنجي رائي "سَالِڪَ" سنيري، سر سوليءَ تي نيو.
بيدل (19-81)

"سَالِڪَ" تنهنجو سُودُ، نفيءَ ڏاران نانهن ڪو.
بيدل (وحدت نامو-65)

سَالِڪَ" سڳو سور، نيهي اُتي نانهن جو.
بيدل (فرائض صوفيه-8)

سَالِڪَنِ: (سالڪ جو جمع) درويشن، سنتن، صوفين، زاهدن.

"سَالِڪَنِ" جي سر تي سدائي، جوش جلالي اچي اچي.
بيدل (26-82)

"سَالِڪَنِ" سرتاج، مستيءَ ڪؤن منصور ٿيو.
بيدل (وحدت نامو-8)

موج مستيءَ ۾ سدا نيو "سَالِڪَنِ" کي سڪ سبيل.
بيڪس (24)

سالِمُ: (عربي. مذڪر. صفت) جيئن جو تيئن، صحيح سلامت، سڄا سارا.

"سالم" سَنيها هوبهو پهتا، پرينءَ جي پار جا.
بيدل (06-03)

سَامَ: (مؤنث) امان، پناهه، حفاظت.

پوءِ سناسين "سام"، پورب سندي پنڌ ۾.
بيدل (وحدت نامو-97)

سَاماٽا: (مصدر: ساماڻجڻ) (واحد. ساماٽو) جوان ٿيا، اُپريا.

جاڪون راٽا تون رسي وئين، سختيون سُور "ساماٽا".
بيڪس (3)

سَامِي: (سنسڪرت. اسم خاص، صفت) سوامي، گرو، مُرشد، مٽيا وارو فقير. اِهي الهہ لوڪ سالڪ آهن. گيڙوءَ رتا ڪپڙا پائيندا آهن. جوڳين جي مڙني قسمن ۾ وڏيڪ فضيلت وارا ليکيا ويندا آهن. خانہ بدوشيءَ واري زندگي گذاريندا آهن. ڪين هڪ هنڌ ٽڪائي ڪونہ اچي.

هير سِيالڻ نُون "سامي" سيلاني، نين اڙاڪي جو نيندا.
بيدل (314_113)

اَلْمُؤمِن حَیٌ فِی الدَّارَینِ بَل اَحْیَاءُ عِندَ رَبِهِم، "سامي" تو نہ سُئو.
بيدل (وحدت نامو_73)

"سامي" ڇڏي سنسار، رات رَسي ٿيا رام سان.
بيڪس (12)

سامِيُن: (سامِيءَ جو جمع) الهہ لوڪ فقيرن.

سُجاڻڻ "سامين" جو، عبادت اولي.
بيدل (وحدت نامو_91)

سَامِيڙا: سامي جي جمع _ تصغير.

"ساميڙا" سِرڪات، تہ اوڏو ٿئين اثبات ڪي.
بيدل (وحدت نامو_69)

سَامِيڙن: (ساميءَ جي جمع تصغير) گيڙوءَ رتا ڪپڙا پهريندڙ فقير.

"ساميڙن" ڪيو سدائين، وحدت جو واپار.
بيڪس (12)

سَانگ: (هندي. مذڪر) بهانو، ڳڻتي، فڪر، خيال، اُڻ تُڻ، بهانو.

هُت سنيارن سانگي توکي، هت ڪنهن "سانگ" رهايو.
بيدل (42_64)

سَانگو: (مذڪر) بهانو، واسطو، آسرو، لاڳاپو.

پيرُ نون پڙ ۾ پاءِ "سانگو" لاهي سِرَ جو.
بيدل (فرائض صوفيہ_9)

سانگي: (مذڪر) سانگ وارا، مارو ماڻهو مارئي جا عزيز.

هُت سنيارِنِ "سانگي"، توکي هِت ڪنهن سانگ رهايو.
بيدل (42_64)

سرها "سانگي" وطن وسن ٿا، ڪانہ لڏائون سارسنيال.
بيڪس (26)

سانگيئڙن: عزيزن، مٽن مائٽن.

"سانگيئڙن" سان ساڻ سچائي، واهہ تو نينهن نڀايو.
بيدل (41_70)

سانوَلُ: (سنسڪرت. مذڪر) محبوب، پيارو پرين، جاني، محبوب.

بار برهہ دا سِر تي "سانول"، چاهُون چاوڻ آيا.
بيدل (97_99)

ساٿِي: (مذڪر. مؤنث) همراهہ. ساٿي، مدد، واهرو.

هِتِ هُتِ آهہ اُنهيءَ سان ڄام سمون "ساٿي".
بيدل (متفرق بيت_2)

ساهُ پساهُ: (سنسڪرت. ٻنو لفظ) دم، حياتي، جياپو زندگي.

سندس "ساهہ پَساهُ"، سمائي نہ سرير ۾.
بيدل (وحدت نامو_142)

ساهَئُون: ساهہ لفظ سان /ئون/ پڇاڙ ملائي /ڪان/ ءِ /مان/ معنيٰ ورتي وڃي ٿي، ساهہ ڪان، ساهہ مان.

"ساهئون" ويجهو سپرين، پِري ناهہ پري.
بيدل (ابيات سنڌي_27_32)

ساهِي: (مؤنث) ڇڪي، سڏي

مولا آ مسجود مڙن جو ٿي ساجد سنگت ٿي "ساهِي".
بيڪس (مئل_ ص.72)

ساهِيا: (سرائڪي) ساهيو تاٿيو ڪاهيو.

درد بَلا دا باري لشڪر، سِرِ اُنهان دي "ساهيا".
بيدل (172_115)

ساهيڙِيُون: (سنسڪرت. مذڪر) (ساهيڙيءَ جو جمع) سهيليون، هڪ جيڏيون، هم عمر.

"ساهيڙيون" سرتيون، رب کي پرتيون.
(بيڪس)

اُتي اَسُر ويل کي، ڪن "ساهيڙيون" سَڏ.
بيڪس (بيت. مارئي-2)

سايا: (سرائڪي. مذڪر) سايو ڇانوَ.

بيدل بردا تيڏي در دا، جنهن سر تيڏڙا "سايا".
بيدل (98-117)

سبايا: (سرائڪي) سيبايو ماپيو.

وَرُدُ الْاَحْمَرُ مِنِی آکيس رمزشهوي ڪُلَ وچ راکيس هُوهُو هڪار "سبايا".
بيدل (96-100)

سَبِبَئُون: (عربي. مذڪر) سبب لفظ سان /ئون/ پڇاڙ ملائي /ڪهڙي/ ۽ /جي ڪري/ معنيٰ ورتي وئي آهي. ڪهڙي ڪارڻ، ڪهڙي باعث، ڇاجي ڪري

ڪوٺ عُمَرَ جو ڪيهي، "سَبَبُئُون"، تُنهنجي ساهہ سيبايو.
بيدل (41-70)

سُبحَانُ: (عربي. مذڪر) سيني عيبن کان پاڪ، پاڪ، الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

ڪُرِسِي، عَرش، زمين آسمانا، سَيرُ سيو "سُبحان" دا.
بيدل (؟-116)

من راني فقد راي الحق، ساڳيو ئي "سبحان".
بيدل (وحدت نامو-26)

نانگا نظارو سدا ڪن "سبحان" جو.
بيدل (وحدت نامو-35)

ناهہ انسان بيشڪ آهہ "سبحان"،
ناهي هي خاڪ، آهي پاڪ رحمان
بيڪس (مثنوي)

سُبحان اعظم: محبوب سبحاني حضرت عبدالقادر جيلاني.

چيو هئين موج ۾ آ غوث اعظم،
انا قادر "سُبحان اعظم".
بيڪس (مثنوي)

سُبحانِي: خدا تعاليٰ سان منسوب.

سر "سبحاني" آهيان، صورت کيل ڪلايان.
بيدل (20-54)

سُبحانِي: بايزيد بسطامي (وفات 291 هجري) جي قول ڏانهن اِشارو قول هن طرح آهي:
"سبحاني ما أعظم شاني". (مان پاڪ آهيان ۽ منهنجو وڏو شان آهي.)

"سُبحانيءَ" جو شاهه بُسطامي، واهه وڄايو نغارو.
بيدل (؟-65)

"سُبحَاني مَا اعظَمَ شَاني"، ناهه اِنهين وچ ٿهٽا.
بيدل (سه حرفي-1، بند-ز)

سَڀاڳي: (سنسڪرت. مذڪر) خوش نصيبي، سدورائي.

تون هادي هٿئون ڏي سدائي "سڀاڳي".
بيڪس (43)

سَيائي: (صفت) سڀ، هڙئي.

ايڪائيءَ ۾ ايڪ تي، "سيائي" صفات.
بيدل (وحدت نامو-13)

سَڀَ پار: (صفت) هر طرف، چوڌاري، سيني نمونن ۾، سيني وصفن ۾.

مڙيو ئي محبوب آ. سدائي "سڀ پار".
بيدل (وحدت نامو-54)

سَڀَ پَرِ: (صفت) هر طرح، هر ريت، هر حالت، سڀ طرح، سيني وصفن ۾.

سِڪَ وڃايو تن جو "سڀ پرِ" صبر قرار.
بيدل (13-19)

سَيو: (صفت) سڀ، هڙئي، ڪُلُ.

ايڪائيءَ ۾ ايڪُ تيو "سيو" ڏوهہ ثواب.
بيدل (وحدت نامو-14)

سَيي: (ظرف) سَيوئي، ڪُلُ، هڙئي.

خلق الاشياء فهو عينها، سَتِ تون شڪ "سَيي".
بيدل (12-83)

سَتاوي: (سرائڪي) "ستائي"، تڪليف ڏئي.

ٻاهر قِران تيڏا درد "ستاوي"، "فوج حُسن دي چڙهہ چڙهہ آوي
(318-158)

سَتارُ الغَيُوبُ: غيب جو ستارو.

تنهنجو منصب آهہ "ستار الغيوب".
بيڪس (مناجات، 2، ب، 15)

سَتگَرُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) ڪامل مرشد، سچو مرشد، الله وارو.

تون باهوت هاهوت جو آهين "سَتگُرُ".
بيڪس (37)

سُتيان: (سرائڪي) ستيون، ننڊ پيل.

يار پِريم لڳايا وي، "سُتيان" نُون آڻ جڳايا وي
بيدل (206-325)

سَتِ: (سرائڪي) اچل، ڦتو ڪر، ڪيراءِ.

اُتان علم عقل دي جاءِ نهين، بيدل "سَتِ" ڪتابان ڪاليان جي.
بيدل (243-109)

ستايِم: ڦتو ڪرايم، ڪيرايم، اُڇلائي ڇڏيم.

ڪوري وچ خيل "ستايم"، پسي جَلوا ذات ضيائي دا.
بيدل (137-107)

ستايو ئي: اڇلرايئہ، ڪيرايئہ، ڦتو ڪرايئہ.

ڪِس نون طور طوفان وِڪاويءِ، ڪِس نون اگِنِ "ستايوئي".
بيدل (170-272)

سَتي: ڦتي ڪري، اُڇلي.

دعويٰ دورنگيءَ جي "سَتي". وحدت ڏي چت جو چاهه ڪر.
بيدل (16_17)

سَتيسان: (سرائڪي) ڦتو ڪرائيندس، ڪيرائيندس، اڇليندس.

سِرِ سَرِو اها محبت دي وچ، پهلي سَتِ "ستيسان".
بيدل (182_218)

ستيسون: (سرائڪي) ڦتو ڪندس، اڇليندس.

بيدل محبوبان دي اڳيون، سِرُ سرواهه "ستيسون".
بيدل (ابيات سرائڪي_24)

سُپارِيان: (مصدر: سُپارَڻُ) حوالي ڪريان، سپرد ڪريان.

اڇو نہ تہ اجل کي ساهہ تي "سپاريان".
بيڪس (31)

سَجائِي: (سنسڪرت. صفت) سودمند، فائديمند، ڪارائتي.

عَبديتَ اولو تي، بيدل، صوفين جي وَٽُ سَمجَهه "سَجائِي".
بيدل (31_288)

سَجَن: (سرائڪي. مذڪر) سڄڻ، پرين، محبوب.

جاني جلويدار ماهي منصبدار آيا "سَجَن" آيا آيا.
بيڪس (8)

تيري تصوير مجڪو ياد تامحشر "سَجَن" هوگا.
بيڪس (سرائڪي_ 3)

جنازا لي چلو يارو "سَجَن" ڪي ڪُوچي مِ ميرا.
بيڪس (سرائڪي_ 5)

هور نهين ڪو ٻاجهون، سَجَن" دي، وه وه حڪم هلايو.
بيڪس (سرائڪي_81)

سَجنا: سڄڻ، محبوب، دلبر.

ڪڏهن پونديءِ قياس "سجنا"، محبت تي ماري!
بيڪس (21)

سُجُودُ: (عربي. مذڪر) سلام، تعظيم، پوڄا، خدمت گُذاري

ڪِيا جو عُمِر نماز پڙهيندا، عابد سهسين "سجود" ڪريندا.
بيدل (214_254)

سُجَهه نه ٻُجَهه: (محاورو) سوجهه ٻوجهه، ڄاڻ، واقفيت.

جنهن جي "سُجهه نه ٻجهه"، تاتي ڪيائون تڪيا.
بيدل (وحدت نامو_103)

سُجاتُئِہ: (سنسڪرت) (مصدر: سڃاڻڻ) تو سُڃاتو تو ڄاتو تو پڇاڻيو.

بيدل توتئون صدقي سهڻا، اپنا ننگ "سڃاتئہ".
بيدل (175_264)

سُڃاڻ: (مؤنث) مڃُ، ڄاڻج.

ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ، هر جا حق ۽"سُڃاڻ".
بيدل (وحدت نامو_56)

سَچارُ: (پراڪرت. مذڪر) سچ ڳالهائيندڙ، ڪرو سچو، حق گو، چوکو.

واعدا پنهنجا سيئي پاڙيائين، سهڻي يار "سچار".
بيدل (77_21)

سَحَرُ: (عربي. مذڪر) جادو، طلسم، منڊُ، منتڙ.

مين بہ ماءِ بيراڳڻ ٿيان، سامي ٓ "سِحِرُ" چلايا.
بيدل (256_96)

سُخنُ: (فارسي. مذڪر) وچن، ٻول، گفتار، ڳالهہ.

مَنْ عَرَفُ دِي پُرجهہ پرولي، "سُخن" سَچي سلطان دا.
بيدل (190_91)

سَخِي: (عربي. مذڪر) ڪُلي ٓ دل سان الله جي راهہ ۾ خرچ ڪندڙ، ڏاتار، فراخ دل.

تون "سخي" سرتاج ڪل پيرن جو شهنشاهہ بحق.
بيڪس (مناجات. 1، ب. 3)

سدا: (سنسڪرت. ظرف) سدائين، هميشه، هر وقت، لاڳيتو.

صوفي "سدا" سوز ۾، وٽج سندن ويراڳ.
بيدل (وحدت نامو_136)

سَدَ: (مؤنث) خواهش، چاهہ، مرضي، خيال، منشا، مراد.

چَڏ "سَدَّ" بِهشتي باغ جي، مَلڪُوتَ ۾ مَشهُود تون.
بيدل (17_59)

صوفي "سَدَّ" ڦٽي ڪري، سمايو ۾ سِڪَ.
بيدل (وحدت نامو_138)

سُدِ: (مؤنث) ڪل، خبر، علم، آگاهي، ڄاڻ، سُرت، معلومات.

"سُدِ" اُهين نون ساري هوسي، جي گھورَ نينان دي گھايا.
بيدل (310_105)

"سُدِ" نہ پيڙم منجهہ سنيرڻ جي.
(بيڪس)

سُدِرِيَلُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) سدّا تورو سلڇڻو نيڪ، لائق.

ڪاٽي سالِڪَ "سُدريل" ڪاٽي عين اويس.
بيدل (46_29)

سَدڙيان: (سرائڪي) سڌڙيان، خواهش رکندڙن، مطلب رکندڙن.

"سدڙيان" دا، وَتُ ڪَمُ نہ اُتاهين، آوي ڪو عَشِيق.
بيدل (106_171)

سَدون: (سَدَّ جو جمع) خواهشون، ذوق، چاهہ، آرزو، تمنا.

سُمهڻ ۾ "سدون" ڪري، صوفيءَ ۾ نہ سماءِ.
(بيدل)

سُدِيرُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) ڏيرجوان، صابر، ڏاهو، اڪابر، بُردبار، سياڻو، سچيت.

ٽيس ساهہ "سُدير"، وائي ٻُڌي وصال جي.
بيدل (وحدت نامو_21)

دز دي ڪِيتئي دل ميري دي، ڏي ڪا ساهہ "سدير".
بيڪس (سرائڪي_15)

سَڌاون: (سرائڪي) سڌائن، ڪوٺائن، چوائن.

اِذا تم الفَقرَ فَهُوَ الله، شهنشاهہ "سڌاون".
بيدل (ابيات سرائڪي_10)

سَڏاوڻ: (سرائڪي) سڏائڻ، چوائڻ.

ظاهر باطن حسن تُساڏا، اَحدُ وَعَبدُ ”سڏاوڻ ڪيا.

بيدل (306ـ121)

سَڏاويگا: (سرائڪي) سڏائيندو ڪونائيندو.

شيعا سُنِي تِيوَڻ سوڪا، صوفي ڪون ”سڏاويگا“.

بيدل (312ـ128)

سُرُ: (سنسڪرت. مذڪر) داستان، قصو راز ڳُجھ، مام.

رِندَنِ واتئون وحدت وارو سارو ”سُرُ“ سٽايان.

بيدل (38ـ49)

اونهون ”سُرُ“ احديت وارو سمجهي ڪير سگهي.

بيدل (12ـ83)

سِرُ ڏري: (محاورو) مٿو رکي.

قدمن تلي، ”سِرُ ڏري“ چلن اُلٽي چال.

بيدل (وحدت نامو ـ113)

سَراسَر: (فارسي. ظرف) سڄوئي، سربسر، منڍ ڪان پڇاڙيءَ تائين.

سمجھ ”سراسر“ سِرُ سلوني، آهين تون نُور نيارو.

بيدل (15ـ65)

سَربُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) تجلي، جلوو نُور.

ڪُل شَيءٍ هُو هُوَ الله، ”سَرِبُ، سَماوڻ آيا.

بيدل (97ـ99)

سُرتِ: (سنسڪرت. مؤنث) ساڃاھ، سمجھ، عقل، هوش، پوجھ، سمڪ، علم.

لڳا برھ بزرگي پُل ڳئي، سڪ نيتي ”سُرت“ سنياليان.

بيدل (243ـ109)

”سُرت“ رک بيدل، سمجُھ پِي، توبهتو محبوب آھ.

بيدل (43ـ73)

سُرخُرو: (فارسي. مذڪر. صفت) فتحمند، ڪامياب، مقبول، عزت وارا، نامور.

سر وڍائي "سرخرو" تيا هُت هلي.
بيدل (مرثيو)

سَرِڙيون: (مصدر: سَرڙڻُ = تڪڙو چِڪي ڪيڙڻ) مياڻ مان (تلوار) ٻاهر ڪيڙڻ.

"سَرِڙيون" سيف برهه جو بانڪو ڪيون حملا ٿو هسي يار.
بيدل (50-35)

سَرفِرازُ: (فارسي. ظرف) سربلند، معزز، ممتاز.

موج مستيءَ ۾ سدا سلطان "سرفراز" هو.
بيڪس (47)

سُرڪا: (واحد. سُرڪو) شرابَ.

سوز جا "سُرڪا" پِيون، سنپريا وَتن سوريءَ سدا.
بيدل (18-02)

سُرڪو: (مذڪر) ڊاک ۽ انگورن جي رس مان ٺهيل دوا، شراب.

ڏنو تن ڪلال، "سُرڪو" سوز گداز جو.
بيدل (وحدت نامو-110)

سُرڪِي: (مؤنث) سُرڪ، ڍُڪ، پِڪَ.

سوز سڪ جي سيدا "سُرڪي" پيار.
بيدل (مرثيو)

سَرگُ: (سنسڪرت. مذڪر) بهشت، جنت.

هِندو "سَرگ" سمورا نيندا، ٻاتيان ڪربيان.
بيدل (205-211)

سُرمان: (سرائڪي. مذڪر) سرمو ڪاري رنگ جو پٿر جيڪو اکين ۾ پائجي ٿو.

چاڪ دي پيران دي خاڪ، "سُرمان" ڪُرسيان.
بيدل (110-212)

سَرمَدُ: (عربي. مذڪر. صفت) سرمد لفظ جي معنيٰ آهي: "ازل ۽ ابد کان آجو." اصطلاحي معنيٰ موجب، جيڪو لافاني ۽ دائم هجي

۽ هميشه زنده رهي. سرمد، وحدت الشهود جو قائل صوفي بزرگ هو. هڪ روايت مطابق ارمينيا جو عيسائي يا يهودي هو. ٻي روايت مطابق ايران جي ڪاشان جو رهواسي هو. سندس اصل نالو "سعيد" ۽ "سرمد" تخلص هو. تورات ۽ انجيل پڙهيل هو پر اسلامي علمن تي بہ عبور هئس. جوانيءَ ۾ اسلام تي ايمان آڻي مسلمان ٿيو. سرمد ساموندي رستي سان 1042 هجري مطابق 33-1632ع ۾ ٺٽي ۾ آيو. هڪ روايت موجب ٻہ سال اتي رهيو. ٺٽي ۾ هڪ ڏينهن اوچتو سندس نظر هڪ هندو سوناري ڇوڪري "اَڀيچند" تي پئجي وئي.ڀرين نگاهہ ۾ عقل ۽ حواس وڃائي ويٺو. دماغ جاءِ ڪونہ رهيس. ڪاروبار کي يڪ لخت ترڪ ڪري پنهنجي محبوب جي دروازي تي اچي دونهين دکائي ويهي رهيو. ڪيس اَڀيچند، سان ايتري تہ الفت هئي جو جڏهن هڪ ڏينهن ڪانئس پڇيو ويو تہ "تنهنجو خدا ڪير آهي"، وراڻيائين: "اَڀيچند". جڏهن سرمد دهلي وڃڻ جو ارادو ڪيو تہ اَڀيچند بہ ساڻس گڏ هليو. شاهہ جهان جو دور هو. اورنگزيب جي زماني ملا شيخ عبدالقوي پنجهزاري، سرمد تي ڪفر جون ٽي تهمتون مڙهيون.

1. سرمد ڪلمي طيبہ جو صرف ڀريون حصو يعني: لااله چوي ٿو. الاالله نہ ٿو چوي اها ڳالهہ الوهيت کان انڪار ۽ شريعت جي توهين آهي.
2. سرمد جسدي معراج جو منڪر آهي. جيئن رباعي ۾ چيو اٿس.

آن کہ اوسرِ حقيقتش باور شد
خود پهن تراز سپهر پهنا ور شد
ملا گويد بر فلڪ شد احمد
سرمد گويد فلک بہ احمد شد.

3. سرمد بازار ۾ اگهاڙو گهمندو رهي ٿو. جو اخلاقي طرح ناموزون ۽ شرعاً ممنوع آهي.

شاھہ شرف، ”سَرمَد“ دي سِر تي، درد ڪيتي ڏاڙ ڏاڙي
بيدل (242_284)

شاھہ شرف، ”سَرمَد“ جيھي سالڪ، حسن دي موج ڪيتي حيران.
بيدل (138_227)

شاھہ شرف، ”سَرمَد“ جيھي عارف وچ، اِنھين مَھرياڻ.
بيدل (105_240)

بلا ”سَرمَد“ ۽ عطاري، پنھنجن جا سر وڍائين تو.
(بيڪس)

سَروُ: (مذڪر) ھڪ مشھور ڊگھو وڻ، جيڪو سڌو گز ٿئي. انھيءَ خوبصورتيءَ جي ڪري محبوب جي قد کي ان سان تشبيھہ ڏني ويندي آھي.

الف دي صورت ”سَروُ“ سُونھارا، اثباتي نون ڪر اِظھارا.
بيدل (95_97)

”سَرُو“ چمن خوبي دا سھڻا، لالن خاص لبيس.
بيدل (91_169)

سَروَاھِي: (جمع: سرواھيون) سڌي مُنھن واري تلوار.

نين سپاھي سَرِ ”سَرواھي“، مغلان وانگ مريندي
بيدل (ابيات سرائڪي_19)

سَروَاھِيُون: (سرواھي جو جمع) ڏسو سَروَاھِي.

آوَنِ چائيون ھٿ ”سَرواھيون“ لَڙَنِ يتيمان دي نال.
بيدل (126_177)

سُرُوپُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) روپ، شڪل، صورت، مھانڊو، سھڻي صورت، سنو مھاندو، خوبصورت.

موھن پيارا ڪرِ آيا بسنتي ويس سھڻي ”سُرُوپُ“ تون صدقي مين جاوان.
بيدل (91_169)

سُرندَا: (سرائڪي) سرندو. ھڪ قسم جو ساز سارنگي.

تال طنبور ”سرندا“ طبلا، مشتاقن ڏني مت اھائي.
بيدل (31_288)

سُرودُ: (مذڪر) ساز جو هڪ قسم، سُرندو سان راڳ، آلاپ.

ذوق ”سرود“ پڇو درويشان،
بيدردان نون ڪل نہ ڪائي.
بيدل (31_288)

سَرورا: (مذڪر) سرور، سردار.

بادشاهہ حضرت قلندر ”سرورا“ حضرت قلندر شهباز جي حضور.
(بيڪس)

سَرها: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) خوش، پَرسن، راضي، نهال.

”سرها“ سانگي وطن وسن تا، ڪانہ لڏائون سارسنيال.
بيڪس (26)

سَرهايون: (سرهائي جو جمع) خوشيون، راحتون، مؤجون، فرحتون.

آئي تنهنجي تيون ”سرهايون“، سهسين رنگ سمائين.
بيدل (22_76)

سُرَهِي: (صفت) خوش، خوشبو واري.

”سُرهي“ سنگ سمي جي ڪيو، نُوريءَ کي نُورُ.
بيدل (متفرق بيت_1)

سِري: (عربي. مؤنث) بدن جو هڪ عضوو سِسي، جسم، بُت، منڍي.

پنهنجو سِرُ صحيحون ڪج بيدل سُوجهي سمجهہ ”سِريءَ“ جو سيرُ.
بيدل (60_23)

سَرِيرُ: (سنسڪرت. مذڪر) بُت، بدن، تن، جسم، جثو جان.

سندس ساهہ پساهہ سمائي، نہ ”سَرِيرَ“ ۾.
بيدل (وحدت نامو_142)

سَرِيَرئُون: سرير لفظ سان /ئون/ پڇاڙ ملائي /مان/ معنيٰ ورتي وئي آهي. جسم مان، من مان، بَدن مان.

صوفي ”سَرِيَرئُون“ ويو، صورت هَذِ نہ سماءِ.
بيدل (وحدت نامو_143)

سَعيو: (عربي. مذڪر) تياري، ڪوشش، جتن، جاکوڙ ڪشالو.

وَرُ ساڙيهہ ڏي سِگهڙو بيدل، سنير اُٺي ڪر ”سعيو“.
بيدل (41_64)

سِڪَ: (مؤنث) اُڪير، حُبَ، چاهہ، پيار، آس، پريت.

"سِڪَ" وڃايو تنِ جو سڀ پَر صبر قرار.
بيدل (13_19)

علم و عقل ڪان ثيءُ پري، "سِڪَ" سوزَ جي صلاح ڪر.
بيدل (16_17)

سِڪَ سوز: حب ۾ ڏک، پيار ۾ ڏُک، محبت ۾ ماتم.

رهہ سدا "سڪ سوز" ۾، بيڪس جسم ڪؤن رهہ رحيل.
بيڪس (مثل _ ص.82)

سِڪَاين: خواهش مندن، آرزو مندن، سَڌ پوري ٿيڻ جي خواهشمندن.

ڪر احساني عشق جي، لَهَہ "سِڪَاين" جي سار.
بيڪس (13)

سُڪَرُ: (مذڪر) خمار، نَشو، مدهوشي.

سٽي سرود "سُڪَرُ" ۾، بيخود بي سِرِ پِھرن قرب ڪُلاهان.
بيدل (32_52)

سُکِي: (صفت) خوش، سَوَلو، پرسن.

"سُکي" وسي آپ، ڏکي رهي آپ، تُون ڪُجِ آپ نون وچون نہ آٽين.
بيدل (227_137)

سَگُ: (مذڪر) ڪتو.

سَتِ سانگ اپني سِر دا، "سَگُ" تيڏڙا آيا.
بيدل (174_114)

بيڪس جيها ڪي ٿي "سَگ" در تِن ڪاهيو عشق سان ڪاهي.
بيڪس (مثل، ص.72)

سَگڙا: (سگ جي اسم تصغير) ڪتڙو.

دم دم هي "سگڙا" در دا، هر گز نہ ڪنهن جهلياسي.
بيڪس (70)

سَڳو: (مذڪر) ڏاڳو، تند، ڏور.

دليون دلبر جي صورت سان، "سڳو" وحدت سندو سورين.
بيڪس (39)

سِگهڙو: (سنسڪرت. مذڪر) (سِگهو جي اسم تصغير) جلدي، تُرت.

واعدا پنهنجا پرين تون پاڙج، ”سِگهڙو“ اچي تيءُ ساٿي.
بيدل (68_55)

سِگهو: (سنسڪرت. مذڪر. ظرف) تُرت، جلدي، تڪڙو.

واهه منهنجي ڪر ”سِگهو“ تون سيدا.
بيڪس (مناجات. 2، ب، 8)

ڪريو ڪا ورڻ جي، ”سِگهو“ يار وائي.
بيڪس (31)

سَڱ: (مذڪر) مائٽي، مٽاچاري، ناتو ڳانڍاپو رشتو.

پُريا پُورب پار، سامي ”سڱ“ چني ويا.
بيدل (63_16)

سَگهي: (مصدر: سگهڻ) مرڪب فعل طور ڪم ايندڙ لفظ جيئن: هلي سگهي، چڙهي سگهي.

چڪي ڏونگر چوٽئين، ”سَگهي“ ڪين چڙهي.
بيدل (51_86)

سَلجاءِ: ٻڌائجانءِ، سُڻائجانءِ، خبر ڏجانءِ.

وجي آڳه اُن جي سُورَ سيئي ”سلجاءِ“.
بيدل (وحدت نامو_88)

سَلاوندي: مصدر: سلاوڻ) چاڙهڻ.

اپني هٿون آپ نون سهٽا، سوليءَ سر ”سلاوندي“ هو.
بيدل (307_253)

سَلايا: (سرائڪي) سلايو ٻڌايو سُڻايو.

اهين اوقات دي حالت، اسڪون ڳجهڙا راز ”سلايا“.
بيدل (192_104)

سُلطان: (عربي. مذڪر) والي، حاڪم، راجا، بادشاهه.

ڳولا ڪرين جنهن جي، سوئي تون ”سلطان“.
بيدل، (وحدت نامو_122)

سَلوني: (مؤنث. صفت) سلوڻو ڪڻڪائون، گندمي، وڻندڙ مزيدار نمڪين.

سمجهہ سراسر سِرُ "سلوني"، آهين تون نُورُ نيارو.
بيدل (15_65)

سلهاڙيا: (مصدر: سلهاڙڻ= ٻڌڻ) ٻڌا، گڏيا.

سورهيہ ڪي ٿي وتن "سلهاڙيا"، ناز اڳيان آءُ ناهيان.
بيڪس (مثل_ ص.100)

سَلِيان: اوريان، سُڻايان، ٻُڌايان.

جوشئون جگر ويڙو جلي، ڪنهن کي "سليان" دل جي خلي.
بيڪس (62)

سَلِين: (مصدر: سلڻ = ٻُڌائڻ) ٻُڌائين، سُڻائين، ظاهر ڪن، پڌرو ڪن.

رِندي رازُ رَموزُ ڪنهن کي "سَلِين" ڪين ڪي.
بيدل (وحدت نامو_6)

سَليندا: (سرائڪي) سِلي ٿو ٻُڌائي ٿو سُڻائي ٿو.

درد فِراقان وِچ هو ڪي، خَستہ رو رو سور "سليندا".
بيدل (314_113)

سَلڻُ: (مصدر) ٻُڌائڻ، سُڻائڻ، خبر ڏيڻ.

عبدالقادر چاڻ ناهي، ڪنهين جي سُرڪ "سَلڻُ" جي.
بيدل (75_79)

سَماوَت: (سرائڪي) سمايو ماپيو رکيائين.

سهسين روپ اروپ "سماوت"، وحدت ڪثرت رمز رلاوت
بيدل (100_92)

سَماوندا: (سرائڪي) سمائي ٿو.

ويکو قطري دي وچ ڪِيوين، سارا سمند "سماوندا" هي
بيدل (157_281)

سَماوڻ: (سرائڪي. مصدر) سمائڻ، ماپائڻ.

عيش نهين ڪوئي وِچ عشق دي، سيني سوز "سماوڻ".
بيدل (235_252)

سماوي: (سرائڪي) سمائي، ماپي.

عاشق آپ معشوق بہ آپي، ڏوجها بيچ "سماوي" ڪون.
بيدل (313_200)

سَماءِ: (سنسڪرت. مصدر: سمائڻ) ماپاءِ، داخل ڪر.

اصولن جي عقل ۾ هي سِر ڪين "سماءِ".
بيدل (وحدت نامو_129)

سَماياسي: ماپياسين، داخل ٿياسين.

ڪري سينگار صورت جو اچي سڀ ۾ "سَماياسَي".
بيدل (37_84)

سَمايو: (مصدر: سمائڻ = ماپڻ) ماپيو داخل ٿيو اندر ٿيو.

صوفي سَدَّ ڦٽي ڪري، "سَمايو" ۾ سِڪَ.
بيدل (وحدت نامو_138)

آءَ اياٽي نينهن نہ چاٽان، سورن سات "سمايو" مون.
بيڪس (30)

سَمَجھہ: (مؤنث) ڄاڻ، خيال، فهم، هوش، ٻُڌِ، ادراڪ.

عبديت اولو ٿي بيدل، صوفين جي وَٿُ "سَمَجھہ" سَجائي.
بيدل (31_288)

سَمجھاوندا: (سرائڪي) سمجھائي ٿو.

هر مظهر مُک وِکلاوندا، لاؤندا مُڙُ سِرُ "سمجھاوندا".
بيدل (144_134)

سَمجھايا: (سرائڪي) سمجھايو.

الانسان سِرِي دا سهڻي، سر سَهي "سمجھايا".
بيدل (256_96)

سَمَرُ: (سنسڪرت. مذڪر) مسافريءَ جو سامان، توشو وسيلو اسباب.

صوفي ڪٺن نہ پاڻ سان، سورن ريءَ "سَمَرُ".
بيدل (وحدت نامو_141)

سَمَن: (فارسي. صفت) چنبيلي، ياسمين، هڪ نهايت اچو گل.

سرو "سَمَن" سوسن صد رنگي، برهين عجب بهاري
بيدل (89_280)

سَمون: (مذڪر. اسم خاص) سَمو ڄام تماچي جي ذات.

هِت هُت آهہ انهيءَ سان، ڄام "سمون" ساڻي.
بيدل (متفرق بيت_2)

سُرهي سنگ "سَمي" جي، ڪيو نوريءَ کي نُورُ.
بيدل (متفرق بيت_1)

سَمِيعٌ بَصِيرٌ: (عربي. مذڪر) ٻڌندڙ ڏسندڙ. الله تعاليٰ جا ٻہ صفاتي نالا.

"سَميع بصيرُ" نہ ڪوئي ڏوجها، سِرُ سمجهہ انسان دا.
بيدل (؟_116)

سُناوان: (سرائڪي) سُڻايان، ٻڌايان، اوريان.

اپڻي دلِ ديواني دي ويڏن، آک "سُڻاوان" ڪنهن نون.
بيدل (280_193)

سُناوي: (سرائڪي) سُڻائي، ٻڌائي، اوري.

راز دا دست ربابُ، مَنِ خدا دا راڳ "سُناوي".
بيدل (294_273)

سُناويگا: (سرائڪي) ٻڌائيندو.

عشق ڪيا اِلهام، ستگر شبد "سُناويگا".
بيدل (؟_126)

سَنبَلُ: (عربي. مذڪر) هڪ خوشبودار ٻوٽو جنهن جون تاريون نهايت خوبصورت ٿينديون آهن. ايران جو هڪ خوبصورت گل آهي.

مُکُ سُورج گُل اکين گل نَرگس، "سُنبلُ" ڪالي ڪيسُ.
بيدل (91_169)

سنيارِن: (سنسڪرت) (مصدر: سنيارڻ) ياد ڪن، سارِين.

هُت "سنيارن" سانگي توکي، هِت ڪنهن سانگ رهايو.
بيدل (42_64)

توکي دم دم تو "سنياريان" ڏينهن رات،
يا شہِ شاهان تون حق آنه ذات.
بيڪس (مناجات_2)

سنيارِيان: ياد ڪريان، ساريان.

وعدا پنهنجا پرين تون پاڙج، سگهو اچي تيءَ ساڻي سدا تي توکي "سنياريان".
بيدل (68_55)

اوهان کي سدائين ٿي ساريان "سنياريان".
بيکس (31)

سنياري: ياد ڪري، سنيالي.

بيکس بيوس سَگ سڏايو توکي سدائين "سنياري".
بيکس (60)

سنيالن: (مصدر: سنيالڻ) ياد ڪن، اونو رکن، نگاھہ رکن، سھارو ڏين.

سرتيون روز "سنيالن" توکي، پل پل ڪرن پڪار.
بيدل (69_18)

سنيالسِون: (سرائڪي) سنياليندس.

وقت ڪھين ڪر ڪُوچ دا سعيا، وَلِ ڪي وطن "سنياليِون".
بيدل (305_216)

سنياوڻ: (سرائڪي) سپرد ڪرڻ، سنيالي ڏيڻ.

راھہ منصوري مشڪل بازي، سُوليءَ سِر "سنياوڻ".
بيدل (235_252)

سَنيرُ: (مصدر: سنيرڻ) سنبت ڪرِ، سانباھو ڪر، تياري ڪر.

وَرُ ساڙيھہ ڏي سگھڙو بيدل اُتي "سنير" ڪر سعيو.
بيدل (42_64)

سنيِرَڻ: سنيار يادگيري

سُڌِ نہ پيڙم منجھہ "سنيرُڻ" جي،
ٻولي ٻاجھاري ھُئي تہ ٻڙن جي.
بيکس (مثل، ص. 84

سنيِري: (مؤنث) تياري ڪري، تيار ٿي.

سالِڪو سر ڏيڻ لئہ "سنيِري" ويھو.
بيدل (موٿيو)

پنھنجي رائي سالڪ "سنيري"، سر سوليءَ تي بينو.
بيدل (19_18)

سنيِريا: تيار ٿيا.

سوز جا سُرڪا پِيون، "سنيريا" وتن سوريءَ سدا.
بيدل (18_02)

سُوليءَ متي "سنيريا"، چڙهي پٽ پلنگ
بيدل (وحدت نامو-111)

سَنتُ: (مؤنث) ساڌو، سالڪ، مهاتما، درويش.

"سنت" چڙهي سُڪُ ڪنيو ڏُکن جو، سِر تي باري بار.
بيدل (40-147)

سَنجَهہ: (مؤنث) سانجهي، شام، رات.

بيدل بلڪل تيءَ نہ ماندو، "سَنجهہ" صُبحُ ڪي رات.
بيدل (70-4)

سندُونِ: سندَن، سندو (اضافي ضمير) هُن جو.

راحت رسي روح ڪي سڻي راز "سندون".
بيدل (وحدت نامو-43)

سَنُدءِ: (اضافي ضمير) تنهنجو، تنهنجون، ان جو، ان جون.

ڪيهون "سَندُءِ" صفتون، ڪيها سندءِ پار.
بيدل (ابيات سنڌي-25)

منهنجي ڪر تون آس پوري، آءُ "سندءِ" در جو گدا.
بيڪس (مناجات-1)

سَنسَارُ: (سنسڪرت. مذڪر) جڳ، دنيا، جهان، عالم، ڪائنات.

سامي ۾ "سنسار"، وَسِي آتي واهرو.
بيدل (وحدت نامو-41)

"سامي" چڙهي سنسار، رات رَسي اُتيا رام سان.
بيڪس (12)

سُنگ: (سنسڪرت. مذڪر) سات، سَتُ، جماعت، سنگت، صحبت، دوستي

الستي آواز، سڻايائون "سنگ" ڪي.
بيدل (وحدت نامو-100)

سَنگَتِ: دوستي، ساٿي.

مولا آ مسجود مڙن جو تي ساجد "سنگت" تي ساهي.
بيڪس (مثل، ص.72)

سَنگهارِنِ: (واحد: سنگهار) سن. سنگهہ = ڏڻ + آر = وارو) ڏنارن، مارُوڙن.

آءُ هت مانديءَ تن تن مارِن ريءَ هو كليو پين كير، ساهہ "سنگھارن" سنياري
بيڪس (مثل ـ ص. 90)

سَنوان: سدّا، گز منهن سامهون.

نينهن جا نيزا نوان، ڪاهيو اچن سيني "سنوان".
بيڪس (مثل ـ ص. 104)

سنيون سنيون: سڌيون گز.

بيڪس بيوس وٺ آءُ الله لڳ،
عجب بيون تنهنجون چاليون،
توڙي ڏنگيون تہ بہ "سنيون سنيون".
بيڪس (42)

سنئيان: (سرائڪي) سائين، مالڪ.

"سنئيان" اِهين جوڳيڙي، سانون جادو جوڙ بڇايا.
بيدل (256ـ96)

سنياسي: (مذڪر. صفت) جوڳي فقيرن جو اهو گروهہ جيڪو ويرانن، پٽن ۽ جهنگلن ۾ رهي ٿو ۽ جهنگ پٽن، پٽن ۽ جبلن جي ٻوٽين تي گذارو ڪري ٿو. تارڪ. فقيرن جو هڪ قسم، هندو فقيرن جي هڪ ذات.

ڪُنَ ڪوُن اڳي ڪاٿهين هو "سنياسيءَ" جو سيرُ.
بيدل (متفرق بيت ـ 6)

سوز: (مذڪر) ڏُک، غم، سُور.

صوفي سب "سوز" ۾ منجهن ورهہ وٿاڙ.
بيدل (وحدت نامو ـ 137)

سوسن: (فارسي. مؤنث) هڪ آسماني رنگ جو گل.

سرو سمن "سوسن" صد رنگي، برهين عجب بهاري
بيدل (89ـ280)

سهسِين: (ظرف) هزارين، سوين، ڪئين.

نانءُ نشان نہ تنهنجو ڪوئي، "سَهسِين" نام سڏائين.
بيدل (02ـ41)

"ش"

شادمان: (فارسي) خوشيون، شغل.

شاهہ ڏي تو "شادمانا"، دفع ڪر درد و الم.
بيڪس (مناجات_1)

شارِڪُ: (عربي. مذڪر. صفت) شرڪ ڪندڙ مُشرڪ، خدا سان ٻيو شريڪ ڪندڙ.

هو ويچارن واهرو "شارڪ" ڇڏ تون شڪ.
بيدل (وحدت نامو_90)

شافِعي: (عربي. مذڪر. صفت) اسلامي چئن مَسلَڪن مان هڪ. محمد بن ادريس جو لقب. محمد بن ادريس قريش قبيلي مان هو. پيءُ طرفان سندس نسبت جو سلسلو انين پيڙهيءَ ۾ اچي ڪائنات جي ڪارڻي حضرت محمد ﷺ جي ڏاڏي سائين حضرت عبدالمطلب سان ملي ٿو. هڪ روايت مطابق سندس ولادت غزه ۾ ۽ ٻي روايت مطابق عقلان يا منيٰ ۾ 150ھ ۾ ٿي. مصر ۾ مدفون آهي.

شيعو سُني پاڻ سڏائي، "شافعي" ۽ نعمان.
بيدل (35_48)

شافِي: (عربي. مذڪر. صفت) شفا ڪندڙ صحت ڏيندڙ.

هستيءَ جي مرض جو آ، والله شوق "شافي".
بيدل (82_85)

شاهُ: (فارسي. مذڪر) سيد، مالڪ، حضرت امام حسين رضي الله عنه جو لقب.

ڪربلا ۾ "شاهہ" جڏهن مهمان ٿيو درد غم جو اُت وڏو گهمسان ٿيو.
بيدل (مرثيو)

اهو خاوند صاحب "شاهہ" سلطان، هتي ظاهر ٿي آيو آهي انسان.
بيڪس (مثنوي)

شاهہ بِسطامِي: بايزيد بسطامي. (ڏسو بايزيد بسطامي).

سُبحاني جو "شاهہ بسطامي"، واهہ وڄايو نغارو.
بيدل (15-65)

شاهہ حَلاجُ: منصور حلاج. منصور حلاج. مشهور عارف ۽ صوفي هو. سندس نالو حسين، ڪنيت ابولمغيث ۽ پيءُ جو نالو منصور هو. پر هو مشهور "منصور" جي نالي سان هو. ايران جي پٽ شيراز کان ست ميل پري بيضاء لڳ هڪ ڳوٺ "طور" ۾ سندس جنم ٿيو. سهيل بن عبدالله تستري کان فيض پرايائين، تہ حضرت جنيد بغداديءَ کان بہ فيض ورتائين. پر سندس مُرشد ۽ استاد عمر بن عثمان هو. منصور، سياحت گهڻي ڪئي. روايت آهي تہ هو سنڌ ۾ بہ آيو هو ۽ ديبل شهر ۾ اچي رهيو هو. سنڌ ۾ محمد بن منصوري ۽ احمد بن منصوري سندس معتقد ٿيا.

منصور خلاف سڀ کان پهرين محمد بن دائود ظاهري 297هہ ۾ بي دينيءَ جي فتويٰ جاري ڪئي تنهنڪري کيس گرفتار ڪيو ويو. هو هڪ سال قيد ۾ رهيو. سندس مُريدن سال کان پوءِ جيل پيچي کيس باهر ڪڍيو ۽ هو سوس (خوزستان) هليو آيو. اتي نوڪر "دباس" جي مخبري ڪري ٻيهر گرفتار (301هہ) ٿيو. اَٺ سال ست مهينا ۽ ويهہ ڏينهن جيل ۾ رهيو پوءِ آزاد ٿيو. ٽيون ڀيرو گرفتار ٿيو تہ عالمن مٿس چوراسي (84) الزام لڳايا.

اصل ۾ منصور، بغداد، فارس ۽ وچ جي شهرن مان ٿيندو بصري ۾ اچي رهيو. اتي سندس دوستي "بني مجاشع" وارن سان ٿي، جيڪي حڪومت جو باغي گروهہ هئا، تنهن ڪري منصور کي باغي شمار ڪيو ويو. ٻيو تہ منصور جا مُريد وڌڻ لڳا، نتيجي ۾ 27 مارچ 922ع تي کيس شهيد ڪيو ويو.

بيدل منصور کي پنهنجي ڪلام ۾ بيباڪ عارف، حقيقي عشق سان سرشار ۽ خدا شناس صوفي طور پيش ڪيو ۽ ساراهيو آهي.

بخش پرين پنهنجي پاڇيءَ کي، "شاهہ حلاج" جو حال.
بيدل (72-78)

شاھُ سَروَرُ: حضرت عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جو لقب.

توں آن مُلڪ معنيٰ سندو "شاھہ سرور".
بيدل (80_63)

شاھُ سُلطانُ: شاھہ عنايت شھيد ڏانھن اِشارو.

ڪيان ٿو حمد حضرت "شاھہ سلطان".
بيڪس

شاھُ سيوستان: سيوهڻ جو مالڪ. حضرت قلندر شهباز رحمة الله عليه.

طرف روضي "شاھہ سيوستان" وي
بيدل (مناقبو)

شاھُ شاھان: شاهن جو شاھہ.

يا "شاھہ شاھان" تون حق جي آهين ذات.
(بيڪس)

شاھِ نَجَفُ: عراق هڪ شهر جتي حضرت علي رضي الله عنه جي مزار آهي.

مثل "شاھہ نجف" جي آهي سيوهڻ.
بيڪس (مثنوي)

شاھَ مَردان: حضرت علي رضي الله عنه جو لقب.

عشق اوتار عجب گِهن آيا، شوقئون "شاھہ مردان".
بيدل (156_135)

شاھِي: (فارسي. مذڪر. صفت) بادشاهن وارو وڏو.

"شاهي" پاءِ شرف، دوتائي دُور ٿي.
بيدل (وحدت نامو_119)

شَائِقُ: (عربي. مذڪر. صفت) خواهشمند، طلبگار، شوقين، شوق رکندڙ.

"شائق" آهين شيرَ، هستيءَ کي هٽاءِ تون.
بيدل (فرائض صوفيہ_5)

همه کي هِڪُ ڄاڻ تون، "شائق" ڇڏ ڇرڪ.
بيدل (وحدت نامو_58)

شَب روز: (فارسي. ظرف) ڏينهن رات، ليل وَنهار.

ڪر دي عطا فراقم، "شب روز" سينہ چاڪم.
بيڪس (مثل_ ص.101)

شِتابان: (سرائڪي) الَر، تڪڙا، ٿُرتُ، تيز ڇوها.

رند يگاني ڇوڙ ڪتابان، ويندي شوق دي راهہ "شتابان".
بيدل (135-163)

شُدو: (مذڪر) شُدُّ، صاف، نجو خالص، ظاهر ظهور، ضد.

بيدل "شُدو" وتي اُداسي، تنهنجو ملڻ منتار.
بيدل (49-87)

شَرابون: (عربي، مذڪر) شراب جو جمع، مڌ.

طالب نہ تي تقوي سندو پيءُ شوق "شرابون".
بيدل (81-44)

شَرَع: (عربي، مؤنث) خدائي قانون، تجويز ٿيل رستو سنئين واٽ.

اِهو امر "شرع" جو معاف آهي.
بيڪس (مثنوي)

شَرَف: (عربي، مذڪر) درجو عظمت، فوقيت، مهانتا، ترجيح.

ڪاٿي جامو حسن جو پهري، "شرف" ڏيکاري شانُ.
بيدل (35-48)

شُعَاع: (عربي، مذڪر) تجلو جهلڪو ترورو روشنائي، پرڪاش، جوت، سوجهرو.

ڏِنو ٿُرت ٿنين، اڪين "شُعاعُ" شهود جو.
بيدل (وحدت نامو-1)

شهودن "شُعاع"، عرش مٿارون اُپريو.
بيدل (وحدت نامو-96)

شُعلي: (عربي، مذڪر) تجلي، جهلڪي، تروري، روشنائي.

ڪي ٿي منصور ڪيا هن "شعلي"، سُوليءَ تي هسوار.
بيدل (25-12)

شُغل: (عربي، مذڪر) مشغولي، ڏنڌو ونڊر ڪم ڪرت.

شوق تيڏي دا "شغل" چڱڙا، ساڏي ساهہ سيباٽا.
بيدل (269-131)

شَڪُ: (عربي، مذڪر) (واحد: شڪُ) گمان، شبها.

خلق الأشياءِ فَهو عينها، سَتِ تون "شڪ" سيي.
بيدل (12_83)

شِڪارُ: (فارسي، مذڪر) ڦاٽا، سوگها، لُٽيا، ڦريا، گهايا، ماريا.

واهه حُسن جون فوجان چڙهيون، شوق وارا ٿيا "شڪار".
بيڪس (8)

شُڪِرانا: (عربي، مذڪر) (واحد: شڪرانو) مهربانيون، احسان، ٿورا.

عِشقُ عطا ڪيائون توڪي، بيدل ڪر "شڪرانا".
بيدل (28_05)

شَڪَرِ گنج: خواجه فريد جو لقب.

بَطَرفِ شاهه محمود "شڪر گنج".
بيڪس (مثنوي)

شِڪَمُ مَادَرِ: (فارسي، مذڪر) ماءُ جي پيٽ ۾.

"شڪم مادر" ۾ رهيس، ٿي ڏهه مهينا قيد ۾.
بيدل (85_14)

شَمسُ: (عربي، مذڪر) سج.

تارن سندو تاب ويو، پَسي "شمس" شهود.
بيدل (فرائض صوفيه_15)

شَمسُ: (عربي، مذڪر) شمس تبريزي، هڪ مشهور صوفيءَ جو ايران جي شهر تبريز جو رهندڙ هو.

اَحد واَحمد آپ سڏايس، نالا "شمس" وعطار.
بيدل (149_144)

ڏسو ڪيئن "شمس" تبريزي ڏنو پوش.
بيڪس (مثنوي)

شَمسُ اَلحَقُ: سندس تصديق سان احوال نه ٿو ملي. سندس سلسلي بابت روايت مطابق فقط ايترو چئي سگهجي ٿو ته شمس الحق نالي ڪو صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن "قم باِذني" چئي هڪ

مُثل ماڻهو جياريو. جنهن تان عالمن انهيءَ عمل کي غير شرعي فعل چئي فتويٰ ڏني ۽ کل لهرائڻ جو حڪم ڏنو پر هن پاڻ پنهنجي کلَ لاهي ڏني.

"شمس الحق" سڏائي جڳت ۾، قم بِاذني اليندائين.
بيدل (231_212)

"شمس الحق" دا پوش اُتاري، عشق دي عالي هي درگاهہ
بيدل (166_257)

شَمسُ وَ قَمَرُ: سج ۽ چنڊ.

"شمس و قمر" انوار اِن جو، يوسف يعقوب هو اسرار ان جو.
بيڪس (بيان درثنا شاهہ عنايت الله صوفي شهيد)

شَمشادُ: (فارسي. مذڪر) هڪ ڊگهو خوبصورت وڻ، انهيءَ سان محبوب جي قد کي تشبيهہ ڏيندا آهن.

انهيءَ جو قد هو "شمشاد" جهڙو، غلط مان چيو ناهي شمشاد اُهڙو.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

شَمشير: (فارسي. مؤنث) تلوار، ترار.

نينان دي "شمشير" مين ويکو مشتاقان نون مريندا يار.
بيدل (161_161)

شَملا: (فارسي. مذڪر) (واحد: شملو) پٽڪا.

سياليان سهيليان ڪن مڙي حملا، ٻڌائن متي تي بديءَ جا "شملا".
بيڪس (مثل_ ص.94)

شوقئون: (عربي. مذڪر) شوق لفظ سان /ئون/ پڇاڙ ملائي /منجهان/ معنيٰ ورتي وئي آهي. شوق منجهان.

پنهنجي "شوقئون" لالن لاتي، پرت اچي پرديس.
بيدل (76_28)

شُنيدان: سچيون ڳالهيون.

رنگپور دي وچ ظاهر هويان، شوق ساڏي ديا "شنيدان".
بيدل (163_226)

شَهبَازُ لعل: سيوهڻ جي صوفي بزرگ عثمان مرونديءَ جو لقب.

تون حَسن جو لاڏلو "شهباز لال"، تون حُسيني بادشاهه بدرالڪمال.
بيدل (مناقبو)

شَهسَوار: (فارسي. مذڪر) چاڙهو سوار، وڏو سوار، ڪامل.

دُر دُرج حيدر ڪرار تون، بحر مولِيٰ گوهر "شهسوار" تون.
بيدل (مناقبو)

شَهه طَرِيقَت: طريقت جا مرشد.

گهرون ٿا بهشت محبوبِ حقيقت، سندن وصلت گهرون ٿا "شهِ طريقت".
بيڪس (مدح ـ حضرت شاهه عنايت الله)

شُهُود: (عربي. مذڪر) مطلق وجود، سڀني موجودات ۾ خدا جو جلوو نظر اچڻ.

معدومِيءَ دي ميخانه ٿُون، پُرُ پي جام "شهُود".
بيدل (؟ ـ 141)

شُهُودِي: خالق مطلق وارو سڀني موجودات ۾ حق ئي حق نظاري وارو.

صورت ڪنون نُور "شُهودي"، آوي وِچ نظر نرواوي
بيدل (139 ـ 146)

شِيثُ: (حضرت شيث عليه السلام) الله جو نبي سڳورو.

آدم حوا مظهرُ منهنجو، شوقئون تيڙس "شيثُ".
بيدل (39 ـ 27)

شَيخ صنعانُ: ڪيس پير صنعان ۽ شيخ صنعان به چيو ويندو آهي، سندس زندگيءَ جو احوال مختصر ملي ٿو. تصوف جي ڪتابن ۾ هڪ روايت نقل ملي ٿي ته، هڪ عيسائي ڇوڪريءَ تي عاشق ٿي پيو ۽ ان جا سوئر چارڻ لڳو. عيسائي ڇوڪريءَ جي ڪري اسلام کان منحرف ٿي ويو ۽ ڪفر اختيار ڪيائين، پر پوءِ مرشد جي غيبي هدايت تي، رستي تي اچي ويو ۽ ڪيس منزل ملي وئي. سنڌي، عربي، فارسي، سرائڪي، پنجابي ٻولين جي شاعرن پنهنجي شعر ۾ سندس ذڪر آندو آهي. سنڌي ۾ ڪيترن ئي شاعرن سندس ذڪر ڪيو آهي. بيدل به سندس ذڪر ڪيو آهي.

"شَيخ صنعان" جيهي عارف نون، جٽيا ڳل ڳهرايا.
بيدل (231_127)

"شَيخ صنعان" جيهي ڪامل نون، جٽيان ڳل ڳهرا ويگا.
بيدل (251_136)

شَيخ عَطارُ: (اسم خاص) مشهور صوفي فريد الدين جو لقب، "عطار" لفظ جي معنيٰ آهي عطر وڪڻندڙ. فريد الدين عطار جي والد جو نالو ابوبڪر هو ۽ نيشاپور جو ويٺل هو. مجدد الدين بغدادي جو شاگرد هو. ڪيترن ئي علمن جو ماهر هو. عطر فروشي سندس ڌنڌو هو. روايت آهي تہ: هڪڙي ڀيري پنهنجي دڪان تي ويٺو هو تہ، هڪ درويش سندس دڪان تي آيو ۽ هن جي اڳيان بيهي حيرت منجهان ڏسڻ لڳو جا ڳالهہ ڪيس نہ وڻي، تنهن تي فقير کي جهڙڪ ڏيندي چيائين، "هتي ڇا لاءِ واٽڙو لڳو بيٺو آهين، وڃي پنهنجي ڪم سان لڳ" جنهن تي درويش ورندي ڏنس "تون پنهنجو فڪر ڪر، منهنجي وڃڻ ۾ دير ڪونهي." ائين چئي اهو درويش سندس دڪانَ آڏو سِڌو ٿي سُمهي پيو. عطار هن جي ويجهو وڃي ڏٺو تہ، درويش جو دم پرواز ڪري چڪو هو. هن واقعي مٿس ايترو اثر ڪيو جو پنهنجي دڪان جو مال فقيرن ۾ ورهائي سير سفر تي نڪري پيو ۽ عارف ۽ درويش بڻجي ويو. "منطق الطير" سندس مشهور تصنيف آهي. جنهن جو ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ٿيو. سنڌيءَ ۾ "پکين جي پارليامينٽ" نالي سان ترجمو ٿيو.

من خدايم جو "شيخ عطار" تي هاءِ ڪيو هُوڪارو.
بيدل (15_65)

شير: (فارسي. مذڪر) شينهن، بهادر، دلير.

اِيهو رازُ ڪري تو روشن، علي ولي شه مردان "شيرُ".
بيدل (60_23)

شِيرِين: (فارسي. مؤنث. صفت) ڪن روايتن مطابق شيرين ايران جي خسرو جي ٻانهي ۽ ڪن روايتن مطابق زال هئي. فرهاد، شيرين

تي عاشق هو. كيس شيرين کان پري رکڻ خاطر كيس چيو ويو تہ جبل بستون کي ٽُڪي ندي وهائي. فرهاد پنهنجي ڪم کي لڳي ويو. نيٺ هن جبل ٽڪي ندي وهائي. تڏهن خسرو سِٽَ سِٽي ڏانهنس غلط خبرپهچائي تہ شيرين مري وئي. غم جي شدت ۾ هن پنهنجي مٿي ۾ پاڻ ڪهاڙي وهائي ڪڍي ۽ مري ويو. شيرين کي جڏهن خبر پئي تہ هن ڪوٺي تان ٽپو ڏئي پنهنجي جان ڏني.

"شيرين" ۽ فرهاد شڪل تي، آڻي اکيون اٽڪايان.
بيدل (20_54)

شيوو: (فارسي. مذڪر) مُرڪ، چال، ريت، هير، انداز، دستور، رسم، طريقو.

عشق جو "شيوو" آ خونريزي، مُلن ناهہ ميار.
بيدل (25_12)

شِيها: (سنسڪرت. مذڪر) شيهو، سِيهو هڪ ڌاتو.

ڪيمياگر اَڪسير اِهوئي، جيها "شيها"، تيها سونُ.
بيدل (161_194)

"ص"

صاحِبُ تاجُ: (عربي. مذڪر) تاج ڌڻي.

من رآني فقد رائي الحق موج ۾ مرسل چيو هنيو طبل تنهن "صاحبِ تاج" جي
بيدل (19_81)

صادِر: (عربي. صفت) جاري، واقع، پيش.

توهون نت تين سهسين، "ڪرامات "صادر". '
بيدل (80_63)

صادِقُ: (عربي. مذڪر. صفت) سچو سچار، ايماندار.

رمز انهيءَ سان راس ٿيا، "صادق" صوفي ڪَي.
بيدل (12_83)

صافِي: (عربي. مذڪر. صفت) چٽو صاف ڪيل، سچ پچ.

تَفتِيح پانهنجي ڪرِ، صوفي آهين جي "صافي".
بيدل (82_85)

صانعُ: (عربي. مذڪر. صفت) بڻائيندڙ ڪاريگر، هنرمند، خالق، پيدا ڪندڙ.

ڪر نظر بيڪس بنْدي تي لڳ خدا، تون آهين "صانع" تنهين جو حضرتا.
بيڪس (قلندر شهباز جي حضور ۾)

صَبا: (عربي. مؤنث) اوڀر طرف کان گُهلندڙ هوا، صبح جي ٿڌڙي منڙي هير (هوا).

اي "صبا" وڃ لڳ، خدا جي هڪ گهڙي
بيدل (مناقبو_1)

اي "صبا" چئُ تون سجڻ کي، هڪڙو دم ديدار ڏي
بيدل (مناقبو_1)

صُباحين: (مؤنث) صبح، سويري، سويل.

آءُ تون سنجهه ”صباحين“ ساڏي ديري.
بيدل (295_197)

صُبحَ: (عربي. مذڪر) سج اُڀرڻ مهل، فجر مهل، پرهه، پرڀات.

بيدل بلڪل تِيءُ نہ ماندو سنجهه ”صُبح“ ڪي رات، هوت اچي توسان هڪ ٿيندا.
بيدل (70_4)

صَبرُ: (عربي. مذڪر) ماٺ، خاموشي، سڪون، چُپ. شانت.

سڪ وچايو تن جو سَڀَ پَرِ، ”صَبرُ“ قرار.
بيدل (13_19)

صَحِيون: (عربي. مؤنث. صفت) دُرست، پوري، عيبن کان پاڪ، صاف.

ميهر ڪارڻ سهڻي مستاني سُرڪي پيتائين ”صحيون“ سچائي.
بيدل (75_79)

صَدُ: (فارسي. صفت) عدد، سؤ سيڪڙو سؤ ڀيرا.

”صد“ تحيت صدق، مون پڙ تي پڙي.
بيدل (مناقبو)

صَدْبار: (فارسي. ظرف) سؤ ڀيرا، ڪيترائي ڀيرا.

تماشو هر طورَ ۾، صوفي جو ”صدبار“.
بيدل (وحدت نامو_150)

صِدقُ: (عربي. مذڪر) ايمان، ايمانداري، سچائي، خلوص، ديانتداري

صَد تحيت ”صِدقُ“ مون پِڙَ تي پَڙي.
بيدل (مناقبو)

صَدق صَدَقُ: (محاورو) گهورَ قربان.

پلپل جاوان مين اُنهان تون، ”صَدق صَدَقُ“ سَو واري.
بيدل (209_291)

صَديقُ اَڪبَرُ: (عربي. مذڪر. صفت) اسلام جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر ﷺ جو لقب.

منهنجي ڪر پوري صدا، ”صديق اڪبر“ واسطي.
بيڪس (مناجات_1)

صَرف وِنَحُو: (عربي. مذڪر) گرامر, وياڪرڻ لفظن جي ڦير گهير جو علم.

مَحوِيَتَ جَڏان پَلئِہِ پيوسي "صرف وَنحو" سَڀُ پُلُ ڳيوسي
بيدل (289_298)

صَفا: (عربي. مؤنث. صفت) خالي, سڪٺو پاڪ, سڌو.

جنهن پيتو ساغر "صفا" جو تنهن وِساريو هي وجود.
بيدل (43_73)

صفات: (عربي. مؤنث) صفت جو جمع, صفتون, تعريون, وصفون, خاصيتون, سيرت.

ايڪائي ۾ ايڪ ٿي, سِيائي صفات.
بيدل (وحدت نامو_13)

حد بي حد سَماءِ, صوفي سيرُ "صفات" ۾.
بيدل (وحدت نامو_145)

صَفاتِي: (صفت) صفت سان منسوب. پِرايَلُ.

آيا شاهہ حُسن دا جاني, باغ "صِفاتي" وچ سلاني.
بيدل (95_97)

وحدت عشق سان هو وِير واصل, "صِفاتي" سير سارو ذات حاصل
بيڪس (در بيان مدح بيدل فقير)

صِفَت: (عربي. مؤنث) گڻ, خصلت, خاصيت, خوبي, وصف, ساراهہ, ساک.

"صفت" ۾ پانهنجي رائي سوين نالا سڏايا سي.
بيدل (37_84)

صَفدَر: (فارسي. مذڪر) لشڪر جون صفون, توڙڻ وارو قطرون چيريندڙ.

تون قادر تون قلندر, تون آهين "صفدر" تون.
بيڪس (منل, ص.60)

صَلاحَ: (عربي. مؤنث) اِرادو رٿ. راءِ.

سرتيون هئي ڪا "صلاح", اج ڪا منهنجي ماروئڙن ۾.
بيڪس (منل, ص.60)

صَمصام: (عربي. مؤنث. صفت) تکي تلوار, سرواهي اها شيءِ جنهن جو مُنهن نہ ڦري

گهاوَ ڪرن منجهه هانوَ ضعيفن، تيغ چوان "صَمصام" چوان
بيدل (83_51)

صُنعانُ: (عربي. مذڪر. اسم خاص) صُنعان هڪ صوفي، وڏو عارف ۽ صاحب شريعت هو. مڪي ۾ ئي سندس ست سؤ مريد هئا. هڪ ڀيري مريدن سان روم آيو، اتي هڪ نصراني جي ڌيءُ تي عاشق ٿي پيو ۽ ان جي عشق ۾ ايترو ته بي سُڌو بڻجي ويو جو ان جي دعوت تي انهن جي عبادت خاني وڃي جٽيو پاتائين ۽ انهن وانگر عبادت ڪرڻ لڳو. مريدن جتن ڪري کيس واپس روم آندو.

جت شوق شب خون ڪريندا، "صَنعان" زنار پهريندا.
بيدل (199_270)

صُنعانِي: (صفت) صنعان سان نسبت وارو.

تون آن مسند نشين هاهوت، ڪرايو سير "صنعاني".
بيڪس (53)

صَنُوبـَرُ: (ذر) هڪ قسم جو ڊگهي قد وارو سِڌو وڻ. سدا بهار ٿئي نه خزان اثر ڪريس نه وري بهار سدائين سائو رهي.

تون "صنوبر" گلشن اجمال جو.
بيدل (مناقبو)

صُوبا: (عربي. مذڪر) (واحد. صوبو) حاڪم.

صاحب "صوبا" جي هئا، پِرت ڪيا پينار.
بيڪس (9)

صُورَتَ: (عربي. مؤنث) اٽڪل، تدبير، طريقو.

سر سبحاني آهيان، "صورت" کيل کلايان.
بيدل (20_54)

صَوفِي: (عربي. مذڪر. صفت) سلوڪ جي راهه جو پانڌيئڙو، تصوف جي طريقي تي هلندڙ حق جو طالب، سچو فقير.

"صوفي" لا مذهب مستي وچ، اناالحق الاويگا.
بيدل (312_128)

"صوفي" سَڌ قٿي ڪري، سمايو ۾ سڪ.
بيدل (وحدت نامو_138)

"صوفي" منصور ڪئي ساري، سواري نيزي تي هسواري

بيڪس (46)

صَيقَل: (عربي. مؤنث) پالش، چمڪ، پاڻي ڏيڻ، تکو ڪرڻ، صاف ڪرڻ.

طلب جي تلوار کي، سِڪ، جي هَڻُ "صَيقل".

بيدل (فرائض صوفيہ-4)

"ض"

ضايَعُ: (عربي. صفت) زيان، برباد، ناس، اجايو.

نالي ڳڏي ان جي "ضايع" ٿئي زحمت.

بيدل (وحدت نامو_84)

ضِيائِي: (عربي. مؤنث. صفت) چمڪ، روشني، رونق، تجلي، نُور.

تون نبيءَ جي باغ جو آن نونهال،
تون علي زاده "ضيائي" ذوالجلال.

بيدل (مناقبو)

"ط"

طاقِي: (مؤنث) تختي، دريا دري جو هڪ پاسو.

تئي صاف دل جي "طاقي"، لاهيو اکين جا اولا.
بيڪس (مثل ص.62)

طالِبُ: (عربي. مذڪر. صفت) طلبگار. طلب ڪندڙ ڳولائو. تلاش ڪندڙ خواهشمند شاگرد.

هندوءَ زال ڪان هيٺ نہ ٿيجي "طالب" ايءَ تڪرار.
بيدل (13_19)

"طالب" نہ ٿي تقوي سندو پيءُ شوق شرابون.
بيدل (81_44)

"طالب" توڙ پهچائين، تون پنهنجا سڀ پينار.
بيڪس (13)

طَبَلُ: (عربي. مذڪر) ڍُهل، نغارو پيِر.

عشق سچڻ جي ڏُوم مچايو، شاهي نوبت "طَبَلُ" وڄايو.
بيدل (83_51)

هَنيو "طبل" تنهن، صاحب تاج جي.
بيدل (19_81)

طَبِلا: (مذڪر) (طبلي جو جمع) ڍُهل.

تالِ طنبور سُرندا "طبلا"، مشتاقن ڏين مت اهائي.
بيدل (31_288)

طَرِيقُ: (عربي. مذڪر) ڍنگ، طرز، مذهب، راهہ رستو شريعت.

وحدت واليان ڪيلان ڪيلن، صُوفي صاف "طَريق".
بيدل (106_171)

طَعني تُنڪي: (سرائڪي. جمع) طعنا ۽ تُنڪا، ڦٽيون لعنتون، لعنتون ملامتون، ميارون ۽ ڏوراپا.

تيڏي طَرفون "طعني تنڪي"، برهه دي ڪِنڙي نُون پاٽي.
بيدل (254_300)

"طعنا تنڪا" سپ ڪو سدا، ڏٺي عشق وارن ڪي ادا.
بيڪس (62)

طُفُولِيّت: (عربي. مؤنث) ننڍپڻ، ٻالپڻ.

هيس ڪودڪ "طفوليت" ۾ لاشڪ، ڀلائي پانهنجي ڪيائون بلاشڪ.
بيڪس (مدح بيدل فقير_2)

طَلَب: (مؤنث) گهُرَ، خواهش، آرزو.

فڪر ترازي هٿ رکي خيال، "طلب" جو تور.
بيدل (وحدت نامو_61)

بيڪس سان مل منڙا اج تون، ڏاڍو طلب تپايو مون.
بيڪس (30)

طَلَبَئون/طَلبيُون: (مؤنث) سڪ مان.

مستي مَلڪ ڪري مردانا، "طلبئون" ٿُرن تڏاهون.
بيدل (44_38)

طِلسِماتَ: (عربي. مذڪر) طلسم جو جمع، جادو.

دِينُ ڪُفر نابُود ٿيو طَئي ٿِي "طَلسمات".
بيدل (وحدت نامو_13)

طَمعدارُ: (عربي. مذڪر. صفت) طمع رکندڙ لالچي، لوڀي.

نڌر نِماڻي عيبن هاڻي، تو ۾ "طمعدار".
بيڪس (19)

طَنبُورُ: (عربي) تنبورو، ساز جو قسم.

تال "طنبورَ" سرندا، طبلا مشتاقن ڏين مت اهائي.
بيدل (31_288)

طَوافِي: (عربي. مذڪر. صفت) طَواف ڪندڙ ڦيرو ڇوڏاري ڦرڻ جي حالت

كعبي قُربَ جو تيءُ تون، بيدل سدا "طوافِي".
بيدل (82_85)

طُور: (عربي. اسم خاص) عربستان جي اتر اولهہ ۾ هڪ مقدس جبل، جنهن تي حضرت موسيٰ عليه السلام کي الله تعاليٰ جو نظارو نظر آيو هو جبل سينا.

تيڏي ڪيتي ڪَرّا پُڪاري، موسيٰ بَرسر "طُور".
بيدل (178_149)

تون حسيني شاهہ آن شهباز لال، "طُور" تي تنهنجو ڏنو موسيٰ جلال.
بيڪس (مناجات. 2، ب. 12)

"ظ"

ظاهر: (عربي. مذڪر. صفت) باطن جو ضد. چٽو پڌرو ڪليل، نروار، صاف.

"ظاهر" مُون دل ذوق نہ پائي، باطن رَڪُ بَرحال.
بيدل (32_33)

"ظاهر" باطن ڪيلُ ڪِلايم، ٿاهہ عجب ٿو ٿاهيان.
بيدل (40_21)

ظُهُورُ: (عربي. صفت) ظاهري، پڌرائي، نمائش، ڏيکاءُ.

آهين نُور، ڪر "ظُهُورُ"، ٿي نروار نقابون.
(بيدل)

ظُهُورُو: (عربي. مذڪر) جلوو، ڏيکاءُ، ڏيکارو اظهار، پڌرائي.

آهہ "ظُهرو" حسن جو هَرجا، هَر سُو در هَرِ شيءِ.
بيدل (83_12)

سڀ صفت ۾ ڪيو "ظُهورو" يار جاني دلربا.
بيدل (مخمس)

ڪيو "ظُهورو" ذات، تنهنجي بالفضل.
بيڪس (مناجات. 2، ب، 17)

ظُهُورِي: (عربي) ڏيکاري، ديدار، پڌرائي.

يارُ يگانو ڪاڻ "ظُهوري"، سوين ڪري سينگار.
بيدل (71_66)

"ع"

عَاجِزُ: (عربي. مذڪر. صفت) مجبور، لاچار، هيٺو، بي وس، ناتوان.

هٿ ٻڌي "عاجز" ڪري ٿو هي نياز.

بيڪس (مناجات. 2، بند. 14)

عَارُ: (عربي. مذڪر) حجاب، لڄ، شرم، مرم، ڦڪائي، شرمندگي.

عبادت ڪؤن "عار"، آنداڻون اثبات ريءَ.

بيدل (ابيات سنڌي-16)

عارِفُ: (عربي. مذڪر. صفت) خدا کي سُڃاڻندڙ گياني، ولي، سنت.

وما ينطق عن الهوي، "عارف" ان آچار.

بيدل (وحدت نامو-39)

عارِفَنِ: (عارف جو جمع) خدا پرستن، ولين.

"عارفن" آگاهه اونهي هن اسرار جي.

بيدل (وحدت نامو-20)

عاصي: (عربي. مذڪر. صفت) گنهگار ڏوهي، ڏوهاري مجرم، خطاڪار.

عفوا تقصيرات ڪر "عاصي" اُتون ايزد بخواه.

بيڪس (مناجات. 1، بند. 4)

عاڪِفِي: (صفت) اعتڪاف ڪندڙ.

صلح صاحاً في صوامع، "عاڪفي" حرم الصفا.

بيدل (مخمس)

عَالَم: (مذڪر) دنيا جهان، جڳ، دنيا، ڪائنات.

نُوحَ واري اوتار ۾ ڪيڙهِ، "عَالم" تي طوفان وو.

بيدل (62-53)

عَالم پناهه: (مذڪر. صفت) جَهان جو آجهو جهان جي ٽيڪ، بادشاهه.

ياقطب الدين "عالم پناھ".
بيدل (مناقبو)

عَالِي: (عربي. مذڪر. صفت) متي، مٿانهون، بلند، اوچو عظيم، بالا، برتر، وڏو.

عِشِق بَازنِ جا منصب "عالي"، مُنڪر جو مُنهن ڪارو.
بيدل (15_65)

عِشق جي دهشت "عالي" آهي، شوخ پوي جيئن شينهن.
بيڪس (34)

عَالِيجَاھُ: (صفت) وڏي رتبي وارو، بلند شان وارو.

شاھ "عَالِيجَاھ" تون، شهباز نُوري نامور.
بيڪس (مناجات. 1، ب، 2)

عَالِيجَنَابُ: (صفت) بلند رتبي وارو عزت جو هڪ لقب.

آءِ سندءِ دامن گرفتہ يا شاھ "عالي جناب".
بيڪس (مناجات. 1، ب، 10)

عَبدُ: (عربي. مذڪر. صفت) ٻانهو غلام، نوڪر، گولو.

حق جا بہ جا مشهود آ، سو "عبد" سو معبود آ.
بيدل (74_75)

عَبدِي: (صفت) ٻانهپ، گولپ، تابعداري.

اڄي ناهِيَم اِتهين، "عَبدِيءَ" جو آبيس.
بيدل (46_29)

عَبدِيَتَ: (مؤنث) ٻانهپ، غلامي، بندگي، گولپو تابعداري

ايهو شاهنشاھ اولي "عبديت" جي.
بيدل (وحدت نامو_49)

"عبديت" جي آڙ ڪين جهليا سي ڪاپڙي.
بيدل (وحدت نامو_104)

"عبديت" کي تون احديت ۾ لالن چو نہ لڙهائين.
(بيدل)

عَتابُ: (عربي. مذڪر) غصو ملامت، ڏوراپو ڪاوڙ.

ناز "عتاب" ڏِيان باهين پڙڪَن، مومُ وانگرُ مين ڳَلندِيان.
بيدل (290_232)

عثمان: (عربي. مذڪر. اسم خاص) حضرت عثمان غنيؓ ٽيون خليفو.

ڪر ڪرم فاروق ۽ "عثمان" اطهر واسطي.
بيڪس (مناجات. 1. بند. 11)

عثمان شاهه: (اسم خاص) قلندر شهباز جو نالو.

يا سراج العالمين "عثمان" شاهه.
بيدل (مناقبو)

ولي "عثمان" قطب دين قلندر.
بيڪس (مثنوي)

عَجائِبُ: (عربي. مذڪر) عجب جو جمع، حيرت انگيز اچرج جهڙو عجيب.

عُشاقان دي نال "عجائب"، رَلمِل رمزان لاوندا.
بيدل (98_282)

رمز رنديءَ جو "عجائب"، روهڙيءَ راز هو.
بيڪس (47)

عَجَبُ: (عربي. مذڪر. صفت) نادر انوکو اچرج، تپرس، تعجب، حيرت.

مُوسيٰ، فرعون مون مُورت، "عجب" چالا چلاياسي.
بيدل (84_37)

عَدَمُ: (عربي. مذڪر) غير موجود، نہ هئڻ جي حالت.

خام خوديءَ جا خطرا، نفيءَ سان ڪج ناس.
بيدل (وحدت نامو_63)

عَربُستَانُ: (عربي. مذڪر. اسم خاص) ايشيا کنڊ جي هڪ ملڪ جو نالو عربن جي رهڻ جو هنڌ. عربن جو ملڪ.

آنَا عَرَبُ بِلاعَين، آکِيُس "عَربُستانَ" ۾.
بيدل (215_198)

عَرشُ: (عربي. مذڪر) آسمان، آڪاس، اُڀُ.

فرش اُتي تو عبد سڏايان، "عرش" اُتي رحمان.
بيدل (52_53)

عَرشئون: عرش لفظ سان /ئون/ پڇاڙ ملائي /تان/ معنيٰ ورتي وئي آهي.

"عَرشئون" اُترِي فرش اُتي تو پرتئون پير گُهمايان.
بيدل (20_54)

عِرفَان: (عربي. مذڪر) معرفت حق تعاليٰ، خدا شناسي.

اپني هَٿُون آپ پِيو جام عشق "عِرفان" دا.
بيدل (190_91)

عَرَفتُ رَبّي بِرَبّي: (عربي قول) ذوالنون مصري، مدارج السالڪين ۾ هي قول حضرت ابوبڪر صديقؓ ڏانهن منسوب ڪيو آهي. مون پنهنجي رب کي سُڃاتو.

"عَرَفتُ رَبّي بِرَبّي"، مَستي تي مُحڪم.
بيدل (وحدت نامو_28)

عَزرائيلُ: (عربي. مذڪر. اسم خاص) موت جو فرشتو.

ڪي ئي ڇڏي وڃ راهه ۾ ويا، اوري اوري "عزرائيل".
بيڪس (24)

عَزمُ: (مذڪر) اِرادو، خواهش، قصد، نيت، منشا.

ياتون يات پِهريو پوشاڪان، "عزم" ڪيتس جولان دا.
بيدل (190_91)

عِشقُ بازَنِ: (عربي. مؤنث. صفت) عشق ڪندڙن، عاشق مزاج، حسن پرستن.

"عشق بازن" جا منصب عالي منڪر جو مُنهن ڪارو.
(بيدل)

عُشاقان: (سرائڪي) عُشاقن، عاشق جو جمع.

"عُشاقان" دي نال عجائب، رَلمل رمزنا لاوندا.
بيدل (282_98)

عُشاقَنِ: (مذڪر) (عاشق جو جمع) عاشقن.

آيو سِر "عُشاقن" جي تي، بِرهَہ جو باري بارُ.
بيدل (13_19)

مَن عَرَفُ جي مامَ جِي، بَخشي "عُشاقن" آگاهہ
بيدل (58_74)

عَشقَئون: عشق لفظ سان /ئون/ پڇاڙ ملائي /مان/ منجهان معنيٰ ورتي وئي آهي.

ڪڏهن "عشقئون" اَنَاالحق جا، وري ڪي ڳيت ڳايا سي
بيدل (37_84)

عِصيَانن: (عربي. مذڪر) گناهن، نافرمانين، ڏوهن، پاپن.

شاهہ آءٌ عيبن "عِصيانن" سان آهيان سينہ چاڪ.
بيڪس (مناجات. 1، ب. 8)

عَطا: (مؤنث) بخشش، انعام، ڏاڻ، سوغات، سوکڙي، سخاوت.

ان متون عشقون "عطا" احسان ٿيو.
بيدل (مرثيو)

ڪردي "عطا" فراقم، شب روز سينہ چاڪم.
بيڪس (2)

عَطارُ: (عربي. مذڪر. صفت) عطر وارو، عطر ٺاهيندڙ عطر وڪڻندڙ خواجہ فريد الدين جو لقب. جيڪو پنهنجي وقت جو مشهور صوفي ٿي گذريو آهي.

مَنِ خُدا، "عَطَارُ" نہ آکيا، اُنهين دا اَها آوازُ.
بيدل (292_164)

مَنِ خُدا، "عَطَارُ" دي مُنهن ڪنُون، آپ الايا مين وومين.
بيدل (169_225)

مَنِ خُدا، "عَطَارُ" دي مُنهن ڪنُون، بي حجاب بوليندائين.
بيدل (212_331)

عَطارِي: (صفت) عطر وڪڻندڙ خواجہ فريد الدين جو لقب.

بلا سرمد ۾ "عطاري"، پنهنجن جا سِر وڍائين ٿو.
بيڪس (46)

عُقاب: (عربي. مذڪر) هڪ قسم جو شڪاري پکي، باز جو هڪ قسم.

ٿوڙ ڏوالي جِسم دي جائي، عشق "عقاب" اُڏاريسون.
بيدل (305_212)

عَقَائِدُ: (عربي. مذڪر) عقيدي جو جمع، عقيدا.

عامَ عَقائد عَلي پڙهيندي، نيهِي ٿيندي نيس.
بيدل (284_167)

عَقُلُ: (عربي. مذڪر) سمجهه، مت، بُدِّي، دانائي، فهم، پروڙ.

جاءِ "عقل" دليل جي، عاشق ڪاهه اڳي.
بيدل (12_83)

"عَقل" جو ويو اختيار، عشق اناالحق جو دم ماريو.
بيدل (73_67

عَقُوبَتَ: (عربي. مؤنث) عذاب، سزا، تڪليف، مُصيبت.

ڏنهن "عقوبت" ڏي، نجاتي منجهه قبر.
بيڪس (مناجات. 2، ب، 19)

عَلامُ: (عربي. مذڪر. صفت) عالم جو جمع، عالم، فاصل، ماهر، گهڻو ڄاڻندڙ ودوان.

حال جا واقف عارف ٿيا "عَلام"، بيخودي باب پڙهي.
بيدل (وحدت نامو_23)

عَلِي: (صفت) حضرت علي رضي الله عنه، اسلام جو چوٿون خليفو.

ڀهانپ والي قيد ۾ آيا، نبّي "عَلِي" اِٿان نام سڏايا.
بيدل (227_137)

عَلِي زَاده: حضرت علي رضي الله عنه جو اولاد، حضرت علي رضي الله عنه جو اولاد.

تون نبيءَ جي باغ جو آن نونهال، تون "علي زاده" ضيائي ذوالجلال.
(بيدل)

عَلِي وَلي: (محاورو) حضرت علي رضي الله عنه بارگاهه الاهي جو مقرب آهي.

اِيهو رازُ ڪري ٿو روشن، ”عَلي وَلي“ شهَ مردان شير.
بيدل (60_23)

عَلِيلُ: (عربي. صفت) بيمارُ، ڪمزور، ضعيف.

آنئي پهر الله ۾ گُمر ٿا رهن عاشق ”عليل“.
بيڪس (24)

عُمَر: (عربي. مذڪر. اسم خاص) اڪثر روايتن مطابق عمرڪوٽ ۽ ڪن روايتن موجب مروٽ جي قلعي جو حڪمران هو. ”تحفة الڪرام“ موجب سندس حڪمرانيءَ جو عرصو 1355ع کان 1390ع تائين آهي. ملير جي ايراضيءَ مان کوهہ تان پاڻي ڀريندڙ عورت (مارئي) کي زوريءَ کنييائين ۽ اچي پنهنجي ڪوٽ ۾ قيد ڪيائين. مارئي کي راضي ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون لالچون ڏنائين، پر مارئيءَ جو من ڪنهن تي بہ نہ ريجهيو ۽ آخرڪار مجبور ٿي مارئيءَ کي واپس پنهنجي وطن روانو ڪيائين.

ڪوٽ ”عُمَر“ جو ڪيهي، سڀئون ٿنهنجي ساهہ سيبايو.
بيدل (41_70)

ٻَنِ ”عُمر“ تنهنجا باغ باغيچا، هُت گلزاريون ڪيون گاهہ
بيڪس (51)

عِنايَتَ: (عربي. مؤنث) احسان، مهرباني، يلائي، وَڙُ نوازش.

اُجن لئي آگمر آهہ ”عنايت“ اُن جي.
بيدل (وحدت نامو_81)

ڪرِ عنايت عشق جي ياسيد!
بيڪس (مناجات. 2. بند. 6)

عنايت الله: (اسم خاص) شاهہ عنايت شهيد.

”عنايت الله“ مالڪ آهي هادي، شهہ شاهان وحدت ملڪ وادي.
بيڪس (مداح شاهہ عنايت الله شهيد)

عوشاقَنِ/عُشاقن: (واحد: عوشاق) عاشق جو جمع.

هڻن ناوڪ نينهن جا، کُهڻ سندن ڪار بخشن ”عوشاقن“ کي عشق سندو آزارُ.
بيڪس (9)

عنصَر: (عربي. مذڪر) تت، جُزو، بنيادي جُزو.

بي راڳي بيباڪ، "عُنصَر" ڪؤن آزاد ٿيا.

بيدل (وحدت نامو_34)

عَهدُ: (عربي مذڪر) واعدو انجام، قول اقرار، سختم الست واري وقت ڪيل انجام.

هيءُ اسان سان "عَهَد" منجهہ ميثاق هو.

بيدل (مرثيو: بند_3)

عَيانِي: (عربي. صفت) روشن، پڌرائي، چِٽائي، آشڪار واضح، ظاهر.

تن تي "عياني"، اچي ٿي اثبات جي.

بيدل (وحدت نامو_4)

عَيبَ اَپارَ: (عربي) بي شمار عيب، اڻ ڳڻيا گناهہ، ڪي ئي ڪچائيون.

مون ۾ تي "عيب اَپار"، ڄاڻيون سڄڻ تو ڄاڻين.

بيڪس (19)

عَيبَنِ هاڻِي: عيبن واري، گناهگار ڏوهي.

هير نماڻي "عيبن هاڻي"، پلئہ تساڏي مين پيان.

بيدل (250_243)

نڌر نماڻي، "عيبن هاڻي"، تو ۾ طمعدار.

بيڪس (19)

عِيسائِي: (مذڪر. صفت) حضرت عيسيٰ عليه السلام جو.

بيک بنائي "عيسائي"، اُڏاڻس آسمان.

بيدل (47_39)

عَينُ: (عربي. مذڪر) (صفت) اٽڪل، تجويز، معرفت، نيڪ، خاص، اصلي، سچو، دُرست، ظاهر.

اَحَدَ منجهارُون احمد چايئہ

چاهئون چاڪ سڏائين، آهين "عَينُ" عياني

بيدل (22_76)

عَينَنِ: (عربي. مذڪر) (واحد: عين = اک) اکيون.

پهري پوش صفاتيءَ وارو، وينو دلاور ڏسي يار "عينَن"

جي ايوان ۾.

بيدل (50_35)

"غ"

غازِي: (عربي. مذڪر. صفت) جنگ ڪري فتح ماڻيندڙ مجاهد، سورهيہ، سورمو وير، بهادر.

> "غازي" غيرُ غرق، ڪري سَمجُهہ سِرُ تون.
> بيدل (وحدت نامو_53)

> لنگهي ويو نوڪنڊ ڪوُن، "غازين" جو غوغاءُ.
> بيدل (وحدت نامو_96)

> بيڪس عشق انڌير ڪيا، "غازي" غمزيدار.
> بيڪس (17)

غرِيب نَواز: (عربي. مذڪر. صفت) غريبن تي مهرباني ڪندڙ غريب پرور.

> بيدل مرشد منهنجو سائين، "غريب نواز" هو.
> بيڪس (47)

غَرِيقُ: (عربي. مذڪر. صفت) غرق، ٻُڏل، رُڙل.

> بس ڪِ طوفان، بلا ۾ ٽيس "غريق".
> بيدل (مناقبو)

غَزنِي: (اسم خاص) افغانستان جو مشهور شهر. جنهن ۾ محمود غزنوي پيدا ٿيو ۽ سندس زمانہ ۾ غزني عروج تي هو. پر جڏهن غورين سان غزنوي ٽڪرايا تہ علاؤالدين غوري هن شهر کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو.

> "غزنيءَ" جا پنڌ چو ٿو پُڇين، مورئون مَلَڪَ محمود تون.
> بيدل (17_59)

غَـفّارُ الذُنوب: (عربي. صفت) گناهن کي ڍڪيندڙ يعني الله تعاليٰ.

تنهنجو مشرب آ ـ "غفارِ الذنوب".
بيڪس (مناجات_2)

غلامِ محمد: (عربي. مذڪر) حضرت بيدل جو مجازي محبوب هو. شڪارپور جو ويئل هو. درويش صفت ۽ سلوڪ جي راهہ جو پانڌيئڙو هو. شڪارپور کان ڪهي ايندو هو. هن 19هين جماد الآخر 1261هہ تي وفات ڪئي.

"غلام محمد" سندس خلمت ۾ آيو وحدت عشق ۾ بيشڪ هو مايو.
بيڪس (مدح بيدل فقير)

غَمان: (سرائڪي) غَمن.

درد "غمان" دا بارُ گهٽيرا، ڇُمر انهان سِر چايا.
بيدل (172_115)

غَمزِين: (سرائڪي) غمزا، ميچون، اک جا اِشارا.

من مشتاقان دا رمزين "غمزين"، گُهور تساڏي گهايا.
بيدل (98_117)

غمزي دار: (صفت) ناز وارا، ماڻن وارا، رمز باز سياڻا.

بيڪس عشق انڌير ڪيا، غازي "غمزي دار".
بيڪس (17)

غَمُخُوار: (مذڪر. صفت) همدرد، ڏُک يائي، درد ونڊيندڙ هڏڏوکي، دوست.

پاڻون چاڻي پنهنجي پاڇيءَ جو غور ڪيو "غمخوار".
بيدل (77_21)

بيڪس بيوس ڇا ڪري، لڏي ويا "غمخوار".
بيڪس (13)

غَوث اعظم: (عربي. مذڪر) حضرت عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جو لقب.

تون آن "غوث اعظم" قَوِي پيرُ قَادر.
بيدل (80_63)

چيو هيئن موج ۾ آ "غوث اعظم"، انا قادر سبحان اعظم.
بيڪس (مثنوي)

غوغَاءُ: (عربي. مذڪر) آواز هُلُ، گوڙ هُلڙ شور.

لنگهي ويو نوڪنب ڪؤن، غازين جو "غوغاءُ".
بيدل (وحدت نامو_96)

غَيبُ: (عربي. مذڪر) لِڪ، ڇُپ، پوشيدگي، اسرار ڳُجُهه، ڀيدُ، اڻهوند.

تِيءُ "غيبَ" ۾ تون غيبُ، لنگهي عيبَ ثوابون.
بيدل (81_44)

غَيبُ: (عربي. مذڪر) غائب، لِڪا، گُم ٿيا، گپت ٿيا.

غيب ۾ وڃي "غيبُ" ٿيڙا، راز جي پهري ردا.
بيدل (18_02)

غَيبُ: (عربي. مذڪر) الاهي اسرار.

تي غَيبُ ۾ تون "غَيبُ" لنگهي عيب ثوابون.
(بيدل)

غَيرُ: (عربي. مذڪر. صفت) ٻيو. ڌاريو پرايو.

"غير" خدا جو ناهِ ڪِي، جيئي توڙي مَري
بيدل (12_83)

غَيُور: (صفت) غيرتمند، نازڪ مزاج.

پاڻ ڳوليندڙ پاڻ کي ڳولي، عشق "غَيُور" وڃايو غير.
بيدل (60_23)

”ف“

فَإِذَا بَرِقَ الْبَصَرُ وَخَسَفَ الْقَمَرُ: (سورة القيامة، آيت:7_8) پوءِ جڏهن اکيون ڦاٽي ويندين ۽ چنڊ گرهبو.

”فَإِذَا بَرِقَ الْبَصَرُ وَخَسَفَ الْقَمَرُ“، ڪهيو ساري سَٽُ.

بيدل (ابيات سنڌي_13)

فَاذْكُرُونِيْ أَذْكُرْكُمْ: (سورة البقره، آيت: 152) توهان مون کي ياد ڪريو تہ آءٌ توهان کي ياد ڪريان.

”فَاذْكُرُونِيْ أَذْكُرْكُمْ“، سُڻ رانجها راهہ بتائين.

بيدل (سہ حرفي_ا_2_ذ)

”فَاذْكُرُونِيْ أَذْكُرْكُمْ“، ذاڪر ٿيءُ مذڪور ۾ گُم.

بيدل (27_34)

فَاصْبَحَ مَعَ اللهَ مَنْ صَحَبَ الله: تہ پوءِ انهن جي صحبت اختيار ڪريو جن الله جي صحبت اختيار ڪئي.

”فَاصْبَحَ مَعَ اللهَ مَنْ صَحَبَ الله“، گوش ڪجا گفتار.

بيدل (وحدت نامو_41)

فَأَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ: (سورة البقره، آيت: 115) جيڏانهن اوهين مُنهن ڪندؤ تيڏانهن الله جي ذات جو جلوو ڏسندؤ.

”فَأَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ“، حق ريءَ آهي ڪين.

بيدل (وحدت نامو_46)

فارُوقُ: (عربي، مذڪر) فرق ڪندڙ حضرت عمر ﷺ جو لقب.

ڪر ڪرم ”فاروق“ ۽ عثمان اطهر واسطي.

بيڪس (مناجات، 1، ب، 11)

فَاني: (عربي، صفت) فنا ٿيندڙ مرندڙ ختم ٿيندڙ بي بقا.

هستيءَ کي همه اوست ۾، جنين ڪيو "فاني".
بيدل (وحدت نامو-4)

ان اولياء الله لايموتو "فاني" ٿين نہ فوت.
بيدل (وحدت نامو-71)

فَائِق: (عربي. مذڪر. صفت) اعليٰ، اُتم، معزز، فوقيت رکندڙ.

تنهنجي در ڪي ٿي سوالي، ٿيڙا "فائق" فيضياب.
بيڪس (مناجات. 1، ب. 10)

فِتُورُ: (عربي. مذڪر) فتنو، فساد، جهڳڙو، ڦڏو، تڪرار، شرارت.

ثابت رهج ثبوت ۾، ڇڏي فرق "فِتَور".
بيدل (فرائض صوفيہ-18)

فَتويٰ: (عربي. مؤنث) اهو مذهبي حڪم، جيڪو مفتيءَ ڏنو هجي. شرعي حڪم، شرعي فيصلو.

اَلسِّماعُ مِعراجُ الاولِيا، "فتويٰ" يارن هيءَ فرمائي.
بيدل (31-288)

فِدا: (عربي. مؤنث. صفت) صدقو گهور، قربان، ڪنهن لاءِ سِر ڏيندڙ.

خمر ڪنهن خاص خماريا، سالڪن ڪيا سر "فدا".
بيدل (18-02)

فِراقُ: (عربي. مذڪر) جُدائي، وڇوڙو، هجر، بِرهُہ، ويراڳ، فرقت.

ڏاڍو درد "فِراق" جو، دِلِ ۾ دُودُ دُکيون.
بيدل (65-47)

فُراقان: (عربي. مذڪر) (فراق جو جمع) فراق، وڇوڙو، هجر.

درد "فراقان" وِچ هو ڪي خَستَہ، رو رو سُور سليندا.
بيدل (314-113)

فِراقم: (صفت) جُدائي، وڇوڙو ويراڳ، برهہ، هجر.

ڪر عطا "فراقم"، شب روز سينہ چاڪم.
بيڪس (2)

فراق ماري: (محاورو) وڇوڙي جي ماريل، برهہ جي ستايل.

فرياد آهہ زاري، تنهنجي "فراق ماري".
بيڪس (2)

فراقڻ: (صفت) وڇوڙي واري، جُدائي واري، ويراڳ واري، برهہ واري

سٽي دانهوڙ "فراقڻ" جون، ويهہ نہ سار وساري
بيڪس (43-60)

فَرِحِيۡنَ بِمَاۤ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ: (سورة آل عمران، آيت: 170) مڪمل آيت هن طرح آهي: فَرِحِيۡنَ بِمَاۤ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ۙ وَيَسۡتَبۡشِرُوۡنَ بِالَّذِيۡنَ لَمۡ يَلۡحَقُوۡا بِهِمۡ مِّنۡ خَلۡفِهِمۡ ۙ اَلَّا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ (ترجمو) جيڪي الله انهن کي پنهنجي فضل سان ڏنو آهي، تنهن (حال) ۾ خوش ٿي نندڙ آهن ۽ جيڪي سندن پنيان آهن، تن مان جيڪي ساڻن نہ گڏيا آهن، انهن لاءِ هن ڪري خوش ٿيندا آهن تہ کين ڪو ڀؤ نہ آهي ۽ نہ کي اُهي غمگين رهندا.

"فَرِحِيۡنَ بِمَاۤ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ"، جمعيت ۾ جالين.
بيدل (وحدت نامو-44)

فَرَخَند: (فارسي. صفت) مبارڪ، خوش، نيڪ، ڀلارو سدورو.

ناهي ٻيو اهڙو ڪوئي شهر "فرخند".
بيڪس (مثنوي)

فِردوسُ: (عربي. مذڪر) جنت، بهشت، جنت جو مٿانهون طبقو.

هاءِ ڪيا "فردوس" ۾، حورن حشر.
بيدل (مرثيو- بند:6)

فَرزانا: (فارسي. صفت) فَرزانہ، ڏاها، داناءُ، عقلمند، سياڻا.

رمزن وارا رِند رندانا، فِقه ۾ ڦاسن ڪِيئن "فرزانا".
بيدل (44-38)

ڪَنِ مُطالِعُ محوِيتَ کي، فِقهَ ڇڏي "فرزانا".
بيدل (28-05)

فَرشُ: (عربي. مذڪر. صفت) زمين، عرش جو ضد.

"فرش" اتي تو عبد سڏايان، عرش اُتي رحمان وو.
بيدل (62-53)

عَرشئون اُترِي "فرش" اُتي تو پرتئون پير گهمايان.
بيدل (20_54)

فِرعَون: (عربي. مذڪر. اسم خاص) مصر جي بادشاهه جو لقب آهي. "فرعون" لفظ جي اصطلاحي معنيٰ آهي: "سج، ديوتا جو اولاد". قديم مصري سج جا پوڄاري هئا ۽ بادشاهه کي زمين تي ان جو نمائندو سمجهندا هئا. هنن بادشاهن جا ٽي سلسلا آهن: مين خوفو ۽ سلاطين، آسرٽيشن (ٽيون) اپوفس، پٽامن، رعميس پهريون، مفتاح. جيڪو فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام جي دؤر ۾ ٿي گذريو آهي، ان جو نالو "رعميس" ٻيو هو. هُو نيل نديءَ ۾ لشڪر سميت ٻُڏي مئو هو.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو موسيٰ ۽ "فرعون".
بيدل (وحدت نامو_16)

موسيٰ "فرعون" مُنهن مورت، عجب چالا چلايا سي.
بيدل (37_84)

فُرقَت: (عربي. مؤنث) جُدائي، وڇوڙو، علحدگي، هجر، دُوري.

"فرقت" جانِ فنا ڪئي، من اندر ماتام.
بيڪس (28)

فَرمانُ: (فارسي. مذڪر) بادشاهي حڪم، شاهي اعلان، فرمودو، فتويٰ، پروانو.

ڪاملن تي قتل جو "فرمان" ٿيو.
بيدل (مرثيو ب_2)

ڪاٿي آنانيت جو ٿيرائي "فرمان".
بيدل (35_48

فَرمُودو: (فارسي. مذڪر. صفت) فرمان، حڪم، اِرشاد، چيو.

وَفِي اَنفُسَڪُم سُڻ "فرمودو"، تو ۾ نُورُ نِظارو.
بيدل (57_61)

فَرَهَادُ: (فارسي. مذڪر. اسم خاص) مشهور لوڪ عشقيه داستان. شيرين فرهاد جي عاشق جو نالو جيڪو ايران جو مشهور سنگ تراش هو. سندس شيرين سان محبت ٿي پئي، شيرين جي شادي وري خسرو پرويز سان ٿي. فرهاد مان جان ڇڏائڻ لاءِ خسرو

پرويز شرط رکيو تہ جيڪڏهن هو بيستون جبل کي ٽُڪي شيرين جي محل تائين ندي وهائي ۽ جبل جي ٻڪرين جو کير نهر وسيلي شيرين تائين پهچائي تہ ڪيس شيرين ملندي. فرهاد سندس شرط پوري ڪرڻ لاءِ جبل کي ٽُڪڻ لڳي ويو. هن آخر نهر تيار ڪري ورتائين. جڏهن هن نهر تيار ڪري ورتي، تڏهن خسرو پرويز سِٽَ سِٽي ڪوڙي خبر ڦهلائي تہ شيرين مري وئي. فرهاد جڏهن اها خبر ٻُڌي تہ جبل ٽڪڻ وارو تيشو ڪٽي پاڻ کي وهائي ڪڍيائين ۽ اتي جو اتي مري ويو. جڏهن شيرين کي فرهاد جي محبت جي خبر پئي تہ هن ماڙيءَ تي چڙهي ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي

شيرين ۽ "فرهاد" شڪل تي، آٽي اڪيون اٽڪايان.
بيدل (20_54)

شيرين"فرهاد" جو نالو ڪري، عالَم ۾ آياسي.
بيدل (37_84)

فِريب: (فارسي. مذڪر) دوکو، ٺڳي، دغا، مڪر.

دام زُلف دي دِلڙي اسانڏي، نال "فِريب" ڦَسايا.
بيدل (98_117)

فَسُبۡحٰنَ الَّذِیۡ بِیَدِہٖ مَلَکُوۡتُ کُلِّ شَیۡءٍ: (سورة يٰسۤ، آيت: 83) مڪمل آيت هن طرح آهي: فَسُبۡحٰنَ الَّذِیۡ بِیَدِہٖ مَلَکُوۡتُ کُلِّ شَیۡءٍ وَّ اِلَیۡہِ تُرۡجَعُوۡنَ (ترجمو) پوءِ اهو (الله) پاڪ آهي، جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جي حڪومت آهي ۽ ڏانهنس اوهين موٽايا ويندؤ.

"فَسُبۡحٰنَ الَّذِیۡ بِیَدِہٖ مَلَکُوۡتُ کُلِّ شَیۡءٍ"، جو چاهي ٿئي سو.
بيدل (وحدت نامو_78)

فَضَّلَ اللّٰہُ الۡمُجٰهِدِیۡنَ عَلَی الۡقٰعِدِیۡنَ اَجۡرًا عَظِیۡمًا: (سورة النساء، آيت: 95) وَفَضَّلَ اللّٰہُ الۡمُجٰهِدِیۡنَ عَلَی الۡقٰعِدِیۡنَ اَجۡرًا عَظِیۡمًا: ۽ وڏايو الله مجاهدن کي ويهي رهندڙن کان گهڻو وڏيڪ اجر ملندو.

فَضَّلَ اللّٰہُ الۡمُجٰهِدِیۡنَ عَلَی الۡقٰعِدِیۡنَ دَرَجَةً، پُرزا ڪجانءِ پاڻ.
بيدل (فرائض صوفيہ:12)

فِعلُون: ڪرٽي، ڪردار، عمل مان.

شوق جو شعلو قولُون "فعلُون"، نِتُ تيندو نروار.
بيدل (78_24)

فَفِڪرُڪَ فِيڪَ يڪفِيڪَ: (عربي قول) تنهنجو فڪر ڪرڻ تنهنجي لاءِ ڪافي آهي.

"فَفِڪرُڪَ فِيڪَ يڪفِيڪَ"، ثُرج اها ثور.
بيدل (وحدت نامو_116)

فقد رائي الحق: (حديث پاڪ) مڪمل حديث آهي: "مَن رَانِي فقد رائي حقا"، جنهن مون کي ڏٺو تنهن حق (الله) کي ڏٺو.

اَنا احمد بلا ميم چيائين، "فقد رائي الحق" کي مشهور ڪيائين.
بيڪس (مثنوي)

فِقه: (عربي. مؤنث) شرعي حڪم جو علم، دين جو علم، مذهبي قانون.

ڪَن مُطالعُ مَحوِيتَ کي، "فِقه" چڏيون فرزانا.
بيدل (28_05)

رمزن وارا رِند رِندانا، "فِقه" ۾ قاسن ڪي ٿي فرزانا.
بيدل (44_38)

فِڪرُ: (عربي. مذڪر) سوچ، ويچار، اونو، انتظار، اوسيئڙو، خيال، سانگو ڳڻتي، انديشو هورو.

"فڪر" فنا رک راس تہ اوڏو تئين اثبات کي.
بيدل (وحدت نامو_62)

فِڪرتَ/فِڪرات: (عربي. مذڪر) سوچ، ڳڻتي، اونو، هورو، پريشاني.

ان جي "فِڪرت" ۾ مُدامِي روبرو محبوب آهہ.
بيدل (43_73)

فَلَڪَ: (عربي) (جمع) آسمان، اُڀ، آڪاس.

مَلَڪَ "فَلَڪَ" سڀ تنهنجا ساجِد، سالڪ پنهنجو سِرُ سجاڻ
بيدل (29_62)

فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا: (سورة الاعراف، آيت: 143) پوءِ جڏهن ڏيکاري ڏني ان جي رب جبل کي ڪيائين ان کي پورا پورا ۽ ڪِري پيو موسيٰ عليه السلام بيهوش ٿي.

"فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا"، سَرِيو مَاسَوَاڪ
بيدل (فرائض صوفيه_23)

فَمَا اَخرِجُ عَنِ النَّارِ وَاُدخِلُ الْجَنَّتَ: اهوئي آهي، جنهن باهه مان ڪڍيو ۽ جنت ۾ داخل ڪيائين.

"فَمَا اَخرِجُ عَنِ النَّارِ وَاُدخِلُ الْجَنَّتَ"، حاصل جنين هي.
بيدل (ابيات سنڌي_14_19)

فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ: (سورة البقره، آيت: 16) پوءِ نہ نفعو ڏنو واپار سندن.

"فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ"، سُجن ڪونهي سود.
بيدل (ابيات سنڌي_11_16)

فَنا: (عربي. مؤنث) نيست نابود، چٽ.

حال "فنا" جو حاصل ڪر تون، باغ بقا جو ڪاءُ تہ قِرتون.
بيدل (34_22)

فرقت جان "فنا" ڪئي، من اندر ماتام ۾.
بيڪس (28)

فَنائِي: (صفت) فنا ٿيل، ناپيد.

هو رهيا عاشق محض الستي، مَحو سدا وچ فِڪر "فنائي".
بيدل (؟_304)

فوجَان: (سرائڪي) فوج جو جمع، فوجون، لشڪر.

ڏاڙي ڪيتي دليان دي چڑھ پوَن جتان "فوجان" حسن ديان عاليان جي.
بيدل (243_109)

فوقُ: (عربي. مذڪر. ظرف) مٿي، مٿان، مٿانهون، برتري، فضيلت، چوٽي.

"فوقُ" تَحتُ، وحدت ڪثرت ۾، هَردم هُلُ هلائين.
بيدل (01_42)

فَهمُ: (عربي. مذڪر) سمجهہ، دانائي، ٻڌي، عقل، پُرجهہ، گيان.

ٻاجهون گُم ٿيوڙ جي غازي، چڏ تون پيا سڀ فڪر "فهم".
بيدل (27_34)

فَهُوَ الظَّاهِرِ وَهُوَ البَاطِنُ: ۽ ظاهر ۽ ڳجهو آهي.

"فَهُوَ الظَاهِرِ وَهُوَالبَاطِنُ"، آپنون ويکڙ آيا.
بيدل (سه حرفي-2 ا-ح)

في الدارين: ٻنهي جهانن ۾.

آن وسيلو منهنجو "في دارين" تون.
بيدل (مناتبو)

في الفَور: فوراً، تُرت، هڪدم، جلدي.

حضرت حاجت روا "في الفور" ڪر
بيدل (مناقبو)

فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا: (سورة النساء، آيت: 173) (ترجمو) پوءِ عذاب ڏيندو انهن کي، عذاب دردناڪ.

"فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا"، گوش نہ پيين گفتار.
بيدل (ابيات سنڌي-16-21)

فَيضُ: (عربي. مذڪر) ان جي اصطلاحي معنيٰ آهي: جهجهائي سان پاڻيءَ جو وهڻ، نفعو پلائي، بهتري، فائدو.

هر طرف ڳن هاڪ، تنهنجي "فيض" ۽ انعام جي.
بيڪس (مناجات. 1، بند، 6)

فيضياب: فائدو ماڻيندڙ فيض حاصل ڪندڙ.

تنهنجي در ڪي ئي سوالي ٿيڙا، فائق "فيضياب".
بيڪس (مناجات. 1، ب، 10)

"ق"

قَتِ فِراقِي: (سنسڪرت) (محاورو) وڇوڙي جا گهاوَ.

"قت فراقي" چاڪ چڪن ٿا، ڪنهن کي حال ٻڌايان.
بيڪس (41)

قِتِ لعنت: لعنت ملامت، ٿُڪَ لعنت، ڌڪار ڦٽڪار.

بدنامِي دي پَڳَ تي ٿهندي، "قت لعنت" دي قُلُ... يلا.
بيدل (202_175)

قِراوَڻُ: (سرائڪي) ڦيرائڻ، ڦيرو ڏيارڻ.

شاهه مَنصُور عطار دي نالي، جڳ وِچ ڍول "قراوڻ ڪيا.
بيدل (306_121)

قِرون: (سرائڪي) ڦران، گهمان.

هر جاءِ "قرون" حيرانا، ڪيِ غير جا تون پولا.
بيڪس (01)

قَرهِي: (سنسڪرت. مؤنث) تختي، پٽي، اکرن لکڻ لاءِ ڪاٺ جي تختي.

فڪر جي "قرهي"، اُتي لا جو اکر لِک.
بيدل (فرائض صوفيہ_1)

قِريندا: (سرائڪي) ڦِري ٿو گُهمي ٿو چڪر ٿو ڏئي.

تخت هزاري دا صاحب ويکو ڳَليان وِچ "قِريندا".
بيدل (314_113)

قَسايا: (سرائڪي) ڦاسايو قابو ڪيو سوگهو ڪيو.

دام زُلف دي دِلڙي اساڏي، نال فِريب "قَسايا".
بيدل (98_117)

ڦوڙائو: (مذڪر) وِڇوڙو جُدائي، برهه، رنج، غم.

"ڦوڙائو" فقير کي پنهونءَ ڪاڻ پيو.
بيڪس

ڦولِ: (مصدر: ڦولڻ = ڳولڻ) ڳولِ تلاش ڪر، جانچ.

توهون ٻاهر ڪينڪي آهي، پنهنجو پاڻ ۾ "ڦولِ".
بيدل (24_31)

ڦُوڙائو: (مذڪر) وڇوڙو جُدائي، فراق، برهه.

هڪ "ڦوڙائو" سڄڻين، ٻيو پنڌ منجهه ڦهوڙ.
بيدل (نوان بيت_10)

ڦُوڙائي: (صفت) وِڇوڙي، غم، فراق.

عاشق ڪن آهُون، "ڦوڙائي" فراق جون.
بيدل (ابيات سنڌي_18)

ڦوڪِ: (مذڪر. سرا) ڦوڪَ. وات مان زور سان ڪڍيل هوا.

جس ويلي عشق ڪي آتش، ڦُوڪِ" آڙاهه مچاويگا.
بيدل (312_128)

ڦُوڪان: (سرائڪي) ڦوڪون. ڦوڪَ جو جمع.

عشق واليان دي عُمرِ سَجائي، ٻي سَڀ ڦرندي "ڦوڪان".
بيدل (261_224)

ڦُولي: تِڙيا، ڪڙيا.

ڦول ڪلي، ڪچنال بہ "ڦُولي"، اور ڪلي گُل آناري وي.
بيدل (89_280)

ڦُل: (مذڪر) گل.

اوهان ڪل ڪير آهيو مان آهيان گل ائين ترندس جيئن منجهه ڪير جي "ڦل".
بيڪس (مثنوي)

ڦيرِ: (مصدر: ڦيرڻ= گُهمائڻ، ڦيرو ڏيڻ) گهماءِ چوڌاري ٻڌاءِ، گهمتاري

هوڪو "ڦيرِ" حقيقت وارو، مهدي شاهه مثال.
بيدل (33_32)

قيرُ: (مذڪر) تفاوت، فرق، ڀيد، وِٿُ وڪڙ.

مَن عَرَفَ جي مام موچاري، فرمودي ۾ ناهي "قيرُ".
بيدل (60_23)

قيرا: (سرائڪي) قيرو چڪر.

اڳڻ اسان ڏي يار مُسافر، "سِڳھڙا "قيرا" پاوين.
بيدل (128_199)

قيراؤندي: (سرائڪي) قيرائين ٿا.

آندي جاندي، تِير چَلاؤندي، سِر عشاق نِشان "قيراؤندي".
بيدل (124_229)

قيرِيدارُ: (صفت) ڳلي ۽ ڳلي ۽ قيريون پائيندڙ گھورڙيو ڀينو فقير.

"قيرِيدار" وانگ قيرا، تيري گلي ۾ ميرا.
بيدل (174_114)

"ق"

قادِرُ: (عربي. مذڪر. صفت) سيد عبدالقادر جيلانيؒ.

تون "قادر" تون قلندر، تون مولا آهين صفدر تون.
بيڪس (مثل، ص.60)

قادِري: (صفت) تصوف جي سلسلن مان هڪ سلسلو جيڪو حضرت عبدالقادر جيلانيؒ کان شروع ٿئي ٿو.

شيعا، سُني آپي ٻڌندا، نقشبندي تي "قادري".
بيدل (288_268)

قَارِي: (عربي. مذڪر. صفت) اهو ماڻهو جيڪو قرائت جو ڄاڻو هجي ۽ قرآن پاڪ قرائت سان پڙهندو هجي.

حافظ "قارِيَ" ڪيرُ ڪوٺائي، ڪير پوٿي تو پڙهي پڙهي.
بيدل (30_77)

قاصِدُ: (عربي. مذڪر) نياپو پهچائيندڙ، سنيهو ڏيندڙ.

"قاصد" ادا پِرَ ڪي چئج، باصد ادب سجدو ڪري
بيڪس (61)

قالُ: (عربي. مذڪر. صفت) ظاهري حالت، حال جو ضد.

"قالِ" نہ وٺي ڪاپڙين، حال اٿن همدَمُ.
بيدل (ابيات سنڌي_17)

"قال" ڪيڏ ۽ حال ڏي يا سيدا.
بيڪس (مناجات_2)

قَالَبُ: (عربي. مذڪر) بدن، بُتُ، جسم.

جنهن وِساريو "قالب" خاڪي، آهي ماهر ۾ ملڪوت.
بيدل (36_؟)

قالَئون: قال لفظ سان /ئون/ پڇاڙ ملائي /کان/ معنيٰ ورتي وئي آهي. ظاهري حالت کان.

حال ڪري حالُ "قالئون" ڇُڪيا ڪاپڙي.
بيدل (ابيات سنڌي-15)

قائِلُ: (عربي. مذڪر. صفت) ٻوليندڙ ڳالهائيندڙ باسيندڙ قبول ڪندڙ.

راڳ جا مائل، من جا "قائل"، ونن سي رمزن واريون راهان.
بيدل (32-52)

قَائِمُ: (عربي. صفت) برقرار، مضبوط جٽادار، محڪم.

"قائم" رک بيدلؔ جي، دل تي هِڪو هِڪُ خيال.
بيدل (72-78)

قبائين: (واحد: قبا = چولو) چولا، چوغا.

دين ڪُفر دي پِهر "قبائين"، چَلندا چوڪڙِيءَ چول.
بيدل (229-188)

قَبُورُ: (عربي. مذڪر) (قبر جو جمع) قبرون.

ڪشف "قُبُور" قلوب نہ منگين، منگين درد مشڪلات.
بيدل (ابيات سرائڪي-1)

قُبُولِج: (اَمُرُ) تون مڃ.

وحدت وارو دين "قبُولج"، ڇڏ ٻي قيل مقال.
بيدل (33-32)

قَتلُ: (عربي. مذڪر) خون، ڪوس، گهات، هلاڪت.

ڪاملن تي "قتل" جو فرمان ٿيو.
بيدل (مرثيو- ب: 2)

قُدسي: (عربي. صفت) قدس، پاڪ، پَوتر، متبرڪ.

ڪعبو "قُدسي" توهِي ساڻ ڪوهہ ڪڍين ڪعبي جي ڪاڻ
بيدل (29-62)

قَدَمُ: (عربي. مذڪر) پير.

رکيو قرب "قدمُ"، بيراڳن باهوت ۾.
بيدل (وحدت نامو-28)

قَدِمن تَلي: (اصطلاح) پيرن هيٺان.

"قدمن تلي" سِرُ ڌري، چڙهيا او آڪاس.
بيدل (وحدت نامو_112)

قُدُورِي: (عربي. اسم خاص) ابو الحسن احمد بن محمد قدوري بغدادي (وفات 1036ع) جو لکيل ڪتاب آهي. حنفي فقه جي معتبر ڪتابن ۾ ان جو شمار ٿئي ٿو. فقه جي نصاب ۾ شامل آهي. احمد بن محمد جعفر بغداد جي ڪنڀارڪي محلي ۾ رهندو هو. قدر عربي ۾ ديگڙي کي چئبو آهي ۽ "قدور" ان جو جمع آهي. انهيءَ نسبت سان "قدوري" مشهور ٿيو. هن ڪتاب جو تعلق ظاهري عملن سان آهي تنهن ڪري اهلِ تصوف ان کي ڌيان لائق ناهن سمجهندا. خود بيدل ۽ بيڪس بہ هن ڪتاب بابت هيئن فرمائي ٿو.

ڪنزُ "قُدوري" جو ڪڏي، مول نہ پڇين پنڌ.
بيدل (وحدت نامو_127)

دُرِ هِدايا، ڪنزُ "قُدُوري"، مُلواڻي نُون ڏيوي مغروري.
بيدل (214_254)

ڪنز "قُدُوري" طرف نہ تاڻن، عارف وڃن اڳاهون.
بيدل (44_38)

قَرارُ: (عربي. مذڪر) سُڪون، چينُ، آرام، فرحت.

اچي ٿيو اثبات ۾ ڪاپڙين "قرارُ".
بيدل (وحدت نامو_31)

سِڪ وڃايو تن جو سڀ پر صبر "قرارُ".
بيدل (13_19)

قُرآنُ: (عربي. مذڪر. اسم خاص) (قرآن مجيد) الله پاڪ جو ڪلام، مسلمانن جو مقدس ڪتاب، الله تعاليٰ طرفان پنهنجي نبي حضرت محمد ﷺ تي نازل ڪيو. منجهس ڪائنات جا سيئي اسرار ۽ رموز بيان ٿيل آهن.

وهو معڪم اينما ڪنتم، وِرهَ وارن سان وسي يار، قول سنلس "قرآن" ۾.
بيدل (50_35)

ڪٿي مسلم تي پڙهي تو ياد "قرآن".
بيڪس (مثنوي)

قُربُ: (عربي. مذڪر) پيارُ پريت، محبت.

خلعت خدائي جي ڏکي سِرِ "قُربَ" جي ڪُلاھ ڪر.
بيدل (16_17)

"قرب" پارِ قدم، خوديءَ ريءَ ڪٿ تون.
بيدل (وحدت نامو_63)

قُربِدارُ: (مذڪر. صفت) قرب وارو محبت سان پريل.

"قربدار" ڪڏي نہ، محبت وارو مات ٿئي.
بيدل (وحدت نامو_72)

قرب ڪمال: (محاورو) ويجهڙائي، نزديڪي، پيار پريت، موھ محبت سبنڌ، حد درجي ويجهڙائي.

ڪڻ اسان هُون حجابُ، دُوئيءَ جو بَخش تون "قُرب ڪمال".
بيدل (72_78)

قُربتُون: قرب لفظ سان /ئون/ پڇاڙ ملائي /مان/پر/منجهان/ معنيٰ ورتي وئي آهي. قرب مان، قرب منجهان، پيار مان، محبت مان.

مُقبِلن مَنصَبُ لَڌو "قُربتُون" ڪُلي.
بيدل (مرثيو_ب:5)

قُرة العين: اکين جو آرام، اکين جو سُڪون.

مرتضيٰ جو "قرة العين" تون.
بيدل (مناقبو)

قَرِيبُ: (عربي. مذڪر. ظرف) محبوب، سڄڻ، يار، ساٿي.

درد سنديون دانهُون شال، پَوَنِ ڪَنِ "قريبُ" جي.
بيدل (ابيات سنڌي_18)

قَرِيبَنِ: سڄڻن، دوستن.

محبن لاءِ مُئي، "قريبن" ڪُٺي.
بيڪس (مثل، ص.94)

قِسمَت: (عربي. مؤنث) ڀاڳ، نصيب، تقدير.

مارئي ماندي "قسمت" آندي منهنجو سانگين ساهہ ساري
بيڪس (20_51)

قِسمَتَ وارو ڪوٺ: نصيب ۾ لکيل بند.

"قسمت واري ڪوٺ" مون، ڪيو، تون عمر ڄام امير.
بيڪس (21_52)

قِصا: (عربي. مذڪر) (واحد: قصو) ڳالهيون، داستان.

سِرُ پنهنجو ڪر ٿون سَهِيُون، بيا سڀ "قِصا" ڪوتاهہ ڪر.
بيدل (16_17)

قُطبُ: (مذڪر) درويش، ولي.

ڪر ڪشايش قبر جي، سائي تيو "قطب" ڪبير.
بيڪس (مناجات. 1، ب. 13)

قُطبُ الدين: (مذڪر) دين جو سردار، دين جو ولي.

ياسراج العالمين عثمان شاهہ يا قلندر "قطب الدين" عام پناهہ
بيدل (مناقبو)

قُطبِي: (صفت) قطب جو، قطب وارو.

بِرهُہ نہ ٿئي بانِي، "قُطبي" مطول سندو.
بيدل (وحدت نامو_128)

قَطرو: (عربي. مذڪر) ڦڙو، بوند.

پَسي موج محمدي، "قطرو" ٿيو قُلزم.
بيدل (وحدت نامو_28)

قَطعَ الدّارينِ فِعلُ الصوفِينَ: (صوفياڻو قول) دنيا جهان کان لاڳاپو ٽوڙڻ صوفين جو ڪم آهي.

"قَطعَ الدّارينِ فِعلُ الصوفِينَ"، خودي ڪؤن خاموش.
بيدل (وحدت نامو_147)

قَلبُ المُؤمِنُ: مؤمنن جون دليون.

"قَلبُ المُؤمِنُ"، جهوڪ رانجهن دي، ڦر ڦر پاوندي ڦيري يار.
بيدل (223_151)

قُلزم: (عربي. مذڪر) سمنڊ.

پَسي موج محمدي، قطرو ٿيو "قُلزم".
بيدل (وحدت نامو_28)

قَلَمُ: (عربي. مذڪر) تقدير، لِکيو.

بيڪس قسمت "قلم" ويچوڙو اهڙي ڪئي تہ الله.
بيڪس (51)

قَلَندَرُ: (عربي. مذڪر. صفت) مست، الهہ لوڪ فقير، درويش، شهباز قلندر.

يا "قلندر" ويرِ واهَر ٿي وري.
بيدل (مناقبو)

قَلَندَرِي: (صفت) قلندر جو تصوف جي سلسلن مان هڪ سلسلو جيڪو عثمان مروندي کان شروع ٿئي ٿو.

ڪٿان شيخي شانُ ڏريندا، ڪٿان قرب "قَلَندَرِي".
بيدل (288_268)

قُمُ: (عربي. اَمُر) اُٿُ، اُٿي ويهہ.

عاشق دم مَنصُوري مارِن، مويان نُون "قُمُ" آکِ جيارن.
بيدل (148_120)

قُمُ بِاِذني: (عربي) "منهنجي حڪم سان اُٿُ". صوفي شمس الحق جو ٻول آهي، هن ٻول وسيلي شمس الحق هڪ مُئل ماڻهوءَ کي زندهہ ڪيو. انهيءَ عمل کي عالمن غير شرعي فعل ڪوٺيندي، سندس کَلَ لهرائڻ جي فتويٰ ڏني.

"قُمُ بِاِذني" جي ڪري اشارت، واصل وحدت وارو.
بيدل (15_65)

ڪاتي ڪري ڪوڪار "قُمُ بِاِذني" جي، مئو جيئاريو.
بيدل (73_67)

قُمري: (عربي. مؤنث) ڪوئِلِ.

"قُمري" ڪُوڪَ سُناوي ڪُوڪو ليس فِي الدّارِين اِلّاهُو
بيدل (96_100)

قولون فعلون: چوٽي ڪرٽي، ڪم ۽ عمل ۾.

شوق جو شعلو "قولون" فعلُون، نِتُ ٿيندو نِروار.
بيدل (78_24)

قَوِي: (عربي. مذڪر. صفت) طاقتور، سگهارو، زورائتو، زور ڀريو.

تون آن غوث اعظم "قوي" پير قادر.
بيدل (80_63)

قِياسُ: (عربي. مذڪر) رحم، ترس، ڪهل.

ڪڏهن پونديءِ "قياس" سجنا، محبت تي ماري،
بيڪس (21)

قيس: (مذڪر. اسم خاص) ليليٰ جي عاشق مجنون جو اصل نالو.

ڪڏ پَنڊَت، ڪڏ قاضي بڻدا، ڪڏ ليليٰ، ڪڏ "قيس".
بيدل (189_170)

قِيل مَقال: (عربي. مؤنث) ڳالهه ٻولهه، گفتگو، ٽيڪا ٽپڻي.

وحدت وارو دين قبولج، ڇڏ ٻي "قيل مقال".
بيدل (32_33)

"ڪ"

ڪَاتِيو: (سنسڪرت) (مصدر: ڪاتڻ= گُذارڻ، گهارڻ، وهائڻ) گذاريو وهائيو.

در تنهنجي تي بيدل "ڪاتيو"، ڄَمُ ڄماندر سارو.
بيدل (67_80)

ڪاپڙِي: (اسم خاص_ مذڪر) هڪ قسم جو فقير، جوڳي، وڏي جاڻ وارو وڏي منزل وارو سچو فقير، لوڪ سان لاڳاپو نہ رکندڙ فقير.

لنگهي هليا لَڪُ، ڪاوڙ سندو "ڪاپڙي".
بيدل (ابيات سنڌي_1)

ڪاپڙِيُن: (جمع) سچن فقيرن.

قال نہ وٺي "ڪاپڙين"، حالُ آٿن همدَمُ.
بيدل (ابيات سنڌي_17)

"ڪاپڙين" ريءَ ڪير، هلندڙ ٿئي هاهوت ڏي.
بيدل (وحدت نامو_98)

ڪَاڏَهين: (ظرف) ڪيڏانهن، ڪهڙي بہ طرف.

وحدت بنا وِڪ "ڪاڏهين" ڪٽي ڪانہ ڪا.
بيدل (وحدت نامو_138)

ڪاڏي: (ظرف) ڪيڏانهن، ڪهڙي طرف.

"ڪاڏي" ڪرين ٿو تون قصد، دارين جو مقصود تون.
بيدل (17_59)

ڪارِ: (سنسڪرت. مؤنث) ڪرت، ڪم، ريت.

پلصراط جو پنڌ تي عشق نہ آسان "ڪار".
بيدل (13_19)

ڪاران: (سرائڪي) ڪم، ڪرت.

جس ني بوءِ بهارُ دي پائي، پل ڳئي سڀ "ڪاران".
بيدل (90_198)

ڪَراوي: (سرائڪي) ڪرائي.

وَسؤن دِلڙي ڳئي، درد "ڪراوي" دانهين.
بيدل (281_241)

ڪارو: (ترڪي. مذڪر. صفت) هڪ رنگ، اونداهو.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو اڇو ءِ "ڪارو".
بيدل (وحدت نامو_18)

ڪاشِي: (ترڪي. مؤنث. صفت) موجوده بنارس شهرجو اوائلي نالو آهي. هيءُ شهر ڏکڻ_ اوڀر اتر پرديش (ڀارت) ۾ گنگا نديءَ جي ڪناري واقع آهي. هندن جو عظيم مرڪز آهي. هتي ٻُڌمَتِ ءِ جين مَتِ جا مرڪز آهن.

"ڪاشِي" مترا آپ پُڇاوي، آپ ڪري سَرِ ٽيڪ.
بيدل (165_172)

ڪافِي: (عربي. مؤنث. صفت) گهڻو ڀرپور، جهجهو ٺيڪ، موزون، واجب، برحق.

لاشڪ آ شائقن ڪي، دل جو ڪتاب "ڪافي".
بيدل (82_85)

ڪاڪِ: (اسم خاص_ مؤنث) مومل راڻي جي قصي ۾ هڪ ندي، جنهن جي ڪنڌيءَ تي ساڳئي نالي سان مومل محل جوڙايو هو.

"ڪاڪ" ڪومانڻي ويل وهاڻي، ڀينگ ٿيا سڀ ياٽا.
بيڪس (3)

ڪالِيان: (سرائڪي. صفت) ڪاريون.

واهـ واهـ روشن رخسار اُتي ظالم ڪوليان زلفان "ڪاليان".
بيدل (109_243)

ڪامُ: (سنسڪرت. مذڪر) شهوت، نفس.

"ڪامُ" ڪروڌ ۾ موهہ وڃايو آديسي اَهنڪار.
بيدل (40_147)

ڪَامِلُ: (عربي. مذڪر. صفت) (جمع: ڪاملن = سچن، ڏاهن، نيڪن) نيڪ، سچو، ڏاهو، پاڪ.

وري آءُ وٺاڻ "ڪامل" تون ڪوهيار.
بيدل (نوان بيت_5)

"ڪاملن" تي قتل جو فرمان ٿيو.
بيدل (مرثيو_ب:2)

كَانَ اللهُ وَلَمْ يَكُنْ لَه مَعَهُ شَيْءٌ: الله ئي آهي ۽ ان سان گڏ ٻيو ڪوبہ شريڪ نہ آهي.

"كَانَ اللهُ وَلَمْ يَكُنْ لَّه مَعَهُ شَيْءٌ"، سيو سِر شهودي.
بيدل (سہ حرفي_2_1: بند: ف)

"كَانَ اللهُ وَلَمْ يَكُنْ لَّه مَعَهُ شَيْءٌ"، اهو پڙهہ سبق.
بيدل (وحدت نامو_57)

ڪَانگُ: (سنسڪرت. مذڪر) ڪاري رنگ جو هڪ پکي، ڪانءُ، اصطلاحي معنيٰ اٿس نياپو پهچائيندڙ خاطو.

"ڪانگُ لَنوي مِٺِي لاتِ، مُحب مُسافر جاڻُ ڪي ايندا.
بيدل (70_04)

ڪاڻِ: (سنسڪرت. مؤنث) پرواهہ، محتاجي.

ڪمبو قدسي تو هي ساڻ ڪوهہ ڪيين ڪعبي جي "ڪاڻ".
بيدل (29_62)

هينئرو ٻَڌوَ ٻانڌاڻ ۾، قرب واري "ڪاڻ" ۾.
بيڪس (مثل_ ص.39)

ڪاڻِ: (سنسڪرت. حرف جر) لاءِ، واسطي، سبب.

هن مظهر ۾ "ڪاڻ" بهاني، بيدل نام سڏايان.
بيدل (38_49)

ڪاهَہ: (سنسڪرت. مؤنث) گُهور، حملو هلان، جُلهہ.

ڪاڏي ڪرن "ڪاهہ"، جو مڙيو ئي مشاهدو.
بيدل (وحدت نامو_22)

ڪَايو: (سنسڪرت. مذڪر) ڪائو آرسي، درسني.

صيقل ساڻ صفا ڪرِ "ڪايو".
بيدل (71_66)

ڪَبابُ: (عربي. مذڪر) سيخ ۾ پڪل قيمو يا گوشت جي تڪي.

بيدل هَٿُون هوت جي، ڪُسِي تيءِ "ڪباب" تيءِ ڪباب
بيدل (54_06)

ڪِبرِيَا: (عربي. مذڪر) بزرگي، مهانتا، عظمت، الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

ڪين همه پيدا و پنهان، است ذانش "ڪبريا".
بيدل (مخمس_ بند:1))

ڪِتابان: (سرائڪي) ڪتاب.

رِندَ يگاني ڇوڙ "ڪتابان"، ويندي شوق دي راهِ شتابان.
بيدل (135_163)

ڪِتابَئون: ڪتاب لفظ /ئون/ پڇاڙ ملائي /مان/منجهان/ڪان/معنيٰ ورتي وجي ٿي.

پيهي پَسُ حقيقت پانهنجي، مُنهن موڙ "ڪتابئون"
بيدل (81_44)

ڪِتون: (سرائڪي) ڪتان.

توبن اور نهين ڪو جڳ مين، "ڪِتون" آپ ڇپاويندي
بيدل (307_253)

ڪَٽَارَ: (سنسڪرت. مؤنث) خنجر، وڏي ڪاتي، هڪ قسم جي ننڍي تلوار.

راهہ انهيءَ ۾ سالڪ سِرَ تي، سَهَنِ ڪرت "ڪتار".
بيدل (25_12)

ڪَٽَڪُ: (سنسڪرت. مذڪر) انبوهہ ميڙ خلق، فوج.

هيڪلِ هِڪَ هَسوار ڪيڏي "ڪٽڪ" ڪي بِرهہ ڀڄايو.
بيدل (73_67)

ڪُنڙان: (سرائڪي) ڪنلن.

"ڪُنڙان" دي ڪَنِ پلپل پوندي، ڦُمُ ڦُمُ دي ڪوڪار.
بيدل (107_159)

ڪَثرَت: (عربي. مؤنث) گهڻائي، واڌارو، روپي سنسار، وحدت جو ضد.

وحدت جي "ڪثرت" ۾، بيدل ڪيو خاصن ڪي ڪِيو.
بيدل (19_81)

"ڪثرت" وارو قيد ٻيجي ٿون، پُرُ انهن جي پار.
بيدل (69_18)

ڪر ڪرم "ڪثرت" مٿي وحدت سندو.
بيڪس (مناجات. 2، ب. 7)

ڪپايان: (مصدر: ڪپائڻ) ڪپڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ.

ڪڏهن منجهه قصور ٿي، ظاهر سوزون سيس "ڪپايان".
بيدل (20_54)

ڪَج: /ج/، /ر/ ۾ تبديل ٿئي ٿو. ڪر، تون ڪر.

هن ڪَنيزَڪ ٿانهُن ڪٿهن ڪوهيارل ويهي "ڪَج" نہ وِسارو.
بيدل (67_80)

ڪَجليان: (سرائڪي. صفت) ڪجليون.

اکيان تيڏيان ڪاريان، "ڪَجليان" مَڌُ ڀريان مخمور.
بيدل (151_150)

ڪَچنال: (هہ مؤ) ڪچنار هڪ وڻ ۽ ان جو مکڙين جو نالو، سندن ڪاسني ۽ ڳاڙهو ٿيندو آهي.

قول کلي "ڪچنال" بہ قولي اور کلي گُل اَناري وي
بيدل (89_280)

ڪُڄ: (سرائڪي) ڪجهہ.

دَمُ مولي دَمُ مولي، نهين اِتان "ڪُڄ" پولا.
بيدل (285_102)

ڪَڏان: (سرائڪي) ڪڏهن.

"ڪڏان" قاري آياتي وِڃ، ڪڏان وت رندُ خراباتي وڃ.
بيدل (137_107)

ڪَڏاهان: (ظرف) ڪڏهن، ڪنهن به وقت.

سالڪ رمز سرود جي سمجهن، مورک مُول نہ مڄن "ڪڏاهان".
بيدل (32_52)

ڪَڏِي: (سنسڪرت. ظرف) ڪڏهن، ڪهڙي وقت، ڪيڏيءَ مهل.

ڪنز قُدُوري جو "ڪڏي"، مول نہ پڇين پنڌ.
بيدل (وحدت نامو_127)

قربدار "ڪڏي" نہ، محبت وارو ماتِ ٿئي.
بيدل (وحدت نامو_72)

ڪُڏيسون: (سرائڪي) ڪُڏائيندس.

وحدت دي ميدان وِچالي، ڪوتَلِ عشق "ڪُڏيسون".
بيدل (ابيات سرائيڪ_24)

ڪَراماتِ: (عربي. مؤنث) ڪرامت جو جمع، معجزا، مافوق العادت ڳالهہ، تعجب واري ڳالهہ.

توهُون نِتُ ٿِيَنِ سَهسين "ڪرامات" صادِرُ.
بيدل (80_63)

ڪَرُبلا: (عربي. مذڪر. اسم خاص) عراق جو مشهور شهر، هن ماڳ تي حضرت امام حسين رضي الله عنه ۽ سندس ساٿين جون مزارون آهن، جن کي سن 61 هجريءَ ۾ شهيد ڪيو ويو.

"ڪربلا" ۾ آيو جڏهن ابن رسول.
بيدل (مرثيو)

ڪَرِٿُ: (سنسڪرت. مذڪر) وڏي ڪارائي، آرو.

زَڪَريا نون "ڪَرِٿُ" چِيراوت، يحيٰ زور ڪُهينڊائين.
بيدل (212_231)

راهہ انهيءَ ۾ سالڪ سِرَ تي سَهَنِ "ڪَرِٿُ" ڪتار.
بيدل (25_12)

ڪردي: (سرائڪي) مون کي ڏي.

"ڪردي" عطا فراقم. شب روز سينه چاڪم.
بيڪس (2)

ڪرِسِي: (سرائڪي) ڪري تو.

عشق دي حالت جنهن سر آئي، ”ڪرسِي“ هميشه وحدت وائي.
بيلد (294_273)

ڪُرسي عرش: تخت الاهي.

”ڪُرسي عرش“ اَمُرَ تنهنجي ۾، وحدت جو تو منجهه وَٿاڻ.
بيدل (29_62)

ڪَرَمُ: (سنسڪرت. مذڪر) وڏ ٿورو مِهِرَ. مهرباني، ڀلائي، احسان، عنايت.

بيدل نال ”ڪَرَمُ“ ڪر سهڻا، لا ڪي نينهن نڀاوندا.
بيدل (268_95)

ڪرن: (سرائڪي. ضمير) ڳنِ.

ڪاڏي ”ڪرن“ ڪاهه، جو مڙيو ئي مشاهدو.
بيدل (وحدت نامو_22)

ڪرندي: (سرائڪي) ڪن ٿا.

نفل نمازين ورد وظائف، عشق بنا مُلوائي، ”ڪرندي“ جُهدُ اجايا.
بيدل (260_108)

ڪِروڌُ: (سنسڪرت. مذڪر) ڪُرُ ڪُرُ، ڪاوڙ غصو رنج، ڏُک، عتاب.

ڪامَ ”ڪِروڌُ“ ۾ موهه وڃايو، آديسي اهنڪار.
بيدل (40_147)

ڪَريسان: (سرائڪي) ڪندس.

چاڪُ دي پيران ڊِي خاڪ، سر سُرمان مان ”ڪريسان“.
بيدل (110_212)

ڪَريمُ: (عربي. مذڪر. صفت) سخي، مهربان. شريف، ڪرم ڪندڙ.

”ڪريم“ هادي بہ اڪبر تون، بيڪس کي ڪر بهرور.
بيڪس (16)

ڪُڙم: (ل. ذ) قبيلو. آڪهه، ڪُلُ، خاندان.

جوڳي دا مَين نُون جادو لڳڙا، ”ڪُڙم“ قبيلي تُون ڀڳيان.
بيدل (122_235)

ڪَسُ: (سنسڪرت. مذڪر) ڪَٽُ، زنگ.

شاھ شھباز تون آھين، قلب منھنجي ”ڪَسُ“ لاھين.
بيڪس (16)

ڪَشال: (ڪ. ذ_ صفت) ڪشالا، ڏک ڏاڪڙا.

جنھن ڏي شوق ڇوڙيا روح ساڻا، اھين ڪثرت والي ”ڪشال“ ڪنون.
بيدل (240_219)

ڪَشالو: (مذڪر) ڏک، ڏاڪڙو ڪوشش، سعيو.

آئين آدم رکي نالو ڪيئہ ڪيڏو نہ ”ڪشالو“.
بيڪس (46)

ڪُشائش: (مؤنث) خلاصو ڪُشادگي، ويڪرو وسيع، ڇوٽڪارو.

ڪر ”ڪُشائش“ قبر، جي سائي ٿيو قطب ڪبير.
بيڪس (مناجات_ا.ب، 13)

ڪَشفُ قُبُور: (عربي. مذڪر) صوفين جو اھو مرتبو جنھن ۾ ڪين مُردي جي قبر مان ان جو حال معلوم ٿي وڃي ٿو.

”ڪَشفُ قُبُور“ قلوب نہ مَنگين، منگين درد ھِڪلا.
بيدل (ابيات سرائڪي_1)

ڪَعبُو: (عربي. مذڪر) خدا جو گھر، ڪعبة الله، بيت الله، مسلمانن جو سجدي وارو طرف، قبلو.

”ڪعبو“ قُدسِي توھي ساڻُ ڪوھ ڪيين ڪعبي ڪاڻ.
بيدل (29_62)

ڪُفرُ: (عربي. مذڪر) خدا جي ذات ۽ صفات ۾ ٻيو شريڪ ڪرڻ جي حالت.

حقيقت ۾ ھڪ ٿيو ”ڪُفر“ ۽ ايمان.
بيدل (وحدت نامو_17)

ڪفور: ڪفر جو جمع.

ھن ۾ اسباط نبي ڪي، بيگناھ ڪُھندا ”ڪفور“.
بيدل (نوان بيت_11)

ڪَڪورِيا: (مصدر: ڪڪورڻ) رتا، پچڻ ڏانھن مائل، مخمور ڪيا، مستيءَ ۾ آندا.

ڪيف ڪنهن ڏاڍي "ڳڪوريا"، جُنگ ٿيا جيءَ ڪؤن جُدا.
بيدل (18_02)

ڪَلَ: (سنسڪرت. مؤنث) خبر. سُڌِ.

ڪوڻائين ٿو ڪلمه گو لهه ڪلمي جي "ڪَلَ".
بيدل (فرائض صوفيه_4)

اُونهي هن اَسرارَ جي، جن ڪي پئي "ڪَلَ".
بيدل (وحدت نامو_21)

ڪُلُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) سيئي، سيني، هَڙئي، مِڙئي.

"ڪُل" نبين، ڪُل ولين جي مدعا.
بيڪس (مناجات. 2. ب. 13)

ڪُل شيءِ: هرهڪ شيءِ، سڀ شيءِ.

چيائين نُور منهنجو "ڪُل شَيءِ" آهي.
بيڪس (مشنوي)

ڪُلِّ شَيءٍ مُّحِيطٌ: سڀ ڪا شيءِ گهيري ۾ آهي.

"ڪُلِّ شَيءٍ مُّحِيطٌ"، وڪِيجي جِت ڪِٿ پاوين جهاتي.
بيدل (سه حرفي_2_1_ر)

ڪُلِّ شَيءٍ هُوَ اللهُ: سڀ ڪنهن شيءِ ۾ الله ئي آهي.

"ڪُلِّ شَيءٍ هُوَ اللهُ"، صاحب ياٿون يات.
بيدل (وحدت نامو_51)

ڪَلادار: (صفت) ڪاريگر. هنر وارو هوشيار. ڏاهو ماهر. سياڻو.

ڪنهن ڪنهن "ڪلادار"، ڪَلَ پوي هُن ڪُنهه جي.
بيدل (وحدت نامو_9)

سمجهي سِرُ سامين جو ڪوپو "ڪلادار".
بيدل (وحدت نامو_92)

ڪَلالُ: (سنسڪرت. مذڪر) شراب وڪڻندڙ. شراب چڪائيندڙ گتي وارو.

جام جوش محبت دا منگين بيدل يار برهه دي "ڪلال" ڪنون
بيدل (240_219)

ڏنو تن "ڪُلال" سرڪو سوز گداز جو.
بيدل (وحدت نامو-110)

ڪُلاهَ: (سنسڪرت. مذڪر) وڏي ٽوپي، صوفين جي ٽوپي، مڪٽ.

خلعت خدائيءَ جي ڍَڪي، سِرِ قُرب جي "ڪُلاهہ" ڪر.
بيدل (16-17)

ڪُلاهان: (ڪُلاهہ جو جمع) تاجَ، ڇٽَ.

سُٽي سرود سڪر ۾، بيخودبي سر پهرِن قرب "ڪُلاهان".
بيدل (32-52)

ڪَلمه گو: (عربي. صفت) ڪلمو پڙهندڙ ڪلمو پريندڙ مسلمان، مؤمن.

ڪونائين تو "ڪلمه گو"، ڪلمو پڙهڻ سِڪُ.
بيدل (فرائض صوفيہ-1)

ڪَلنگِي: (سنسڪرت. مؤنث) بادشاهي ڇٽ، تاج، پٽڪي جي چوٽي.

سَرِ پَرِ "ڪلنگي" مُکَ وِچ مُرلي، گِيت اَلَستِي ڳاوندا.
بيدل (268-95)

ڪَلُورَ: (سنسڪرت. مذڪر) ظلم، انڌير، ويل، ستم، ڏاڍ، زيادتيون.

دانهن دل ڪنهن کي ڏيان، ڪل نہ پيم هن "ڪلور" جي.
بيڪس (مثل، ص.104)

ڪُلِي: (صفت) سڀ، جملي، هڙئي.

مُقبِلن مَنصَبُ لڌو قُربئون "ڪُلي".
بيدل (مرثيو- بند: 5)

ڪَليجي: (پراڪرت. مؤنث) دل.

چشم اُنهان دي چوٽان ماريان، "وِچ "ڪليجي" ڪاري
بيدل (209-291)

ڪماٽا: (سرائڪي) ڪوماٽو مرجهايو.

ويک ڪي تيڏيان بي پروايان، ساڏا جيءُ "ڪماٽا".
بيدل (269-131)

ڪماوڻ: (سرائڪي. مصدر) ڪمائڻ، هٿ پير هڻڻ.

سوز گداز دا پيالڙا پِيوين، پيا سڀ ڪُور "ڪماوڻ" وي ميان.
بيدل (215-251)

ڪماوي: (سرائڪي) ڪمائي.

عاشق يوگ اپياس "ڪماوي". اَنحَد باجا برھ بجاوي

بيدل (؟_126)

ڪماوين: (سرائڪي) ڪمائين.

بيدل نفي "ڪماوين" تہ ويکين، نور شھود رباني دا.

بيدل (302_106)

ڪُن: (عربي) (اَمُر) (ڪُن فَيَڪُون) قرآن شريف جي آيت جو جزو. مڪمل آيت ھن طرح آھي: فَاِذَا قَضٰى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ (سورة غافر. آيت: 68) جڏھن الله تعاليٰ اِرادو ڪيو ۽ "ٿي پئُہ" چيائين. اھا ٿي پئي.

"ڪُن" ڪؤن اڳي ڪاٿھين ھو سنياسيءَ جو سيرُ.

بيدل (متفرقہ بيت_6)

ڪَنا: (ظرف) ڪان ڪؤن، وٽان.

سڻي سي پاسي ٿيا. پاڻ "ڪنا" پرپات.

بيدل (وحدت نامو_102)

پاڻ "ڪَنا" پاسي ڪيو توڪي ٿُنھنجي چاڻ.

بيدل (وحدت نامو_121)

ڪُنتُ ڪَنزاً مخفياً: حديث قدسي جو جزو آھي. مڪمل حديث ھن طرح آھي: "ڪُنْتُ ڪَنْزاً مَخْفِياً فَاَحَببت اِن اَعَرِاف فَخَلقت الْخَلق لاَعَرِف": مان لڪل خزانو ھوس، گھريم تہ سُڃاڻجان، پوءِ ھن خلق کي پيدا ڪيم.

"ڪُنتُ ڪَنزاً مَخفِياً" سُڻ لالڻ ڪنھن ذ لِڪايو.

بيدل (56_68)

ڪُنديَلُ: (سنسڪرت. مذڪر) وڏا والا جيڪي گھڻو ڪري جوڳي فقير ڪنن ۾ پائين.

ڪَنَ وِچ "ڪُنديَلُ" مُکُ وِچ مُرلي، جوشئون جوش جَڳايُ ۽

بيدل (257_312)

ڪَنزُ: (عربي. مذڪر) ھڪ ڪتاب جو نالو جنھن جو پورو نالو

اٿس: ”ڪنزالدقائق“ آهي. حنفي فقه جو نهايت مسند ڪتاب ليکيو وڃي ٿو. ابوالبرڪات عبدالله بن محمد نسفي جي تصنيف آهي. توڙي جو ان جو متن نهايت مختصر آهي پر ان جي شرح تمام ڏگهي آهي. صوفين وٽ هي ڪتاب ظاهري علم سان تعلق رکي ٿو. تنهن ڪري ان تي ڌيان ناهن ڌريان. بيدل ۽ بيڪس هن ڪتاب لاءِ هيئن چون ٿا.

”ڪنزُ“ قُدُوري جو ڪڍّي، مول نہ پڇين پنڌ.
بيدل (وحدت نامو-127)

ملان پڙهندي ”ڪَنزُ“ هدي، رِندي رَمز سڻاوي ڪونُ.
بيدل (313-200)

ڪيا جو ”ڪَنزُ“ هدي پڙهندي، معقولات مطالع ڪرندي
بيدل (162-293)

”ڪَنزُ دَقائق“ مُلا پڙهندي، رمز حقائق فَهمُ نہ ڳرندي
بيدل (294-273)

ڪَنعان: (عبراني. مذڪر) هڪ شهر جو نالو. بائيبل مطابق حضرت نوح عليه السلام جي پُٽ حام جي چوٿين پُٽ جو نالو آهي. هي شهر حام جي وڏي پٽ صيدا آباد ڪيو. صيدا جو اولاد ڪنعاني چوائيندو هو. ڪنعاني جنهن سرزمين تي آباد هئا. اهو علائقو ڪنعان چئبو هو. حضرت موسيٰ عليه السلام جي زماني ۾ اهو علائقو اُردن درياهہ ۽ بحره لوط ۽ بحره روم تائين هو. حضرت يوسف عليه السلام جو جنم بہ ڪنعان ۾ ٿيو. صوفي، ڪنعان کي وحدت جي وادي چوندا آهن.

وحدت دي ”ڪنعان“ دا يوسف، مِصر وِچ وِڃائي هُون.
بيدل (304-203)

ڪَنعانون: (صفت) ڪنعان مان، ڪنعان کان.

يُوسُف نُون ليگرِ ڪِنعانُون، مصر وڃايا مين وومين.
بيدل (169-225)

ڪَنعاني: (صفت) ڪنعان سان نسبت وارو.

تيري جو لااُبالِي، يوسف ڪيا هي "ڪنعاني".
بيڪس (71)

ڪُنُهہ: (ترڪي، مؤنث) ڪُن، پاڻيءَ جو چڪر، ڦيرو.

منهب جو مونجهارو چڏي ذاتي "ڪُنهہ" ڏي ڪاهہ ڪر.
بيدل (16-17)

چڏي دوئي دور، "ڪُنهہ" پروڙج پانهنجو.
بيدل (وحدت نامو-116)

چاڻ وڃائي چاڻ، "ڪُنُهہ" حقيقت حق جو.
بيدل (ابيات سنڌي-5)

ڪَنيزَڪ: (فارسي، مؤنث) ٻانهي، نوڪرياڻي، گولي، پورهيت.

هن "ڪنيزڪ" ڏانهن ڪڻهن ڪوهيارل، ويهي ڪج نہ وسارو.
بيدل (67-80)

هي "ڪنيزڪ" آ اصل ڪؤن، در اوهان جي غلام.
بيڪس (61)

ڪنين: ڪَنَنِ سان.

ثم وَجه الله "ڪنين" سُڻ، سُو بہ سُو محبوب آهہ.
بيدل (43-73)

ڪو: (ضمير) ڪوئي، ڪوبہ، هڪڙو (ڇٽو).

سِرُ حقيقت وارو سالڪ "ڪو" سمجهي، راز ربانيءَ وارو.
بيدل (12-83)

ڪوتاهہ: (فارسي، مذڪر، صفت) ٿورو، ختم، زائل، مختصر.

سِرُ پانهنجو ڪر تون سَهِيون پيا سپ قصا "ڪوتاهہ" ڪر.
بيدل (16-17)

ڪَوتَلُ: (سنسڪرت، مذڪر) ڪونتل وڇيرا گهوڙا، سواري چڙهيل وهٽ سان گڏ ٻيو سنجيل خالي وهٽ.

وحدت دي ميدان وچالي "ڪوتَل" عشق ڪڏيسون.
بيدل (ابيات سرائڪي-24)

ڪوٽُ: (مذڪر) شهر جي چوڌاري پناهہ ڏنل ديوار، قلعو ڳڙهہ شهر پناهہ.

”ڪوت“ عُمرَ جو ڪيهي سَبَبئون، تنهنجي ساهہ سيبايو.
بيدل (41_70)

ڪوپي: (سرائڪي. مذڪر) ڪوپا، پهلوان، جوشيلا.

مزگان دي مارِن تيرَ تکيري، ”ڳوپي“ ڪِرن قتال.
بيدل (126_177)

ڳو بہ ڳو: (ظرف) ڳليءَ ڳليءَ، گهٽيءَ گهٽيءَ، گهر گهر، شهر شهر.

تنهن جي اڳتون اوٺ ريءَ ڏس، ”ڳوبَہ ڳو“ محبوب آهہ
بيدل (43_73)

ڳوپا: (سنسڪرت. مذڪر) (واحد: ڪوپو) بهادر ڳوڌا، جوڌا.

مرد نہ مرن ڪڏهين، ”ڪوپا“ هن قائم.
بيدل (وحدت نامو_77)

سمجهي سِرُ سامين جو ”ڪوپو“ ڪلادار.
بيدل (وحدت نامو_92)

ڳوڙا ڪَچا: ڪوتا ۽ ناپختا، نقلي ۽ اَڻ پَڪا.

حال ۾ حلاج جي آهن، اُهي ”ڳوڙا ڪچا“.
بيڪس (4)

ڪوڙين: (سنسڪرت. ظرف) ڪروڙين، تمام گهڻا، بي انداز ڳڻپ کان ٻاهر.

عالمَ تي احسان، ”ڪوڙيين“ پيتين اُن جو.
بيدل (وحدت نامو_80)

ڳوڪَ: (سنسڪرت. مؤنث) دانهن، رَڙ آواز.

قُمري ”ڳوڪ“ سناوَي ڳوڪو لَيس فِي الدارين اِلاهُو.
بيدل (96_100)

ڳوڪارَ: (سنسڪرت. مذڪر) ڳوڪان، دانهون، رڙيون، برڙاٽ، ريهاٽ، ڪيهون.

ڪنڙان دي ڪَنِ پلپل پوندي، قم قم دي ”ڳوڪار“.
بيدل (107_159)

ڪاتي ڪري "ڪُوڪار"، قمر ياذني مُئو جِياريو.
بيدل (73_67)

دلڙي تي دانهون ڪري، تنهن جي سُڻ ڪُوڪار سڻ "ڪُوڪار".
بيڪس (18)

ڪُوڪان: (ڪوڪ جو جمع) ڪُوڪار، دانهون، رڙيون، پُڪارون.

"ڪوڪان" ڪريان پُڪاريان، ٻاڏائيان تي ٻاڪاريان.
بيڪس (67)

ڪُوڪُو: (مؤنث) ڳيري جو آواز.

قمري ڪوڪ سناوي "ڪُوڪُو"، لَيس في الدارين اِلاهُو.
بيدل (96_100)

ڪُوڪي: (مصدر: ڪوڪڻ) دانهون ڪري، رڙي، پُڪاڙي.

"ڪوڪي" درد فراق دي زخمون، گُهورَ نينان دي گهايا.
بيدل (256_96)

ڏُکي چڙهي ڏونگرين، "ڪوڪي" ڪاڻ قريب
بيدل (نوان بيت_4)

ڪولِ: (سرائڪي. ظرف) پاسي ۾، پاڻ وٽ، ويجهو پرسان.

ڪوئي ڏهاڙا "ڪولِ" اسانڏي، جاني تون جَمِ جَمِ جالين.
بيدل (193_247)

ڪُوماٽا: (سرائڪي) ڪوماٽو.

تو ٻاجهون ساڏا حال نماٽا، دل ديواني جيءَ "ڪوماٽا".
بيدل (298_277)

ڪُوماٽِي: بي رونق ٿي، لوساڻجي وئي، مرجهائجي وئي.

ڪاڪ "ڪوماٽي"، ويل وهاٽي، پينگ ٿيا سڀ پاٽان.
بيڪس (3)

ڪَونَين: (مذڪر) ٻئي جهان، دنيا ۽ عقبيٰ.

جوڳين سندي جوت، قائم آهي "ڪونين" ۾.
بيدل (وحدت نامو_71)

ڪوهہ: (ضمير) چو ڇا.

ڪعبو قُدسي توهي ساڻُ "ڪوهہ" ڪيين ڪعبي جي ڪاڻ
بيدل (29_62)

ڪوهستانُ: (فارسي. مذڪر) سنڌ جو اولهہ وارو جابلو حصو پهاڙي علائقو.

بہ "ڪوهستان" تڪ نعرو هنيائون.
بيڪس (مثنوي)

ڪوهِيارُ: (مذڪر. صفت) جبل، ڊِسِ، پري.

وري آءُ وٺاڻ، ڪامل تون "ڪوهيار" ڪؤن.
بيدل (نوان بيت_5)

ڪوهِيارَل: (صفت) جبل جو رهاڪو اصطلاحاً محبوب، پرين، پيارو پنهون، سسئي جو محبوب.

هِنَ ڪَنيزڪَ ڻانهن ڪنْهن، "ڪوهيارل" ويهي ڪج نہ وسارو.
بيدل (67_80)

ڪُويلي: (صفت) سُويلي جو ضد. اٽائي وقت، بي وقت.

سهڻا ساڻي ڪولِ تون آونين، ويلي "ڪُويلي" ڦيرڙا پاوين.
بيدل (298_277)

ڪَھُ: (اَمُر) چئہ، ٻولِ.

قادر بخش ديان ڪر اثباتيان، "ڪَهُ" تون اناالحق واليان باتان.
بيدل (137_107)

ڪَهايا: (سرائڪي) چوايو ٻولايو.

بُسطامي ڪنون سبحاني دا، پيدُ "ڪهايا" مين وومين.
بيدل (169_225)

ڪُهايوئي: (سرائڪي) ڪهرايئہ وڍايئہ.

زڪريا نون زور وِيڪايوئي، مِيرُ يحيٰ معصوم "ڪهايوئي".
بيدل (170_272)

ڪَهِيا: هليا، اُسهيا، پنڌ پيا.

پيو تن ساب سفر، "ڪِهيا" جي ڪين ڪٽي.
بيدل (وحدت نامو_141)

ڪَھِيو: چيو آکيو ٻولايو.

فاذا برق الصبر و خسف القمر، "ڪھيو" ساري سَٽُ.
بيدل (ابيات سنڌي-13)

ڪيتا: (سرائڪي) ڪيو.

اپني خواهشِ "ڪِيتا" ڊولئي، ڇِيلا هَر دوجهان دا.
بيدل (190-91)

ڪيتُسِ: (سرائڪي) ڪَيُسِ، هن ڪيو هن کي ڪيو.

مَن تَن اندر ديرا "ڪيتُسِ"، آکي حُسن هزاري.
بيدل (209-291)

حسن بسنت بهانا "ڪِيتُس"، آپ وِڪاوڻ آيا.
بيدل (97-99)

آپ ڪري سر اپنا ظاهر، نانءَ "ڪِيتُس" انسان دا.
بيدل (190-91)

ڪِيتي: (سرائڪي) ڪئي، ڪارڻ.

برهه ڪاسائي دَست پيوسي، حسن "ڪِيتي" قربان ٿيوسي.
بيدل (158-318)

ڪَيَڙُمِ: مون ڪيو.

خاڪي "ڪَيَڙُمِ" ويسُ، آهيان نه ته نُورُ نيارو.
بيدل (46-29)

ڪيسُ: (سنسڪرت. مذڪر) وار، ڪارا وار.

رَينَ سُورَج سان خُوبُ رَلايَسِ، مُکُ ٻِرِ ڏار "ڪيس".
بيدل (76-28)

ڪيف: (عربي. مذڪر) مدّ. خمار، نشو مستي.

"ڪيف" ڪنهن ڏاڍي ڪکوريا، جُنگ ٿيا جيءَ ڪوُن جُدا.
بيدل (18-02)

ڪَيفِي: (صفت) خُماريل، شرابي، مست، سرشار، مدهوش.

مون کي بي خود بي اختيار "ڪيفي" نينهن ڪيوڙي جيڏيون.
بيدل (14-58)

ڪَيُمِ: مون ڪيو.

هيڏي هوڏي "ڪِيم" هُل، ٻيا سڀ خيال اُڪاڻ.
بيدل (53_60)

ڪِيماگَرَ: (فارسي، مذڪر) علم ڪيميا جو ڄاڻو ٻوٽين مان دوائن رستي سون ۽ چاندي ناهيندڙ.

"ڪيماگرُ اڪسير اِهوئي، جيها شيها، تيها سوُن.
بيدل (161_194)

ڪِينَ: (ظرف) نه، عدم، نيستي، نفي.

ڪينو اٿن "ڪين"، همه ڪي حق چوَن.
بيدل (وحدت نامو_44)

پيو تن ساب سفر، ڳِيا جي "ڪين" ڪٽي.
بيدل (وحدت نامو_141)

ڪِينُو: (فارسي، مذڪر) ٻيائي، قدورت، چاوت، فريب، بغض.

"ڪينو" اٿن ڪين، همه ڪي حق چوَن.
بيدل (وحدت نامو_44)

ڪِيوين: (سرائڪي) ڪيئن.

ويڪو "ڪِيوين" بارُ درد دا، آلِ نبي دي اُٺايا.
بيدل (172_115)

ڪيها: (ضمير) ڪهڙو.

وِساري ويهي رهئين، قول ڪَيَئي "ڪيها".
بيدل (متفرقہ ابيات_3)

ڪيهون سندءِ صفتون، "ڪيها" سندءِ پار.
بيدل (ابيات سنڌي_25)

ڪِيهي: (ضمير) ڪهڙي

ڪوٺ عُمَرَ جو "ڪيهي" سَبَبَئون تنهنجي ساه سيبايو.
بيدل (41_70)

"ڪيهي" سَبَبَئُون تو هِن ڏينهين، ڏيهُون ڏُورِ ڏَسايو.
بيدل (42_64)

ڪِيهَان: (واحد. ڪيهہ: رڙ) ڪيڪون، رڙيون.

ڪوڪان ڪيان "ڪيهان" گهٽيون رندن مٿي رئنديس رڙيون.
بيڪس (67)

ڪِيهون: ڪهڙيون.

"ڪيهون" سندءِ صفتون، ڪيها سندءِ پار.
بيدل (ابيات سنڌي-25)

"ک"

کاوندا: (سرائکي) کائي تو.

رکند خیال خدائي والا، وهم خودي نون "کاوندا".

بیدل (282_98)

کَاوڻ: (سرائکي) کائڻ.

ڳمُ عشاقان دا راتین ڏینهان، خون جگر دا "کاوڻ".

بیدل (235_252)

کَاوي: (سرائکي) کائي، ڏنگي.

عشق دا تِکِڙا تابُ، ڪثرت نون هِڪ پل وچ "کاوي".

بیدل (294_273)

کَاوین: (سرائکي) کائین.

بیدل خیال خودي دا "کاوین"، تڏان تُون مطلب دل دا پاوین.

بیدل (135_163)

کَایا: (سرائکي) کاڌو.

بیدل نال سبب دي ملیا، هادي سانون همراز ڙي سنئیان عشق خوديءَ نون "کایا" کایا.

بیدل (274_112)

کَڙایا: (سرائکي) بیهاریو.

نوح نبي نون وِچ طوفان دي، آڻ "کڙایا" مین وومین.

بیدل (169_225)

کَڙي: (سرائکي) پئي.

مین نون تُساڏي یار چِنتا لگ "کڙي" هي.

بیدل (158_318)

کَساوڻ: (سرائکي) کسائڻ.

دل "کساوڻ" لوک هَساوڻ، عسق دي ڪارِ اِهائي.

بیدل (237_285)

ڪِلاوڻ: (سرائڪي) ڏيڪارڻ، ڪيڏڻ.

برهون رُوپ بهار مين سهڻا، ڪيل "ڪِلاوڻ" آيا.
بيدل (97_99)

ڪلي: (اردو) ڪتريا، تتريا.

قول "ڪِلي" ڪچنال بہ قولي، اور "ڪلي" گُل آناري وي
بيدل (89_280)

ڪلايا: (سرائڪي) ڏيڪاريو، ڪيڏيو.

آدمر نُون ڪَڍِ ڪَرِ بهشتون، ڪيل "ڪِلايا" مين وومين.
بيدل (169_225)

ڪُوري: (واحد: ڪورو) باهہ جو مچ.

"ڪوري" وچ خليل ستايمر، پسي جَلوا ذات ضيائي دا.
بيدل (137_107)

ڪُؤن: (حرف جر) ڪان، تان، مان، منجهان، وٽان.

ڪيف ڪنهن ڏاڍي ڪڪوريا، جنگ تيا جيءَ "ڪؤن" جدا.
بيدل (18_2)

ڪيلُ: (مذڪر) بازي، راند، ڪيڏ، تماشو، اسرار الاهي.

سر سبحاني آهيان صورت "ڪيل" ڪلايان.
بيدل (20_54)

ڪيلي: (سرائڪي) ڪيڏي.

بند رابن ۾ "ڪيلي" هوري، شام سندر دل لٽيندا زوري
بيدل (100_2)

ڪيلن: (سرائڪي) ڪيڏڻ.

آج پيا هوري "ڪيلن" آيا، سهسين بيرنگ سمايا.
بيدل (100_92)

ڪينهون: (مذڪر) بال، ڏڙهو، رانديڪو.

لا جو "ڪينهون" هٿ ڪري، جنگ جسمر سان جوڙ.
بيدل (فرائض صوفيہ_8)

ڪِيو: (صفت) مست، چريو، پاڳل، مخمور.

وحدت جي ڪثرت ۾ بيدل ڪيو خاصن کي "ڪِيو".
بيدل (19_81)

"گ"

گامُ: (پراڪرت. مذڪر) وِڪ، ٻرانگهه، قدم، رفتار چالو.

وچ صفا و مَروي محبت دي، ٻي سروپا ٻر "گام".

بيدل (؟-192)

طالب جي تحقيق آءِ، ڪٺي گروءَ ڏي "گام".

بيڪس (28)

گاويگا: (سرائڪي) ڳائيندو.

بيدل مُطرِب عشق دا آخر، ڳيت اناالحق "گاويگا".

بيدل (231-127)

گاهي: (ظرف) ڪڏهن، بعضي.

فرمودهِ هلاڪم "گاهي" نما نظارا.

بيڪس (2)

گدا: (فارسي. مؤنث. صفت) فقير، منگتو، غريب، مفلس.

منهنجي ڪر تون آس پوري، آءٌ سنڌءِ در جو "گدا".

بيڪس (مناجات. 1، ب، 7)

گَداگَرُ: (فارسي. مذڪر. صفت) پينار، پينو، فقير، دان گهرندڙ.

ڏاتار تون دلاور، آڌار هي "گداگر"

بيڪس (01)

گَدائِي: (صفت) پِنَ، گهرَ.

ٿو ڪري بيڪس "گدائي"، در تنهين جي عشق جي

بيڪس (27)

گُذارُ: (مذڪر) گذارو ڪاٽَ، لنگهاءُ، نيبر، رهائش.

من هسوار پَوَنِ جو گهوڙو ڪري سَوَ گَگَنُ "گُذار".

بيدل (40-147)

گُرُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) گُرو مُرشد، استاد، رهبر، هادي.

"گُرُ" ڪُئن سمجهيو گودڙين، اَلستي اسرار.

بيدل (63-16)

گِرامِي: (فارسي. صفت) مشھور، بزرگ، عزيز، پيارو، محبوب.

خاندان مصطفيٰ جو تون ”گرامي“ آن گوھر.
بيڪس (مناجات. 1، ب، 2)

گرناز: (اسم خاص) جھونا ڳڙھہ رياست ۾ ھڪ ٽڪريءَ تي شھر. اتي راءِ ڏياچ جو تخت گاھہ ۽ قلعو ھو. ھتي ھندن جو تيرٿ آستان آھي. ھندو فقير ايڏانھن تيرٿ ڪرڻ ايندا آھن.

لوڪئون لاھُوتي لڏيا، گنؤ ھليا ”گرناز“.
بيدل (63-16)

گُرو: (سنسڪرت. مذڪر) گُرو، مرشد، ھادي، رھبر.

طالب جي تحقيق آءِ، ڪٽي ”گُروءَ“ ڏي گام.
بيڪس (28)

ھم مرين تہ ”گُرو“ مري، دُولھہ مارن دم.
بيدل (وحدت نامو-77)

گُفتارَ: (فارسي. مؤنث) گفتگو، ڳالھہ ٻولھہ، بات، پچار.

فَيُعَذِ بَهِمْ عَذابًا اَلِيًا، گوش نہ پين گُفتارَ.
بيدل (ابيات سنڌي:16-20)

فَاصْبَحَ مَعَ اللّٰهُ مَنْ صَحَبَ اللّٰهَ، گوش ڪجان ”گفتار“.
بيدل (وحدت نامو-41)

گَگَنُ: (سنسڪرت. مذڪر) اُڀ، آسمان، آڪاش.

من ھسوار پَوَن جو گھوڙو، ڪري سو ”گَگَن“ ۾ گُذار.
بيدل (40-147)

گُل اَنار: (فارسي. مذڪر) ڏاڙھونءَ گل، ڳاڙھو لال، سُرخ.

ھيءِ رقيبن راھہ ماري، تَنَ ۾ تنھنجي طلب تاري، اڪڙيون تنھنجون ”گل انار“.
بيڪس (11)

گُلِ رُخساران: (صفت) اھو ماڻھو جنھن جو مُنھن يا ڳَلَ گلاب جيان ڳاڙھا ھجن.

ھار سينگار عجائب ڪِيتا، رَلِمِل ”گل رخساران“.
بيدل (90-198)

گُل گلزاري: (صفت) رونق.

حسن هزاري، ”گل گلزاري“، نرت وارن تي نينهن.
بيڪس (34)

گلزان: (مذڪر. سرا) گلزارن، باغن.

وفي اَنفُسَڪُم هِردي اندر، خوب کُلي ”گلزان“.
بيدل (90_198)

گُل نرگس: هڪ قسم جو گل، جيڪو اک جهڙو ٿئي.

مُک، سورج گل، اکين ”گلِ نرگس“، سنبل، ڪالي ڪيس.
بيدل (91_169)

گُلال: (مذڪر. صفت) هڪ قسم جو ڳاڙهي رنگ جو پائوڊر، جيڪو هندو هوليءَ جي ڏينهن هڪ ٻئي تي ڇٽيندا آهن.

عطر ”گُلال“ عنبر اڏاون، گهٽ گهٽ گيت الستي ڳاون.
بيدل (100_92)

گُمُ: (فارسي. مذڪر. صفت) غائب، الوپ، پريشان، وڃايل، ڪوهيل.

ٻاجُهون ”گُمُ“ تيوڻ جي غازي، ڇڏ تون ٻيا سڀ فِڪر فهم.
بيدل (27_34)

گُمراهُ: (فارسي. مذڪر. صفت) رستي کان هٽيل، رستو ڀُليل.

عشق اسان جو رهبر ٿيندو، شل نہ ڪندو ”گُمراهُ“.
بيڪس (50)

گُناهان: (مذڪر. سرا) گناهہ.

مين تہ نڪا رڙي آهيان، رانجها تُون بخش ”گناهان“.
بيدل (250_243)

گُنگن: (مؤنث. واحد. گُنگو: ٻي زنانو) اُٺن.

وٺيو گس ”گُنگَن“ جا، يڳائين ٻاهون.
(بيڪس)

گَنؤ (گَنئون): گُم، ڪوهيل، هاريل، چٽ، غلطان.

لوڪُون لاهَوتِي لَڏي هليا، ”گنؤُ“ هَليا گرنار.
بيدل (63_16)

گنواءِ چوڙيا: (سرائڪي) وڃائي ڇڏيو.

نينهن نيڪ نامي نون ”گنواءِ چوڙيا“، جڏان آڻ ڪي عشق ٻاهيان ٻاليان جي
بيدل (243_109)

گنواوي: (صفت) وڃائي.

بيخوديءَ دا بابُ، جو پڙهي، سو هوش "گنواوي".
بيدل (294_273)

گنوائي: (صفت) وڃائي، نابود ڪري، دُفُ ڪري

"گنوائي" گمان، عبد ڇڏي معبود ٿيا.
بيدل (نوان بيت_1)

گنوايائين: وڃايائين، دفُ ڪيائين.

"گنوايائين" سمورو ظاهري هوش.
بيڪس (مثنوي)

گودڙِيُن: (سنسڪرت. مؤنث) (واحد: گودڙي) فقيرن جو هڪ قسم، جيڪي گودڙي ڍڪيندا آهن. گودڙيءَ وارين.

گُرَ ڪُڻ سمجهو "گودڙين" اَلستي اسرار.
بيدل (63_16)

گوشُ: (فارسي. مذڪر) ڪَنِ.

فَيُعَذِبَهُم عَذَابًا اَلِيۡمًا، گوش نہ پين گفتار.
بيدل (ابيات سنڌي:16_21)

گوشۂ بتول: حضرت فاطمہ رضي الله عنها جا پيارا.

ڪربلا ۾ آيو جڏهن ابنِ رسول، جانشين مولا جگر "گوشۂ بتول".
بيدل (مرثيو)

گُوناگُون: (صفت) بي انداز بي انت، قسمين قسمين.

ڪثرت دي وچ آڪي ڀِهرِيس، جا مان "گُونا گُون".
بيدل (161_194)

گُوندرُ: (مذڪر) ڏُکُ، غم، فڪر، ڳڻتي.

نالي ڳڏي ان جي وچي "گوندر" غم.
بيدل (وحدت نامو_81)

جاني اوهان لئي ٿي "گوندر" گذاريان.
بيڪس (31)

گوهَرُ: (فارسي. مذڪر) موتي، هيرو ماڻڪ، داناءُ ڏاهو استاد.

خاندان مصطفيٰ جو تون گرامي آن "گوهر".
بيڪس (مناجات. 1، ب. 2)

"ڳ"

ڳاراٽُو: (مذڪر) جھوري، فراق، ڏُک، ڳڻتي، فڪر.

قسمت واري ڪوٽ مان ڪڍ تون، عمر جام امير، "ڳاراٽو" تو ڳاري
بيڪس (52)

ڳاري: (سنسڪرت) (مصدر: ڳارڻ = پگھارڻ) هيٺو ڪري، وگھاري، جھوري

قسمت واري ڪوٽ مان ڪڍ تون، عمر جام امير، ڳاراٽو تو "ڳاري".
بيڪس (52)

ڳاسن: (سرائڪي) ڳائيندا.

ناز نياز دي تيڏي ميڏي، ڳالين "ڳاسن" ڳاٽي.
بيدل (260_108)

ڳال: (مؤنث) ڳالھ.

بيڪس جا ئي بات برھ جي، ڪر نہ ہئي ڪي "ڳال".
بيڪس (23)

ڳاوَن: (سرائڪي) ڳائڻ، سرائڪي جو /و/، /ء/ ۾ بدلجي ٿو.

مَيِ منصورِي پيو مُوَحِدُ، ڳِيت آنا دا "ڳاوَنِ".
بيدل (ابيات سرائڪي_16)

ڳاوندا: (سرائڪي) ڳائي ٿو.

سر پر ڪلنگي مُک وچ مرلي، ڳيت الستي "ڳاوندا".
بيدل (268_95)

ڳاوين: (سرائڪي) ڳائين.

بيدل جيوين جو ئي ڏھاڙا، ڳڻ هادي دا "ڳاوين".
بيدل (128_199)

ڳاياسي: اسان ڳايا.

ڪڏهن عشقئون اناالحق جا، وري ڪي گيت "ڳاياسي".
بيدل (37_84)

ڳُجِھڙا: (سرائڪي. مذڪر. صفت) ڳجھڙو.

نهين تسان ڪنون ڪي ڪُجُھ "ڳجھڙا"، مين نماڻي دا حال.
بيدل (308_176)

ڳُجهو: (سنسڪرت. مؤنث) ڳُپت، لڪل، مخفي.

عشق سندو آثار نہ ڪي "ڳجهو" رهندو.

بيدل (78_24)

ڳِدي: (سنسڪرت. مؤنث. صفت) ورتي، چٽي.

نالي "ڳدي" ان جي، وچي گوندر غمر.

بيدل (وحدت نامو_81)

ڳَري: (مذڪر) اَجهو پناهہ، حفاظت، ڳلي.

وَنَحْنُ اَقْرَبُ عَلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ، غافل تو "ڳري".

بيدل (ابيات سنڌي: 10_15)

ڳليندا: (سرائڪي) ڳري تو.

وَهمر وجود حقيقت دي وچ، لُوڻ پاڻي وانگي "ڳليندا".

بيدل (245_93)

ڳَلِي: (سنسڪرت. مؤنث) گهٽي، رستو لنگهہ.

"ڳَلِي" محبوبان دي جاوي ڪوئي، بيدل بخت سوايا.

بيدل (310_105)

ڳَلِيان: (ڳلي ۽ جو جمع) گِهٽيون، رستا، لنگهہ.

تخت هزاري دا صاحب ويکو، "ڳليان" وِچ ڦريندا.

بيدل (314_113)

ڳئيان: (سرائڪي) ويسُ.

بيوس ڦاٿا جيءَ اسانڏا، شرم حياءَ ڪنون "ڳئيان".

بيدل (262_201)

ڳيا: (سرائڪي) ويو.

عشق لڳا تدبيران ڇُڪيان، عقل دا "ڳيا" اختيار.

بيدل (272_155)

ڳيت: (مذڪر. سرا) گيت.

سر پر ڪلنگي مُک وِچ مرلي، "ڳيت" الستي ڳاوندا.

بيدل (268_95)

ڳوٽ: (م) ساري، چوسر.

مستيءَ جي "ڳوٽ" ڪڻ تون، سوريءَ دي سر هليا سي.

(بيڪس)

"گھ"

گھاوندا: (سرائڪي) گھائي ٿو.

يار برھ واليان نُون ياؤندا، ياؤندا دليان نون "گھاوندا".
بيدل (144-134)

گھايا: (سرائڪي) گھايو، ڦٽيو.

گھور نينان دي دل نُون "گھايا".
بيدل (158-133)

گھايَسِ: مون کي گھايو، مون کي زخمي ڪيو، مون کي ڦٽيو، مون کي وڍيو.

ڪوڙين ڪانَ لڳا مُون کي، "گھايَس" تنھنجي گھور.
بيدل (66-15)

گَھٽ گَھٽ: تن من، اندر ٻاھر.

عطر گلال عنبير اُڏاوَنِ، "گھٽ گھٽ" گيت الستي ڳاوَن.
بيدل (100-92)

گُھرِجَ: (مؤنث) لوڙ، ضرورت، احتياج.

"گُھرج" ھُئي توکي گھٽي ڪِين، مان چَيُئي احسان ڪر.
بيدل (85-14)

گَھمسَانُ: (مذڪر) ھُل، گوڙ، ميڙ، انبوھ، شور.

موجود موجان تون ڏنيون، ڪين مان چيئي "گھمسان" ڪر.
بيدل (85-14)

درد غم جو اُت وڏو "گھمسان" ٿيو.
بيدل (مرثيو)

دردن منھنجي دل ۾ يارو غم ڪيو "گھمسان".
بيڪس (32)

گِهڻ: (سرائڪي) وٺ.

چڏ هستي، "گِهڻ" مستي، سُڻ رمز ربابون.
بيدل (81_44)

گهن ڪر: (سرائڪي) وٺي ڪري.

"گهن ڪر" تخت دلين دا بيدل، شاهي طبل وڄاوندا.
بيدل (282_98)

گِهنَڻ: وٺڻ، پڪڙڻ.

چنبي مُزگان دي نال شِڪارُ "گِهنَڻ"، توڙن دهشت نال دواليان.
بيدل (243_109)

گهٽيرا: (سرائڪي) گهٽيرو.

دردَ بلا دا بار "گهٽيرا"، چُم اُنهان سِرِ چايا.
بيدل (172_115)

گهوٽَ: (مذڪر. واحد: گهوٽُ) لاڏلا، ونا، بنا، ڪانڌ، ڳيرو.

مومل واري ويس ورن ۾ "گهوٽ" هزارين گهايان.
بيدل (38_49)

گُهورَ: (مؤنث) نِهار، نگاهه.

رمز چوان يا مار چوان، "گهور" سڄڻ جي هزارين گهايا.
بيدل (83_51)

گُهوران: گُهورَ جو جمع، نگاهون، نظرون.

"گهوران" گهائڻ تيون تکيون، اُهي سوزمؤن شايد سِکيون.
بيڪس (44)

گهولَ: /ل/، /ر/ ۾ بدلجندو آهي. گهورَ صدقي، قربان.

سِرِ تيڏي تون سهڻا سائين، جُندڙي گهتان مين "گهول".
بيدل (146_174)

گهولي: گهوري، صدقي، قربان.

بيدل توتئون اولي تي "گهولي"، آءُ تون سهڻا ساڏڙي ڪولي.
بيدل (298_277)

گُهونگَهٽُ: (مؤنث) نقاب، پردو.

ذاتي حُسن صفاتِي "گُھونگھٽ"، راز رموز نهاني دا.
(106_302)

گھيڙ: (مذڪر) گھيڙ، واهه يا درياهه ۾ گھڙڻ جو هنڌ. لانگھو تڙ.

"گھيڙ" اهوئي گِھڙ تہ، ملين تون مطلوب کي.
بيدل (وحدت نامو_123)

"ل"

لا اُبالِي: (عربي. صفت) بي پرواهہ لاغرض، رند، مشرب، بي خطر.

پهري ويس جلالي، يارُ ڪري "لا اُبالي".

بيدل (129_274)

لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدْنِيْ: (قرآن پاڪ) (سورة طٰهٰ آيت: 14) ناهي ڪوئي عبادت جي لائق مون کان سواءِ، پوءِ منهنجي بندگي ڪر.

"لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدْنِيْ"، هي حلاجي حاج.

بيدل (فرائض صوفيہ:19_19)

لاحَدي: (عربي. صفت) حد کان ٻاهر، اپاري، لامڪاني.

"لاحدي" لايو، تماشو هر طُورَ ۾.

بيدل (وحدت نامو_144)

لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ: انهن کي ڊپ ڪونهي، نہ ڪو هنن کي ڏُک رسندو.

"لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ"، آيا ۾ آرام.

بيدل (وحدت نامو_23)

"لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ"، غازين ڪونهي ڪم.

بيدل (ابيات سنڌي_17)

لاخِلافِي: (عربي. صفت) اختلاف ڪونهي.

جنهن ۾ اصول آصلي، لاريب "لاخلافي".

بيدل (82_85)

لارَيب: (عربي. ظرف) بيشڪ، بنا شڪ جي، پڪ سان.

جنهن ۾ اصُول اصلي، "لاريب" لاخلافي.

بيدل (82_85)

نـ آ تنهن ۾ فرق "لاريب" لاشڪ.
بيڪس (مثنوي)

لاشَڪُ: (عربي. مذڪر) پڪ سان، جنهن ۾ شڪ نـ هجي.

نفيءَ ڪي اثبات، "لاشڪ" آهي اوڏڙو.
بيدل (وحدت نامو_64)

شوق جي شمشير سان "لاشڪ" سڀئي شهيد ٿيا.
بيڪس (4)

لامڪان: (عربي. مذڪر) عالمِ اِلاهي جو مڪان، صوفين وٽ، وحدت جي آخري منزل، لاهوت.

گهٽا ڏينهن وٿاڻ هو تنهنجو "لامڪان" لاهوت.
بيدل (36_؟)

بيدل! سِرُ سيوئي منهنجو، "لامَڪانُ"، مَڪانُ ميان وو.
بيدل (62_53)

لَامُوجُودُ اِلاهو: (صوفين جو قول) الله ڪان سواءِ ڪنهن بي هستيءَ جو وجود ناهي.

"لَامُوجُودُ اِلاهو"، خاصن هيءَ خبر.
بيدل (وحدت نامو_52)

لايَزان: (عربي. صفت) دائمي، هميشه رهڻ وارو.

ٿيون لُڇڻ دل جو زِعشق "لايزان".
بيدل (مناقبو_ بيت:10)

لَايَسَعُ فِيهِ مَلَڪُ مُقَرِب، اهو ٿن انعام.
(وحدت نامو_97)

لَا يَسْمَعُ وَلَا يُبْصِرُ: (قرآن مجيد) (سورة مريم. آيت:42) جيڪو نـ ٿو ٻڌي ءِ نـ ٿو ڏِسي.

"لَا يَسْمَعُ وَلَا يُبْصِرُ"، تا آنحد راز سُڻي جي.
بيدل (ابيات سرائڪي_9)

لاتِ: (سنسڪرت. مؤنث) ٻولي، ڪانوَ جو ڪان ڪان ڪرڻ.

كانگ لَنوي متي "لاتِ"، مُحب مسافر جاڻ ڪي ايندا.
بيدل (70_04)

لاٿُسِ: (مصدر: لائڻ) لايو لڳايو.

غفلت وِچؤن آپ جڳايس، نينهن "لاٿُس" نرواري
بيدل (209_291)

لاچارُ: (صفت) مجبور، بي وس.

بيدل برهہ جي بات سُڻ، لارا چڏي "لاچارُ" جا.
بيدل (6_3)

لاڏِلو: (مذڪر. صفت) پيارو، دادلو عزيز البيلو لُڏڻ، مٺڻ، ناز پرور.

تون حسن جو "لاڏلو" شهباز لال.
بيدل (مناقبو_ب:2)

لارا: (مذڪر. واحد: لارو) لاڙا. پروسا، آڌار آسرا، تانگهہ.

بيدل برهہ جي بات سُڻ "لارا" چڏي لاچار جا.
بيدل (6_3)

لافَ: (فارسي. مؤنث) ڊاڙ بٽاڪ، لباڙ.

"لاف" مريندي عُمر وهاڻي، ويک ڳيوسي پُل پُلا.
بيدل (202_175)

لالَنُ/لالَڻُ: (مذڪر. صفت) پيارو دادلو دوست، محبوب، پرين، سجڻ، دلبر.

ڪُنتُ ڪَنزاً مَخفِيَا، سُڻ "لالن" ڪنهن نہ لِڪايو.
بيدل (56_68)

ڪاتي لاهي لاڳاپا "لالن"، پيرُ پَدَر تو پائين.
بيدل (02_41)

ڪُوڙ ڪمائن هُيوَ جڏهن دل ۾ چو "لالڻ" ليئڙو پاتو مون.
بيڪس (40)

لالِي: (مؤنث) سرخي، لالائي.

لب لعل سرخ "لالي"، رهندين تون خود خيالي.
بيڪس (71)

لاوندا: (سرائڪي) آڻي تو.

عشاقان دي نال عجائب، رلمل رمزان "لاوندا".
بيدل (282_98)

لاوَٽ: (مصدر. سرا) آٽو.

برهه "لاوڻ" دي خواهش ڪيتي، صُورت ڪيل ڪِلايا.
بيدل (251_136)

لاوِين: (سرائڪي) آٽين.

ڪتان اپني جوت جاڳائين، نُور ظهور دا چرچا "لاوين".
بيدل (179_234)

لاهُوتُ: (عربي. مذڪر) صوفين وٽ سلوڪ جي چوٿين ۽ آخري منزل، عالم ذات الاهي، جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو درجو حاصل ٿئي ٿو. لاهوت اصل ۾ ضلعي لس ٻيلي (بلوچستان) ۾ پٻ جبل جي ڏکين رستن ڪان پوءِ شاهه بلاول نورانيءَ کان اورتان هڪ ماڳ آهي.

بحر آهيان باهوت جو لُڙهان ۾ "لاهوت".
بيدل (متفرق ابيات_5)

گهٽا ڏينهن وتان هو تنهنجو لامڪان "لاهوت".
بيدل (36_؟)

تون جبروت، "لاهوت" جو آهين رهبر.
بيڪس (مثل_ص.74)

لاهوتئُون: لاهوت مان.

معنوي مدهوش، "لاهوتئُون" لنگهي ويا.
بيدل (وحدت نامو_27)

لاهوتي: (عربي. صفت) جوڳي فقيرن جو هڪ قسم، جيڪي لاهوت لامڪان جي ياترا ڪري آيا هجن. اُنهن جي نسبت حضرت عليﷺ سان ڇئي وڃي ٿي. الله لوڪ، عبادت ۾ غلطان سيلاني. لاهوت جي منزل کي پهتل، لاهورت جي زيارت ڪري آيل.

لوڪئون "لاهوتي" لڏي هليا، گنؤُهليا گرنار.
بيدل (63_16)

لَوْ اَقْسَمَ عَلَى اللهُ لَاَبَرَّهُ الله، "لاھوتي" لارد.
بيدل (وحدت نامو_85)

لاھِيان: (مصدر: لاھڻ= اُتارڻ، ھٽائڻ) اُتاريان (ڪپڙا).

ھِڪُ ڍِڪيان پيو "لاھيان" رنگارنگ لبيس.
بيدل (46_29)

لائِق 1: (صفت) ڳُڻَ، مھربانيون، تورا، احسان، پال پلائڻ.

لالَڻ "لائق" پانھنجا، ڪوھيارل ڪريج.
بيدل (48_08)

لائِـقُ2: (صفت) مناسب، واجب.

ھينئن وسارڻ ناھي "لائقُ"، سو ڏِل يار سياڻا.
بيڪس (3)

لَبان: (سرائڪي) لبن، چپن.

ڪول نقاب ويکاھُڻ جلوا، جان "لبان" تي آئي.
بيدل (241_283)

لَبَ لال: ڳاڙھا چپ.

"لب لال" سرخ لالي، رھندا تون خود خيالي.
بيڪس (71)

لَبِيسُ: (مذڪر) لباس، صورت، شڪل، رنگ روپ، ٻاھريون ٺاٺ، پوشاڪ، ھار سينگار.

ويسَ "لبيسَ" دين ڪُفرَ دا، ڪي ئي لاھيان ڪيئي پايان.
بيدل (38_49)

ويس "لَبِيسُ" ھندو مؤمن جا، ڪي ئي لاھيان ڪي ئي پايان.
بيدل (38_49)

لَبيڪ: (حرف ندا) سڏ جو جواب، حاضر آھيان.

حاجي بَن ڪي مڪي ويندا، آپ ڳھي "لَبَيڪَ".
بيدل (165_172)

لَيِي: (مصدر: لَيَڻُ: ھٿ اچڻ، لھڻ، ملڻ) مِلي، ھٿ اچي.

حق ريءَ هر دوجهان ۾ لاشڪ ڪين "ليي".
بيدل (12_83)

لُتِ نيتي: (سرائڪي) لتي ورتي، لتي ڪٽي ويو.

لُتِ نِيتِيءِ دل ساڏي، هُڻ ڪريندائين ماٽا.
بيدل (269_131)

لُتِڪي: (سرائڪي) لُتي، ڦُري.

ساڏي دل "لُتِڪي" جادوگر جو ويندا.
بيدل (314_113)

لُتي: (مصدر: لُتڻ = ڦُرڻ، ڪسڻ) ڦري، ڪسي.

ديدن ساڻ ڪري ڏاڙو دل "لُتيءَ" يار منهنجي.
بيدل (67_80)

لُتيئي: تو لُتي، ڦريئي، ڪسيئي، چوري ڪيئہ.

ديدن سان ڪري ڏاڙو دل "لتيئي" يار مُنهنجي.
بيدل (67_80)

لُتيون: ڦريون، ڪسيون، چورايون.

"لُتيون" درد مندن جون دليون، سهڻي هن سينگار ۾.
بيدل (61_37)

لُني/لوني: (مؤنث) نِپُتي، نرلجي، ناقص.

الله لگ آءُ سگهو ليلائي تي "لُني".
(بيڪس)

لَج: (سنسڪرت. مؤنث) عزت. آبرو. عصمت.

توتي منهنجي آهہ سڀ "لج". مون سان لائق لطف ڪر.
بيڪس (مناجات. 1. ب. 2)

لُجهہ: (مؤنث) تڙپ. لوچ پوچ، بي آرامي.

لاهوتين کي ڪا هئي، لُنءُ لُنءُ اندر "لُجهہ".
بيدل (وحدت نامو_103)

لُچَڻُ: (مصدر) ڦٿڪڻ. تڙپڻ، بي قرار ٿيڻ، ڪامڻ.

ٿيون "لُڇڻ" دل جو ز عشق لايزان.
بيدل (مناقبو_ بند: 10)

لَحظي: (صفت) گهڙيءِ پَل، ويرم.

لوڙهہ ڏتي سڀ "لحظي" ديءِ وچ. چشمان والڙي چال.
بيدل (247_320)

لَحمَڪَ لَحمِي روحَڪَ رُوحي: منهنجو ماس تنهنجو ماس آهي ۽ منهنجو روح تنهنجو روح آهي.

"لَحمَڪَ لَحمِي روحَڪَ رُوحي". عاليءِ اسد الله.
بيدل (58_74)

لَدُنِي: (عربي. مذڪر) قدرتي علم.

عِلمُ "لَدُنِي" جا جي عالم، لامذهب سي صوفي سالم.
بيدل (44_38)

لَڙهہ: (مؤنث) پوئتان، لاريءِ اوٽ. ٽيڪ، ڀروسي، اُميد.

عشق دي ڪر امداديءِ "لَڙَهہ" تُسان دي مين لڳيان يار.
بيدل (309_156)

لُڙهاءِ: (مصدر: لُڙهڻ) وهاءِ، لوڙهي ڇڏ. وهائي ڇڏ.

خطرا خيال عَبث "لا" سين، سڀ "لُڙهاءِ" تون.
(بيدل)

لُطفُ: (عربي. مذڪر) لائق، عنايت، احسان، مهرباني، ٿورو ڪرم.

ڪوڙين ڀتين اُنَ جو "لطف" مٿان لوڪ.
بيدل (وحدت نامو_83)

توتي منهنجي آهہ سڀ لڄ، مون سان لائقَ "لطفَ" ڪر.
بيڪس (مناجات. 1، ب، 2)

لَعِبُ لَهو: (عربي. مذڪر) راند، سير، ڪيل، تماشو دل جي وندر، شغل، عيش.

جي تون پسين پاڻ ڪي، لوڙهي "لُعَبُ لَهو".
بيدل (وحدت نامو_126)

لَقَب: (عربي. مذڪر) ٽِڪو داغ، عيب، گلا.

دين ڪُفرَ مستيءَ هستيءَ جا، پاڻ ڪي "لقب" لائين.
بيدل (01_42)

لَڪُ: (مذڪر) جبل جو لانگھو تڪرين وچان نڪرندڙ پيچرو گھٽ، گس، وات.

لنگھي هليا "لَڪُ" ڪاوڙ سندو ڪاپڙي

بيدل (ابيات سنڌي-1)

لِڪاوَڻُ: (سرائڪي) لِڪائڻ.

خَلَق الآدَمَ عَلي صُورَتِہٖ، لوڪُون آپ "لِڪاوَڻُ" ڪيا.

بيدل (306-121)

لِڪو: (لِڪڻ جو ماضي) ڇپيو گُم ٿيو.

عشق سندو آثار نہ ڪي ڳجھو رهندو،
برهہ سندو بيمار نہ ڪي "لِڪو" رهندو.

بيدل (78-24)

لِڪي: (مصدر: لڪڻ) ڇُپي، روپوش ٿي، ڳجھو ٿي.

"لِڪي" منجھان لوڪ، ڪا لَنو لائج اُن سين.

بيدل (وحدت نامو-38)

لَڪِجاءِ: نظر اچجاڻ، ظاهر ٿجاڻ، پڌرو ٿجاڻ.

"لَڪِجاءِ" لعل لبيس ۾، ڪر خوض خبردار ٿيءُ.

بيدل (74-75)

لَڪَن: (لَڪَڻُ) گڻ، عادت، خصلت.

حال حلاجي بحر بي پايان، "لَڪن" مون ڪو پيو.

بيدل (19-81)

لَڳِ: (حرف جر) لاءِ، ڪارڻ، واسطي، ڪري، صدقي.

اي صبا وچ "لَڳِ" خدا جي هڪ گھڙي،

بيدل (مناقبو-1)

لَڳِ خُدا: خدا جي واسطي، الله جي واسطي.

ياقلندر شاهہ سيوهڻ جا سدا، ڪر نظر بيڪس بندي تي "لڳِ خدا".

بيڪس (مناجات:2)

لِمَن المُلڪ: (سورة الغافر، آيت: 16) بادشاهي ڪنهن جي آهي؟

جابر وچ جولان، "لِمَن المُلڪُ" پڙهيندا.

بيدل (211-122)

لَنْ تَرَانِيْ: (قرآن مجيد) سورة الاعراف، آيت: 143) مون کي تون هرگز ڏسي نہ سگھندين.

"لَنْ تَرَانِيْ" عُشاقان نالي، اِها نِسهرا ناز.
بيدل (292_164)

لِنوَ: (سنسڪرت. مؤنث) تار عشق، پريت، موھہ، محبت.

لڪي منجهان لوڪ، ڪا "لِنوَ" لائج اُن سين.
بيدل (وحدت نامو_38)

پاڻون پاڻ "لَنوَ" جا لاتئي، خاص اچي منجھ خاڪ.
بيدل (23_30)

لُنءَ لُنءَ: وار وار، رونءَ رونءَ.

لاهوتين کي ڪا هئي "لُنءَ لُنءَ" اندر لُجھہ.
بيدل (وحدت نامو_103)

اَنحدَ جي "لُنءَ لُنءَ" ۾ يارو، نوبت زوري نينهن وڄائي.
بيدل (31_288)

لَنوي: (مصدر: لَنوڻ: لات ڪرڻ) لات ڪري، ٻولي.

ڪانگ "لَنوي" مني لات، محب مسافر ڇاڻ ڪي ايندا.
بيدل (70_04)

لو اَقْسَمَ عَلَى اللهِ لَاَبَرَّهُ الله: (حديث پاڪ) الله جي نيڪ ٻانهي پاران ڪنيل قسم کي الله ٿي پورو فرمائيندو آهي.

"لو اَقْسَمَ عَلَى اللهِ لَاَبَرَّهُ الله"، لاهوتي لارَدَّ.
بيدل (وحدت نامو_86)

لوح: (عربي، مؤنث) تختي، لوھہ قلم يعني تقدير.

ڪر نفي نروار هي جيفہ جسم، لِک تون جي "لَوحَ" تي اناالحق اسم.
بيڪس (مناجات. 2، ب، 18)

لُوڙھہ: (مصدر: لوڙهڻ: ٻوڙڻ) ٻوڙ وهاءِ، اُڇلاءِ (پاڻيءَ ۾).

خام خوديءَ جا خطرا، لا سين سيئي "لوڙھہ".
بيدل (وحدت نامو_61)

لوڙهي: (مصدر: لُوڙهڻ: ٻوڙڻ، وَهائِڻ) وِهائي، ريڙهي، پاڻيءَ ۾ وهائي.

جي تون پسين پاڻ کي ”لوڙهي“ لَعِبُ لَهوَ.
بيدل (وحدت نامو_126)

لوڙي: (مصدر: لوڙڻ) پوڳي، ڪاٽي، سهي، ڪيتو ڏئي.

لِکيو ”لوڙي“ سيڪا، ڪانہ لکئي ڪؤن ڏار.
بيدل (ابيات سنڌي_9)

لوڪُ: (سنسڪرت. مذڪر) خلق، مخلوقات.

لِڪي منجهان ”لوڪ“، ڪا لَنوُ لائج اُن سين.
بيدل (وحدت نامو_38)

ڪوڙين پتين ان جو، لطف مٿان ”لوڪ“.
بيدل (وحدت نامو_83)

لوڪان: (سرائڪي) لوڪو.

ماهي نال اسان ڏيان اکيان، لڳيان وهہ وهہ لوڪان“.
بيدل (ابيات سرائڪي_3)

لوڪون: (سرائڪي) لوڪئون، لوڪ منجهان.

خَلَق الآدَمَ عَلي صُورَتِهٖ، ”لوڪُون“ آپ لِڪاوَڻُ ڪيا.
بيدل (306_121)

لوڪئون: لوڪ منجهان، جهانَ مان، ڏيهہ مان.

”لوڪئون“ لاهُوتي لڏيا، گَنؤُ هَليا گرنار.
بيدل (63_16)

لَولاڪِي: (صفت) لَولاڪَ جو.

ڪتان نسبت شِرڪ دي پاوي، ڪتان لقب ”لولاڪي“.
بيدل (204_278)

لِنوِڙي: (تصغير) لِنوَ پريم، محبت، موهہ.

اپني نال نيارا نيهي، ”لِنوڙي“ لاوڻ آيا.
بيدل (97_99)

لُون: (سنسڪرت. مؤنث) تار تند.

لوڙهي چڙهيو ”لونُ“، لَهرن همه اوست کي.
بيدل (وحدت نامو_16)

لوح: (عربي. مؤنث) تختي، پٽي.

لِڪ تون دل جي "لوح" تي اناالحق اسم.

بيڪس (مناجات_2)

لوئِي: (سنسڪرت. مؤنث) مٿي تي اوڍڻ جي چادر.

اباڻن جي آسري، هت ميان، "لوئي" ٽيڙم ليڙ.

بيڪس (52)

لَهرِ: (سنسڪرت. مؤنث) ڇولي، موج، جوش، جذبو.

لَهَس لنگهن کي "لَهرِ" مون آيس، دونهان دل ۾ درد دُکايس.

بيدل (75_79)

لَهَس: (مؤنث) باهه جو تاءُ، لوساٽ، ڄرُ، تؤ.

"لَهَس" لنگهن کي لهر مون، آيس، دونهان دل ۾ درد دُکايس.

بيدل (75_79)

لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ: (قرآن مجيد) (سورة يونس، آيت: 64) "تن لاءِ خوشخبري آهي دنيا جي حياتي ۾ آخرت ۾.

"لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ"، هِت هُت صحت ساهه

بيدل (وحدت نامو_22)

لَيْسَ شَيْءٌ عَنْكَ الْخَارِجِ: توکان ڪيندڙ ڪا به شيءِ ناهي.

"لَيْسَ شَيْءٌ عَنْكَ الْخَارِجِ"، تو وچ خلقت ساري

بيدل (سه حرفي_1_2_ن)

لَيْسَ فِي الدَّارَيْنَ اِلَّاهُوَ: ٻنهي جهانن ۾ ان کان سوءِ ٻيو ڪو به ناهي.

"لَيْسَ فِي الدَّارَيْنَ اِلَّاهُوَ"، ڏسي دوست ڏکالي.

بيدل (سره حرفي_1_2_ث)

لِي مَعَ اللهِ: منهنجي لاءِ الله سان گڏ آهي.

پنهنجي رائي سالڪ سنيري سر سولي تي نيو "لِي مَعَ الله" سِرِ معراج جي

بيدل (19_81)

لِيا: (مذڪر) (واحد: لِيو) جهاتيون.

ناحق ٿيو نادان، "لِيا" وجهن لوڪ ۾.

بيدل (وحدت نامو_122)

لِيڙَ: (سنسڪرت. مؤنث) اڳڙي، چيھون، تھبارون، تندون تارا، پُرزا پُرزا.

اباڻن جي آسري هت ميان، لوئي ٿيڙم "ليڙ".
بيڪس (52)

ليکَ: (سنسڪرت. مذڪر) لکيو قسمت.

جا هوتي، سا هو رهي، ڪون مٽاوي "ليک".
(بيدل)

ليلائي: (مصدر: لِيلائِڻُ) منٿون ڪري، آزيون نيزاريون ڪري.

الله لڳ آءُ سگھو "ليلائي" ٿي لُٽي.
(بيڪس)

ليليٰ: (عربي. مؤنث. صفت) ليليٰ مجنون عشقيه داستان سان سلهاڙيل جنهن جو رنگ ڪارو هو هيءُ عرب جي صحرا جي قبلن جو مشهور لوڪ داستان آهي، ان داستان کي ڪيترن ئي شاعرن ڳايو پوءِ فارسيءَ ۾ آيو جتان سنڌي ٻوليءَ ۾ آيو. هي لوڪ داستان 688ع جو آهي. ليليٰ عامر جي ڌيءُ هئي جيڪو نجد جو رهواسي هو. مجنون جو نالو قيس هو.
سچل سرمست بہ فارسي ۽ عربيءَ جي شعري اپياس دوران هن لوڪ داستان کان واقف ٿيا هوندا ۽ پنهنجي شعر ۾ هن کي جاءِ ڏني هوندائين.

ڀهاني بيکَ مجنونءَ جي نَڪِي، "ليليٰ" لِڪايا سي.
بيدل (37_84)

لِيئَڙو: ليئو جي تصغير، جھاتي.

ڪوڙ ڪمائڻ هُيوَ جڏهن دل ۾، چو لالڻ "ليئڙو" پاتو مون.
بيڪس (40)

”م“

ما اعظَمَ شاني: (بايزيد بسطامي جو قول) منهنجو شان بُلند آهي.

بَايَزِيدُ بُسطامي نُون، ”مَااعظَم شَانِي“ آکيندائين.
بيدل (212_231)

مَابَينَ: (ظرف) وچون، درميان.

احوال ”مابَين“ تو، چين درجبين چنين تو.
بيکس (2)

ماتِ: (عربي، مؤنث) هار، مار، شڪست، نابود، فنا.

قربدار ڪَڏِي نہ محبت وارو ”مات“ ٿئي.
بيدل (وحدت نامو_72)

ماتامُ: (فارسي، مذڪر) پِٽِڪو، روجُ، راڙو، سوز، غم.

فرقت جان فنا ڪئي، من اندر ”ماتام“.
بيڪس (28)

مارُو: (مذڪر) ڏوٽي، مارئي جا مٽ عزيز.

نيٺ ”مارو“ پنهنجو ننگ نہ ڇڏيندا، توڙي هجان بد راهہ.
بيڪس (50)

مارِنِ: (صفت) هٺن، ڪمائن.

بي سِري وِچ عاشق ”مارِن“، بيخود دم سلطاني دا.
بيدل (302_106)

مارِي: مُئل.

فرياد آهہ زاري، تنهنجي فراق ”ماري“.
بيڪس (2)

مارُئي: (مؤنث. اسم خاص) ٿر جائي، وطن پرست عورت جنهن کي عمر سومري کڻي آڻي عمرڪوٽ ۾ رکيو ۽ آرام آسائشون ۽ گهڻيون ئي لالچون ڏئي سندس من پرڀائڻ جي ڪوشش ڪئي. آخر مجبور ٿي عمر کي اِرادو بدلائڻو پيو ۽ ڪيس ڀيڻ بنائي واپس پنهنجي وطن روانو ڪيو.

موڪل ٿي "مارئيءَ" کي هَلِي اباڻي.
بيدل (ابيات سنڌي_20)

"مارئي" ماندي قسمت آندي، منهنجو سانگين ساري ساهہ
بيڪس (51)

مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى: (قرآن مجيد) (سورة النجم، آيت: 11) نہ غلط ڪيو ان جي دل جنهن کي ڏٺائين.

"مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى"، اعليٰ ٿيو اِدراڪ.
بيدل (فرائض صوفيہ_23)

ماڙِ: (مذڪر) واهر، مدد.

اوهان ٻاجهون نہ آهي ڪا "ماڙ" منهنجي.
بيڪس (دربيان مدح بيدل فقير)

ماڳُ: (سنسڪرت. مذڪر) نڪاڻو، ملڪ، وطن، مڪان، آستان، مقام، منزل گاهہ

اچي ٿيو اثبات ۾، مستانن جو "ماڳ".
بيدل (وحدت نامو_33)

مامَ: (مؤنث) ڳجهہ، ڀيد، راز، رمز.

اونهي هن اسرار جي جنين پُرجهي "مام".
بيدل (وحدت نامو_23)

ڪو "مامَ" پروڙي مَس، انهيءَ راڳ رهاڻ جي.
بيدل (وحدت نامو_108)

مامِرو: (مذڪر) معاملو مسئلو.

ڪر نہ مون سان "مامرو"، صورت جا سردار.
بيڪس (17)

مانجهي: (مذڪر. صفت) همت ڀريو همتوان، سورهيہ، بهادر، ويڙ، دلير، جوڌو.

لا جو ڪِنهون هٿ، ڪري، اُتي "مانجهي" مَلَ.
بيدل (فرائض صوفيہ-14)

ماندائي: (مؤنث) بي هوشي، مونجهہ، بيچيني، لوچ پوچ، فڪر، اونو انتظار.

مل تہ "ماندائي" لهي، نرمل ٿيو نروار.
بيدل (55-72)

ماندو: (پراڪرت. مذڪر) آسائتو عاجز ساڻو موڳو آڻو منتظر.

بيدل آهي حسن لئہ "ماندو"، وار تنهنجي ڪؤن ناهي واندو.
بيدل (83-51)

ماندي: (صفت) ٿڪلَ، ڪُهيل، ساڻي.

مارن ريءَ ٿي "ماندي"، هُو خوش وَسِن پنهنجي خيال.
بيڪس (26)

ماڻُ: (سنسڪرت. مذڪر) ناز فخر، رتبو وڏائي.

هو ويچارن واهرو، مساڪينن "ماڻ".
بيدل (وحدت نامو-86)

معبوديءَ جو "ماڻ"، پاڻ سُجاڻي پاڻ تون.
بيدل (فرائض صوفيہ-17)

ماڻا: (واحد: ماڻو) نازَ نخرا، لاڏَ.

همت حال تيڏي نون ڪيا ٿيا، ويک مجاز دا "ماڻا".
بيدل (132-129)

توريءَ ڪنهن سان ڪندي جاني، مُنِي مُومل "ماڻا".
بيڪس (3)

ماهہ: (مذڪر) ماهتاب، چنڊ، قمر.

"ماهہ" بُرج سيدالابرار تون.
بيدل (مناقبو)

ماهہ بدر: (فارسي. عربي. مذڪر) مهيني جي چوڏهين جو چنڊ.

هڪ دم نہ ڏار ٿي تون، اي "ماهہ بدر" ثاني.
بيڪس (71)

ماهِرُ: (عربي. مذڪر. صفت) ڪاريگر، هنرمند، هوشيار، چالاڪ، تيز فهم.

جنهن وِساريو قالب خاڪي، آهي "ماهِرُ" مِ ملڪوت.
بيدل (36-؟)

ماهِي: (مؤنث. صفت) محب، محبوب، جانب، معشوق، دلبر، جاني، پريتم.

"ماهِي" يار دي نال بيلي ويسان.
بيدل (102-236)

ڏيوَن طعني، ماهي والي، سانون لوڪ اياڻي.
بيدل (260-108)

معلوم اٿئي سڀ حال، "ماهي" معلوم اٿئي سڀ حال.
بيڪس (23)

ماهِيَتَ: (عربي. مؤنث) حقيقي وجود، حقيقت، اصليت، جوهر.

سمجهون هجون اڳهين هئي، محض "ماهيت".
بيدل (متفرق ابيات-8)

ماءُ: (مؤنث) امڙ.

مين يي "ماءُ" بيراڳڻ ٿيان، سامي سَحَرُ چلايا.
بيدل (256-96)

مائِلُ: (عربي. صفت) جهڪيل، راغب، خواهشمند، شائق.

راڳ جا "مائل"، مَن جا قائل، وتن سي رمزن واريون راهان.
بيدل (32-52)

محبت سان ڪريو "مائل"، تون آن مشڪل ڪشا حيدر.
بيڪس (16)

مَتِ: (سنسڪرت. مؤنث) نصيحت، هدايت، سبق، سمجهاڻي.

تالِ طنبور سُرندا طبلا مشتاقن ڏين "مَتِ" اهائي.
بيدل (31-288)

مَتِوالا: (صفت) متوالو مستيءَ وارو، مست، چريو.

اُلٽا پيد سو برهي والا، سُن سُن عقل ٿيوي "متوالا".
بيدل (135-163)

مَتِواليان: (سرائڪي. مؤنث) متواليون، خماريل، مخمور.

بانڪي نين خماري، مست ڦرن نت خون ڪرنِ "متواليان".
(بيدل)

مَتِيان: (سرائڪي) مت جو جمع، متيون.

اڪيان لڳيان، "متيان" چڪيان، هُڻ مين بيوس ٿئيان.
بيدل (262-201)

مَٿرا: (هندي) مٿرا هندن جو مقدس ماڳ آهي، ان ڪي بندرا بن بہ چوندا آهن. اهو ماڳ شري ڪرشن جي پيدائش جو هنڌ چيو وڃي ٿو.

ڪاشي "مٿرا" ٻَپ پُڇاوي، آپ ڪري سَرِ ٽيڪ.
بيدل (165-172)

مِتاچاري: (صفت) متي ماتي، رشتيداري.

رانجهو نال پريت لڳايم، ڇوڙڪي "مِتاچاري".
بيدل (ابيات سرائڪي-20)

مَٽاوڻ: (سرائڪي) مٽائڻ، تبديل ڪرڻ.

شاهي طبل وڄاوڻ واري، وَلِ ولِ ويس "مٽاوڻ" ڪيا.
بيدل (306-121)

مَٽايو: (مصدر: مٽائڻ) بدلايو ڦيرايو.

ويڙهيچن ڏانهن وڃي ايڏانهن تو ڪيئن خيال "مٽايو".
بيدل (42-64)

مُٺِنِ: (صفت) موڙهلن، نياڳن، ندورن، ڦاٿلن.

ڪر نہ مون سان ملمع و صورت جا سينگار، مِٺا مٽا چا ڪجن "مُٺِنِ" سان منٺار.
بيڪس (17)

مِنِي: (مؤنث. صفت) پياري، دل واري.

ڪانگ لَنوي "مِنِي" لات، محب مسافر جاڻ ڪي ايندا.
بيدل (70-04)

مُنِي: (مؤنث) مُٺ.

وڇوڙي ۾ بچي هان نشاني پر "مُني".
(بيڪس)

مَجازُ: (عربي. مذڪر) حقيقت جو ضد. غير اصلي، نقلي، بناوٽي.

حقيقت "مجاز"، ايڪائيءَ ۾ ايڪ ٿيا.
بيدل (وحدت نامو_10)

شاھ منصور جيھي بي سروپا، صورت وچ "مجاز".
بيدل (274_112)

مَجازِي مام: عشق جي ڳجھ ڳالھ.

"مجازي" مام اوڪي ٿي، جسو جيءَ پنھنجو گھورين.
بيڪس (39)

مَجالَ: (مؤنث) وس، پھچ، قدرتي، جرائت، سگھ.

بيدل راھ رِندي وچ آوڻ، سڀ دي ناھِ "مجال".
بيدل (247_320)

مُجتَبيٰ: (عربي. صفت) چونڊيل، پھتل.

صدقو شاھ "مجتبيٰ" مختار جي.
بيڪس (مناجات. 2. ب. 5)

مَجذُوبُ: (عربي. صفت) الله جي محبت ۾ غرق، بي هوش ۽ مست.

اگرچہ مست "مجذوب" هو پاڻ، وحدت عشق جو منجهس هو وٿاڻ.
بيڪس (مدح بيدل فقير)

مون ڪي ڪر "مجذوب" يا مطرب القلوب.
بيڪس (مناجات. 2. ب. 15)

مُجُڪون: (برج ياشا) مون کي.

وحدت ڪا جام "مُجُڪون" ديدو تُم اپني ھاٿون.
بيدل (207_124)

مَجلِس: (عربي. مؤنث) بزم، سڀا، انجمن، منڊلي، ويھڻ جي جاءِ، ڪچھري، سات.

"مجلسِ" ڪونين ۾ جمشيد تون.
بيدل (مناقبو_ب:3)

مَجنُونُ: (عربي. مذڪر. صفت) عشقيہ داستان، ليليٰ مجنون جو عاشق. عاشق، شيدا، مفتون، ديوانو پاڳل، سودائي. عرب قبيلي "عامر"

مان هو. قيس نالو هئس. پيءُ جو نالو عبدالله هئس. مڪتب ۾ پڙهڻ دوران هڪ اميرزادريءَ ڇوڪري (ليليٰ) سان محبت ٿي ويس، نه رڳو محبت پر هن تي مفتون ٿي ويو. جنهن ڪري مجنون سڏجڻ ۾ آيو. جڏهن سندن محبت جو چرچو ٿيڻ لڳو ته ٻنهي جي ملاقات تي پابندي وڌي وئي. ليليٰ، مجنونءَ جي جُدائيءَ ۾ ڳري مري وئي. تڏهن مجنون سندس موت جي خبر ٻُڌي سندس قبر تي مجاور ٿي ويٺو.

بهاني بيک "مجنونءَ" جي نَڪِي، ليليٰ لڪايا سي.
بيدل (37_84)

مَڄُ: (مذڪر) پنيت، باهه جو پيڙ جيي.

بيدل عشق جي اوچتو منجهان "مَڄُ" مچون.
(بيدل)

مَچاويگا: (سرائڪي) مچائيندو، تپائيندو، پرڪائيندو.

جس ويلي عشق ڪِي آتش، ڦوڪ آڙاهه "مچاويگا".
بيدل (312_128)

مَحالُ/مُحالي: (مذڪر. صفت) مشڪل، ناممڪن، اَڻ ٿيڻو.

عشق امامان نون ڏنڙي ڏکالي آکڻ ڳالهه انهان دي "مُحالي".
بيدل (215_251)

هو وڃي پهتا حال کي، ماٺهن ليکي "مُحال".
بيدل (64_33)

مُحبُ: (مذڪر. صفت) محبوب، ڍولڻ، دلبر، حب وارو، پيارو، دوست، سنگتي.

جيڪي پِيئندا مَي منصوريِ، "محب" ٿيندا مستانا.
بيدل (28_05)

سچو صوفي صفا صادق ۽ شير، بلاشڪ "محب" ڪل هو بِلا وير.
بيڪس (مداح بيدل جي حضور)

محبت واري مام: محبت جي ڳجهي ڳالهه.

بيڪس، بيدل ڪان لڌي "محبت واري مام".
بيڪس (2)

مَحبُوبُ: (عربي. مذڪر) پرين، پيارو، دلبر، دوست، سنگتي.

وڃي مَحوتي "محبوب" ۾ جي تو طلب تڪرار ميان.
بيدل (26_05)

مَحبُوبان: (سرائڪي) محبوبن.

ڳلي "محبوبان" دي جاوي ڪوئي، بيدل بخت سوايا.
بيدل (310_105)

"محبوبان" دي نين شڪاري، جيوين بحري باز ڙي سنئيان.
بيدل (274_112)

مُحَرمُ: (عربي. مذڪر. صفت) آشنا، واقفڪار، روشناس، همراز، همدم.

رَبوبيءَ جي راز جو آهين تون "محرم".
بيدل (ابيات سنڌي_3)

مَحشَرُ: (عربي. مذڪر. واحد) اهو ميدان جتي قيامت قائم ٿيندي، قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ، روزِ قيامت.

تنهين جي عشق جي ڪنهن کي آهہ طاقت، مثال روز "محشر" آهي نهايت
بيڪس (مداح: 2)

مَحض: (عربي. صفت) سراسر، بلڪل، نسورو، رڳو، نلو، فقط

معنيٰ جي مهرياڻ ۾ ٿئين "محض" محو.
بيدل (وحدت نامو_126)

پسڻ ڏاران پِرينءَ جي حوران "محض" حجاب.
بيدل (54_06)

مُحَقِقُ: (عربي. صفت) ثابت ٿيل.

نہ چئو بيڪس زباني تون اناالحق، اهو تون درد دل ۾ رک "محقق".
بيڪس (مثنوي)

مُحڪَم: (عربي. مذڪر. مفعول) جٽادار، پائدار، قابو، سوگهو، مضبوط

عرفت ربي بِرَبي مستي تي "مُحڪم".
بيدل (وحدت نامو_28)

مَحمُودُ: (عربي. صفت) تعريف ڪيل، سارا هيل، محمود غزنوي مشهور بادشاهہ سلطان ناصر الدين ابن سبڪتگين جو نالو.

همه اوست واري حال ۾، "محمود" سو اياز هو.
بيڪس (بيدل جي حضور ۾)

محمد مهدي: (مذڪر. صفت) ٻارهون اِمام.

عشق اِمام "محمد مَهدِي"، دُوئي آتئي دَجالُ.
بيدل (33_32)

مَحُو: (عربي. صفت) گُم، غائب، لاپتا.

وڃي "مَحُو" تي مَحبوبَ ۾، جي تو طلب تڪرار جي.
بيدل (05_26)

مَحوِيَتَ: (عربي. ص. مؤنث) محو ٿيڻ جي حالت، گُم ٿيڻ جي حالت، سيٽجي وڃڻ جي حالت. اها حالت جنهن ۾ پنهنجي هئڻ يا هستيءَ جو خيال ميسارجي وڃي، لين ٿيڻ يا ملي وڃڻ جي حالت.

ڪن مطالع "مَحوِيَتَ" کي فِقه چِڏي فرزانا.
بيدل (28_05)

نَحوَ جو نيهي حرف نہ ڄاڻن، "محويت" جون موجان ماڻن.
بيدل (44_38)

"مَحوِيَت" ڏي مون پرين، بيدل کي مُنهن ڏيج.
بيدل (48_08)

مُحِيطُ: (عربي. صفت) وڪوڙيندڙ گهيريل، قبضو ڪندڙ.

دُور ڪر درجات، مڙيائي "مُحيطَ" ٿيو.
بيدل (وحدت نامو_13)

چِڏي ريت رسم، ماهر ٿيءُ "مُحِيطَ" ۾.
(فرائض صوفيہ_13)

محي الدين: (عربي. مذڪر. اسم خاص) دين کي زنده ڪندڙ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جو لقب.

آهي "محي الدين" سبحان بيشڪ.
بيڪس (مثنوي)

مَخمُورُ: (مذڪر. مفعول) مست، متوالو الوٹ.

بيدل عهد الست کؤن، محبت ڪيس "مخمور".
بيدل (66_15)

مَخمُورِي: (صفت) مدهوشي، مستي، نشو خمار.

عشق دي مَي دي وَه "مخموري"، رنگ بيرنگ رَلائي دا.
بيدل (155_103)

مَدُ: (مذڪر) شراب (اصطلاحاً) روحاني شراب.

اکيان تيڏيان ڪاريان ڪجليان، مَدُ" پريان مخمور.
(بيدل)

مُدامِي: (ظرف) هميشه جو سدائين، نت.

اُنَ جي فِڪرت ۾ مُدامِي"، رُوپڙو محبوب آهہ.
بيدل (43_73)

تون هرگز آسرو بيڪس نہ لاهج، "مُدامي"، ذور محبت جي تون ساهج.
بيڪس (مداح بيدل فقير)

مُدَعا: (مؤنث) مقصد، مُراد، آرزو، گهر، گهرج، غرض، تمنا، خواهش.

سِر وَڍائڻ ۾ ڏِني، بيدل سچي ساري "مُدَعا".
بيدل (18_02)

سر ڏيڻ، سوليءَ چڙهڻ، اِها آهي مشتاقن "مدعا".
بيڪس (4)

مَدهوشُ: (مذڪر. صفت) حيران، پريشان، بي سُڌ، بدمست، مخمور، مگن.

معنوي "مدهوش" لاهُوتُون لنگهي ويا.
بيدل (وحدت نامو_27)

مدهوشي: (مؤنث) بي هوشي، نشو خمار.

ڪڏان قلزم وانگر جوشي، ڪڏان وت بيخود وِچ "مدهوشي".
بيدل (137_107)

مَذڪُورُ: (صفت) ذڪر، ڳالهہ ٻولهہ، ڪٿا، آکاڻي، داستان.

مرڻ جو "مَذڪُور"، ڪڏهين ڪنين نہ سُڻين.
بيدل (وحدت نامو_74)

مُرادون: (مؤنث) مراد جو جمع، مطلب، سُڪائون، باسون.

بي مرادن جون "مرادان"، تون پچائين بي حساب.
بيڪس (مناجات. 1، ب، 10)

مُرتَضيٰ: (عربي. مذڪر. صفت) چونڊيل، پسند پيل، قبول. (اسم خاص) حضرت علي رضي الله عنه.

"مرتضيٰ" جو قرت العينين تون.
بيدل (مناقبو)

مَردانو: (فارسي. مذڪر) مرد جو مرد وارو همٿ پريو مضبوط سگهارو.

باوَرُ ڪر تون تي "مردانو"، وحدت جو ڪر يار واپار.
بيدل (34_22)

مرداني: (سرائڪي) مڙس ماڻهو جوڌا، جوان.

منصور جيهي ڪئي "مرداني" سوليءَ تي هسوار.
بيڪس

مَـرُدود: (عربي. مذڪر. صفت) ردي، لوڏيل، خارج، نامنظور.

پِيريءَ جي پَري ڪيا، مُرشديءَ "مردودُ".
بيدل (ابيات سنڌي_11)

مُرسَل: (عربي. مذڪر. صفت) ارسال ڪيل، موڪليل، رسول، پيغمبر.

مَنْ رَآنِي فَقَدْ رائي الحق، موج ۾ "مُرسل" چيو.
بيدل (19_81)

مُرسَل جام: رسول الله صلي الله عليه وسلم.

توتي هردم آهي هادي، مهر "مرسل جام" جي.
بيڪس (مناجات. 1، ب، 6)

مُرغُ: (فارسي. مذڪر) ڪڪڙ، پکي.

قاهي زلف جي خال جو داڻو "مرغ" دلين جو ڏارين جاني.
بيڪس (68)

مَرقَدُ: (عربي. مذڪر) قبر، تُربت، مزار.

آهي "مرقد" سندن روشن بہ سيوهڻ.
بيڪس (مثنوي)

مَرڪُ: (ظرف) واجب، مناسب، نهندڙ سهائيندڙ شايان، مُنهن تي پوندڙ.

موحدن "مَرڪُ"، آهي رَهَتِ راهہ جي.
بيدل (وحدت نامو_58)

مسڪيني "مَرڪُ"، آ اصل آديسن جو.
بيدل (ابيات سنڌي_1)

مُرڪِيون: ڪلي، مُشڪي.

"مرڪيون" مقالات، پُورا ڪن پُورب جي.
بيدل (وحدت نامو_102)

مَرگُ دُشمَنُ: (فارسي. مذڪر) دشمن دفع ٿئي.

"مرگ دشمن" هڪ سندم اول سوال.
بيدل (مناقبو_ بند:10)

مَرٽا: (پراڪرت) (مصدر: مرڻ) مرڻ ڪان، موت ڪان، وفات ڪان.

"مرٽا" اڳي مَرُ، تہ مانجهي مسلمان ٿئين.
بيدل (فرائض صوفيہ_2)

مَرٽئُون: (صفت) مرڻ ڪان.

لهين قرب قبولُ، "مَرٽئُون" اڳي جي مرين.
بيدل (وحدت نامو_70)

مِرُون: (سنسڪرت. مذڪر) سُوئر.

خارجي خارج ٿيا، جي "مرون" ڪائي هتا.
بيڪس (4)

مَروندي: (فارسي. اسم خاص، صفت) قديمي شهر آهي، قلندر شهباز جي نسبت سان مشهور آهي. تنهن ڪري قلندر شهباز مروندي چوندا آهن. مروند کي ميمند، ملوند، ميوند بہ چيو وڃي ٿو. مروند جي شهر بابت بہ روايتون ملن ٿيون. معجم البلدان مطابق مروند آذربائيجان جو مشهور شهر آهي ۽ تبريز کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي ۽ هن شهر کي ڪُردن تباهہ ڪيو. اهو زمانو 605هہ کان 607هہ جو چيو وڃي ٿو.

(ياقوت حموي_ معجم البلدان، جلد 1، ص.218)

ٻي روايت مطابق، مروند شهر هرات کان اُتر ۾ روس ۽

افغانستان جي دنگ تي ڪشڪ نالي شهر کان 160 ميل اُتر ۾ خشڪ جابلو بيابان جي وچ ۾ شهر هو. پهرين روايت وڌيڪ مستند معلوم ٿئي ٿي. بيدل ۽ بيڪس، قلندر شهباز جو هن طرح ذڪر آندو آهي.

مير "مروندي"، رَسي ڪر رهبري
بيدل (مناقبو)

قلندر لال "مروندي"، ڪري ٿي عرض هي بندي
بيڪس (16)

مَري مَري: (پراڪرت) (مصدر: مرڻا) فوت ٿئي، وفات ڪري.

پاڻ ڪؤن ظاهر پاڻ ۾، باطن ڪيرُ جمي ڪير "مَري مري".
بيدل (30_77)

مَرِويسان: (سرائڪي) مري ويندس.

آءُ وَسُ ني ڙي يار، دلبر نہ تہ مين "مَرويسان".
بيدل (116_142)

مُرِيدَنِ: (عربي. مذڪر) (مريد جو جمع) پوئلڳ، عقيدتمند، پيروي ڪندڙ.

"مريدن" تي ميران رکو رحم رايو.
بيدل (80_63)

مَريم: (عربي. مؤنث. صفت) بي بي مريم. حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي امڙ.

وه هي روح الله "مريم" هي، وه هي روح الامين.
بيدل (مخمس_ب:2)

مَريندا: (سرائڪي) ماري ٿو، هٽي ٿو.

بيدل عشق عيان دَمُ منصُوري "مَريندا".
بيدل (211_122)

مُڙندي: (سرائڪي) مُڙن ٿا، بازاچن ٿا، موٽ کائين ٿا.

وهہ ٿور عجيب جيهي ٿُرندي، ٿُرندي سي مول نہ "مُڙندي".
بيدل (142_321)

مِڙيائي: سب، سيئي، سيوئي، ڪُل.

دُور ڪر درجاتِ، "مڙيائي" مُحيط ٿيو.
بيدل (وحدت نامو-13)

ڪاڏي ڪرن ڪاھ، جو "مڙيوئي" مشاهدو.
بيدل (وحدت نامو-22)

مَزِگان: (مؤنث. مزه جو جمع) اک جا ڇپر، پنبڻيون.

چَنبي "مزگان" دي نالِ شڪار گهتن توڙن دهشت نال دواليان جي.
بيدل (243-109)

مَساڪين: (مذڪر) مسڪين جو جمع، غريبن، نادارن، بي وَسن، ويچارن.

هو ويچارن واهرو، "مساڪين" ماڻ.
بيدل (وحدت نامو-87)

تون "مساڪينن" ۾ هيٺن جو صحيح همراهہ بحق.
بيڪس (مناجات. 1. ب. ؟)

مَستانا: (مذڪر) مستاني جو جمع، مست، چريا، متوالا، الله لوڪ، درويش.

جيڪي پيئندا مي منصُوري، محبت ٽيندا "مستانا".
بيدل (28-05)

خاصن جي خشبوءِ، مون مَنُ "مستانو" ڪيو.
بيدل (وحدت نامو-42)

مَستانِي: (مؤنث) چري، پاڳل، متوالي، ديواني.

ميهر ڪارڻ سُهڻي "مستاني"، سُرڪي پيتائين صحيون سُجاڻي
بيدل (75-79)

مَستِي: (مؤنث) چريائي، ديوانگي، متوالائي، مغروري، لاڏ، ماڻهو ناز.

عرفت ربي بِرَ بي، "مستي" ٿي محڪم.
بيدل (وحدت نامو-28)

مَسجُود: (مذڪر) جنهن کي سجدو ڪيو وڃي.

ساجِدُ ۾ "سجُودُ"، محو ٿيو مسجودَ ۾.
بيدل (فرائض صوفيہ-15)

سر معنوي پنهنجو سَمجُهہ ملڪن سندو "مسجود" تون.
بيدل (17-59)

تون مَلڪن سندو آهين "مسجود" مولا.
بيڪس (37)

مِسڪِيني: (عربي. صفت) غربت، محتاجي، ڪنگالپڻو.

"مسڪيني" مَرڪ آ، اَصل آديسين جو.
بيدل (ابيات سنڌي_1)

مَسنَد سبطين: (عربي) امام حسنؑ ۽ امام حسينؑ جو گادي نشين.

جانشين "مسند سبطين" تون.
بيدل (مناقبو)

مُشتاقان: (سرائڪي) مشتاقن، چاهيندڙن، آرزومندن، خواهشمندن، سڪايلن، عاشقن.

"مشتاقان" دي مارڻ ڪيتي، خوني چشمان چاوندا.
بيدل (268_95)

مُشتَاقِن: (عربي. مذڪر. صفت) شائقن، چاهيندڙن، سڪايلن.

تال طنبور سُرندا طبلا، "مشتاقن" ڏني مت اهائي.
بيدل (31_288)

مُشرب: (مذڪر) دين، مذهب، طريقو، ڍنگ.

تنهنجو "مُشرب" آهہ غفارِ الذنوب.
بيڪس (مناجات. 2)

مشق: (مؤنث) جلدي ڪم ڪرڻ، هَر هَر ڪرڻ، مهارت.

عشق دي مڪتب جوئي ويندا، مدهوشي دي "مشق" ڪريندا.
بيدل (294_273)

مُشڪِلُ ڪُشا: (صفت) مشڪل حل ڪندڙ.

محبت سان ڪيوَ مائل، تون آن "مشڪل ڪشا".
بيڪس (16)

مَشهُودُ: (عربي. صفت) لقاءُ، ڏيکاءُ، نظارو ديدار.

حَق جا بَجا "مَشهُود" آهِہ، جو عَبدُ سو معبود آهِہ.
بيدل (74_75)

مِصر: (عربي. مذڪر) مشرق وسطيٰ جي عرب ملڪن مان سيني ڪان

وڏو ملڪ آهي. پهرين 2650 ق.م کان 525 جي وچ ڌاري فارس جي قبضي ۾ هو. پوءِ يوناني ۽ رومين جي حڪومت رهي. 640ھ ۾ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي جرنيل عمرو بن العاص ان کي فتح ڪيو. 1517ع ۾ ترڪن ان کي فتح ڪيو. سچل سرمست جي زماني ۾ نيپوليئن ان تي حملو ڪيو. بيدل ۽ بيڪس جي زماني ۾ وري برطانيا ان تي حملو ڪيو. عربن جي دؤر ۾ واپار جومرڪز هو. ايتري تائين جو ماڻهن جو واپار بہ هلندو هو. ماڻهن جي وڪڻڻ جي منڊي بہ هوندي هئي. حضرت يوسف عليہ السلام بہ هت وِڪاڻو هو.

وحدت دي ڪنعان دا يوسف، "مصر" وڃ وچائي هون.
بيدل (304_203)

مَصطَفيٰ: (عربي. صفت) حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جو صفاتي نالو.

خاندان "مصطفيٰ" جون گرامي آن گوهر.
بيڪس (مناجات. 1، ب. 2)

مُضافُ: (عربي. مذڪر. صفت) مليل، ڳنڍيل، ٻئي سان تعلق رکندڙ اسم.

تو توا سڻ تون شرع "مضاف".
بيڪس (مثنوي)

مُطالَعُ: (عربي. مذڪر) درسُ، ڌيان، غور ويچار سُڌ، خبر.

ڪن "مطالِع" مَحوِيت ڪي، فِقِهَ چڏي فرزانا.
بيدل (28_05)

مُطربُ قلوب: (عربي. مذڪر. صفت) دلين کي خوشي ڏيندڙ.

مون کي ڪر مجذوب يا "مُطرب قلوب".
بيڪس (مناجات. 2، ب. 15)

مَطلُوبُ: (عربي. صفت) گهربل، سڌيل، دلپسند، محبوب.

ڳولا ڪرين جنهن جي، ساڳيو تون "مطلوب".
بيدل (وحدت نامو_125)

مَظَهَرُ: (عربي. مذڪر. صفت) ظاهر ٿيڻ، پڌرو اها جاءِ جتي ڪجھ ظاهر ٿئي، تماشگاھ (هيءَ دنيا).

"مَظَهَر" مولا پاڪ جي هندو مسلمان.
بيدل (وحدت نامو_17)

هن "مَظَهَرَ" ۾ ڪاڻ ٻهاني، بيدل نانءُ سڏايان.
بيدل_38_49)

مُعاني: (عربي. مذڪر) معنيٰ جو جمع، مقصد، مطلب، مراد، هڪ علم جو نالو
جنهن ۾ لفظن جي استعمال جي دُرست هئڻ ۽ معنيٰ جو صحيح هئڻ معلوم ڪيو ويندو آهي.

اُچلي وِجهين آڳ ۾ منطق "معاني".
بيدل (وحدت نامو_128)

مَعبُودُ: (عربي. مذڪر. صفت) عبادت ڪيل، پوڄيل، الله تعاليٰ.

گنوائي گمان، عبد ڇڏي "معبود" ٿيا.
بيدل (نوان بيت_1)

تون "معبود" مقصود موجود هر جاءِ.
بيڪس (37)

مَعبُودي: (صفت) عبادت لائقي

"معبودي" جي مام، نفيءَ سان نروار ٿئي.
بيدل (فرائض صوفيہ_16)

مَعدُومِي: (صفت) فنا ڪيل، نابودي، نيستي.

"معدوميءَ" دي ميخانہ ٿُون، پُرُ پيءُ جام شهود.
بيدل (؟_141)

مِعراجُ: (عربي. مذڪر) عروج (ونڻ_ ملڻ).

ماٽي تون "معراج" جي، ٻاڻ پروڙين پانهنجو.
بيدل (فرائض صوفيہ_19)

مَعقُولات: معقول جو جمع، عقل جو عقل وارو عقلي.

ڪيا جو ڪنز هدايہ پڙهندي، "معقولات" مطالع ڪرندي
بيدل (162_293)

مَعنِوي: (عربي. صفت) معنيٰ بابت، ذاتي، اصلي، يقيني.

"مَعنوِي" مدهوش، لاهُوتُون لنگهي ويا.
بيدل (وحدت نامو_27)

مُغانہ: (صفت) مجوسي، باهہ جو پوڄاري، گبر، آتش پرست.

ڪٿ مومن، ڪٿ "مغانہ"، ڪٿ فقه پڙهي فرزانا.
بيدل (140_187)

مَقال: (مؤنث) گفتگو، ڳالهہ ٻولهہ.

آڏوتِي اثبات جي، مُرڪيو ڪَنِ "مقال".
بيدل (64_33)

مَقالاتِ: مقالي جو جمع، اقوال، مقولا، باب، فصل.

مرڪيون "مقالات"، پُورا ڪن پورب جي.
بيدل (وحدت نامو_102)

مَقتُول: (عربي. صفت) منظور، پسند، مجازاً عاشق.

ڪريو "مقتول" خنجر عشق جي سان،
ڪريو مقبول پانهي عشق سچي سان.
بيڪس (مدح شاهہ عنايت الله شهيد)

مُقَدَس: (عربي. مذڪر) پاڪ، سڳورو پلو.

تون تہ اُهو ساڳي آهين پُلُ نہ بي ڪنهن پولِ.
بيدل (24_31)

مَقصُود: (عربي. مذڪر) مراد، مطلب، عرض، نيت، مقصد.

مڙيوئي محبوب آ، مشتاقن "مقصود".
بيدل (وحدت نامو_55)

تون معبود، "مقصود" موجود تون.
بيڪس (37)

ڪاڏي ڪرين تو تون، قصد دارين جو "مقصود" تون.
بيدل (17_59)

مُڪا: (مصدر: موڪلڻ) موڪليا، روانا ڪيا.

اهڙآ اڪابر ماندن لئہ موليٰ "مُڪا".
بيدل (وحدت نامو_89)

مَڪي: (عربي. صفت) عربستان جو هڪ مشهور ۽ مقدس شهر، جتي مسلمانن جو ڪعبو قبلو آهي.

حاجي بن ڪي "مَڪي" ويندا، آپ ڳهي لبيڪ.
بيدل (165_172)

مِڪُ: (مذڪر) مغز.

معنيٰ واري "مِڪُ"، حرفن مون هٿ آڻ تون.
بيدل (فرائض صوفيہ_1)

مُڪُ: (سنسڪرت. مذڪر) مُنهن، پيشاني، چهرو شڪل.

رين سُورج سان خوب رلايس، "مُڪُ" پر ڌاري ڪيس.
بيدل (76_28)

بيڪُ بيراڳي "مُڪُ" وچ مُرلي، درد ڪنهن ڏمڪايا.
بيدل (256_96)

مَلُ: (سنسڪرت. مذڪر) ملھ، بهادر، سورهيہ، جوڌو.

لا جو ڪينهون هٿ ڪري، اُتي مانجهي "مَلُ".
بيدل (فرائض صوفيہ_14)

مِلُ: (مصدر: ملڻ مان امر جو صيغو) گڏج، روبرو ٿي، ملاقات ڪر.

"مِلُ" تہ مانڊائي لَهي، نرمل ٿيو نروار.
بيدل (55_72)

مَلامَتَ: (مؤنث) ڇِٽ ڦٽ، تنبيھہ.

مِهڻا "ملامت" جڳ سندا، سي سڀ مونکي منظور ڙي
بيڪس (62)

مُلان: (مذڪر) مذهبي عالم، گهڻو پڙهيل.

"مُلان" ۽ ملنگ، حقيقت ۾ هڪ ٿيا.
بيدل (وحدت نامو_15)

مَلڪُ: (عربي. مذڪر) ملائڪ، فرشتو.

"مَلڪُ" نہ ڪو مَلڪوتُ، هو هوڪو حقيقت جو.
بيدل (متفرقہ ابيات_4)

مَلڪن: ملڪ جو جمع، ملائڪ.

سِرُ معنوي پنهنجو سمجهہ "مَلڪن" سندو مسجود تون.
بيدل (17_59)

مَلڪُوتُ: (عربي. مذڪر) تصوف جي واٽ جي ٻي منزل، جيڪا جبروت کان پوءِ اچي ٿي، فرشتن جو جهان، عالمِ ارواح، حڪمراني.

چڏ سَدَّ بِهِشتي باغ جي، "مَلڪُوت" ۾ مَشهُود ٿُون.
بيدل (17_59)

رندي رمز تنهنجي مٿي عرش ظاهر،
تنهنجو نُور نروار "ملڪوت" ماهر.
بيڪس (37)

مَلَنگُ: (فارسي. مذڪر. صفت) مست، صوفي فقير، الهہ لوڪ.

ملان ۽ "مَلَنگُ" حقيقت ۾ هڪ ٿيا.
بيدل (وحدت نامو_15)

ملواٽي: (سرائڪي) ملان جو.

نفل نمازين وِردَ وظائف، عشق بِنا "مُلواٽي".
بيدل (260_108)

مَلِيرَئون: (اسم خاص) ملير مان، ملير کان، ملير منجهان.

"مليرئون" مون ڏي، مُڪا سرتين سنيها.
بيدل (متفرق ابيات_3)

مَماتِي: (مؤنث) موت، مرڻو.

ناحياتي نا "مماتي"، درد فرقت ۾ ڳري
بيڪس (61)

مَمتازُ: (عربي. مذڪر. صفت) معزز، چونڊيل، قدر وارو اُتم.

حلاج جي حالت ۾ هرده، من حدا "ممتاز" هو.
بيڪس (47)

مَنجُهہ: (مذڪر) ڳُجهہ، رازُ انت، ڀيد.

اَحِديت وِچ آپ وچاوين، "مَنجُهہ" دا راز منجهيئي پاوين.
بيدل (232_140)

مَن اَحَبّ شَيئًا اَڪثَر ذِڪرَہَ: (حديث پاڪ) جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ سان محبت ڪندو آهي، تہ هر هر ان کي ياد ڪندو آهي.

"مَن اَحَبّ شَيئًا اَڪثَر ذِڪرَہَ"، عشق اهو اُهياڻ.
بيدل (وحدت نامو-37)

مَن اَرَادَ اَن يَجلس مَعَ الله فَليَجلس مَعَ اَهل التصوف: جيڪو چاهي ٿو تہ الله سان ويجهڙو ٿئي تہ پوءِ صوفين سان ويهي.

"مَن اَرَادَ اَن يَجلس مَعَ الله فَليَجلس مَعَ اَهل التصوف"، پُڇ ان جي جهوڪ
بيدل (وحدت نامو-38)

مَن خُدا: (فارسي) خواجہ فريد الدين عطار (1119ع کان 1229ع) جو هڪ قول، پورو قول هن طرح آهي: "مَن خدايم من خدايم، من خدايم- فارغم از کينئه کبسر و هوا."

"مَن خُدا" چيو موج، انهيءَ ۾ عاشق بي اختيار.
بيدل (78-24)

"مَن خدا" جو شيخ عطار تي هاءِ ڪيو هوڪارو.
بيدل (15-65)

عطار شيخ بہ چيو هو "مَن خدايم".
بيڪس (مثنوي)

مَنْ رانِي فَقَد رايِءِ اَلحقُ: (صوفين وٽ مشهور ۽ مقبول حديث پاڪ) جنهن مونکي ڏٺو تنهن حق (الله) کي ڏٺو.

"مَنْ رانِي فَقَد رايِءِ اَلحقُ"، ويک جمال دا جوڙ.
بيدل (153-162)

"مَنْ رانِي فَقَد رايِءِ اَلحقُ"، موج ۾ مرسل چيو.
بيدل (19-81)

"مَنْ رانِي فَقَد رايِءِ اَلحقُ"، ساڳيو ئي سُبحانُ.
بيدل (وحدت نامو-26)

"مَنْ رانِي فَقَد رايِءِ اَلحقُ"، عاشق سڻ الهامان.
بيدل (سہ حرفي-1:2-س)

مَنْ عَرفَ: صوفين وٽ مشهور حديث پاڪ جو جزو. مڪمل حديث هن طرح آهي: مَنْ عَرَفَ نَفْسَهُ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ: جنهن پنهنجو پاڻ سُڃاتو، تنهن پنهنجي خدا کي سُڃاتو.

"مَن عَرف" جي مامَ جي بخشي عُشاقن آگاهه.
بيدل (58_74)

"مَن عَرف" مولئ فرمايا، بيدل بيائي ہوڙ.
بيدل (153_162)

"مَن عَرف" مولا فرمايا، جي تو ويسه آڻين.
بيدل (سه حرفي_1:_2: ص)

"مَنْ عَرَفَ نَفْسَهُ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّه" پنهنجو سر سُڃاڻ.
بيدل (ابيات سنڌي: 5_10)

مِنْ عُرُوجِ الرُّوحِ يَهتَز الفَلڪُ: (صوفين جو قول) روح جي عروجن مان هڪ هي آهي تہ اهو آسمانن جو سير ڪندو آهي.

"مِنْ عُرُوج الرُوح يَهتَز الفَلڪُ"، سناسِيُن ثناءُ.
بيدل (وحدت نامو: 96_90)

مَنَازِل: (عربي) منزل جو جمع، منزلون، درجا، ٺڪاڻا.

"منازل" ڪؤن موٽ، آديسين کي عام تي.
بيدل (نوان بيت_2)

مُناظَرو: (مذڪر) بحث، تڪرار.

مَنَ سان "مناظرو" ڪر، ڇڏ مقتضي ۾ نافي.
بيدل (؟_85)

منائين: (مصدر: منائڻ) مڃائين، قبول ڪرائين.

ڪاتي ساڻ زُعي تي ظاهر، ماريءَ ملڪ "منائين".
بيدل (01_42)

مَنتار: (صفت) دلبر، محبوب، پرين.

اڳڻ اسان جي پير گُهمايا، مِهرَ منجهئون "منتار".
بيدل (77_21)

منجُهه: (مذڪر) رازُ ڳُجهه، انت.

'لا' ۾ "منجُهہ" لڌو آديسين اِثبات جو.
بيدل (وحدت نامو: 66)

منجهارون: (حرف جر) منجهان، مان.

سدا ڪن سُبحان جو ذڪر "منجهارون" ذوق.
بيدل (وحدت نامو: 39_38)

مَنجهُون: (حرف جر) منجهان، منجهاران، مان، اندران.

ڪين چاڻن يار عام عشق جي مامَ "منجهون" مولوانا.
بيدل (28_05)

مَنجهيئي: (حرف جر) منجهان.

احديت وِچ آپ وچاوين، مَنجُهہ دا راز "منجهيئي" پاوين.
بيدل (232_140)

مندايون: منداڻي جو جمع، بُرايون.

مولا ميتي "مندايون"، ڪر معاف جهڪا جهولا.
بيڪس (01)

مَنْصِبُ: (عربي. مذڪر) رتبو عهدو درجو مقام منزل.

مُقبلن "مَنصبُ" لڌو قربئون ڪُلي.
بيدل (مرثيو_ب:5)

تنهنجو "مَنصبُ" آهہ ستار الغيوب.
بيڪس (مناجات. 2، ب. 15)

مَنْصَبُ دار: (صفت) عهدو رکندڙ عهديدار، رتبيدار، عامل.

هَتون حَبِيبَنِ جي مَرن مانجهي "منصبدار".
بيدل (13_19)

جاني جلويدار ماهي "منصبدار" آيا سجڻ آيا.
بيڪس (8)

مَنصُورُ: (عربي. مذڪر. صفت) حسين بن منصور ڏانهن اِشارو.

مردن ۾ "منصُورُ"، ڪو ڪو ليپي ڪاٽيهن.
بيدل (وحدت نامو_7)

نہ ڪيئن "منصورُ" برسردار آهي.
بيڪس (حال نامو)

مَنصُورِي: (صفت) منصور وارو، منصور جو.

وحدت ۾ جِندُ جان وڃائي، بيدل هَڻ "منصُوري" دم.
بيدل (27_34)

مَنطِق: (عربي. مذڪر. صفت) اهو علم جيڪو قطعي دليلن سان حق ۽ ناحق کي باطل ثابت ڪري، خوش ڪلامي، دليلن وارو علم.

اُچلي وِجهين آڳ ۾، "منطق" معاني.
بيدل (وحدت نامو_128)

منظُور نظر: (عربي. صفت) دلپسند، پيارو، خوبصورت، محبوب.

منهنجو "منظورِ نظر" سان ڪر وصل، دور ڪر دشمن جو اصلون تڙيل.
بيڪس (مناجات. 2، ب، 17)

مَنفَعُتَ: (عربي. مؤنث) نفعو فائدو.

نفيءَ ڏاران ناهہ ڪا، مورئون "مَنفَعُتَ".
بيدل (وحدت نامو_67)

مَنفِي: (عربي. مؤنث) نفي ڪيل، انڪار ڪيل، روڪيل.

مَنَ سان مناظِرو ڪر، ڇڏ "مقتضي" ۽ نافِي.
بيدل (82_85)

مُنڪِرُ: (عربي. مذڪر) انڪار ڪندڙ ڪافر، مُشرڪ.

عِشقِ بازَنِ جا مَنصب عالي، "مُنڪر" جو مُنهن ڪارو.
بيدل (15_65)

مَنگ: (سر) گهرُ.

هر مظهر ۾ يار ڪَنُون، "منگ" فيض عشق عرفان دا.
بيدل (156_135)

مَنگدي: (سرائڪي) گهرن تا.

بيدل ماسُ دلين دي "منگدِي"، ڪون اُنهان نون پالي.
بيدل (ابيات سرائڪي_4)

مُنهن: (سنسڪرت. مذڪر) مورت، روپ، صورت، چهرو.

مُوسيٰ فرعون "مُنهن مُورت"، عجب چالا چلايا سي.
بيدل (37_84)

مُٽِيو: (صفت) مٿريو قِريو.

بيدل ويچارو چڙهي، "مُٽيو" پُورَب پارُ.
بيدل (55_72)

مُو بَہ مُو: بلڪل، ذري ذري، وار وار، هوبهو.

جو محب پاڻون چُڻو سو "مُو بَہ مو" محبوب آهہ.
بيدل (43_73)

مَواسُ: (مذڪر. صفت) مست، بي پرواهہ، مَگُ، چنچل.

مَي وَحدَت دي پِي نِتُ بيدل، رهڻا مَست "مَواسُ".
بيدل (166_88)

مُوتُوا قَبل الموت: مرڻ کان اڳي مرو (پنهنجي نفس کي ماريو).

"مُوتُوا قَبل الموت" مين تيڏا، بيدل هي بهبود.
بيدل (؟_141)

"مُوتُوا قَبل الموت"، سٽي جو محبت وِچ مَر پوي
بيدل (سہ حرفي_1:هہ)

مونَجُ: (مصدر: مونڃڻ) تون مونڃي اچ.

ويندس نا تَہ مري، "مونج" دوست مُئي جا.
بيدل (51_86)

مَوج: (عربي. مؤنث) جوش، جذبو، خوشي، لهر، ترنگ، اُيار، اُمنگ، بهاري

برهہ آواز ڪري بي رنگي، مستي والي "موج" مچائي.
بيدل (31_288)

مَن رانِي فَقَد رائي الحَق، "موج" ۾ مُرسل چيو.
بيدل (19_81)

چيو هئين "موج" ۾، آ غوث اعظم.
بيڪس (مثنوي)

موجان: (موج جو جمع_ سَريلي لهجي مطابق) موجون، بهاريون.

موجود "موجان" تو ڏنيون، ڪِينَ مان چيئہ گهمسان ڪر.
بيدل (85_14)

موج مستي: خوشي، خوشيءَ جي لهر.

”موج مستيءَ“ ۾ سدا نيو سالڪن کي سڪ سبيل.
(بيڪس)

موج منصوري: (اصطلاح) منصور واري موج جنهن ۾ پاڻ کي خود خدا ٿي سمجهيائين ۽ سڏيائين.

”موج منصوري“ جوش جڳايو وهم دئيءَ جو ويو ڙي جيڏيون.
بيدل

مَوجُودُ: (عربي. صفت) حاضر. برقرار. سامهون. روبرو.

حَقَ ريءَ نَہ ڪِي ”موجُودُ“ آهہ بيدل! تون بااعتبار ٿيءُ.
بيدل (74-75)

موچارو: (مذڪر. صفت) سهڻو حسين. سُندر. لائق. ڀلو.

عبديت جي اولي ٻولي، لا ميم محب ”موچارو“.
بيدل (52-36)

مُوَحَدُ: (عربي. مذڪر. صفت) پڪو مسلمان. خدا کي هڪ ڪري ڄاڻندڙ توحيد پرست.

مَي منصوري پِيو ”مُوَحِد“. گيتِ آنا دا ڳاوَن.
بيدل (ابيات سرائڪي-16)

مُوذِي: (عربي. مذڪر. صفت) لُچ. ڪنجوس. ايذائيندڙ.

ساري عالم کي پُجاڻي تو روزي،
توڙي خاصو هجي، توڙي ڪو ”موذي“.
بيڪس (مدح بيدل فقير)

مُورَتَ: (سنسڪرت. مؤنث) شڪل. صورت. روپ.

مُوسيٰ فرعون مُنهن ”مُورت“. عجب چالا چلايا سي.
بيدل (37-84)

مُورکُ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) بي عقل. بي سمجهہ. نادان. بيوقوف.

سالڪ رمز سُرود جي سمجهن. ”مورک“ مول نہ مڃن ڪڏاهان.
بيدل (32-52)

مَورون: (ظرف) موران، موراهين، هرگز هر حالت ۾.

غزنيءَ جا پنڌ چو ٿو پُڇين، "مورون" ملڪ محمود تون.
بيدل (17_59)

مُوسيٰ: (عربي. مذڪر. اسم خاص) (حضرت موسيٰعليه السلام) 1571_1451 ق.م بني اسرائيل جو سڀ کان وڏو صاحب شريعت پيغمبر هو. الله تعاليٰ مٿس "توريت" نالي ڪتاب نازل ڪيو. هن سلسلي ۾ وڏو ماخذ قرآن پاڪ آهي. قرآن پاڪ جي سورة الاعراف، سورة هود ۽ سورة طٰهٰ ۾ تفصيل سان بيان آهي.
حضرت موسيٰعليه السلام فرعون جي محل ۾ پرورش ورتي. هڪ مصري مارڻ کان پوءِ مديني هليو آيو. اتي حضرت شعيبعليه السلام جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائين. طورسينا جبل تي کيس نبوت ملي. مٿس توريت نازل ٿيو توريت کي ٻه ڀيرا ضايع ڪيو ويو ۽ پوءِ وري مرتب ڪيو ويو ۽ منجهس تبديليون آنديون ويون.

تيڏي ڪيتي ڪڙا پڪاري، "مُوسيٰ" برسر طور.
بيدل (178_149)

حقيقت ۾ هڪ ٿيو "مُوسيٰ" ۽ فرعون.
بيدل (وحدت نامو_16)

"مُوسيٰ"، فرعون مُنهن مُورت، عجب چالا چلايا سي.
بيدل (37_84)

تون حسيني شاهه آن شهباز لال،
طُور تي تنهنجو ڏٺو "مُوسيٰ" جلال.
بيڪس (مناجات، 2، ب، 12)

مُول: (سرائڪي. مذڪر) مور، هرگز.

وحدت دي وچ "مُول" نہ ڄاڻين، فرق ڪفر ايمان دا.
بيدل (190_91)

مُنهن نہ ڏسان ها "مُول" ٿي تنهنجو پر ڄاڻ‍ڙاهو نہ ڄاتو مون.
بيڪس (40)

نُوري نُور نِسهرو، "مُول" نہ مُهاٽي.
بيدل (متفرقہ ابيات ـ2)

مُومَلَ: (مؤنث. صفت) گجرات جي راجا نند جي ڌيءُ هئي. سُومل سندس وڏي ڀيڻ هئي. جيسلمير واري ايراضي ۾ سندس رهائش هئي. مومل جي پيءُ، مومل کان شادي ڪرڻ بابت معلوم ڪيو. تنهن تي مومل، سومل سان صلاح ڪري وراڻيو تہ، "شادي ڪنديس پر انهيءَ لاءِ ڪاڪ ڪنڌيءَ تي، لڏاڻي وٽ هڪ مٿانهين هنڌ محل جوڙايو وڃي، جنهن ۾ پيچيدگيون ۽ اَٽڪلون هجن، جيڪو جوان پنهنجي ڏاهپ سان اهي پيچيدگيون ۽ اٽڪلون پار ڪري ايندو شادي ان سان ڪنديس. اهڙيءَ طرح لڏاڻي جي ماڳ لڳ ڪاڪ نديءَ جي ڪنڌيءَ تي طلسمي محل اَڏايو ويو، مُلڪن جا شهزادا اَچڻ ۽ مومل ماڻڻ جا جَتن ڪرڻ لڳا. پر اهي پيچيدگيون ۽ اَٽڪلون پار ڪري نہ ٿي سگهيا ۽ مومل جي وصال جي سَڌَ ڪٽي، فقير بڻجي وتيا ٿي جهرجهنگ گُهمندا. نيٺ ڏٺَ جي راجا راڻي سوڍي اُهي اٽَڪلون پار ڪيون ۽ مومل ماڻي.

"مومل" واري ويس وَرن ۾، گهوٽَ هزارين گهائيان.
بيدل (38ـ49)

توريءَ ڪنهن سان ڪندي جاني، مُني "مومل" ماڻان.

مُونجهارو: (مذڪر) ذرولو گڙٻڙ.

مذهب جو "مُونجهارو" ڇڏي، ذاتي ڪُنهہ ڏي ڪاهہ ڪر.
بيدل (16ـ17)

مؤمن: (عربي. مذڪر. صفت) سچو مسلمان، ايمان وارو.

ڪاٿي هِندو ڪاٿي "مؤمن" اهو رکيائين رايو.
بيدل (56ـ68)

موهہ: (سنسڪرت. مذڪر) لالچ، لوڀ.

ڪام ڪروڌ ۽ "موهہ" وڃايو آديسي آهنڪار.
بيدل (40ـ147)

موهہ نيتي: (سرائڪي) لٽي ورتي.

مَن نال ڪرشمي ”موهہ نيتيءِ“ تيڏي چشم ڊِي چوڪان چاليان جي.
بيدل (243_109)

مُوهَنُ: (هہ ذ_ صفت) شري ڪرشن جو لقب.

”مُوهَن“ پيارا ڪَرِ آيا، بسنتي ويس سهڻي سروپ تون صدقي مين جاوان.
بيدل (91_169))

مويا: (سرائڪي) مُئو.

مين هُون ظاهر، مين هون باطن، ڪُون ”مويا“ ڪونُ چايا.
بيدل (ابيات سرائڪي_15)

مويان: (سرائڪي) مُئلن.

عاشق دَم مَنصُوري مارِن، ”مويان“ نُون قُم آک جيارن.
بيدل (148_120)

مُهابي: (سنسڪرت. صفت) صدقي، واسطي.

”مهابي“ ميم هادي ڏياريو پيالو عشق جو ڪوپُر پياريو.
بيڪس (مدح بيدل فقير)

مُهاٽي: (مؤنث. صفت) مچيري. اصطلاحاً نوري.

هَلي منجهہ حُضور، ”مُهاٽيءَ“ مانُ لڌو.
بيدل (متفرقہ ابيات_1)

مُهَتُ: (سنسڪرت. مذڪر) مان، عزت، آبرو.

ڪين ڪر محتاج ڪنهن جو، ”مُهت“ رکجو مانَ سان.
بيڪس (مناجات. 1. ب. 12)

مَهدي: (عربي. مذڪر. صفت) هادي، رهبر، رهنما، هدايت ڪندڙ. (اسم خاص) ٻارهين اِمام جو نالو جيڪو قيامت ويجهي اچڻ تي ظاهر ٿيندو.

عشق اِمام محمد ”مهدِي“. ڊُوئِي اٿئي دَجالُ.
بيدل (33_32)

مِهَر: (فارسي. مؤنث) ٻاجهہ، رحم، قياس، پلاٽي.

مشتاقان نُون نال ”مِهَرِ“ دي، ماهي مُکُ وکانا.
بيدل (185_101)

توتي هردم آهه هاديءِ مِهَرِ“ مرسل ڄام جي.
بيڪس (مناجات. 1. ب. 6)

ڪَر ”مِهَرِ“ ڪا درد جي، ياسيدا.
بيڪس (مناجات. 2. ب. 6)

مِهَرَ نظر: ٻاجھه واري نظر. ٻلائي واري نظر.

پانهنجو ننگ پال. تون تہ ”مِهَرَ نظر“ مٿ پال.
بيدل (؟ـ78)

مِهرياڻ: (فارسي. مذڪر) مهراڻ. ساگر. بحر.

معنيٰ جي ”مهرياڻ“ ۾. تئين مَحضُ مَحوُ.
بيدل (وحدت نامو_126)

اچي پيا سي اسين يار. محبت جي ”مهراڻ“ ۾.
بيدل (50_35)

مَهِٽا: (مذڪر. واحد: مهٽو) طعنا. اولانيا.

”مِهِٽا“ ملامت جڳ سندا. سي سڀ مون کي منظور وي
بيڪس (62)

مئخاني/مئخانو: (فارسي. مذڪر) شراب خانو شراب پيئڻ جي جاءِ.

”مئخاني“ محبت جو ساقي تون سالار.
بيڪس (13)

مَي/مَئي: (فارسي. مذڪر) مَئي. شراب. مَدُ.

”مَي“ وحَدَتَ دي پي نِتُ بيدل. رهٽا مَستُ مَواس
بيدل (88_166)

مَيار: (مؤنث) ڏوراپو مهٽو طعنو.

بيدل عشق کي عارُ نہ ڄاڻج. ڏينديءِ مرد ”ميار“.
بيدل (78_24)

ناهہ ”ميار“ ڪا محبوبن تي عشق اصل آزاري.
بيڪس (56)

ميٽي: (مصدر: مِٽڻ: لاهڻ. ميسارڻ. دفع ڪرڻ) لاهي. ريٽي. صاف ڪري. دفع ڪري.

"ميتي" مُصيبتَ، اکرُ لکن عشق جو.
بيدل (وحدت نامو_84)

مِيثاقُ: (عربي. مذکر) قول وَ قرار، معاهدو عهد، وچن، ٻول.

هي اسان سان عهد، منجهہ "ميثاق" هو.
بيدل (مرثيو_ بند: 3)

مِيثاقِي: (صفت) ميثاق سان نسبت وارو قول وارو.

ڪٿ زاهِدُ هشيار سَڏاوي، ڪتان مُستُ "ميثاقي".
بيدل (204_278)

تون ميخاني محبت سندو آهين ساقي،
هي مشتاق بيڪس در جو "ميثاقي".
بيڪس (37)

ميچ: (سنسڪرت. مؤنث) اک جو اِشارو غمزو.

بِرهہ ٻوڙايس پاڻ، مُحِبَ ڏني هَس ڪا "ميچ".
بيدل (75_79)

ميخَ: (فارسي. مؤنث) ڪلي، ڪوڪو.

ڄاڻي تو رب ڄاڻي، "ميخ" لڳي هَس مرڻ جيئڻ جي.
بيدل (75_79)

مِيخانا: (فارسي. مذکر) (واحد: ميخانو) شراب خانو ڪلال خانو گُتو.

رِندِي رَمز پَروڙن جيڪي، مَردَ پُڇن "مَيخانا".
بيدل (28_05)

مِيرُ: (عربي. مذکر. صفت) امير لفظ جي اختصاري صورت، سردار، والي، امام.

"مير" مروندي! رَسي ڪر رهبري
بيدل (مناقبو_ ب:1)

مِيران: (اسم خاص) سيد ميران محمد شاهہ جيلاني، راڻي پور جي گادي جو پڳ ڌڻي.

مريدن تي "ميران" رکو رحم رايو.
بيدل (80_63)

مِيڪائيل: (عربي. مذڪر. اسم خاص) هڪ وڏو فرشتو.

چا اَچي سگهندا ماڳ انهيءَ ۾، ملائڪ ۾ "ميڪائيل".
بيڪس (24)

ميهارُ: (مذڪر. صفت، اسم خاص) سهڻي ميهار جي قصي جو سورمو.

مدد ڪر "ميهار"، ڪر ميهار ٽُرهو ڪٽي آتار ۾.
بيڪس (18)

ميهَرُ: (مذڪر. اسم خاص) سهڻيءَ جي عاشق جو نالو مينهون چاريندڙ.

"ميهر" ڪاڻ سُهڻي مستاني، سُرِڪي پيتائين صحيون سُڃاڻي
بيدل (75-79)

ميم: (عربي) ميم اکر جي اُچار مان مراد حضرت محمد ﷺ جن ڏانهن اِشارو آهي.

محابي "ميم" جي، هادي ڏياريو.
پيالو عشق جو ڪو پُر پياريو.
بيڪس (مدح بيدل فقير)

مِينَهڙُو: (س. ذ) مِينهن جي اسم تصغير، برسات.

ورَ وَسايو "مينهڙو"، محبت سندو
تيان شڪاري شاهه جي حضرت سندو.
بيڪس (مناجات. 2، ب، 7)

"ن"

نابود: (فارسي. مذڪر. صفت) ناس، چٽ، برباد، ويران، فاني.

دين ڪُفر "نابود" ٿيو طئي ٿي طلسمات.
بيدل (وحدت نامو_13)

خام خوديءَ جا خطرا، اُتي ڪج "نابود".
بيدل (وحدت نامو_65)

نابودي: (مؤنث. صفت) بربادي، تباهي، فنائي، نيستي.

"نابُودي" وِچ اپڻا ڄاڻين، سالڪ سارا سود.
بيدل (؟_141)

ناتہ: (ظرف) نہ تہ، ٻي طرح، ٻي حالت ۾" جيڪر، اگر.

ويندس "ناتہ" مَري، موتِج دوست مٺي جا
بيدل (51_86)

ناٿُ: (سنسڪرت. مذڪر) مالڪ، ايشور، ڀڳوان. ناٿ مان مراد گرو گورک ناٿ آهي. گرو گورک ناٿ، جوڳ پنٿ جي ابتدا ڪئي. هندو مت جي روايت مطابق گورک ناٿ. مڇندر ناٿ جو چيلو هو. وري گورک ناٿ جا ٻارنهن چيلا مشهور آهن. سنت ناٿ، رام ناٿ، پرنگ ناٿ، ڌرم ناٿ، ٻيرا ناٿ، دريا ناٿ، ڪڻڪ ناٿ، نانگ ناٿ، ڌج ناٿ، جلندر ناٿ ۽ نيم ناٿ.
ناٿ پنٿين جي نشاني آهي تہ، اهي ڪن ڪَٽ يا ڪَنَ ڦٽ هوندا آهن. يعني ڪنن ۾ وڏا وڏا سوراخ هوندا اٿن، جن ۾ عاج يا ڪن ٻين شين جا ڪُندل يا ڪينر پائي رکندا آهن. جوڳين جو لقب، مالڪ.

نانگا هليا "ناٿَ" ڏي، ناگَهہ نِينهُن نِيون.
بيدل (65_47)

نادان: (فارسي. مذڪر. صفت) مورک، نافهم، گھر عقل، جاهل، اڻ ڄاڻ.

ناحَقُ ٿيو "نادانُ"، لِيا وجهين لوڪ ۾.
بيدل (وحدت نامو-122)

نارِي: (عربي. مؤنث. صفت) باهه جو يعني جِن.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو نُوري ۽ "ناري".
بيدل (وحدت نامو-19)

نازُ: (فارسي. مذڪر) نخرو، لاڏ، چاڳ، غمزو، محبوب جي پيار جي ڳالهه.

خَنجَر "نازَ" جو خُوبُ هنيائون، ڏڙ ڪؤن سِرُ ٿيو ڏار.
بيدل (13-19)

بيڪس، بيوس ڇا ڪري، لڏي ويا غمخوار
لڳي ناوڪ "ناز" جي، اندر آرائون پار.
بيڪس (13)

ناسُ: (سنسڪرت. مذڪر) چٽ، برباد، تباهه.

عقل علم، دين مذاهب، نينهن ڪيا سڀ "ناسُ" سجنا.
بيڪس (21)

ناسوت: (عربي. مذڪر) تصوف جي واٽ جي ٽين منزل جيڪا جبروت کان پوءِ اچي ٿي ۽ لاهوت کان پهرين اچي ٿي. دنيا، هي جهان، مجازاً شريعت، ظاهري عبادت.

نازل ۾ "ناسوت"، اچي ٽِيسُ اوچتو.
بيدل (متفرق ابيات-4)

ناسُوتَون: دنيا جهان مان، ظاهري عبادتن مان.

نيهي ڇڏي ننگ، "ناسُوتَون" نڪال ڪيو.
بيدل (وحدت نامو-111)

نافِي: (مؤنث. صفت) منافي، نفي، اِنڪار، رَد.

مَنَ سان مُناظِرو ڪر، ڇڏ منفي ۽ "نافِي".
بيدل (82-85)

نال: (سرائڪي) ساڻ، گڏ

بيدل "نال" اسانڏي رانجهن، پُڄ پرت دا پايا.
بيدل (256-96)

مدد شال مون سان تر وارا تيندا،
ڪڏي قيد هِنَ مؤن، شل "نال" نيندا.
بيڪس (54)

نامِداري: (مؤنث. صفت) نالي هئڻ واري حالت، هاڪ، ناماچاري، ناموس، مشهوري

اوهان جي آ ناسُوت ۾ "نامداري".
بيدل (80-63)

نامورُ: (مذڪر. صفت) نالي وارو، نامي گرامي، مشهور.

شاهہ عاليجاهہ تون، شهباز نوري "نامور".
بيڪس (مناجات. 1، ب. 2)

نامِيا: (جمع. ذ- صفت) نالي وارا، دلير، بهادر.

نفيءَ واري نَئن ۾ "ناميا" پوءِ نسنگ.
بيدل (فرائض صوفيہ-10)

نينهن جو نعرو هڻي، "ناميا" اناالحق جي ندا.
بيدل (18-02)

نانگا: (جمع. مذڪر. صفت) جوڳي فقيرن جو هڪ قسم. اهي جوڳي فقير، جيڪي اُگهاڙا رهندا ۽ گهاريندا آهن.

"نانگا" نظارو سدا ڪن سُبحان جو.
بيدل (وحدت نامو-35)

"نانگا" سدا نِهال، هِت هُت جوڳي جيئرا.
بيدل (وحدت نامو-93)

"نانگا" جالن نانهِ ۾، ڪيڙا نينهن نهال.
بيدل (64-33)

نانگَھَ: (مؤنث) اوچتو اچانڪ، اتفاقاً.

نانگا هليا ناٿَ ڏي، "ناگَہَ" نينهن نيون.
بيدل (65-47)

نانهن: (سنسڪرت. مونث) نانهہ. ناڪار، انڪار، نيستي.

سالڪ سڳو سور، نيهي اُتي "نانهن" جو.
بيدل (فرائض صوفيہ-8)

نياوندا: (سرائڪي) نيائي تو.

بيدل نام ڪر سهڻا، لاڪي نينهن "نياوندا".
بيدل (؟-95)

ناوڪَ/نائُڪَ: (سنسڪرت. مؤنث) تير، تير جي چهنب، چوٽ، ڏڪ.

ناز دا "ناوَڪُ" لڳڙا جنهن نُون، رئندا راتين ڏينهن.
بيدل (114-205)

"ناوَڪُ" ناز دا لڳڙ، جنهن نون روندا زارو زار.
بيدل (272-155)

ناز دا "ناوَڪُ" چوکا ماري، نيهي تيون نيس.
بيدل (189-170)

هٹن "ناوَڪُ" نينهن جا ڪُهڙُ سندن ڪار.
بيڪس (9)

ناهِ: (سنسڪرت. مؤنث) ناهي، نہ آهي، نہ هئڻ جي حالت.

توهُون ڏاران سپرين، دل کي "ناهِ" قرار.
بيدل (55-72)

نِياوَڻُ: (سرائڪي) نيائڻ.

نالِ سَڏان دي بيدل مشڪل، توڙ "نياوڻ" نِينهُن.
بيدل (114-205)

نِياِيوئي: نيايئِہ.

ڪتي مُوحدُ ڪتي مجازي، هرهڪ نال "نيايوئي".
بيدل (170-272)

نِياوِين: (سرائڪي) نيائين.

توڙ "نياوين" نِينهُن اُنهيندا، جو هر جاءِ حُڪم هَليندائين.
بيدل (212-231)

نِيايا: (سرائڪي) نيايو.

بيدل هَر جا برهه بهاري، اندر باهر گُل گلزاري، نازڪ نينهن "نيايا" وي
بيدل (96_100)

نِييسان: (سرائڪي) نيائيندس.

بيدل نال سب دي مليا، ماهي مست خيال، نينهن "نييسا، ".
بيدل (102_236)

نِتُ: (پراڪرت. ظرف) هميشه، سدائين، لاڳيتو.

ورسيا "نِتُ" وَر وِلِ، نفيءَ ۾ اثبات ڪي.
بيدل (فرائض صوفيه_3)

"نِتُ" نهاريان راهه، اَڊيون آباڻِن جي.
بيڪس (51)

نِجاتَ: (مؤنث) ڇوٽڪارو.

جيفة دنيا، تنهن، ڪان ڏي "نجات".
بيڪس (مناجات. 2، ب. 4)

نِجُهري: (صفت) ڀُنگي، گهرِ، جهوپي، پڪي، مٽيءَ، مَڪان.

نِماڻيءَ جي "نجهري"، پيهي حال پُڇيج.
بيدل (48_8)

نَچائجُ: (مصدر: نچائڻ) رقص ڪراءِ، ٽپاءِ ڪڏاءِ.

نينهن ۾ پاڻ "نچائج" بيدل، درد جو يارَ دليون تڇ خواهان.
بيدل (2_ 5)

نَحوَ: (مذڪر) اکرن ۽ جملن جي بيهڪ ۽ استعمال جو علم، گرامر، وياڪرڻ.

"نَحوَ" جو نيهي حرف نه ڄاڻن، مَحويت جُون موجان ماڻن.
بيدل (44_38)

نِدا: (مؤنث) تنوار، اُچار، پُڪار، صدا، آواز، نعرو.

نينهن جو نعرو هڻي، ناميا اناالحق جي "ندا".
بيدل (18_02)

نِدوري: (سنسڪرت. مؤنث. صفت) ڏُکايل، نياڳي، رولو.

"ندوري" نهايت، ڪئي آ نياڳي،
تون هادي هٿون ڏي، هميشه سياڳي.
بيڪس (43)

نِدَّرَ: (مؤنث. صفت) نڌڙڪي، بي پهچ، بي سهاري.

مان "ندّر" بيڪس نماڻو عشق حال.
بيڪس (مناجات. 2. ب. 20)

"ندّر" نماڻي، عيبن هاڻي، تو ۾ طمعدار.
بيڪس (19)

نِرت: (سنسڪرت. مؤنث) نگاهہ، اک.

حسن هزاري، گل گلزار، "نرت" وارن تي نينهن.
بيڪس (34)

نَرگِسِ: (فارسي. مؤنث) گل جو قسم.

لعل رَنگ شراب شهودي، "نَرگس" نَينَ جمار.
بيدل (92_157)

نَرگِسِ چَشم: (صفت) نرگس گل جهڙين اکين وارو. اهو جنهن جي اَک نرگس جي گل جهڙي هجي. (نرگس گل ٻاهران پيلو ۽ اندران ڪارسرو ٿئي).

"نرگس چشمُ"، بَسنتي جامه، زُلف بَنفش، رُخُ گلفام.
بيدل (95_97)

نَرگِسِ چَشمان: (سرائڪي. صفت) ڏسو نرگس چشم.

"نرگس چشمان" نَين شرابي، چشم چوان يا بادام چوان.
بيدل (83_51)

نِرمَلُ: (مذڪر. صفت) اوجل، صاف، اڇو شفاف، خالص، پوتر، پاڪ.

وِرهہ جي واديءَ ۾ ڪيو "نرمل" نُزُول.
بيدل (مرثيو)

نِروارُ: (مذڪر. صفت) ظاهر، پڌرو عيان.

مَخفِي هُو محبوب بي رنگي، نِينهن ڪيو "نروار".
بيدل (25_12)

معبوديَ جي مام نفيءَ سان "نفروار" ٿئي.
بيدل (فرائض صوفيه ـ 17)

ڪر نفي "نروار" هي جيفه جسم.
لِکُ تون دل جي لوح تي اناالحق اسم.
بيڪس (مناجات. 2، ب. 18)

نِرواري: (مؤنث. صفت) پڌرائي، ظاهري، ظهور.

غَفلت وِچُون آپ جڳايس، نِينهن لاتُس "نرواري".
بيدل (209 ـ 291)

نَزَع: (عربي. مؤنث) پويان پساهه. سڪرات. چالاٽي جو وقت.

وقت "نزع" جان هَلايو دين ۾ ايمان سان.
بيڪس (مناجات. 1، ب. 12)

نُزُول: (عربي. مذڪر) لهڻ، اچڻ واري حالت.

وِرهه جي واديءَ ۾ ڪيو نرمل "نُزُول".
بيدل (مرثيو ـ 1)

نِسَت: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) ست کان سواءِ، ضعيف، ڪمزور، نبل، بي طاقت، عاجز.

"نِستُ" نِماڻيءَ کي ڏُکن ڪؤن ڪيو ڏور.
بيدل (متفرق ابيات ـ 1)

نِسهرو: (سنسڪرت. صفت) نسورو سراسر، صفا، بنهه، سڄوئي.

مرڻئون اڳي جي مرين، تہ ٿئين "نِسهرو" نُور.
بيدل (وحدت نامو ـ 74)

نوري نُور "نِسهرو" مول نہ مُهاٽي.
بيدل (متفرق ابيات ـ 2)

نِشانا: (سرائڪي. مذڪر) نشانو هدف.

برهه ڪاسائي دي دَست پيوسي، حسن ڪيتي قربان ٿيوسي.
بيدل (158 ـ 133)

نُشُور: (عربي. مذڪر) حشر. قيامت. مُردَنِ کي زندهہ ڪرڻ.

هي هلال آهي مگر، خورشيد عرضات "نشور".
بيدل (نوان بيت-11)

نُصرَت: (عربي. مؤنث) فتح، سوڀ، جِيت، مدد، ياري، حمايت.

وه وَسايو مينهڙو محبت سندو،
ٿيان شڪاري شاهہ جي "نصرت" سندو.
بيڪس (مناجات. 2، ب. 7)

نَظارو: (مذڪر) منظر، لقاءُ، ڏيکاءُ، ٽيڪ، جلوو، ديدار، درشن، سُونهن.

رنگين رنگين پاتين پاتين، نُور "نظارو" لايو.
بيدل (56-68)

نانگا "نَظارو"، سدا ڪن سُبحان جو.
بيدل (وحدت نامو-35)

نعرو: (مذڪر) رڙ، زور جو آواز، للڪار.

مُحبُ منصوري جامو پهَري هنيون هسيءَ وارو "نعرو".
بيدلُ (52-36)

نُعمانُ: (عربي. مذڪر. اسم خاص) امام ابوحنيفه جو نالو حنفي.

شيعو سُني پاڻ سڏائي، شافعي ۽ "نُعمانُ".
بيدل (35-48)

نَغارو: (مذڪر) وڏو ڍُهل، پيپر، طبل.

مار "نغارو" وحدت وارو بيدل ٿي بيباڪ.
بيدل (23-30)

سُبحانيءَ جو شاهہ بُسطامِي، واهَ وڄايو "نغارو".
بيدل (15-65)

هنيائين عشق وحدت جو "نغارو"،
سندس آهہ عرش ڪُرسيءَ تي اوتارو.
بيڪس (مدح بيدل فقير)

نفي: (ظرف) نہ، ناڪار، دنيا جي ڪثرت جو انڪار. اثبات جو ضد. انڪار. صوفيانو اصطلاح آهي. تصوف جو بنيادي جزو آهي. نفي لاءِ "لا" اصطلاح ڪتب آندو ويندو آهي ۽ ان مان فنائيت

مطلب ورتو ويجي ٿو. فنا جا وري مختلف درجا بيان ڪيا ويا ٿا. حضرت جنيد بغداديؒ فنا جا ٽي درجا بيان ڪيا آهن. فنا مان ”عدم“ معنيٰ بہ ورتي ويجي ٿي. ڇاڪاڻ تہ صوفين جو چوڻ آهي تہ الله تعاليٰ سڄي ڪائنات کي عدم مان وجود ۾ آندو. يعني هيءَ ڪائنات ڪين مان وجود ۾ آئي آهي. شاهہ لطيفؒ وري ڪلمو طيب جي پهرين حصي کي سامهون رکيو آهي ۽ ان کي نفي چوي ٿو. صوفي نفي مان مراد غير الله جي نفي چون ٿا.

خيما نيئي کوڙ ”نفي“ ڪؤن اثبات ۾.
بيدل (وحدت نامو۔61)

”نفي“ ۽ اثبات ڪؤن، پري پيُن پرياڻ.
بيدل (وحدت نامو۔99)

جڏهن ٿيندين ”نفي“ اي يار زوري
بيڪس (مثنوي)

نِقابُون: (عربي. مذڪر) نقاب مان، پردي مان.

آهين نُور ڪرِ ظهور، ٿي نروار ”نقابون“.
بيدل (81۔44)

نَقارُو: (عربي. مذڪر) نغارو طبل، ڀير، وڏو ڍُهل.

مارِج ”نقارو“. نفِي ٿي اثبات جو.
بيدل (وحدت نامو۔68)

نقشبندي: (مذڪر. صفت) تصوف جي چئن سلسلن مان هڪ سلسلو.

شيعا سُني آپي ٻڌندا، ”نقشبندي“ ٿي قادري
بيدل (288۔268)

نَڪارَ: (مذڪر. صفت) ڪنهن نہ ڪم جي، بيڪار عيبدار.

نَنگُ سُڄاڻج پنهنجو پاڻهين، نِذَرِ آهہ ”نِڪار“.
بيدل (49۔87)

نِگاهان: (سرائڪي) نگاهہ، نظر، ڊِيد.

پنهنجو پاڻ ويکن ۽ وِسَهَن، ناميا جاڏي ڪرن ”نِگاهان“.
بيدل (32۔52)

نِماڻا: (سرائڪي) نِماڻو ويچاڙو غمگين، اُداس.

بيدل آڪي تيڏي ٻاجهون، ساڏا روح "نِماڻا".
بيدل (185-101)

نِماڻي: (مؤنث. صفت) غريب، مسڪين، ويچاڙي.

هير "نِماڻي" عيبن هاڻي، پلئہ تساڏي مين پيان.
بيدل (250-243)

دل "نِماڻي" وتي ويچاڙي، تنهنجي پرت پياس سجنا.
بيڪس (21)

ڪر "نِماڻيءَ" تي نظر، نالي نبي الله جي.
بيڪس (مناجات. 1، ب، 6)

ننگُ: (فارسي. مذڪر) لڄ، حياءُ، غيرت، ناموس، ڳانڊاپو.

نيهي ڇڏي "ننگُ"، ناسُوتئون نِڪال ڪيو.
بيدل (وحدت نامو-111)

نيٺ مارو پنهنجو "ننگُ" نہ ڇڏيندا، توڙي هجان بد راهہ.
بيڪس (50)

ننگپالُ: (مذڪر. صفت) ننگ رکندڙ ڍڪڻهار سارسنڀال لهندڙ.

پاڻهي لاٿُوَ نينهن نڌر سان، پنهنجو سو تون "ننگ پال".
بيدل (72-78)

نَوابُ: (عربي. مذڪر) حاڪم، سردار والي.

ڪنڌ نہ موڙي ڪاڏهين، جنهن جو نينهُن "نواب".
بيدل (54-06)

نَوازشَ: (فارسي مؤنث) عنايت، مهرباني لطف، ڪرم، شفيق مروت، ڪرپا، دَيا.

ڪر "نوازش" نينهن جي ياسيدا.
بيڪس (مناجات. 2، ب، 6)

نوبَتَ: (عربي. مؤنث) ڀيرِ وڏو ڍُهل، ڏمامو طبل.

انحد جي لُنءُ لُنءُ ۾ يارو "نوبت" زوري نينهن وڄائي.
بيدل (31-288)

نُوحُ: (عربي. مذڪر. اسم خاص) (حضرت نوح عليه السلام). صاحبِ شريعت پيغمبر. عراق جي متئين حصي سان سندس تعلق هو. قرآن پاڪ ۾ چاليهن جاين تي سندس ذڪر آيو آهي.

ڪڏهن نالو "نُوحُ" سڏايم. آيس تي ادريسُ.
بيدل (39_27)

نُورِ الاهِي: (عربي. مذڪر) (صفت) خدا جو نُور.

مُرشد سائين "نُور الاهي". آهي وجه الله.
بيڪس (50)

نُورُ نِرمَلُ: (عربي. صفت) حضور اڪرم ﷺ جو نُور.

"نور نرمل" ڪر. نظر يڪبار تون.
بيڪس (مناجات 2. ب. 9)

نُورُ نِظارو: (عربي) شعاع جو تجلو چانڊاڻ. اُجارو.

فِي اَنفُسَڪُم. سُڻ فرمودو تو ۾ "نور نِظارو".
بيدل (57_61)

نوروزُ: (فارسي. مذڪر) نئون ڏينهن. ڪنايتاً خوشيءَ جو ڏينهن. نوروز نالي جشن بابلي تهذيب وارا ملهائيندا هئا. جنهن سان هر طرف رونقون ئي رونقون ٿي وينديون هيون.

سدائين سُوريءَ تي. نينهن جو "نوروز".
بيدل (وحدت نامو_6)

نُوري: (مؤنث. صفت) نُور وارو. ڪنايتاً فرشتو.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو "نُوري" ۽ ناري.
بيدل (وحدت نامو_19)

نورِي: (صفت) سنڌي ادب جي نيم تاريخي داستان "نوري ڄام تماچي" جي سورمي.

سُرهي سنگ سَمي جي ڪيو "نُوريءَ" کي نورُ.
بيدل (متفرق ابيات_1)

نوڪَان: (جمع. مؤنث) نوڪون. سُريلي لهجي مطابق لفظ سان /آن/ پڇاڙ ملائي جمع ٺاهيو ويو آهي.

نَين تُساڏي ساعت ساعت، ناز دي مارن "نوڪان".
بيدل (261_224)

نوڪنبُ: (مذڪر) دنيا جا نَوَ وڏا حِصا، نَوَ ڪنب.

نانگن جو نعرو، لنگهي ويو "نوڪنب" ڪؤن.
بيدل (وحدت نامو_95)

نِهارَ: (سنسڪرت. مؤنث _ مصدر: نِهارڻ) نگاهه، نظر، دِيد.

جاڏي ڪن "نِهار"، تاڏي وستي ويجهڙي.
بيدل (وحدت نامو_31)

نِهاريان: واجهايان، ڏِسان.

نت "نِهاريان" راهه، اديون اباڻن جي.
بيڪس (51)

نِهالُ: (فارسي. مذڪر. صفت) سرها، خوش، بهار بهار.

وَسَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا، نانگا ٿيا "نهال".
بيدل (ابيات سنڌي: 20_15)

نِهوڙي: (مصدر: نهوڙڻ) پيڙي، ماري، ناس ڪري.

آءُ بہ هيڙس عقل واري، نينهن "نهوڙي" نيو ڙي جيڏيون.
بيدل (14_58)

ننڊ نياڳيءَ وڏو "نهوڙي"، هي بہ هڪڙو بيان.
بيڪس (مثل، ص.84)

نَئِن: (سنسڪرت. مؤنث) ندي، نهر.

نفيءَ واري "نِئن" ۾، وجي بيائي بوڙ.
بيدل (فرائض صوفيہ_8)

نياپو: (مذڪر) سنيهو، پيغام، سنديشو.

رات مُون ڏي مارن جو، نئون "نِياپو" آيو.
بيدل (42_64)

نيارا: (مذڪر. واحد: نيارو) نِرالا، الڳ، جُدا، ڌار.

موج محيط دي ڪيتا پسارا، اندر باهر يار "نيارا".
بيدل (148_120)

اپني نال "نيارا" نيهي، لِنوڙي لاوڻ آيا.
بيدل (97_99)

نيارو: (مذڪر) نِرالو الڳ.

ذات صفات ڪان آهيان "نيارو" هِت هُت ناهه ناهيان.
بيدل (20_54)

نِيازُ: (فارسي. مذڪر) نئڙت، زاري، عاجزي، ليلڙاتي.

نام "نياز" دي تيڏي ميڏي، گالين گاسن گاٽي.
بيدل (260_108)

هت ہڏي عاجز ڪري تو هي "نيازُ"،
مغز پِستي جان تون ڪر، ناڪار پيار.
بيڪس (مناجات.2، ب. 14)

نِيتا: (سرائڪي) نيو.

رَختُ و بختُ سَبُ قُر لت "نيتا"، نيزه بازان نِروار.
بيدل (107_159)

نيـتُّنِ: هنن کي نِيو.

بيدل ڪيئن ڪن لوڪ ڏي لاڙو، "نيتُّن" موج مٿانهون.
بيدل (44_38)

نيزا: (مذڪر. واحد: نيزو) ڀالو بڇي.

ابرو سيف ايران عجيبن، "نيزا" بڙڇيون بان حبيبن.
بيدل (83_51)

نيزا بازان: (سرائڪي) نيزن وارا، نيزن سان وڙهندڙ.

رَختُ و بختُ سَبُ قُر لت نيتا، "نيزا بازان" نِروار.
بيدل (107_159)

نيسُ: (مذڪر) نيش، زخم.

ڪيو هن جلوي رنگ برنگي، نينهن وارن کي "نِيسُ".
بيدل (76_28)

نيسان: نيندس.

وچ ميدان محبت والي چَشمان دي ڪر چال _ گوءِ تہ "نيسان".
بيدل (102_236)

نيست: (فارسي. صفت) فنا، نابود.

تِج "نيست" نينهي، تان ڏسين هر جا الله اظهار ميان.
بيدل (05-26)

نيستِي: (مؤنث) نابودي، ناس. ڪجهہ بہ نہ. پنهنجي وجود جي فنا.

"نيستيءَ" واريون نمازون، عارفن تي ڪيون ادا.
بيدل (18-02)

نيڪ نامي: (فارسي. مؤنث) نالو مشهوري، ناموس، ناماچاري.

نينهن "نيڪ نامي" نون گنواءِ ڇوڙيا، جڏان آڻ ڪي عشق باهيان ٻاليان.
بيدل (243-109)

نَينُ: (مذڪر) نيڻ، اک، ڊِيد، نگاهہ.

هِيرَ سِيالڻ نُون سامِي سيلاني، "نَين" آڙاڪي جو نِيندا.
بيدل (314-113)

نينان: (واحد: نين) اکيون، ڊِيدون، نگاهون.

ناز "نينان" دي ڪيتا نماڻا، جتان ڪتان مين وتان ويڳاڻا.
بيدل (158-133)

ڪُوڪي درد فراق دي زخمون، گهورَ "نينان" دي گهايا.
بيدل (؟-96)

نيندا: (سرائڪي) نيندو نِيڻُ.

هِيرَ سِيالڻ نُون سامِي سيلاني، نَين آڙاڪي جو "نِيندا".
بيدل (314-113)

نِيو: (مصدر: نِيڻُ) وني ويو ساڻ ڪري ويو.

پنهنجي رائي سالِڪ سَنيري، سِرُ سُوليءَ تي "نيو".
بيدل (19-81)

نينهئون: نينهن مان، عشق مان، محبت مان.

"نينهئون" ڪر نظر جو مڙيو ئي محبوب آ.
بيدل (وحدت نامو-50)

نيھي: (صفت) نينھن وارو عاشق، پريمي، چاھيندڙ شائق، ڪوڏيو
پڪو ڏاڍو.

اپني نال نيارا "نيھي" لِنوڙي لاوَڙ آيا.
بيدل (97_99)

سَالڪ سَچُو سورِ "نيھي" اُتي نانهِ جو.
بيدل (فرائض صوفيہ_8)

سدا ڪن سُبحان جو نظارو "نيھي".
بيدل (وحدت نامو_36)

"نيھي" چڙي ننگـ نا سوتون نڪال ڪيو.
بيدل (وحدت نامو_111)

"و"

وَاَنْتَ الْمَوْجُوْدُ فِي الْدَّارِين: ۽ تون ٻنهي جهانن ۾ موجود آهين.

"وَاَنْتَ الْمَوْجُوْدُ فِي اِلْدَّارِين"، مَجُ ٿيءُ مسلمان.
بيدل (فرائض صوفيہ_17)

واتون: (سرائڪي) واتان، وات مان.

رندن "واتون" وحدت وارو سارو سُر سڻايان.
بيدل (38_49)

واٽا واهُو: (مذڪر. صفت) واٽاهو واٽهڙو مسافر، رستي ويندڙ پانڌيئڙو راهي، راهگير.

جالي ساڏو ۾ سنسار جيوين مسافر "واٽا واهو".
بيدل (40_147)

واجهائي: (مصدر: واجهائڻ) متا ڪتا هٽي، حيلا هلائي، سِڪي، انتظار ڪري، جهاتيون پائي.

ڏس ويچاريءَ ڏي وري "واجهائي"، تنهنجي آهہ سِڪَ ۾ سدائي.
بيڪس (69)

واحِد: (عربي. مذڪر. صفت) اڪليو هڪ، الله پاڪ جو هڪ صفاتي نالو.

ڪڏهن چيائين جو آهيان "واحد" پاڪ.
بيڪس (حال نامو)

وادِي: (عربي. مؤنث) ماٿري، ميدان، چوڳان.

ورهہ جي "واديءَ" ۾ ڪيو نرمل نزول.
بيدل (مرثيو_ بند: 1)

واڍوڙيا: (مذڪر. صفت) وڍيل، زخمي، قتيل، عاشق.

سدا ڪن سُبحان جي ”واڍوريا“ واڪاڻ.
بيدل (وحدت نامو_37)

واڍوڙين: (صفت) ڦتيلن، زخمي ٿيلن.

الوهيت آءِ وندر ”واڍوڙين“ جي.
بيدل (نوان بيت_3)

وارِ وارِ: (مؤنث. صفت) بار بار، گهڙيءَ گهڙيءَ، هرهڪ وار، مٿي کان پيرن تائين.

بيڪس بيوس چاڪري، تولئہ دم دم توُ مري، توتان صدقي ”وار وار“.
(بيدل)

توتان صدقي ”وارِ وارِ“، آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.
بيڪس (11)

وارو: (سنسڪرت. ظرف) جو.

مُحبُ منصُوري جامو پهري، هَٽي هستيءَ ”وارو“ نعرو.
بيدل (52_36)

وارِيو: (سنسڪرت) ورايو، وري ڪيو، واپس ڪيو، تياري ڪريو، اِرادو ڪيو، چونديو اُٿلايو.

هيڏو ويچوڙو آءُ نہ سهندس، ”واريو“ وصل جو وارو ڪين سَري ڏار منهنجي.
بيدل (67_80)

واسُ: (مذڪر) ڌوپ، لوبان.

وحدت سندي ”واسَ“ ڪوُن مُلا ٿيا منصور.
بيدل (66_15)

واسِطي: (حرف جر) لاءِ، ڪاڻ، خاطر.

شاهہ منهنجي واهہ ڪر ڪا ”واسطي“ الله جي.
بيڪس (مناجات.1، ب.1)

واصِلُ: (عربي. مذڪر. صفت) ميل، حاصل ٿيل.

ڦُمر بِاذنيءَ ڪري اشارت، واصل“ وحدت وارو.
بيدل (15_65)

وحدت عشق سان هو، وير "واصل".
بيڪس (مدح بيدل فقير)

وَاصلا بالله: (عربي) الله سان مُلاقي.

"واصلا بالله" وهواه، تون قلندر بادشاهہ.
بيڪس (مناجات 1، ب 5)

واقُفُ: (عربي. مذڪر. صفت) آگاهہ، ڄاڻو خبردار ڄاڻندڙ.

"واقف" وساري ڪيئن وينين، اُوهي عهد جي اسرار جا.
بيدل (06_03)

واکاڻِ: (سنسڪرت. مؤنث) ساراهہ، ثنا، صفت، تعريف.

سدا ڪن سُبحان جي، واڍوڙيا "واکاڻ".
بيدل (وحدت نامو_37)

واکِيو: (مذڪر) ڪوشش ڪندو اُدم ڪندو.

وَلها "واکيو" وت، وانجها تون وحدت ۾.
بيدل (ابيات سنڌي_13)

والا: (سرائڪي. صفت) وارو.

جوڙ سيڪو جسماني "والا"، جلوي نال جلاوندا.
بيدل (282_98)

والِڙا: (سرائڪي) وارو.

ڪثرت "والڙا" ناهہ نهايس، بار غمان دا سر تي چايس.
بيدل (227_137)

والِڙي: (سرائڪي) واري.

صورت "والڙي" ويس ۾ رانجهن، پيچ ساڏا نال پايا پايا.
بيدل (119_125)

والِي: (سرائڪي) واري.

تخت هزاري "والي" نون ٿيا، سير ڪرڻ دا رايا.
بيدل (267_119)

والِيان: (سرائڪي) واريون.

قادر عشق ديان ڪر اثباتيان، ڪهہ تون "اناالحق" واليان باتيان.
بيدل (137_107)

وَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْتَنْكَفُوْا وَاسْتَكْبَرُوْا: (سورة النساء، آيت: 173) جن نفرت ڪئي ۽ آڪڙ ڪئي، پوءِ عذاب ڏيندو انهن کي دردناڪ عذاب. پوري آيت هن طرح آهي: وَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْتَنْكَفُوْا وَاسْتَكْبَرُوْا فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا

"وَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْتَنْكَفُوْا وَاسْتَكْبَرُوْا"، اهو انهن پار.
بيدل (ابيات سنڌي: 16-21)

وانجها: (مذڪر. صفت) ڇڙها، سڪڻا، ٺلها، اڪيلا.

ولها واڪيو وت، "وانجها" تون وحدت ۾.
بيدل (ابيات سنڌي-13)

وانگ: (سرائڪي) وانگر، جيان.

ڦيريدار "وانگ" ڦيرا، تيري گلي ۾ ميرا.
بيدل (174-114)

وانگون: (سرائڪي) وانگر، وانگي.

بازان "وانگون" ڏيون باولين، ڪاون خوب نوالي.
بيدل (ابيات سرائڪي-4)

وانگڻ: (سرائڪي) وانگر، وانگي.

شاهه حسن ديان چڙهه فوجان، جَلُ دي "وانگڻ" ڏيون موجان.
بيدل (211-122)

واهَه: (مؤنث) واهر، مدد، همراهي، حمايت.

شاهه منهنجي "واهه" ڪر، ڪا واسطي الله جي.
بيڪس (مناجات 1، ب 6)

واهه ويرُ: ڏکيءَ ويل اچي گڏ ٿي مدد ڪندڙ.

بي وسيلن جا وسيلا، بيڪس جا "واهه وير".
بيڪس (مناجات 1، ب 1)

واهَرَ: (مؤنث) مدد، سهائتا، اميد، پناهه، اڙ.

ياقلندر وير "واهَرَ" ٿي وري
بيدل (مناقبو)

واهَرو: (مذڪر) واهر ڪندڙ همراهہ، ساٿي، سرپرست، مدد ڪندڙ.

ٻنهي جهانن هوُ ويچارن "واهرو".
بيدل (وحدت نامو_85)

هو ويچارن "واهرو"، شارڪ ڇڏ تون شڪ.
بيدل (وحدت نامو_90)

واهِم: (عربي. صفت) وهمي، وهم وارا، شڪ ڪندڙ سوچيندڙ.

عاري عبادت ڪؤن ٿيا، "واهم" وجودي
بيدل (ابيات سنڌي_12)

واهيري: (سنسڪرت. مذڪر) (واهيرو) آرام جي جاءِ، آکيرو.

نڪري منجهان ناسوت، اُڏر پکيئڙا "واهيري" ڏي
بيدل (36_؟)

وائِي: (مؤنث) تات، ياد.

ايندا جوءِ ۾ جانب جائي، "وائي" جنين جي ٿم وات.
بيدل (70_4)

سدا ڪن سُبحان جي وسوڙيل "وائي".
بيدل (وحدت نامو_40)

درد سيئي دُور ٿيا، "وائي" وصل جي وات.
بيڪس (5)

وائين: (صفت) هوائن ۾.

ديوَ پريون سڀ تابعُ منهنجا، "وائين" تخت اُڏايان.
بيدل (21_40)

وت: (مذڪر) وري، پيهر.

پياري نون "وت" پيا ڪورايا، صورت دي سامان دا.
بيدل (190_91)

وَتاڻُ: (مذڪر) ٿاڪ، جاءِ، ماڳ.

ڪرسي عرش آمُر تنهنجي ۾، وحدت جو تو منجھہ "وتاڻ".
بيدل (29_62)

اگرچ مست مجذوب هيو پاڻ، وحدت عشق جو منجهس هو "وتاڻ".
بيڪس (مدح بيدل فقير)

صوفي سدا سوزَ ۾، منجهن وِرُهہ "وتاڻ".
بيدل (وحدت نامو-137)

وَتِ: (مؤنث) پيرِ، پاسو ڪنارو.

پُنهون هتون پانهنجي، وحدت "وَتِ" ونيج.
بيدل (48-08)

وَتَئُون: ڪان، انهن وٽان.

"وتئون" تن ويهي، سُورُ پرائي آءُ تون.
بيدل (وحدت نامو-36)

وَتِي: (مؤنث) پيالي، ڪٽوري، سَري.

"وَتي" وصال جي شال ونديندا.
بيدل (70-04)

وُنِڙا: "وُنا" جي تصغير.

برهہ بهاري تي چوڏاري، محبت "ونڙا" مينهن.
بيڪس (34)

وَجَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ: (القرآن، سورة المائده، آيت: 35) "۽ سندس راهہ ۾ ڪوشش ۽ جهاد ڪندا رهو".

"وَجَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ". جوشُ جيئُون جاڳاءِ.
بيدل (فرائض صوفيہ-9)

وَجَاءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا: (القرآن، سورة الفجر، آيت: 22) "۽ تنهنجي رب جو حڪم اچي ۽ ملائڪ قطارن ۾ هجن."

"وَجَاءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا". رهيا روميءَ روءِ.
بيدل (فرائض صوفيہ-22)

وَجدُ: (عربي، مذڪر) جسم جي اها ڪيفيت، جنهن ۾ مستي ۽ مدهوشي اچيو وڃي، بي خودي، سرمستي، جوش.

"وجَد" واريءَ ويڙهہ ۾، ڪنهن موج مستيءَ جي وِڌا.
بيدل (18-02)

"وجَد" وحدت جو مدامي شاهہ کي خمار.
بيڪس (27)

وُجودُ: (عربي. مذڪر) جان، سرير، بُت، جثو بدن، قد.

جنهن پيتو ساغر صفا جو تنهن وِساريو هي "وجود".
بيدل (43_73)

وُجُودِي: (صفت) بُت واري، جان وارو ظهور وارو هستي.

صورت جي آيو ڏيس ۾، وَهواهہ "وُجودي" ويس ۾.
بيدل (74_75)

بيدل وحدت منجهہ "وُجودي"، ڏس تون ڏيان ڏري
بيدل (12_83)

وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ نَّاضِرَةٌ اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ: (القرآن، سورة القيامة، آيت: 23_22) "ڪي مُنهن ان ڏينهن تازا هوندا، پنهنجي پالڻهار ڏي ڏسندڙ هوندا."

"وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ نَّاضِرَةٌ اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ"، پلپل پسن پاڪ.
بيدل (وحدت نامو_34)

وَجهُ الله: الله جي ذات.

اشارو آهي، "وجه الله" صاف.
بيڪس (مثنوي)

وَڃاوَن: (سرائڪي) وڃائڻ.

اَلفَقرُ لَايُحتَاجُ اِلااللہ، شاهي طبل "وَڃاون".
بيدل (ابيات سرائڪي_16)

وَڃاوِندا: (سرائڪي) وڃائي ٿو.

بَن صُورت، قوّال دي سهڻا، سازُ سُرودُ "وَڃاوِندا" هي.
بيدل (173_123)

وَڃاوَڻُ: (سرائڪي) وڃائڻ.

سِڪ رمز وجود "وڃاوڻ" دي، نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.
بيدل (؟_294)

وَڃاوِين: (سرائڪي) وڃائين.

لا دي فڪرت نال "وڃاوين"، خيال خودي دا سارا.
بيدل (ابيات سرائڪي_2)

وِچ: (ظرف) ۾، اندر.

هر گل مين خوشبوءِ هِڪائي، وحدت دي "وِچ" پوڙ ٻيائي.
بيدل (95_97)

وِڇوڙي: (مذڪر) فراق، جُدائي.

درد "وڇوڙي" يار انهيءَ جو هوش نيو هڪ واري.
بيڪس (56)

وحدتَ: (عربي. مؤنث) هيڪڙائي، يگانو هئڻ، هڪ هئڻ، ايڪتا، اڪيلائي، ڪثرت جو ضد.

قُم بِاِذني ڪري اشارت، واصل "وحدت" وارو.
بيدل (15_65)

بيدل "وحدت" منجهه وجودي، ڏس تون ڏيان ڏري
بيدل (12_83

توسان بيدل ڪندو بيشڪ ڀلائي،
ڪجان بيڪس سدا "وحدت" جي وائي.
بيڪس (مثنوي)

وِڏَڙو: (وڏو جي تصغير) داخل ڪيڙو.

ڀانئڻ "وِڏَڙو" ٻولي ۾ توکي، هستيءَ ڪيڙءِ هلاڪُ.
بيدل (23_30)

وَرُ: (مصدر: ورڻ) موٽ، موٽي اچ.

"وَرُ" ساڙيهه ڏي سگهڙو بيدل، سنير اُتي ڪر سعيو.
بيدل (41_70)

ماريس وڇوڙيهه "وَرُ" تون، جيءَ جيارا جلدي
بيڪس (67)

وَرَڻُ: (مصدر) موٽڻ.

جان منهنجي دل کي جُدائي جدائي،
ڪريو ڪا "ورڻ" جي سگهو يار وائي.
بيڪس (31)

وَراٽِي: (مؤنث) موٽ، موٽڻ جي.

بيدل تو لئہ وتي اُداسي، وهندو ڪر ڪا "وراڻي".
بيدل (68_55)

وَرنُ: (س. ذ) رنگ، روپ، صورت، شڪل، جنس، ذات.

مُومل واري ويس "وَرنُ" ۾، گهوٽ هزارين گهايان.
بيدل (38_49)

وِرھُ: (سنسڪرت. مذڪر) برهہ، فراق، وڇوڙو غم، درد، جُدائي.

"ورھہ" جي واديءَ ۾ ڪيو نرمل نزول.
بيدل (مرثيو_1)

صوفي سدا سوز ۾ منجهن "ورھُ" وٿان.
بيدل (وحدت نامو_137)

وَرِيتون: (جمع. ث_ صفت) وريتيءَ جو جمع، وَرَنِ واريون، مُڙسن واريون، پَرڻيل.

آءُ سُتيس هو هليا ويا سرتيون،
"ويڙ" رکي ويا، ور مون ورتيون.
بيڪس (منل_ص. 84)

وِسارا: (مذڪر. صفت) (ويساري جو جمع) دل تان لاهي ڇڏڻ، ياد نہ ڪرڻ.

دلڙي ٿي آ ويچاري، وري ڇو ڪيئہ "وِسارا".
بيڪس (2)

وِساريو: (مصدر: وسارڻ) ڀُلايو دل تان لاٿو ڇڏي ڏنو.

جنهن "وِساريو" قالب خاڪي، آهي ماهِرُ ۾ ملڪوت.
بيدل (36_؟)

وَسائيو: (مصدر: وَسڻ) مينهن پورڻ، هاري

محبت سندو مينهن، ويچاريءَ "وسائيو".
بيدل (ابيات سنڌي_7)

وَسايو: (صفت) آباد ڪريو شاد ڪريو.

ڪريو ڪا نظر جو بيران آهيان،
"وسايو" دل جو مان ويران آهيان.
بيڪس (مدح بيدل فقير)

وَسَقٰهُمۡ رَبُّهُمۡ شَرَابًا طَهُوۡرًا: (سورة الدهر، آيت: 21) "۽ انهن کي سندن رب پاڪيزه پاڻي پيئاريندو."

"وَسَقٰهُمۡ رَبُّهُمۡ شَرَابًا طَهُوۡرًا" نانگا تيا نهال.
بيدل (ابيات سنڌي: 15_20)

وِسُوڙيل: (مذڪر. صفت) (مصدر: وسوڙڻ) صاف دل، سِڌا ساڌا، ڀالا ڀولا.

سدا ڪن سُبحان جي، "وسُوڙيل" وائي.
بيدل (وحدت نامو_40)

وِسهَنُ: (مصدر. وسهڻ) اعتبار ڪن، ويساھ رکن، ڀاڙي ويهن.

پنهنجو پاڻ ويکن ۽ "وِسِهَن" ناميا، جاڏي ڪرن نگاهان.
بيدل (32_52)

وسيران: (سرائڪي) وَسِيهر، ڪارو نانگ.

بيدل برھ ڏِکالي ڏيندا، والله وانگ "وسيران".
بيدل (ابيات سرائڪي_18)

وَسيلا: (جمع. ذ) آڌار، ذريعو ڪارڻ.

بي وسيلن جا "وسيلا"، بيڪس جا واھ وير.
بيڪس (مناجات.1، ب.6)

وَسيلو: (مذڪر) ذريعو پناھ، آسرو ترهو.

آن "وَسيلو" منهنجو في الدارين تون.
بيدل (مناقبو_4)

وِصالُ: (عربي. مذڪر) ميلاپ، ملاقات، گڏجڻ.

پيو گُهران تو دوست جو دائم "وصال".
بيدل (مناقبو_ ب:10)

يار منهنجي ساڻ ڪر منهنجو ڪر "وصال"،
عشق وحدت سان ٿيان مان خوش خيال.
بيڪس (مناجات. 2، ب.20)

وِصال جي وَنِي: (محاورو) ملاقات جو موقعو پيدا ڪرڻ.

دردفراق انهيءَ جي مون کي حالتون نيو هيهات، "وني وصال" جي شال وندينا.
بيدل (70_4)

وَصف: (عربي. مؤنث) اهڃاڻ, نشاني.

ظاهر باطن "وصف" تنهنجو هِتِ هُتِ ناهه ناهين، جوڙڪري جسماني.
بيدل (22_76)

وَصلُ: (عربي. مذڪر) وصال, ميلاپ, ملاقات, جوڙ.

هيڏو وڇوڙو آءُ نه سهندس وارِ "وصل" جو وارو ڪين سَري ڏار منهنجي
بيدل (67_80)

ڪو پيالو "وصل" جو پرتئون پلايو.
بيڪس (31)

وَصلَت: (مذڪر) وصال, ميل, ميلاپ, جوڙ تعلق.

گهرون تا بهشت محبوب حقيقت،
سندن "وَصلت" گهرون تا، شهه طريقت.
بيڪس (مدح حضرت شاهه عنايت)

وُصُولُ: (عربي. مؤنث) حاصلات, ميل, ميلاپ.

نفيءَ ڏاران نه ٿئي، وحدت ساڻ "وُصول".
بيدل (وحدت نامو_70)

وُصولِن: ميلاپي, لاڳاپي وارا.

"وُصُولِن" وٺاءِ سٽي سمجهه ڳالهڙي
بيدل (وحدت نامو_129)

وَعُد نَفسَڪَ فِي أصحاب القَبُورِ: (حديث مرفوع) "پنهنجي نفس کي قبرن وارن ۾ شمار ڪر."

"وَعُد نَفسَڪَ فِي أصحاب القَبُورِ"، بوڙا تو نه ٻڌو.
بيدل (وحدت نامو_66)

وَفِيٓ اَنۡفُسِكُمۡ: (القرآن, سورة الذاريات, آيت:21) "۽ خود اوهان جي وجود ۾ به"

"وَفِيٓ اَنۡفُسِكُمۡ"، سُڻ فرمودو تو ۾ نُورُ نظارو.
بيدل (57_61)

وِڪاڻا: (مصدر: وِڪاڻو) وِڪاڻو وِڪرو ٿيا, فروخت ٿيا.

در تيڏي تي سهڻا سائين، روح اسان ڏا "وِڪاڻا".
بيدل (269_131)

بيڪس چاهي در تنهنجي تي وتن وَليءَ "وِڪاٽا".
بيڪس (3)

وَڪاٽل: (صفت) وِڪرو ٿيل.

بيدل اصلئون آهي "وڪاٽل"، در تنهنجي دلدار.
بيدل (77–21)

وِڪاٽو: (مذڪر) وڪرو ٿيو.

آهيان بيڪس نڌر نماٽو اصل ڪئِن در اوهان جي تي "وِڪاٽو".
بيڪس (قطعو)

وِڪاٽي: (مؤنث) وِڪرو ٿي.

آءِ دَر تيڏي "وِڪاٽي"، عاشق اجهل اياٽي.
بيدل (174–114)

وِکَ: (س. ث) قدم، پير، پنڌ، گام، چال.

وحدت بنا "وِکَ"، ڪاڏهين ڪٽي ڪانہ ڪا.
بيدل (وحدت نامو–138)

وِڪاوَڻ: (سرائڪي) ڏيڪارڻ.

حسن بَسنت بهانا ڪيتُس، آپ "وڪاوڻ" آيا.
بيدل (97–99)

وِڪايا: (سرائڪي) ڏيڪاريو.

موسيٰ نون ڪوھہ طور دي اُتي، نُورُ "وڪايا" مين وومين.
بيدل (169–225)

وِلادَتَ گاھ: (عربي. مؤنث) جنم جو هنڌ، ڄمڻ جو هنڌ.

"ولادت گاھہ" آهي، سندن مروند.
بيڪس (مثنوي)

وِڪلاؤندا: (سرائڪي) ڏيڪارين ٿو.

هر نظر مُک "وِڪلاؤندا"، لاؤندا مُڙُ سِرُ سمجهاوندا.
بيدل (144–134)

وِلِ وِلِ: (سرائڪي) وري وري، هر هر، گهڙيءَ گهڙيءَ.

شاهي طبل وڄاوڻ واري، "وِلِ وِلِ" ويس مٺاوڻ ڪيا.
بيدل (306–121)

وَلا اِسمِ اِلّا وُجودٌ واحدٌ: ءِ ناهي ڪو نالو سواءِ هڪ الله جي.

"وَلا اِسمِ اِلّا وُجودٌ واحدٌ"، صورت سَهس هزار.
بيدل (وحدت نامو-54)

وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ: (القرآن، سورة البقره، آيت: 154) "ءِ جيڪي الله جي راهہ ۾ ماريا وڃن انهن کي مُئل نہ چئو."

"وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ"، سڄ ساڻ يقين.
بيدل (وحدت نامو-72)

وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى: (القرآن، سورة النجم، آيت: 13) "ءِ تحقيق ان کي ٻي ڀيري ڏٺائين."

"وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى"، پرين پُوريا چاڪ.
بيدل (فرائض صوفيہ-23)

فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً: (القرآن، سورة النحل، آيت: 97) "ءِ اسان انهن کي، پاڪ زندگي عطا ڪنداسين."

"فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً"، مَري ٿِيءُ حيات.
بيدل (وحدت نامو-64)

ولندا: (سرائڪي. فعل) ورندو موٽندو

ڇوڙ ڳيا جوئي جسم دا جيفه، وَلِ نهين سوئي "وليندا".
بيدل (245-93)

وَلَها: (واحد: وَلهو پيارو) پيارا، محبوب.

"ولها" واڪيو وت وانجها، تون وحدت ۾.
بيدل (ابيات سنڌي-13)

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى: (القرآن، سورة النجم، آيت: 3) "ءِ نبي پنهنجي خواهش سان نہ تو ڳالهائي."

"وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى"، عارف اِنَ آچار.
بيدل (وحدت نامو-39)

وَنجهلي: (سرائڪي. مؤنث) بانسري

عشق دي "وَنجهلي" وڄيندا، رؤندا زارو زار.
بيدل (234-158)

وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ: (القرآن، سورة قٓ، آيت:16) پوري آيت آهي: وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ "۽ اسين ان جي شهه رڳ کان به وڌيڪ ويجها آهيون."

"وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ"، دُور نه ڄاڻين، وسندا ڍولڻ نيڻين يار.
بيدل (223-151)

"وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ"، غافل تو ڳري.
بيدل (ابيات سنڌي10-15)

وَڻِجُ: (مذڪر) ڪِرت، واپار، ڏنڌو سودو تجارت.

صوفي سدا سوز ۾، "وڻج" سندن ويراڳ.
بيدل (وحدت نامو-136)

وَڻِجارو: (مذڪر) سودو ڪندڙ تجارت ڪندڙ.

ڪاتي وحدت جو "وڻجارو"، ڪاتي بي ويساهه.
بيڪس (78)

وَڻِڪارُ: (سنسڪرت. مذڪر. اسم خاص) جهنگ لسبيلي طرف ڪيرٿر جبل جي هڪ ايراضي.

باروچو توساڻ، ووڙين چو "وڻڪار" ۾.
بيدل (53-60)

تو ۾ آ ديرو دوست جو، ڇاڪي وڃين "وڻڪار" ميان.
بيدل (04-25)

وَوَجَدَكَ ضَالًّا فَهَدٰى: (القرآن، سورة الضحيٰ، آيت: 7) "۽ توکي پنهنجي محبت ۾ بي اختيار لڌائين، پوءِ سنئين واٽ ڏيکاريائين".

"وَوَجَدَكَ ضَالًّا فَهَدٰى"، سمجهه اِشارو.
بيدل (وحدت نامو-68)

ووڙِجُ: (مصدر: ووڙڻ) ڳول، تپاس، جانچ.

ووڙيون "ووڙج" پاڻ ۾، تو ۾ ويرَ وتاڻ.
بيدل (53-60)

ووڙِين: (مصدر: ووڙڻ) ڳولين، پُڇائين، تپاسين، جاچين.

باروچو تو ساڻ، "ووڙين" چو وڻڪار.
بيدل (53-60)

ڏاڍي تي عشق جي آتش، سُڃاڻي وات تون "ووڙين".
(بيڪس)

وِهاڻي: (مؤنث) گُذري، پرهه ڦُٽي، پرڀات.

لاف مريندي عُمر "وهاڻي"، ويک ڳيوسي پُلُ پلا.
بيدل (202_175)

وَهلو: (ظرف) تُرت، تِکو تَڪڙو جَلد، جَهٽ پَٽ، سِگهو هڪدم.

بيدل تولئي وتي اُداسي، "وَهلو" ڪرِ ڪا وَراڻي.
بيدل (68_55)

وَهمُ: (عربي. مذڪر) آجايو خيال، سنسو ڀَرم.

توکي "وَهمُ" ويڙهيو ادا هئي جي هُجين هوشيار ميان.
بيدل (04_25)

نہ خيال، نہ "وَهمُ" جي جاءِ آهي.
بيدل (حال نامو)

وَهُوَ اللهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَفِي الْاَرْضِ: (القرآن، سورة الانعام، آيت: 3) ۽ زمين ۽ آسمانن ۾ اهوئي الله آهي.

"وَهُوَ اللهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَفِي الْاَرْضِ"، هر جا آپُ اللهُ.
بيدل (وحدت نامو_49)

وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ: (القرآن، سورة الحديد، آيت: 4) ۽ هو توهان سان گڏ آهي، توهين ڪٿي بہ هجو.

"وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ"، وِرهہ وارنِ سان وَسي يار.
بيدل (50_35)

"وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ"، هِڪو حرف پڪرتا.
بيدل (سہ حرفي_1:ع)

وي: (سرائڪي) بہ، اي_ او.

هِن ڪنيزڪ ڏانهن "وي"، ڪڏهن ڪوهيارل، ميان.
بيدل (67_80)

ويرُ: (مذڪر) بهادر، سورمو ڪوپو عاقل، دانا.

ياقلندر "ويرُ" واهر تي وري
بيدل (مناقبو-1)

پلا بيڪس سگهو ڪر "ويرَ" وارو.
بيڪس (مثنوي)

ووڙيون ووڙج پاڻ ۾، تو ۾ "وِير" وٿاڻ.
بيدل (53-60)

ويرُ: (مذڪر) عداوت، دشمني.

آءُ سُتيس هو هليا ويا سرتيون،
"ويرُ" رکي ويا، ور مون ورتيون.
بيڪس (مثل- ص. 84)

ويراڳُ: (مذڪر) دنيا ترڪ ڪرڻ، دنيوي خواهشون ڇڏي ڏيڻ.

صوفي سدا سوز ۾، وٽج سندن "ويراڳُ".
بيدل (وحدت نامو-136)

ويراڳي: (صفت) عابد، زاهد، جوڳي، عاشق.

نفيءَ ڏاران ناهہ ڪا، "ويراڳي" ٻي واٽ.
بيدل (وحدت نامو-69)

ويران: (مذڪر) سُڃ، غيْر آباد، اُجڙيل.

ڪريو ڪا نظر جو بيران آهيان،
وسايو دل جو مان "ويران" آهيان.
بيڪس (مدح بيدل فقير)

ويراني: (صفت) بربادي.

"ويراني" جاءِ اصل ڪؤن هُئي، ساڻي باغ بهار.
بيڪس (8)

ويِري: (مذڪر) وير رکندڙ بدخواهہ دشمن.

وير سان "ويري"، اچي ٿيا سامهان.
بيدل (مرثيو-2)

ويڙهي: پاڙي، محلي.

دلبر ساڏي "ويڙهي"، نانءُ الله تُسين آنا.
بيدل (185-101)

ويسَهُ: (سنسڪرت. مذڪر) ويساھ، يقين، ڀروسو ايمان.

بيدل آڳج تيئن "ويسَهُ"، جيئن سائينءَ سمجهايو.

بيدل (56_68)

ويڙها: (ويڙهي جو جمع) هڪ ئي ديوار اندر اندر ۾ گهرن جو جٿو.

صدقو ڀنهل توتان گهر ۽ "ويڙها".

بيڪس (منل ـ ص.84)

ويڙهيچن: (مذڪر. ويڙهيچو) ويڙهي وارن، ڳوٺائين، هم وطنن، جهانگين، مارُنِ.

"ويڙهيچن" جو آهي اَصل ڪؤن، راز جو تو ڏنهن رايو.

بيدل (41_70)

بيڪس "ويڙهيچن" وساريو مان تہ پانيان سال.

بيڪس (26)

ويڙهيو: (مصدر ويڙهڻ) وڪوڙيو سوگهو ڪيو.

وهم "ويڙهيو" ادا توکي جو آهين.

بيڪس (مثنوي)

ويسُ: (مذڪر) پوشاڪ، لباس.

خاڪي ڪيڙم ويسُ، آهيان نہ تہ نُور نيارو.

بيدل (46_29)

بيدل واري "ويسُ" لبيس ۾ پنهنجا پنڌ پُڄائين، يار رکي يارانې.

بيدل (22_76)

ويساھ: (مذڪر) ڀروسو يقين.

بيدل مذهب ڪُؤن رَهُہ نيارو، وحدت رَک "ويساھ".

بيدل (58_74)

صوفيءَ سانديو ساھ ۾، وحدت جو "ويساھ".

بيدل (وحدت نامو_142)

هوڪو همه اوست جو سُٹي رک "ويساھ".

بيدل (وحدت نامو_49)

مگر "ويساھ" وحدت راھ آهي.

بيڪس (مثنوي)

ويساهِي: (صفت) ويساهہ رکندڙ يقين رکندڙ ويساهہ وارا.

وحدت دا "ويساهِي"، ماڻي عيش الاهي.
بيدل (219_323)

پرين آهي پڌرو پسن "ويساهي".
بيدل (وحدت نامو_59)

وَڻِجارو: (مذکر) سوداگر، واپاري، وکر وارو.

بيدل ٿيوين جان کي جيوين، وحدت جو "وڻجارو".
بيدل (15_65)

ويسون: (سرائکي) ويندس.

دين مذاهب دي اسان منکر، راهہ رندي دا "ويسون".
(بيدل)

ويک: (سرائکي) ڏيکُ.

دين کفر دا "ويک" وڃايا، رمز رندي دا رولا.
بيدل (285_102)

ويکِ: (سرائکي) ڏِسُ.

همت حال تيڏي نُون کيا ٿيا، "ويک" مجاز دا ماڻا.
بيدل (132_129)

رُخ سڄڻ جو گل گلابي، بلبل "ويکِ" ٿيوي بيتابي.
بيدل (83_51)

ويکَن: (سرائکي) ڏِسن.

پنهنجو پاڻ "ويکن" ۽ وِسهَن ناميا جاڏي کرن نگاهان.
(32_52)

ويکڻ سيتي: (سرائکي. محاورو) ڏسڻ سان.

"ويکڻ سيتي" سهڻي صورت، محبت مچ مچايا.
بيدل (98_117)

ويکڻ: (سرائکي) ڏسڻ، تَکڻ.

"ويکڻ" سِيتي سُهڻي صورت، موج نينان دي نَئيان.
بيدل (262_201)

ويڪو: (سرائڪي) ڏسو، تڪيو.

تخت هزاري دا صاحب "ويڪو"، ڳليان وچ ڦِريندا.
بيدل (314_113)

ويڪين: (سرائڪي) ڏسون.

چلوري سنئيان چرچا "ويڪين"، آپ چمن مين آيا.
بيدل (95_97)

ويڳاٽا: (سرائڪي) ويڳاٽو، ننڍڙو.

ناز نينان دي ڪيتا نماٽا، جتان ڪتان مين وَتان "ويڳاٽا".
بيدل (158_318)

ويڳاٽي: (سرائڪي) ويڳاٽا.

مين جيهي لَڪَ ڦِرَن "ويڳاٽي"، ناز نينان دي ماري.
بيدل (278_289)

دل نماٽي وتي "ويڳاٽي"، تنهنجي پرت پياس سجنا.
بيڪس (21)

ويل وهاٽي: (محاورو) مهل گذري ويئي، وقت گذاري ويو، رات گُذري وئي، مهل ٽري وئي.

ڪاڪ ڪوماٽي "ويل وهاٽي"، پينگ تيا سپ ياٽان.
بيڪس (3)

"ھ"

هاتِڪَ: (مذڪر) سياڻا، ڏاها، هوشيار، فهيم، قابل.

پَسي موج محمدي، "هاتِڪَ" ٿيا حيران.

بيدل (وحدت نامو-26)

هاج: (مؤنث) ڪسب، ڪرت، ڌنڌو ڪم.

لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ، هي حلاجي "هاج".

بيدل (فرائض صوفيہ-19)

هادِيا: (عربي) اي هادي، اي رهبر.

تون آهين مختار مولا "هاديا".

بيڪس (مناجات 2، ب 13)

هادِي: (عربي. مذڪر. صفت) هدايت ڪندڙ مُرشد، رهبر، رهنما.

"هادي" حق فرمايا.

بيدل (95-97)

ڪريم "هادي" ٻـ اڪبر تون، بيڪس کي ڪر بهره ور.

بيڪس (16)

سڻ من عرف "هادي" اُتو شهہ حيدر ڪرار.

بيڪس

هاسي: (سرائڪي) هڻاسون.

درد فراق دا سٽندي "هاسي"، سو سيني سوز سمايا.

بيدل (ابيات سرائڪي-23)

هاڪ: (مؤنث) مشهوري، ساراهہ، ڏاڪو ناموس.

هر طرف ڳنِ "هاڪ"، تنهنجي فيض ۽ انعام جي.

بيڪس (مناجات 1، ب 6)

هانوَ: (مذڪر) دل، قلب، جگر، هيانءُ.

گھاوَ ڪرن منجھہ ”ھانوَ“، ضعيفن تيغ چوان صمصام چوان
بيدل (83_51)

ھاھُوت: (مذڪر) تصوف جي پنجين منزل، جيڪا لاهوت کان پوءِ اچي ٿي، صوفين جي پنڌ جي هڪ منزل.

بيدل ڪر پرواز جو سعيو هَلُ موٽي ”ھاھُوت“.
بيدل (36_؟)

هردم ۾ ”ھاھُوت“، آسَڻُ آهہ اسان جو.
بيدل (متفرق ابيات_5)

جوڳي مَري جِيا، هَيرڪ جي ”ھاھُوت“ جا.
بيدل (وحدت نامو_29)

ڏِينهان ءِ راتيون، هلندڙ هِنِ ”ھاھُوت“ ڏي
بيدل (وحدت نامو_101)

ڪاپڙين ريءَ ڪيرُ، هلندڙ ٿئي ”ھاھُوت“ ڏي
بيدل (وحدت نامو_98)

تون باهوت ”ھاھُوت“ جو آهين ستگرُ.
بيڪس (37)

ھاھُوتئون: هاهوت ڪان، تصوف جي پنجين منزل ڪان.

”ھاھوتوئون“ هلي ڪري، جاءِ ڪيم جَبَروتِ.
بيدل (متفرق ابيات_4)

ھاھُوتي: (صفت) ھاھُوت جي منزل ڪي پهتل.

”هَاھُوتِي“ ٿيا حَق، نالي آهن آدمي.
بيدل (وحدت نامو_90)

ھاءِ نہ ھوءِ: (محاورو) سانت هئڻ، صبر هئڻ، خاموشي هئڻ.

نہ ڪا ”ھاءِ نہ ھوءِ“، اھو جو ويل وصال جو.
بيدل (فرائض صوفيہ_22)

هِتِ هُتِ: (ظرف) انهيءَ جاءِ تي، هر هنڌ، هر جاءِ.

”هِتِ هُتِ“ حامي، آهہ اسان جو هادي حضرت شاهہ.
بيدل (58_74)

"هِتِ هُتِ" هادي آهين، اَڙين جو آڌار.
بيڪس (13)

ذات صفات ڪان آهيان نيارو، "هِتِ هُتِ" ٿاهہ ٿاهيان.
بيدل (20_54)

هَٿُون: (سرائڪي) هٿان، هٿن مان.

پنهون "هٿُون" پانهنجي، وحدت وٺ ونيج.
بيدل (48_8)

هِڄي: (مصدر: هڄڻ) هيٺو ٿي، جهڪو ٿي، گهٽ ٿي.

هستيءَ جو حجابُ، همه منجهہ "هڄي" ويو.
بيدل (وحدت نامو_14)

هَدايه: (عربي. اسم خاص) برهان الدين ابوالحسن علي بن ابي بڪر بن عبدالجليل فرغاني مرغنيائي جي تصنيف، فقه جو مشهور ڪتاب آهي. ڪيترن ئي عالمن ان جي شرح ۽ حاشيا لکيا آهن.

ڪِيا جو ڪَنزُ "هِداي" پڙهندي، معقولات مطالع ڪرندي
بيدل (162_293)

هَذِ: (مذڪر. ظرف) مُور، هرگز صفا، بلڪل، بنهہ.

صوفي سريرٿون ويو، صورت "هَذِ" نہ سماءِ.
بيدل (وحدت نامو_143)

هَرجا: (ظرف) هر جاءِ، هر هنڌ.

آهہ ظهورو حسن جو "هرجا"، هر سُو در هر شيءِ.
بيدل (12_83)

حاضر ناظر هر رنگ "هرجا"، ٿاهہ عجائب ٿاهين.
بيدل (02_41)

هَرجايون: (صفت) هر هنڌ.

"هرجايون" ڏيکار تون، جاني جلوو جوت جمال.
بيدل (72_78)

هر دوجهان: (محاورو) ٻئي جهان، دنيا ۽ آخرت.

حق ريءَ "هر دوجهان" ۾، لاشڪ ڪين لَيي.
بيدل (12_83)

هردوسرا: (صفت) ٻئي مٿا، سمورو.

تنهنجي آهي امر ۾ "هر دوسرا".
بيڪس (02)

هردو عالم: (صفت) ٻنهي جهانن.

"هردو عالم" ۾ نہ آهي، تو بنا ڪو دستگير.
بيڪس (مناجات.1، ب.13)

هَزارين: (صفت) لاتعداد، انيڪ، انداز کان ٻاهر.

ڍڪي جامون جلالت جو، "هزارين" هُل هُلايا سي.
بيدل (37_84)

هُسِ: هُئَسِ جي اختصاري صورت.

جاڳي تو رب جاڻُ، ميخ لڳي "هُسِ" مرڻ جيئڻ جي.
بيدل (75_79)

هَستِي: (مؤنث) هئڻ، هجڻ، وجود، حياتي، زندگي، وڏائي، مغروري.

پاڻئڻ وِڏڙو پولي ۾ توکي، "هستيءَ" ڪيڙءِ هلاڪ.
بيدل (23_30)

"هستيءَ" جو حجابُ، همه منجهہ هجي ويو.
بيدل (وحدت نامو_14)

"هستيءَ" کي همه اوست ۾، ڪيو گُم جنين.
بيدل (وحدت نامو_1)

چُستيءَ جي چوٽ هڻ تون "هستيءَ" جي اوٽ پيچ تون.
بيڪس (70)

هَسوارُ: (مذڪر) سَوار، گهوڙي سوار.

ڪي ئي منصور ڪيا هن شُعلي، سوليءَ تي "هسوار".
بيدل (25_12)

من "هسوار" پَوَن جو گهوڙو ڪري سو گگن گذار
بيدل (40_147)

منصور جهڙا ڪي ئي مردانہ سوريءَ تي "هسوار".
بيڪس (14)

هَس هَس: (سرائڪي) کِلي کِلي.

عطر گلال عنبير اڏاون گهٽ گهٽ گيت الستي ڳاوَن "هَس هَس" مين نُون تہ برهہ ٻچايا
بيدل (؟ _92)

هَسي: (صفت) کِلي، مُرڪي.

سرڙيون سيف برهہ جو بانڪو ڪيون حملا تو "هَسي" يار چشمن جي چوگان ۾.
بيدل (50_35)

هِڪُ: (سنسڪرت. صفت) اڪيلو هڪڙو.

"هِڪُ" ڏِکيان، ٻيو لاهيان، رنگارنگ لبيس.
بيدل (46_29)

هِڪائي: (سنسڪرت. مؤنث) هِڪ، هڪڙو اڪيلو.

هَرِ گُل ۾ خوشبوءِ "هِڪائي"، وحدت دي وِچ ٻوڙ ٻيائي چوڙ ٻيا فڪر اَجايا.
بيدل (95_97)

هِڪلا: (سرائڪي. صفت) هڪڙو.

ڪشق قُبُور قلوب نہ مَنگين، مگين درد "هِڪلا".
بيدل (ابيات سرائڪي_1)

هڪ واري: هڪڙي پيري.

درد وڇوڙي يار اُنهين دي، هوش نيو هڪ "واري".
بيڪس (56)

هِڪو هِڪُ: هڪڙو اڪيلو.

قائم رک بيدل جي دل تي، "هِڪو هِڪُ" خيال.
بيدل (72_78)

هِڪوئي: (صفت) هڪڙو اڪيلو.

هِيءُ هُو "هِڪوئي"، سَڏ پڙاڏو سمجهہ تون.
بيدل (وحدت نامو_124)

هِڪُ "هِڪوئي" ظاهر باطن، دُوئي اٿئي دِل هول.
بيدل (24_31)

هُل: (مذڪر) آواز شور گوڙ.

ڍَڪي جامون جلالت جو هزارين "هُلَ" هُلايا سي.

بيدل (37_84)

هُلُ شُلَ: گوڙ ڌمچر.

شُڪرانا جو لَتا اسان ٿُون شيخي دا "هُلُ شُلُ" يلا.

بيدل (202_175)

هَل فِي الدّارين غَيري: ٻنهي جهانن ۾ ٻيو ڪو آهي؟

"هَل فِي الدّارِين غَيري"، آڻ اِهو اعتبار.

بيدل (وحدت نامو_118)

هَلاڪُ: (مذڪر. صفت) برباد، ناس، چٽ.

ياڻئڻ وِڏڙو يولي ۾ توڪي، هَستِيءَ ڪَيڙُءِ "هَلاڪُ".

بيدل (23_30)

هَلاڪِي: (مؤنث) پريشاني، خفو.

ڪتان نال جمعيت جالي، ڪتان وِچ "هَلاڪِي".

بيدل (204_278)

هِلال: (عربي. مذڪر.) حرام جو ضد، حلال، جائز.

هي "هلال" آهي مگر، خورشيد عرصات نشور.

بيدل (نوان بيت_11)

هَلاويگا: (سرائڪي) هلائيندو.

چوڙ ڪُفر اسلام هر جا حڪم "هلاويگا".

بيدل (؟_126))

هَلاياسي: اسان هَلايا.

ڪڏهن تي قُم بِاِذنيءَ جا حُڪم حقي "هَلاياسي".

بيدل (37_84)

هُلاياسي: اسان هُلايو اسان مشهور ڪيو ظاهر ڪيوسين، ڦهلايوسين.

ڍِڪي جامون جلالت جو هزارين هُل "هُلاياسي".

بيدل (37_84)

هَمُ: گڏُ، سميت، اسين، سڀ، ڪل، جملي.

"هَمُ" مرين تہ گرو مَري، دولهہ مارن دم.
بيدل (وحدت نامو_77)

ڏسڻ "همہ" جو پاڻ ڏنائين عاسق ڪر اعتبار.
بيدل

همدم: (فارسي. مُذڪر) رفيق، يار، دوست، هردم گڏ رهندڙ.

حال وَاقف يار "همدم"، هج هميشه هم قدم، دم نہ هڪڙو ٿي تون ڏار.
(بيڪس_11)

هَمرازُ: (مذڪر. صفت) حال ياني، راز وارو، حال محرم.

بيدل نال سبب دي سائون، هادي مِليا "همراز".
بيدل (274_112)

هَمراهُ: (فارسي. مذڪر. صفت) ساٿي، ساٿي، گڏ، همسفر، ڏُک سُک ياني.

بيڪس بيدل تنهنجو بالڪل، هادي هوندو "همراهہ".
بيڪس (50)

هَم قَدَمُ: (فارسي. مذڪر. صفت) گڏ سفر جو ساٿي، جو گڏ پير پيري هلي، سنگتي.

حال واقف يار همدم، هج هميشه "هم قدم"، دم نہ هڪڙو ٿي تون ڏار.
بيڪس (11)

هَمہَ: (فارسي. صفت) سڀ، ڪُل، جملي، مڙيئي.

ٻوڙي ٻيائي، "همه" ڪي حق چوي
بيدل (وحدت نامو_149)

"همه" ڪي هِڪُ ڄاڻ تون، همه هڪ آهي.
بيدل (وحدت نامو_60)

هستيءَ جو حجابُ "همه"، منجهہ هِجي ويو.
بيدل (وحدت نامو_14)

هَمه اوست: (فارسي) سڀ ڪجهہ هو (الله) آهي، صوفين جو قول آهي. وٽن الله کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ جو وجود ڪونهي.

لوڙهي چڏيو لونُ، لَهرُن "همه اوست" جي.
بيدل (وحدت نامو_16)

"هستيءَ کي "همه" اوست ۾ جنين ڪيو گُم.
بيدل (وحدت نامو_2)

تون چئہ "همه اوست" جملي يار موجود يقيناً پسڻ جو مشتاق آهہ مقصود
بيڪس (مثنوي)

هِندو: (مذڪر.صفت) بُت پرست.

ڪاتي "هندو"، ڪاتي مؤمن، اهو رکيائين رايو.
بيدل (56_68)

هندو زال: (صفت) واياٽي.

"هندو زال" ڪان هيٺ نہ ٿي، جي طالب آءِ تڪرار.
بيدل (13_19)

هِنَ هُن: (ضمير) ٻنهي (جهانن)، دنيا ۽ آخرت.

"هِنَ هُن" ٻنهي کون وياسي، پُکي پرت پياسي.
بيڪس (70)

هُو: (ضمير) الله پاڪ جي ذات ڏانهن اِشارو.

الانسان سِري وَانا سره، هڪ جاٽج "هُو" ۽ هي.
بيدل (12_83)

هوتُ: (مذڪر. صفت) محبوب، پريتم، پريمي، عاشق.

چست منجهون چالاڪ، هت پڻ ڏنم "هوت" کي.
بيدل (فرائض صوفيہ_23)

هوري: (مؤنث) هولي، هڪ ڏڻ. جنهن موقعي تي ماٹهو هڪ ٻئي کي رنگ هٹندا آهن.

آج پيا "هوري" کيلن آيا، سهسين رنگي بيرنگ سمايا.
بيدل (100_92)

هوشُ: (مذڪر) عقل، فهم، شعور، حافظو.

درد وچوڙي يار، اُنهين دي "هوش" نيو هڪ واري.
بيڪس (56)

هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ: (القرآن, سورة الحديد, آيت: 3) "اهوئي اول آهي اهوئي آخري ۽ اهوئي ظاهر ۽ اهوئي باطن آهي."

"هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ", سدا برهه بهار.
بيدل (وحدت نامو_31)

هُوڪارو: (مذڪر) دانهن, رَڙ ذڪر.

مَن خدا جو شيخ عطار تي, هاءِ ڪيو "هُوڪارو".
بيدل (15_65)

هوڪو: (مذڪر) پڙهو.

"هوڪو" ڦير حقيقت وارو مهدي شاهه مثال.
بيدل (33_32)

هليا ڦيرائي "هوڪو", همه اوست جو.
بيدل (وحدت نامو_45)

هَول: (سرائڪي) ڊيجو خوف.

هِڪُ هِڪوئي ظاهر باطن, دوئي اٿئي دل "هول".
بيدل (24_31)

هُوءِ: (حرف ندا) هاءِ هاءِ, افسوس.

حيرت ۾ پيا "هُوءِ", پسي موج محمدي
بيدل (وحدت نامو_25)

هوءِ نه هوءِ: هئڻ نه هئڻ, هجي نه هجي.

مرد نه مرن ڪڏهن ديهي "هوءِ نه هوءِ".
بيدل (وحدت نامو_78)

هوئي: (سرائڪي. مؤنث) تي.

بيدل بيراڱڻ "هوئي", ڪا جا ٿَنَ تنوار.
بيدل (63_16)

هِي: (ضمير) انسان ڏانهن اِشارو.

الاِنسان سِري و آنا سره, هڪ جاڳج هُو ۽ "هِي".
بيدل

هيڏانهن هوڏانهن: (ظرف) هِتي هُتي, اوري پري

”هيڏان هوڏان“ حق، ٻولي ناهي ٻي سندي،
بيدل (وحدت نامو-57)

هيڏون هوڏون: (سرائڪي) هيڏانهن هوڏانهن.

”هيڏون هوڏون“ يار هڪوئي، غازي غير نہ آٿين.
بيدل (سہ حرفي-1، بند: ت)

هير: (مؤنث) لوڪ داستان، هير رانجها جي قصي جي سورمي، جيڪا جهنگ (پنجاب) جي چوچڪ سيال جي ڌيءَ هئي. هزاري جي رهواسي رانجهي سان سندس محبت ٿي وئي. جڏهن هير جي وارثن کي هنن ٻنهي جي محبت جي خبر پئي تہ وارثن هيرَ کي رنگپور جي کيڙي سان پرڻائي ڇڏيو. هير اُتان بهانو ڪري رانجهي سان ڀڳي، پر پوءِ پڪڙجي پئي ۽ ڪيس والدين ڏانهن اُماڻيو ويو. والدين هن کي زهر ڏئي ماريو. سندس مزار جهنگ (پنجاب) ۾ آهي. بيدل ۽ بيڪس، هير رانجهي جو قصو پنهنجي شعر جو موضوع بنايو آهي.

گُهور نينا دي نال اَچانڪ، ”هير“ نماڻي نون گهاوندا.
بيدل (268-95)

هِيرا: (مذڪر) ”هيرو“ جو جمع، هڪ قيمتي پٿر.

”هيرا“ سدا تون هوندين، جيءَ جا جيارا جاني.
بيڪس (71)

هيرڪ: (سنسڪرت. مذڪر. صفت) هيراڪ، هريل، عادي، علتي.

جوڳي مَري جِيا، ”هيرڪ“ جي هاهُوت جا.
بيدل (وحدت نامو-29)

هُيَڙس: مان هُئس.

آءٌ بہ ”هُيَڙس“ عقل واري، نينهن نِهوڙي نيوڙي جيڏيون.
(بيدل)

هيڪاندي: (صفت) گڏ، ڪٺو.

دم دم دلڙي ڪري پُڪارون، هوت سان ٿيان ”هيڪاندي“.
بيڪس (55)

هيڪائِي: (مؤنث) ايڪائي، اڪيلائي، هيڪڙائي، وحدانيت.

"هيڪائي" هيڪ هُئي نہ ڪو تخت نہ فوق.
بيدل (متفرق ابيات_7)

هيڪل: (مذڪر. صفت) اڪيلو تنها.

"هيڪل" هڪ هسوار، ڪيڏي ڪتڪ کي برھ بچايو.
بيدل (73_67)

هِيڏنهن هُوڏنهن: (ظرف) هِتي هُتي.

"هيڏنهن هُوڏنهن" حق حقيقت، پسي پنهنجو پاڻ نظارو.
بيدل (52_36)

هيڻن: (صفت) ڪمزورن، نبلن، آپِرَن.

ڪوڙين پتين ان جا، هٿ متي "هيڻن".
بيدل (وحدت نامو_85)

تون مساڪين ۽ "هيڻن" جو صحي همراھ بحق.
بيڪس (مناجات.1، ب.3)

هَيهاتُ: (حرف ندا) هاءِ هاءِ، افسوس.

دردفراق انهيءَ جي مون کي حالٿون نيو "هيهيات"، وٺي وصال جي شال وندييندا.
بيدل (70_04)

"ي"

يارانِي: (مؤنث) ياراڻي، دوستي، سنگت

بيدل واري ويس لبيس ۾، پنهنجا پنڌ پُڇائين، يار رکي "ياراني".
بيدل (22_76)

يارُ جانِي: ساهه کان پيارو دوست.

ڏاڍي مشڪل آهي، هيءَ "يار جاني".
بيڪس (مثنوي)

ياڪِي: (مذڪر. صفت) بيزار، بي پرواهه.

"ياڪي" ٿئين وڃي يار، نه ڪو بيوءِ خيال اسان جو.
بيدل (55_72)

ياوَرُ: (فارسي. مذڪر. صفت) دوست، يار، مددگار، ساٿي، دستگير، حمايتي.

هو ويچارن واهرو، يتيمن "ياور".
بيدل (وحدت نامو_89)

يَحيٰ: (اسم خاص) (حضرت يحيٰ عليه السلام). وفات 31 ق.م بنو اسرائيل جو پيغمبر هو. سندس والد جو نالو حضرت زڪريا عليه السلام هو. قرآن پاڪ جي سورة آلِ عمران جي آيت نمبر 39، سورة الانعام جي آيت 95، سورة مريم جي آيت 2 ۽ 12، سورة الانبياء جي آيت 9 ۾ سندس ذڪر آيل آهي. اسرائيلي ڪتابن ۾ سندس نالو معمدان لکيوويو آهي. سندس سِرُ قلم ڪيو ويو هو.

زڪريا سِرِ ڪرت وهايُس، مَرِ "يحيٰ" نون ذبح ڪرايس.
بيدل (218_267)

يَعقُوبُ: (اسم خاص) (حضرت يعقوب عليه السلام) سندس والد جو نالو حضرت اسحاق عليه السلام ۽ ڏاڏي جو جو نالو حضرت ابراهيم عليه السلام آهي. قرآن پاڪ جي ڪيترين ئي سورتن ۾ سندس ذڪر آيل آهي. اسرائيل سندس لقب هو. سندس مزار جبرون جي قلعي سليمان ۾ آهي.

شمس و قمر هيوانواران جو يوسف "يعقوب" هو اسراران جو.
بيڪس (مدح حضرت شاهه عنايت الله)

يَقِينُ: (عربي. مذڪر) اعتبار, ڀروسو ايمان, يقين.

هو ڪو همه اوست جو سڄ ساڻ "يقين".
بيدل (وحدت نامو_46)

يَقِيناً: (ظرف) يقين سان.

الايائين خَلق الآدم "يقيناً".
بيڪس (مثنوي)

يَڪبار: (ظرف) هڪ دفعو, هڪ ڀيرو, هڪ وقت.

لَنوَ لڳي ڪي ڪير لِڪائي, پَوَي پڌر "يڪبار".
بيدل (78_24)

ڪر ڪرم "يڪبار" تون هت هلي.
بيڪس (مناجات 2, ب. 3)

يَڪِتا: (صفت) فرد واحد, اڪيلو يڪو.

صورت و معنيٰ مين "يڪتا" جلوه گر هي جابجا.
بيدل (مخمس_ بند:1)

يَگانا: (سر. مذڪر) يگانو. نرالو. علحدو, پنهنجي هنر ۾ اڪيلو.

آڻ يڪين تون "يار يگانا", ڏور دوئي ڪي ڏري ڏري.
بيدل (30_77)

يگانو: (فارسي. مذڪر. صفت) واحد, اڪيلو ڇڙهو بي مثل, بينظير, لاثاني.

اها حياتي آتئي خزانو, دم دم تنهنجو دُرُ "يگانو".
بيدل (34_22)

"يگانو" خيال ٽئي وحدت سدائين.
(بيڪس)

يُوسُفُ: (اسم خاص) (حضرت يوسف عليه السلام) مشهور پيغمبر حضرت يعقوب عليه السلام جو پٽ. قرآن پاڪ ۾ سندس ذڪر ڪيترائي دفعا آيل آهي. ڀائرن ساڻس دغا ڪري ڪيس کوهه ۾ اُڇلايو جتان نڪرڻ کان پوءِ هُو بازار ۾ وِڪاڻو ۽ آخر مصر جو وزير بڻيو. ٻي ٻي زُليخا سان شادي رچايائين.

وحدت دي ڪنعان دا "يُوسُفُ"، مِصر وُڃ وِڃائي هون.
بيدل (304_203)

بيڪَ زِليخا "يُوسُفُ" جي ۾ محبت مچ مچايان.
بيدل (20_54)

شمس و قمر هيو انوار ان جو، "يوسف" يعقوب هو اسرار ان جو.
بيڪس (مدح حضرت شاهه عنايت الله)

يومِ حساب: قيامت جو ڏينهن، روزِ قيامت.

خاتون ٿيندا خوار يار ڪي "يومِ حساب" ۾.
بيدل (ابيات سنڌي_16)

يُونسُ: (اسم خاص) (حضرت يونس عليه السلام) سندس عبراني نالو يوناهه آهي، حضرت هود عليه السلام جي اولاد مان هو. سندس والد جو نالو متي هو. الله تعاليٰ کيس ثمود قوم لاءِ نبي مبعوث فرمايو. قرآن پاڪ ۾ سندس ذڪر آيو آهي. کيس مڇيءَ اُگريو هو. ٽن ڏينهن کان پوءِ مڇيءَ کيس ٻاهر ڪڍيو.

يُونس" نون گهت پيٽ مڇي دي، سُبحَانَڪَ پڙهيو يندائين.
بيدل (212_231)

يَمْحُوا اللهُ مَا يَشَاءُ وَيُثْبِتُ: (القرآن، سورة الرعد، آيت:46) "الله جنهن کي چاهي مٽائي ڇڏي ۽ جنهن کي چاهي برقرار رکي."

"يَمْحُوا اللهُ مَا يَشَاءُ وَيُثْبِتُ"، آڏو ٿيڻ اُهڃاڻ.
بيدل (وحدت نامو_87)


بیدلم فرما عطایم جان عشق

اعلموا یا معشر العارفین والعاشقین والطالبین انی عبد ها

ضعیف طالب الفقراء اریدان اکون داخلا فی زمرة ارباب

الطریقة وماهرا فی رموز اصحاب الحقیقة تا صنف رسالة

سمیته برموز العادلی تشری لکلام الکریم الذی صنفه سید السادات

رفیع الدرجات سلطان الاولیا برهان الاصفیا کریم الاخلاق

عمیم الاشفاق هادی الطائفین مهدی السالکین مولانا محی

الدین قدس الله سره العزیز بمعانی موجزة ودلیل قلیل

اذ یقال فی شانه ما معان لموج البحر فی مدد فالاختصار اولی

لبعد یلیق الدهام ان یعبرها کما هی وانی مترصد بان یذکرنی

عارفها بدعوة الزمان نظر فی هذه المختصرة وکان رقمها فی

عشرین شهر ربیع الثانی سنة تسع مائتین الف بعون الملک

الوهاب

373

NON-FICTION

Linguistics
Rs. 600.00
US$ 3.7

ISBN 978-969-9726-90-3
9 789699 726903

www.roshnipublication.com